ABC
CERTIFIED

# مِهراڻ

نمبر ٣ - سال ١٩٩٦ع

(جولاءِ - سيپٽمبر ١٩٩٦ع)





# سرورق جو فوٽوگرافر

هڪ شاهڪار فوٽوگراف، ڪئمرا جي ’ اپرچر‘ مان گذري، رول جي فريم تي اَمر ٿيڻ کان اڳ، تخليقي سگهه رکندڙ فوٽو گرافر جي ’ ماڻڪي‘ مان ٿي سندس ذهن جي فريم تي ڪنهن منظر، ڪنهن پورٽريٽ، ڪنهن ايبسٽريڪٽ يا سَمي ايبسٽريڪٽ احساس يا ڪنهن اسٽل لائيف جو روپ ڌاريندو آهي. بهترين فوٽوگراف، ڪنهن قيمتي ڪئمرا جو نہ بلڪ باصلاحيت فوٽوگرافر جي نگاهہ جو محتاج هوندو آهي.

اياز راشديءَ جو شمار پاڪستان جي انهن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ناميارن فوٽوگرافرز ۾ ٿئي ٿو، جيڪي ڪئمرا جي مٿل اک کي پنهنجي تجربي ۽ تخليقي شعور جو سَتَ رنگو نور بخشڻ جي فن تي قادر آهن. ڀهراڙيءَ جي ڪنهن ننڍڙي بس اسٽاپ تي لاريءَ جو اوسيئڙو ڪندڙ وهي گذاريل جهور پوڙهي جو پورٽريٽ هجي يا جوانيءَ جي جڏن کي ڇهندڙ ٽري ناري جي ڇپن تي ڦهليل زندگي بخشيندڙ معصوم مُرڪَ سان ٽمٽار چهري جو ڪلوزاپ. سُرمئي ٽي ويل آسمان جي نراڙ تي سورج جي پيلي بِندِيا ۾ ماڳ ڏانهن موٽندڙ اڪيلي ڪونج جو رهجي ويل عڪس هجي يا ٽَڪَ جي رلهيءَ جا پوپٽ رنگا پيٽرنز. عُقاب جي اک ۾ لهي آيل يقين جي ڪنبائيندڙ سُهائي هجي يا مختلف لينس ۽ فلٽر جي استعمال سان ڪو نئون روپ ڌاري بيٺل ’ اِسٽل لائيف‘ . سيئي اياز راشدي جي بيچين نگاهہ جي حدن ۾ قيد ٿي رهجي ويا آهن.

عام رواجي ۽ معمولي شين جي مختلف حصن جي ڪمپوزيشن مان ايبسٽريڪٽ، سَمي ايبسٽريڪٽ يا امپريشن ازم جا احساس جنميندڙ اياز راشدي جي ڪيترن فوٽوگرافز کي ڏسندي پينٽنگس جو گمان ٿيڻ لڳندو آهي. هو هڪ اهڙو فوٽوگرافر بہ آهي، جنهن جا ڪيترائي فوٽوگراف پنهنجي وجود ۾ هڪ ڪان وڌيڪ معنائون سمايل آهن. هر ايندڙ صبح هن بين الاقوامي شهرت ماڻيندڙ فوٽوگرافر جي شاهڪار فوٽوگراف جي تعداد ۾ جيئن پوءِ تيئن واڌارو ڪري رهيو آهي.

-- رضيہ طارق

ترقي پذير معاشري ۾ دانشور جو ڪردار ڏايو ڏکيو ۽ انوکو ٿئي ٿو. اهڙي ماحول جو دانشور، حقيقت پسند نگاهن سان زندگيءَ جي هر پهلوءَ جو ناقدانه جائزو وٺي ٿو، شعور جي ڳُليل ۽ چٽن دليلن سان، هر معاملي کي حقيقت جي ڪسوٽيءَ تي پرکي، سچ کي سچ ۽ ڪچ کي ڪچ ڪوٺي ٿو. اهڙن جرئتمند دانشورن جي دانشمندانه تحريرن ئي ملڪن ۽ قومن جي تاريخ ۾ انقلاب پيدا ڪيا آهن، ۽ انهن کي ئي "تاريخ ساز" سڏجي ٿو. ائين چوندي منهنجي مُراد رواجي ۽ سطحي قافيه پيما صنعت گر ۽ لفظن جي ٺاهه ٺوهه ۽ ڀاهه ڀوهه ڪندڙ شاعر يا روايت پرست ۽ انڌي تقليد ۾ قائل صاحبِ تحرير ڏانهن نه سمجهڻ گهرجي.

ان طرح وطني ۽ قومي قسم جي دانشورن جا ٻه طبقا ٿين ٿا: هڪ طبقو وقت جي اقتدار جو ثناخوان ٿئي ٿو ۽ ٻيو حزبِ اختلاف جو آلهٔ ڪار. ٻنهي طبقن جي سوچ ۽ ويچار، توڙي طريقِ ڪار ۽ لفظي سرمايي ۾ فرق ٿئي ٿو. عام طرح سان جذباتي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ حزبِ اختلاف جو آلهٔ ڪار بنجڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو، پر وطن ۽ قوم جي مشڪلاتن، بين الاقوامي منجهيل مسئلن، ٻاهرين طاقتن جي دٻائن دڙڪن، تاريخ جي صحيح ۽ غلط نتيجن، غير سنجيده ۽ غير جذباتي دوُرن کي مطالع ڪندڙ دانشورن جو ڪردار محتاط ۽ اعتدال پسند، سنجيده ۽ غير جذباتي ٿئي ٿو. هو نڪو اقتدار جي صاحبن مان غلط قسم جي فائدن حاصل ڪرڻ جا متمني رهن ٿا ۽ نڪو اجائي خوشامندانه قصيده گوئيءَ ۾ وقت وڃائين ٿا، هن قسم جو دانشور پنهنجي ملڪ جي منجهيل مسئلن، صاحبِ اقتدار قوتن جي مشڪلاتن ۽ بين الاقوامي حالتن، دٻائن، اثرن ۽ انهن جي نتيجن جي روشنيءَ ۾ فقط هي ئي سوچي سگهي ٿو ته ملڪ جي سالميت ۽ مقبوليت، بقاءُ ۽ جٽاءُ، استحڪام ۽ ترقيءَ جي اميد آيا "تعمير" ۽ "تائيد" سان وابسته آهي يا اجائي غوغا آرائيءَ ۽ هنگامه خيزيءَ ۾ مضمر آهي؟

- مولانا غلام محمد گرامي

سَرها ڏنم سي، جن جي ساڃاهہ سراڻ سين،
تيغ تَنَنِ جي کي، ڪَٽُ نہ لڳي ڪڏهنِ.

(شاهہ)



سنڌ جو سدا بهار عالم

## مولانا غلام محمد گرامي

١٥- سيپٽمبر ١٩٩٦ع تي سنڌ ويهين ورسي جي موقعي تي، ادارو مهراڻ پنهنجي، باوقار محسن ۽ رهبر کي ياد ڪندي، ١٩٩٦/٣ع جو هي پرچو سنڌس نانءُ ڪري ٿو.

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي دستاويز]

جلد ۴۵]　　جولاءِ - سيپٽمبر ۱۹۹۶ع　　[نمبر ۳

نگران

حسين شاهه راشدي

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

P-21007
8.10.96

سب ايڊيٽر

طارق عالم

سهڪاري ڪارڪن

رفيق جمالي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# گذارش

## علاج کان محروم اديب!

گذريل ڪجهه مهينن کان سنڌ جي ليکڪن، ڏات ڌڻين ۽ علمي حلقن جي اِها گهر اچا پوري ڪانه ٿي آهي ته سنڌ جي ٻن نالي وارن ليکڪن محمد ابراهيم "اسير" ملاح ۽ محمد پريل "راهي" چنا جون زندگيون بچائڻ لاءِ سرڪاري طرح علاج جا انتظام ڪيا وڃن. اِن ڏس ۾ اديبن ۽ دانشورن جي هڪ وڏي انگ لاڳيتو پنهنجي پُڪاريو آهي.

اسير ملاح ۽ راهي چنا اسان جي سنڌي ادب جا نالي وارا شاعر، اديب ۽ ڏات ڌڻي آهن. سندن سڄي زندگي مخلصانه ادبي خدمتن ۾ گذري آهي. اسير کي السر جي شديد تڪليف آهي ۽ راهي کي دل جا ڏورا پيا آهن، جنهنڪري سندن حالتون ڳڻتي جوڳيون آهن. اسان جا اِهي ٻيئي ڏات ڌڻي نهايت غريب ۽ تنگدست آهن، جن لاءِ ممڪن ڪونهي ته پنهنجو علاج ذاتي طرح ڪرائي سگهن. ٻيئي ٻچڙوال ننڍي آمدني وارا ملازم آهن ۽ مٿين بيمارين جي پيڙا ۾ مبتلا آهن.

هن وقت عوامي ۽ چونڊيل سرڪار آهي، انڪري ٻنهي ليکڪن جي علاج لاءِ اپاءُ وٺڻ بيحد ضروري آهن. ڪڏهن ڪڏهن سرڪاري بيانن ۾ دعوائون ته برابر هونديون آهن، پر اديبن جي علاج لاءِ عملي اپائن طور ڪوبه قدم کڄي ڪونه سگهيو آهي. وري به شابس آهي اڪيڊمي ادبيات پاڪستان اسلام آباد ۽ ان جي ڊئريڪٽر جنرل جناب مظهر الاسلام کي، جنهن ٻنهي اديبن جي ڪجهه مالي امداد ڪئي آهي ۽ ان طرح اسان جي بورڊ جي چيئرمن سينيٽر حسين شاهه راشدي صاحب پڻ مالي خدمت ۾ فرض ادائي ڪئي آهي.

اسان سنڌ سرڪار کان گهُر ٿا ڪريون ته اسير ملاح ۽ راهي چنا جي علاج لاءِ فوري طور تي پورا انتظام ڪيا وڃن ۽ پڻ سندن مالي مددون ڪيون وڃن، جيئن اسان جا هي ٻيئي صلاحيتمند ليکڪ، تندرستي حاصل ڪري سنڌي ادب جي خدمت جاري رکي سگهن.

## سنڌ يونيورسٽي ڌيان ڏئي

سنڌي جي اديبن ۽ دانشورن جي هڪ وڏي انگ، سنڌ يونيورسٽي انتظاميه کان گهر ڪئي آهي ته سنڌي شعبي جي انهن خاتون ٽيچرس جي ان حرڪت جو سنجيدگيءَ سان نوٽيس ورتو وڃي، جنهن موجب شعبي جي محترم استاد، نامور عالم ۽ دانشور، پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي لاءِ نهايت سنگين الزامن وسيلي ڪردار ڪشيءَ جي مهم هلائي وئي هئي.

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو سنڌي شعبي جو هڪ مانوارو استاد آهي ۽ سندس علمي ۽ تحقيقي خدمتن کان ملڪ جا ادبي حلقا پوريءَ ريت واقف آهن. شعبي جي چئن خاتون ٽيچرس هڪ درخواست وسيلي اختيار ڌڻين کان ٻگهيي صاحب بابت ڪجهه اهڙن نقطن جي تحقيقات جو مطالبو ڪيو هو، جن بابت سنجيده سوچ آڏو آئي ته چا اهي

الزام يونيورسٽي جهڙي باوقار علمي اداري جي ٽيچرس طرفان لڳي سگهن ٿا؟ ڇو ته انهن ۾ سنجيدگي ۽ شائستگي جي اصولن کي اورانگهيو ويو هو.

سنڌ جي دانشورن جي گهر جي حوالي سان اسان يونيورسٽي انتظاميه کي صلاح ڏينداسين ته هڪ محترم استاد ۽ ناميار عالم جي حوالي سان يونيورسٽيءَ جي تقدس جي برقراريءَ لاءِ اهڙين حرڪتن کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن.

## سنڌي ادبي بورڊ جي مالي صورتحال

سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده مالي بحراني حالتن تي سنڌ جي ادبي حلقن ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي، جنهن جو سبب بورڊ جي مالي امداد ۾ واڌ جي اٿهوند آهي.

گذريل ڊسمبر ۾ وزير اعليٰ سنڌ، بورڊ ۾ آمد جي موقعي تي بورڊ لاءِ سٺ لک رپين جي امداد جو اعلان ڪيو هو ۽ پڻ ان سان گڏوگڏ سندن اهو اعلان اطمينان جو باعث ٿيو هو ته ورندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ بورڊ لاءِ ساٰلانه ڏيڊ ڪروڙ رپيا رکيا ويندا. ۾ معلوم ٿيو ته ڪن سببن جي ڪري وزير اعليٰ سنڌ جي انهن مٿين هدايتن تي عمل ڪونه ڪيو ويو ۽ بورڊ لاءِ فقط اُهي ئي ساٰلانه چاليهه لک رپيا رکيا ويا، جي گذريل يارنهن سالن کان لاڳيتو مقرر ٿيندا ٿا اچن. ان وڏي عرصي ۾ مهانگائي، ٽئڪس، پگهارن ۾ واڌ ۽ ڪاغذ جي قيمتن ۾ اضافي وغيره جي حوالي سان آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته هن وقت ايتري قليل امداد مان بورڊ پنهنجا فرض ڪيئن ادا ڪري سگهندو؟ يقيناً بورڊ سنڌ جي علمي حلقن جي ادبي اج مٿائي ڪونه سگهندو ۽ انهن کي نااميدي ٿيندي.

اهڙي صورت ۾ اسان سنڌ سرڪار کي عرض ٿا ڪريون ته بورڊ جي موجوده تشويشناڪ مالي صورتحال تي ڌيان ڌريو وڃي ۽ في الحال سٺ لک رپين جي گرانٽ هڪدم جاري ڪئي وڃي، جيئن بورڊ ڪنهن پريشانيءَ کان سواءِ يڪسوئي سان پنهنجي علمي خدمت جاري رکي سگهي. — ن. ا. ش

# سنڌاءُ

## ★ شاعري


| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| شيخ اياز | ١ | بخشڻ مهراڻوي/ستيہ پال | ١٤ |
| شمشيرالحيدري | ٣ | واجد | ١٥ |
| تاج بلوچ | ٩ | ارشاد ڪاظمي | ١٦ |
| نثار بزمي/ ولي سروري | ١٠ | ايوب کوسو/مصطفيٰ ارباب | ١٧ |
| خاڪي جويو | ١١ | نياز ملاح/سرتاج جاگيراڻي | ١٨ |
| ادل سومرو/ راهي چنا | ١٢ | اسحاق سميجو/حبدار سولنگي | ١٩ |
| اياز گل | ١٣ | روبينہ ابڙو | ٢٠ |


## ★ مقالا


١.شاهہ جي رسالي جي تحقيق ۽ شرح — محمد حسين ڪاشف ٢٣

٢.سنڌي ڪهاڻيءَ جو سماجي ڪارج — ڊاڪٽر تهمينہ مفتي ٣٥

٣.اڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي اخبار نويسيءَ جو هڪ جائزو — ولي رام ولڀ ٤٨

٤.نئين نُسل جا پُراڻا گل-٣ — نظام الدين کوسو ٩٠

٥.ادب ۾ سفرنامن جي اهميت ۽ الطاف شيخ جي سفرنامن جو جائزو — مهرخادم ١١٢

٦.عورت، سماج ۽ ڏاڍ (تجزيو) — تنوير جوڻيجو ١٢٠


## ★ ڪهاڻيون


١. هڪ اُداس خوبصورت عورت جي ڪٿا — لياقت رضوي ١٤١

٢. گدلي دنيا گدلا ماڻهو — بانو محبوب جوکيو ١٥٢

٣. رات، اڌ چنڊ جي قاتل آهي — فياض چنڊ ڪليري ١٦٠

٤. امان! بادشاهہ ڪڏهن ايندو؟ — حاجي محمد ڪنير ١٦٨

٥. اڻون انسان آهيان — اڪبر لغاري ١٧٧

٦. ڪارا ناسي ڪنگڻ — ضراب حيدر ١٨٤

٧. ڪرشمو (واقعو) — حبيب الله مرزا ١٨٧

٨. پُٽ — خزغيل اوشالوموف

سنڌيڪار: محمد امين بلوچ ١٩٠

## ★ ڪالم


| | | |
|---|---|---|
| • اترادي بولي جو مطالعو | ـ ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو | ١٩٥ |
| • شاهه لطيف جي بيتن جو وزن ۽ سنڌي اُچار جا مسئلا | ـ ڊاڪٽر الياس عشقي | ٢٠٢ |
| • علمي خط | ـ ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي | ٢٠٦ |
| • موت ۽ مرڻ بابت نظريا | ـ فخر زمان<br>سنڌيڪار: زاهد علي مگسي | ٢٠٩ |
| • ٿرپارڪر جون ساروٽيون | ـ سيد علي انور شاهه<br>سنڌيڪار: نصير مرزا | ٢١٨ |
| • موتيءُ داڻو | ـ عبدالجبار جوڻيجو | ٢٢١ |
| • م.ن. "محزون" | ـ "آزاد" انور ڪانڙو | ٢٢٤ |






# شاعري

ڀٽائيءَ جي زندگيءَ جي اسان کي تفصيلي خبر ڪانهي، ان ڪري چئي نٿو سگهجي تہ هُن جي سچ ڏانهن هن جي جُڳ جو ڪهڙو رويو هو، پر پانيان ٿو جيڪي ڪجهہ هن جي شعر مان سمجهي سگهجي ٿو، هن تي بہ "ڪامپرومائيز" ۽ "ڪنفارمزم" جا بهتان ضرور مڙهيا ويا هوندا. شاهہ، قادري طريقي جو صوفي چيو وڃي ٿو، جن وٽ شريعت جي پابندي اوليت رکي ٿي، ۽ راڳ، گيت سنگيت ۽ سماع حرام هو. پر شاهہ سماع نہ فقط ٻڌندو هو، پر پاڻ ان جو اهتمام ڪندو هو. 'قادرين' هن تي يقيناً "ڪامپرومائيز" جو بهتان هنيو هوندو. شاهہ جي شعر مان اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ هو وڏو "لبرل" ۽ انقلابي هو. پر گهٽ هنڌن تي وٽس اهڙا بيت ملن ٿا، خاص ڪري سامونديءَ ۽ گهاتوءَ ۾، جن جي ڪري ان وقت جي "لبرل" دانشورن مٿس "ڪنفارمزم" جو الزام آندو هوندو. انهن ٻن بهتانن جي وچ ۾ هن جي شاعري فقط عوام ۾ رهجي ويئي، جيڪا شاهہ جي هڪ زنده علامت بڻجي، پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري، اڄ تائين پنهنجي عظمت مڃائيندي ٿي رهي.

- سراج

شيخ اياز

# آزاد نظم

## ڪُوڪَ ڪويل جي ٻُڌي جڻ

ٿا پپل جا پَن چُرن!
جڻ نہ جھومي ٿو سجو وَڻ
شاهراهون ٿيون ٻُرن
يادگيريون ٿيون هُرن
جڻ نہ سُرٿا ٿا سُرن
ڪڪڙي
پو ٻڪڙي
پيارُ جوڙا ڪن پيا؛
ساھ ۾ سَرجن پيا
ڪيترا سپنا اُنهن جي
رات کي ٿامَست ڪن جي!
زندگيءَ کي زندگي ڏيئي وئيءَ
عاشقيءَ کي شاعري ڏيئي وئيءَ
پئي سدائين ڪُوڪُ ڪويل!
انت تائين ڪُوڪ ڪويل!

*

## وات ڳاڙھا چوڪرا

شاعري سؤلي نہ آ
شاعري شھتوت وانگر آ مِني،
راھ چا تو آ ڏني؟
آ پھاڙيءَ جي متان اُن جو درخت
ڏر تتي ۽ پنڌ سخت

*

## ننڊ ساريءَ رات جو ڪانہ آئي

شور هو برسات جو
هيل برڪا چا نہ آئي!
هيل ڪو سانوڻ وُٺو آ!
ڏُنڌ آ ساري فضا ۾
ناھ بجليءَ روشنائي
ائن لڳي ٿو غرق ٿيندي هي خدائي!
مان اُتي ڪارا ڪڪر
جئن دَريءَ مان ٿو ڏسان،
بَند ڪمري ۾ چڪر
آنءُ ڏيندو ٿو رهان؛
بي نہ ڪائي واھ ناهي،
شاعري! توڪان سوا بي راھ ناهي
مان ڪَويتا جو ڏٺي
نيٺ ڪاغذ کي ڪٺي
ڪجھ لکان ٿو:
جيئن بارش ٿي لهي
شعر منهنجو ٿو ڪَهي
ڪنهن اُجايل جيءَ جئن،
ٿو گذاريان رات ائن،
مان پرھ تائين لکان ٿو.
پوءِ ٿڪجي ننڊ ڪيان ٿو.

*

## ڪيترا مون گل ڪنيا

پاند پنهنجي ۾ ڀَري،
هي گُلِ لالا اُنهن ۾ جڻ تہ ڪنهن رُخسار وانگر ٿو ٻري
جڻ لبِ محبوب ڪوئي
سُرخ شعلو ٿو ڪَري،
هي چنبيليءَ جيئن ٻانهون
جڻ تہ ڏاهون،
ائين ڪنگڻ ٿا ٻَرن
اُس ۾ سورج مُکي جئن ٿا ٽَرن
مون سڄي سنسار ۾
هن گل و گلزار ۾
ڪيترا ڏاڙا هنيا
ڪيترا مون گل ڪنيا ،
پاند پنهنجي ۾ ڀري!
ڪير آ جو ننڊ کي مون جئن ڦٽائي
شاعري مون جئن ڪري!

*

## ڪلَ منهنجيءَ مان جتي

جي ٻٽائين، آنءُ خوش ٿيان،
ديد تنهنجي آ ائين مون ۾ ڪُٺي،
جي هٽائين، آنءُ خوش ٿيان،
ايتري ڪاوڙ مٺي
مون نہ اڳ تو ۾ ڏٺي!
ڇو اِهو واتا وَرڻ؟
اوچتو منهنجو مَرڻ،
ڪو اَچنبو ڪونہ آ،
زندگيءَ جي لاءِ هاڻي ڪوبہ ٿنبو ڪونہ آ
جو جهلي بيٺي رهي؛
دور ڏِکجي ٿي وڃي، پر ڪيستائين؟
ڪو سدائين
نانهہ رهڻو
آهہ هرڪو دُور ڪَهڻو؛
ڪيئن ڇنجي پنڌ ۾ بيمار ملنداسين ڪٿي؟
جيستائين هان هتي،
ايتري ڪاوڙ نہ ڪر!
ايتري ڪاوڙ نہ ڪر!

*

شمشير الحيدري

# الوداع

ڪير آهي؟
ڪير دروازي تي آهي؟
هن مهل، هن حال ۾، سيءَ واءَ ۾ ...
ڪو مسافر؟ ... يا وري هن شهر جي ڪا پيار سوديندڙ معزز حُسن بانو؟
•
مرحبا، اي معزز حسن بانو!
اچ، اندر اچ،
ڪيڏي سردي آهي ٻاهر!
هن هھڙيءَ لِڱَ ساڙيندڙ هوا ۾،
ڪيئن نڪتي آهين تون؟
ٻُت سجو تنهنجو رڦي پيو،
هٿ ڏڪن پيا ۽ ٽنگون ٽڙڪن پيون:
ويھ، هُن صندليءَ ڪي سيري، هُن ٻُخاريءَ جي اڳيان،
ٻاهر تي پنهنجا ٺريل هٿ پير سيڪ،
تُرڪماني اَنّ جو هي ڪشمشي ڪمبل ڪلهن تان لاهي هُن صندوق تي ليٽائي ڇڏ،
۽ هي وٺ چندن جون ڪاٺيون، ٻاهر ۾ وجھ،
جيئن تنهنجي ساھ ڪي سرهاڻ جو ساهس ملي:
تيستائين آءٌ تنهنجي لئہ ڪريان قنديل ڪافوريءَ ڪي روشن،
جئن ڏسان، سونهن جا ڪهڙا وڪر آندا اٿئي.
* * *
سونهن جو دريا وهي پيو ...
جنهن جي ڇولين ۾ رڳو پيا مُرڪ جا موتي ڇُلن،
جنهن جي موجن تي رڳو پيا تير نظرن جا ترن،
جنهن جي لهرن ۾ جوانيءَ جون هنيليون پوپريون، ٽڙڪنديون، پچنديون وتن،
جنهن جي ڪنڌين تي رڳو چاهت جون چنبيليون ٽڙن.
•
سونهن جو دريا وهي پيو ...
ناهي جنهن جو آر پار،
جنهن جي هر قطري ۾ نيرانين نگاهن جو خُمار،
هر نظارو جنهن جو، قدرت جو نرالو شاهڪار،
حيرتن ني حيرتن جي ڪاڪ، جنهن پاسي نمار!
* * *

آه، ڏاڍي دير ٿي وئي، اي معزز حسن بانو!
مان تہ وينو هوس هاڻي واپسيءَ جي لڏ تيار،
بس، سواريءَ جو ڪيم پئي انتظار،
ڪنهن بہ ٽائي اچڻو آهي آسماني مَڪڙو گهوڙو،
جيڪو ڪنهن مهلت بنا ٿيندو فرار.

•

تيسين هڪڙي التجا مون کي ڪرڻ ڏي،
اي معزز حسن بانو!
جنهن گهڙيءَ وارد ٿئي هُو مَڪڙو گهوڙو،
هاڻو، پنهنجيءَ اِنهيءَ ساڳئيءَ ڪائناتي خوش نظر سان،
بدخشاني لعل جهڙن لال چپڙن جي مدامي مُرڪ سان،
مون کي ڪج تون الوداع:
مون تي تنهنجو هي وڏو احسان ٿيندو،
۽ اهو ئي سونهن جو سرمايو شايد منهنجي لاءِ بي بدل تحفو ٿئي.

•

... مان جڏهن، ڪجھ سال اڳ،
پيار جي وکري وکر جون خوب خُرزينون پري،
ڏُور ڪان آيس "عدم نگري" ولايت مان هتي،
تنهنجي هن شاهي شهر ۾،
هڪڙو معمولي، ننڍو، گمنام سوداگر هئس.
پوءِ آءٌ،
پيار جي ناياب جنسن جي بدل،
سونهن جون ڪمياب ۽ نادر وٿون ڏوريندو، سوديندو رهيس ....

•

-- رنگ ۽ آواز جون سونيون ۽ روپيون اشرفيون؛
-- مُشڪ بُو وارن جو ريشم، رت - ورن چپڙن جون لعلون،شبنمي ڏندن جا موتي، ڳورين ٻانهن جو مرمر،
ڪونٽرن پيرن هٿن جو اطلس ۽ ڪمخواب، ديبا، بخمل ۽ الماس خوابي اکڙين جا: ڪي تہ بيحد بي بها چيزون مليون؛
-- درد دل جو، پُور، پيڙا، خواب، اوجاڳا، جفائون، واعدا، يادون، ۽ بيا پڻ ڪيترائي قيمتي ٻتر مليا،
-- ناز ۽ انداز، شوخيءَ ۽ شرارت جا گهڻائي خوشنما گوهر مليا؛ گيت مالائون سُرِيلن ٺمڪڙن جون،
۽ ڏکن جي هير جهڙين ٿڌڙين مُرڪن جون چاندوڪيون، گرم لڙڪن جي ٻاڦ؛
-- سادگي، سچائي، قرباني، وفا، پاڪيزگي، صبر ۽ حيا جا جيڪي چندن هار مون ڏوري ڏنا، تن جو تہ ڪوئي ملھہ نہ آهي.

•

مون بہ خُرزينن جا منهن کولي ڇڏيا،
پيار جا جيڪي بہ وڙ آندا هئم،
سونهن جي سودي ۾ بيپرواھہ آڇيندو رهيس.

پوءِ گڏجي پاڻ ڏينداسين سلامي،
پنهنجي ساٿي، اڄ جي هن صحبت جي شاهد،
هُن اڪيلي، پوڙهي وڻ کي.

•

مان ٻڌان پيو،
ڪو وڏو مشّاق ،فطرت جو مُغّني،
اتلڪن ملڪوتي سازن تي، انوکيءَ لَي ۾ پُر اسرار آفاقي سُرن ۾ ،
ڳائي پيو ڪو ابدي نغمو،
جنهن سان سارين ڪائناتن جون اکيون،
هوريان هوريان،
ننڊ ۾ ٻُڏنديون وڃن.
... ها، اِهو ٿي واپسيءَ جو گيت آهي:
"اچ، اندر اچ -- ڪيڏي سردي آهي ٻاهر ..."

•

اي معزز حسن بانو،
منهنجي احساس جو عنبر، مشڪ جذبن جي ۽ يادن جو گلاب ...
۽ تون هي قنديل ۽ فانوس ۽ مشعل سدا روشن رکج --
جئن اسان جي اڄ جي شاهد، هن اڪيلي وڻ کي اونداهيءَ جا پاڇا گُم نہ ڪن!
... الوداع!
اي معزز حسن بانو، الوداع!

تاج بلوچ

# غزل

تاج احساس جي گهرائي ڇهڻ وارو هو،
رنگ پوپٽ جا ڇپن تي ڪي ڇڏڻ وارو هو

ايترو ترت ڪٿي آڻ مڃڻ وارو هو،
هُو تہ پاڳل هو اصولن تي مرڻ وارو هو.

رنگ، خوشبو ۽ سڄي سونهن ڪٿي ٿي گس تي،
ڪو وڏو پنڌ هٿي، ڳوٺ اچڻ وارو هو.

هن جي اکين مان پريشاني ٽِميو ٿئي اُلڪو
شام جو پهر جڏهن ويجهي پوڻ وارو هو.

آءٌ صحرا جي سفر تان نہ ڪڏهن موٽان ها،
قافلو درد جو پويان جي اچڻ وارو هو.

نيڻ راهن مان ڪٿي ڪين ڪٿان ها ڪڏهين،
ٿورو جاڻان ها وري ڪين ورڻ وارو هو.

گهر جون ڪڙڪيون تو بهاني سان ڪري بند ڇڏيون،
پنهنجي پورن ۾ گهٽيءَ مان ڪو مَٽڻ وارو هو،

شخص گم آهي نگاهن جي هجومن ۾ ڪٿي،
زهر تنهائي جو ڪڏهين جو پيئڻ وارو هو.

سونهن ڪمزوري برابر تہ هئي تاج بلوچ،
پر هو ڏاهپ تي مري ساهہ ڏيڻ وارو هو.

نثار بزمي

# غزل

ڪوشش ڪرڻ سان ڏُونگر پِي ٿو ڏري پوي
ڪهڙي خَبَر ته ٽاندو پيهَر ٻَري پوي

هر چيزَ ۾ ته ڦيرو ايندو ضرور آه
ڏِس ڪِيرُ پِي رکڻ سان ڪيئن ٿو ڪَري پوي

اميد تي آ قائم سارو جهانُ هيِ
سِينو سَپر ڪَندي ٿي مشڪل ٽري پوي

هِيٺي ڪي هِيٺو سَمجهڻ گُهرجي نه دوستو!
ڪِنُليءَ کان ڪِيئن هاٿي جهٽ ۾ ٿو مَري پوي

ڪنهن انگَ کي ڏهُوٽو ڪَيئن ٿِي ٻُڏي ڪَري
مِٽيءَ سان گَڏِجي پٿر پِيِ ٿو ڳَرِي پوي

هڪڙا تَه ماٺمو ظالم، بي درد، بي ڏَيا
ڪِن جي ڏِسڻ سان سَڀَ جِي دِلِ ٿِي ٺَري پوي

روني رَڙي ٿِي وَرَ لاءِ ۽ وارَ ٿي پَٽي
قُدرتِ کي ڇا هي هِنَ ڏي وانگي وَري پوي

مَهمانَ دل ۾ وِيَهنِ کو اعتِراضُ ڇو.
ڇا لاءِ بَندِ دِلِ جي ڪرٽي دَري پوي

سَڀِ هٿ وِجهي رسيءَ کي قابُو ڪَيون ته پو
ملّت جي ڳَنڍِ "بزمي" ٿي ڇو ڏري پوي

✤

ولي سروري

# غزل

ڏکيو پهچڻ نه آهي دار تائين
پڄي اول ته ڪو معيار تائين

نه هر خواهش پڄي اختيار تائين
نه هر احوال گوشي يار تائين

زمين گل سَنو ڇاڇا نه هوندو
خزان کان پوءِ لالہ زار تائين

وڏا وينجهار گرد راهه ٿي ويا
عدو جي گهر کان محفل يار تائين

ڏنو هوندو گهٽ پنهنجن پراون
مسيحا جو اچڻ بيمار تائين

فقير بي نوا جي ٿئي ته ڪيئن ٿئي
رسائي جبي و دستار تائين

جڏهن هن مرڪ سان ڪئي مشڪ پيدا
هڳي ساهند ڪان تاتار تائين

لڪائي رک ولي عرض تمنا
متان پهچي وڃي گفتار تائين

✤

# غزل

خاڪي جويو

رات هوا جي رم جهم تي،
گيت اڳاتا ڳاتا آهن.

ٻُونءِ ٻنيرڪي جو ٻڙڪائي،
ڄَر ڄراٽا ڄاتا آهن.

هار هوائن جي هُر ڪرجا،
پاڻ مرادو پاتا آهن.

سينا صدين جي سارن جا،
اڪڙين ۾ اڄ آتا آهن.

ڳوٺ اسان جا ڳاڙهي رت ۾،
راڪ لهوءَ جي لاتا آهن.

جيئڻ ٿيو تيئڻ جوانيءَ وارا،
نهرا اڳ ڪان ناتا آهن.

*

منهنجو نيهن نِڪورو آهي،
چِرڪيلُ چڻ ڪو ڇورو آهي.

هي جي ڳاڙها ڳوٺ ڏسين ٿو،
ٿاريلين جو ٿورو آهي.

لهرون لهرون لاٽ اسان جي،
گيت، جمالو، مورو آهي.

نيڻ نسورا، مَنڌَ ڪتورا،
ڳاتو ڳاتو ڳورو آهي.

هرڪو پورهءِ جي پالن جي،
گهائن جو جڻ گهورو آهي،

آءُ اسان جي اوتاري تي،
قرب اسان جو ڪورو آهي.

*

**اَياز گل**

# غزل

نَکو ملي ٿي، نہ ٿي نينڊَ ٿي پڙهڻ ڄاڻي
هُو ڇوڪري بہ رڳو، سُورَ ٿي ڏيڻ ڄاڻي

اُنهيءَ کي ڪهڙي خبرَ، لفظَ ڪيئن مارن ٿا!
جا ڳالهہ ڳالهہ ۾ بس، طنزَ ٿي ڪرڻ ڄاڻي

عمل، نہ سوچَ، نہ ڪوشش تباهہ ٿي ويندو
هُو روئڻو جو، ٿڌا ساهہ ٿو ڀرڻ ڄاڻي

سمورا سڳَ ڇِني وئيءَ تہ خير آ سائڻ!
هي دل ٿي آسَ جا لاشا سدا کڻڻ ڄاڻي

حياتي ڪيس نڀيندي الائي ڪيڏو اڃان؟
جو شخصَ پيار رڳو پيارُ ٿو ڪرڻ ڄاڻي

اسان جا خوابَ ورائي ڏئي تہ ڪيس مڃون
جو پنهنجي پَرِ ڪٿي معجزا هلڻ ڄاڻي

ڪٿڙَ جا ڳالهہ اُنهيءَ لاءِ آهي بي معنيٰ
سدائين هارَ مانَ جو حوصلو وڃڻ ڄاڻي

اياز ڪيئن پري ڀانءَ ڪان ڪري سگهندؤ؟
اوهانجي دل ۾ ٿو احساسَ جيان رهڻ ڄاڻي

سِين سان مُرڪي ملي ٿي، ملي وَڃڻ ڄاڻي
هُو ڇوڪري بہ رڳو تيرَ ٿي هڻڻ ڄاڻي

❖

يادگيريون سنڀالِ، ڪم ايندءِ!
ڪنهن وِڇوڙي جي سالِ، ڪم ايندءِ!

راهہَ اوندهہ اڳيان حياتيءَ جي
پيارُ ڏيئي مثالِ، ڪم ايندءِ!

هُن ڪان پُڇجانءِ: ”ڳڌُ هلي سگهنديئن!“
هڪڙو ننڍڙو سوال، ڪم ايندءِ!

تو وِساري ڇڏيو، ڇڱوني ڪيئہ
ڪهڙو برباد حال، ڪم ايندءِ؟!

ماڻِ لمحا ملڻ جا، پر دِل ۾
ڪي جُدايون بہ پالِ، ڪم ايندءِ!

مان نہ هوندُس جڏهن، تڏهن ڏِسجانءِ
جڳَ!، مُنهنجو مثال، ڪم ايندءِ!

ڪيس چنبڙي پئين تہ ڇا ملندءِ؟
ڇڏِ ماضي تہ حال، ڪم ايندءِ!

❖

بخشڻ مهراڻوي

## .... روئي پوندي ساڻءِ

هاڻي ائين نه ستاءِ
روئي پوندي ساڻءِ
ڳالهين ڳالهين ۾، ايڏو ڪيمَ ڪلاءِ
روئي پوندي ساڻءِ
گذريل وقت سنديون، يادون نه ورجاءِ
روئي پوندي ساڻءِ
هاڻ دلاسا ڏيئي، مون کي نه پرچاءِ،
روئي پوندي ساڻءِ
ڪهڙا حالَ پڇين ٿو، جاني ائين نه جلاءِ
روئي پوندي ساڻءِ

❖

بخشڻ مهراڻوي

## غزل

سارو شهر وڃي ٿو پيو،
پويون پهر وڃي ٿو پيو.

گهڙي به مون وٽ ناهي ترسيو،
"هاءِ قهر!" وڃي ٿو پيو.

هاءِ جوڀن جو درياهَه،
لهرون، لهر وڃي ٿو پيو.

مَن جي ڪڙڪي ڪولي ڏس،
تنهنجو مهر وڃي ٿو پيو.

❖

ستيہ پال

## مون سمنڊ کي ويجهو کان ڏسڻ جي جرئت ڪئي ...

تنهنجين نظرن
منهنجن پيرن تي
آوارگي لکي
۽ تنهنجي چاهت
مون کي اُن جزيري تي وٺي وئي
جتي زندگي
موت کان به وڏو گناهه هئي ....
مون ڦريون پيرو
سمنڊ کي
ويجهو کان ڏسڻ جي جرئت ڪئي
۽ سمنڊ منهنجين اکين ۾ هليو ويو ....
مون انتظار جي ٻوليءَ ۾
تو لاءِ گيت لکڻ چاهيو
پر تنهنجي ياد
مون کان ڪاوڙجي
هوا سان دوستي رکي ....
مون کي مجبوراً
باهه سان ياري ڪرڻي پئي ....
توڙي
مون ڪڏهن راند جي ميدان ۾
پير ڪونه رکيو هو
پر مون کي پنهنجو خيمو
جنگي گهوڙن جي اصطبل ۾ هڻڻو پيو ....
هاڻي مان
هڪ جزيرو
هڪ سمنڊ
هڪ اڻ لکيل گيت
ٿوري هوا
گهڻي باهه
۽ هڪ جنگي گهوڙو

تولاءِ وصيت ڪيان ٿو ....

پر آوارگي

تيستائين مون سان گڏ نه هوندي

جيستائين مان

زندگيءَ کان به وڏو

گناهه ڪري وٺان.

❖

# غزل

مَهرون مور نہ ٿيون،
دوريون دور نہ ٿيون!

سوچون، پٽ جا گهوٽ،
ڪنهن لئہ سُور نہ ٿيون!؟

چنتائون چٽڪيون،
پر، پرپور نہ ٿيون!

آيل، چا چاٿين،
جي مهجور نہ ٿيون!

ڪيڏا چنڊ، مگر،
راتيون نور نہ ٿيون!

پنهنجون سر مستيون،
بن منصُورنہ ٿيون!

سهڻ سان تہ لطيف،
ڏکنديون ڏور نہ ٿيون!؟

واجد! وڻجاريون،
جُهريون، جُهور نہ ٿيون!

*

ارشاد ڪاظمي

# هڪ عورت تائين پهچڻ لاءِ

هڪ عورت تائين پهچڻ لاءِ،
مون پنهنجا آدرش وڪڻي ڇڏيا.
غير متوقع نتيجن جي انتظار ۾
وقت ضايع ڪندي ڪندي،
مون اڌ عمر گذاري ڇڏي.
شهر جا سمورا نِيون سائن بدلجي ويا
۽ ساهڙ بہ گهٽ ٿي ويا،
جيڪي ضروري آهن
پيرن کي زمين سان ملائڻ لاءِ.
جيڪڏهن اُهي نہ رهن
تہ باقي نالو رهجي ٿو وڃي.
واڻجد، يورينس تائين پهچي ويو،
مان، ان تائين نہ پهچي سگهيس،
جنهن تائين پهچڻ لاءِ
مون پنهنجا آدرش وڪڻي ڇڏيا.

❋

# تنهنجي دوربيل

تنهنجي دوربيل
مونکان
منهنجو مطلب ڇڄي ٿي
مان
پنهنجي نالي تي
ليڪ ڦيري ٿو ڇڏيان
۽ خود سوال بنجي ٿو وڃان
۽ گهر ويندي
پنهنجي نالي کي
درياءَ ڪناري
پاڻيءَ پيئندي ڏسان ٿو.

❋

ايوب ڪوسو

# غزل

ڳل تي آلو رنگ چُمي جو.
جڻ ڪو تازو شعر ڪوي جو.

وار ڪتائڻ واري ڇوري،
تون ڇا ڄاڻين سنگ سڳي جو.

تنهنجا پير پُڄي ويا سانئڻ،
مرڪي پيو آ انگ گهٽي جو.

عشق اورانگهي ويو ديوارون،
ليڪل پيرو رات پڳي جو!

ڪو سيد ڪو پنگي سڏجي،
ڇا لئه ايڏو فرق مِٽي جو!؟

پيار تي اڄ بہ ساڳيا پهرا،
ڏور ڪيڏو آ سوچ نندي جو!

سجني بُت تي ڳاڙهو جوڙو،
جڻ ڪو شعلو ميڻ بتي جو.

انگ انگ ۾ ٿي مکڙي مرڪي،
واه جو جلوو عمر ڪَچي جو!

★

مصطفيٰ ارباب

# ملاح

وستي ۾ اچڻ کان اڳ
اسين درياهہ ۾ رهندا هئاسين
اُن جي هنج ۾
اسان جا گهر
لُڏندا رهندا هئا
درياهہ ۽ اسين
ڪڏهن بہ هڪ ٻئي کان بيزار ڪونہ ٿياسو.
پر جڏهن
هڪ قانون
درياهہ ۾ رهڻ کي ڏوهہ قرار ڏنو
تہ اسين
ميدانن ۾ پوکيا وياسين
درياهہ کان اچڻ وارا قاصد پکي
پنهنجن گيتن ۾
درياهہ جي اُداسي جا داستان ٻُڌائيندا آهن
پر هاڻي
وچير ٻُک جو وڏو فاصلو آهي
۽ اسان جا بدن بہ
ترڻ جو راڳ
ڀُلجي چڪا آهن
اسين درياهہ تي نٿا وڃون
هُو وٺڻ لاءِ اچي وڃي ٿو.

★

نياز ملاح

# وائي

مــوتـي ايـنـداسـي
كـاڏي ويـنـداسـي
تنهنجو سـاٽ چـڏي!
سچ پچين تہ سانورا
ڏکـيـا تـيـنـداسـي
تنهنجو سـاٽ چـڏي!
جـيـئڻ جـانڙ آ مـگر
پاڻ نہ جـئـيـنـداسـي
تنهنجو سـاٽ چـڏي!
ايندي ويل اُها جـڏهن
روئـي ڏيـنـداسـي
تنهنجو سـاٽ چـڏي!
هيڏو جيـون هـيـکـلو
کـيـئن کـٽـيـنـداسـي
تنهنجو سـاٽ چـڏي!

★

سرتاج جاگيراڻي

# غزل

ويـنـي ويـنـي درد انـدر ۾ جـاڳـي پـيـو،
جڻ کو ماڻهو پنهنجي گهر ۾ جاڳي پيو.

آڏيءَ ڏاري هـوريسان درتـي ٺـڪ ٺـڪ ٿـي،
۽ کـر مـوڙي نـيـٺ پـٿر ۾ جـاڳـي پـيـو.

کونہ اگهيا کنهن ڳوڙها پوڙهي جي ڳل تان،
ساري تر جو درد پـٿـر ۾ جـاڳـي پـيـو.

هوءَ اُجـارا نـيـڻ کـڻـي وڻـي مـنـدر ۾،
مرکي مرکي گهنڊ مندر ۾ جاڳي پيو.

مان تہ چـتـيـان پيو منظر ساري ڌرتي جا،
تنهنجو پاڇو اکر اکر ۾ جاڳي پيو.

★

روبينہ ابڙو

# غزل

اي پورا بادل ڇا جي لئہ مون تو ۾ نين ڪُپايا هِن؟
تو پنهنجي پويان آڳم آڳم ڪيڏا نين رُلايا هِن!

ڪُجهہ خوابَ اکين جي ڪِرڙڪين مان ڏئي پَرڙڪو ڪالهہ اُڏامي ويا،
مون تولئہ پوپي ڪومل ڪومل سپنا چار بَچايا هِن!

تون خالق هُئين تخليق بَڻين جڻ مورتَ مان تصوير بڻين،
تون منهنجو ئي رهندو آهين توڙي سَوَ روپَ مَٽايا هِن!

مان چُپ هان ڪائي ڳالهہ تہ آ، پو هيڏا سَڏ پُڪارون ڇو،؟
تون چائين ٿو مون ڇا جي لئہ هِي هيڏا سَڏ لَنوايا هِن!

مان اچڻي ناهيان چائين ٿو پوپي تون راهہ نهارين ٿو،
مان وير جيان واپسِ وَرندس تنهنجا سَبُ خيال اجاياهِن!

ڇا سوچين پيو، ٿو ڪيرُ ڦري، هِن ڌرتيءَ کان امبر تائين،
ڇو بي ترتيب سِتارن ۾ تو پنهنجا نين - وِڇايا هِن!؟

تون هر هر يادِ نہ ڪر مونکي، ڏِسُ هِينئن بَرباد نہ ڪر مونکي،
مون ڏاڍي مُشڪل سان ساڻي تنهنجا ڪجهہ خيال پُلايا هِن!!

*

# مقالات

سمورا آسماني ڪتاب دراصل انساني وحدت جا پرچارڪ آهن ۽ حقيقت جا ڄاڻو ۽ انهيءَ فڪر جا پرچارڪ هئا. پر ٿيو ايئن جو انهن جي پوئلڳن پنهنجون پنهنجون ٽوليون ناهيون ۽ پنهنجي ٽولي جي ڳالهه کي سموري انسانيت جو اصل مقصد مڃي ويٺا. هر قوم جي دعويٰ آهي ته اسان جو نبي آخري آهي ۽ اسان جو دين سڀ کان وڌيڪ سچو دين آهي. هر قوم ان جي ثبوت ۾ دليل ڏئي ٿي، برهان ۽ منطق جي زور تي پنهنجي ڳالهه مڃائڻ لاءِ هر جتن ڪري ٿي. ٻين جي ڪتابن مان ڪمزوريون ڪڍڻ شروع ڪري ٿي ۽ خود سندن ڪتابن تي اعتراض ٿين ٿا ته صفائي پيش ڪري ٿي. ڇا حقيقت جو ڳولائو اهڙي حالت ۾ پريشان نه ٿو ٿئي؟ آخر ڪيئن خبر پوي ته اصل هدايت ڪٿي آهي ۽ حق ڇا آهي؟ هن مونجهاري مان نڪرڻ جو صرف هڪ ئي حل آهي ته مذهبن جي اختلافن کي هڪ طرف رکو ۽ عام انسانيت جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ڪريو ته آخر مجموعي انسانيت جي طبعي تقاضا ڪهڙي آهي؟

**- مولانا عبيدالله سنڌي**

محمد حسين "ڪاشف"

# شاهه جي رسالي جي تحقيق ۽ شرح

**اپياس ۽ جائزو**

لطيف جي ڪلام جي شرح شروع ڪان وٺي علمي حلقن ۽ لطيف جي ڪلام سان دلچسپي رکندڙ عوامي حلقن جو دلچسپ موضوع ۽ مسئلو رهيو آهي. پوءِ اها ڪتي سگهڙن جي ڪچهري هجي يا لطيف جي پارکن جي مجلس هجي يا عالمن ۽ دانشورن جي محفل هجي. ڪلام جي شرح جي سلسلي سان ان ۾ ذڪر ضرور ايندو آهي. زندگي جي هر طبقي جو انهي باري ۾ پنهنجو، پنهنجو خيال ۽ نقطء نظر رهيو آهي. هر صاحبِ ادراڪ ۽ سڄاڻ ماڻهو لطيف جي بيتن جي معنيٰ جي اپٽار ۽ شرح جو وستار پنهنجي خيال مطابق ڪندو آهي. ڪڏهن ڪنهن هڪ نڪتي تي انهن جو متفق هئڻ هڪ مسئلو رهيو آهي. ان جو بنيادي ڪارڻ لطيف جي ڪلام جي همه گيري ۽ ان جي پرزم نما حيثيت رهي آهي. جنهن ڪي به جنهن صورت ۾ جيڪا معنيٰ پنهنجي تصور ۽ خيال ۾ اچي ٿي هو ان جو اظهار ڪري ٿو. عالمن، دانشورن وٽ معنيٰ جو معيار ۽ مقياس پنهنجو آهي. سگهڙن ۽ عوامي حلقن جو انهي سلسلي ۾ انداز پنهنجو آهي. شرح جي بيان ۾ بيتن جي لفظي ستاءُ ۽ پڙهڻي لاءِ هر ڌر وٽ پنهنجي راءِ آهي. جڏهن انهيءَ سڄي وچور ۽ صورتحال تي غور ڪجي ٿو ۽ ڳوڙهائي سان ويچار ڪجي ٿو ته انهيءَ صورتحال لاءِ ڪنهن کي ذميوار ڪجي، علمي ۽ ادبي حلقن کي يا عوامي حلقن کي، پر وري جڏهن صورتحال جي پٺي پاسي کي نظر ۾ ٿو رکجي ته ان لاءِ اهو چوڻو ٿو پوي ته صاحب علم ماڻهن پنهنجي طور تي وقت ۽ حالتن پٽاندر ان کان غافل نه رهيا آهن.

سڀ کان پهريائين سنڌ جي معروف عالم ۽ شاعر "غلام محمد خانزئي" لطيف جي ڪلام جي روحاني نڪتن کي "منهاج العاشقين" ڪتاب لکي ڪلام جي معنوي شرح جو فرض سر انجام ڏنو ۽ ڪلام جي شارحن لاءِ هڪ گس پيدا ڪيو. ان بعد وري سرڳواسي ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهه جي ڪلام جي تحقيق ۽ شرح جو فرض سر انجام ڏنو ۽ رسالي جي بيتن جي پڙهڻي ڏانهن وڪ وڌائي. انهي شرح سان گڏ ڊاڪٽر گربخشاڻي هڪ طويل ۽ مبسوط مقدمو لکي شاهه جي حياتي جي احوال، سير سفر ۽ فڪري پهلوئن تي روشني وڌي، جنهن وقت ڊاڪٽر گربخشاڻي اهو فرض سرانجام ڏنو، ان وقت اهو نهايت ئي وڏو ڪم هو. انهي ڪارج ۾ ساڻن "علامه دائود پوٽي" جهڙي علمي طور تي با ڪمال شخصيت ساڻن ٻانهه ٻيلي رهي. "ڊاڪٽر گربخشاڻي" جي رسالي جي شرح علمي حلقن ۾ جيڪو داد حاصل ڪيو ۽ مقام ماڻيو، اهو ان وقت جي لحاظ کان وڏي پد وارو رهيو. ڇاڪاڻ ته جڏهن اسان وٽ لطيف جي سلسلي سان ڪجهه نه هو ان وقت اهڙي علمي وٿ جو منظرعام تي اچڻ علمي حلقن لاءِ نيڪ شگون رهيو. ان لاءِ انهي چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته بيٺل پاڻي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي پهريون پٿر اڇلي جيڪا هلچل پيدا ڪئي تنهن اسان جي ڏاهن جو اُنَ طرف وڌيڪ ڌيان ڇڪايو ته هن اهم ڪم جي به علمي ۽ فڪري طور تي ضرورت آهي. ۽ لطيف شناسي لاءِ ان جي به اهميت آهي. انهيءَ ڪارج لاءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪيرون لهڻيون. ساڻن ڪو اختلاف رکي يا اتفاق، پر هن جي همت، صلاحيت ۽ لطيف سان محبت جي رويي کي تحسين ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. ڇو ته تحقيق ۽ شرح جي فلڪ بوس عمارت جي پيڙهه جو پٿر رکندڙ هو پاڻ ئي آهي. پوءِ اڳتي هلي ڀيو ڪوبه ڪيترا گل ڇٽ ڪڍي، معنيٰ ۽ مفهوم جا موتي وينجهائي پر "ڊاڪٽر گربخشاڻي" جي انهي پيار واري پورهئي داد لهڻو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي جي شاهه جي رسالي جي شرح بعد ڪو وقت اهو باب بند رهيو ۽ ڪنهن به سنڌي عالم يا

اسڪالر اڳتي وڌي اهڙي اهم ۽ ڳري ذميواري کي پنهنجن ڪلهن تي کڻڻ جي سگهه نه ساري ۽ رسالي جي شرح، بيتن جي مقدار ۽ مقياس، ويٺ ۽ وينجهه کي ڪوبه عالم هٿ وجهڻ لاءِ تيار نه ٿيو. ان جا بنيادي ڪارڻ ڪهڙا هئا، ان لاءِ سواءِ ظن ۽ قياس جي ڪجهه چئي نٿو سگهجي. باقي اُنَ دميل ديگ مان پاڻن پرڻ ۾ ڪنهن به ڪسر ڪانه ڇڏي.

## تحقيق ۽ شرح لاءِ پيش بندي

رسالي جي تحقيق ۽ شرح، ڪو اهڙو سترو ۽ سولو ڪم به نه هو جو ڪو صاحب قلم هٿ ۾ ڪٿي ڪم ۾ جنبي وجي ۽ وجي پارپوي. هي وڏي حوصلي وارو ڪم هو. جڏهن "ڊاڪٽر گربخشاڻي" جي رسالي جي شرح جا ٽي جلد هڪ طويل مقدمي سان ميدان تي موجود هجن ۽ رسالي جو مقدمو علمي حلقن ۾ بحث جو موضوع بنيل هجي. اهڙي صورتحال ۾ رسالي جي شرح کي هڪ اهڙي انداز سان آڻڻو هو جيڪا سيني پاسن کان جامع ۽ سڦلتا واري هجي جنهن جو معيار مٿاهون ۽ فڪري طور تي اتاهون هجي. انهيءَ نقطہ نظر کي عملي شڪل ۾ آڻڻ لاءِ "جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ" هن اهم علمي، فڪري ۽ تحقيقي ڪم ۾ هٿ وڌو ۽ اهو بار پنهنجي ڪلهن تي کنيو. پاڻ جنهن انداز سان رسالي جي تحقيق ۽ شرح جو ڪم ڪيو اٿن، اهو غور طلب ۽ انتهائي سچائي وارو رهيو آهي. جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن پنهنجي انهي ارادي کي تڪميل ۾ آڻڻ لاءِ غالباً هن ريت پيش بندي ڪئي .

الف:- ميئين شاه عنات رح جي ڪلام جي ترتيب ۽ سيهڙڻ وقت ڊاڪٽر صاحب لطيف جي ڪيترن بيتن جي اڳين، پوين سٽن يا ڪن سٽن جي اڳئين پوئين اڌ جي لفظن جي ميئين شاه عنات جي ڪلام جي نسبت سان نشاندهي ڪئي ۽ پڙهندڙن جي ذهن کي ان لاءِ تيار ڪيو ته هو لطيف جي ڪلام جي اصليت کي محسوس ڪري، پرکي ۽ وٽس لطيف جي ڪلام لاءِ هڪ جامع تصور پيدا ٿئي.

ب:- اڳتي قدم وڌائي "شاه جي رسالي جا سرچشما" جي عنوان سان ڪتاب پورو ڪيو. جنهن ۾ گنج کان وٺي قلمي نسخن، بمبئي جي ڇاپن، سرڪاري ڇاپي، ارنيسٽ ٽرمپ واري ڇاپي ۽ ٻين سيني ڇاپن جا سال وار تفصيل مهيا ڪيا. جنهن ۾ بيتن، واين‍ءِ سرن جو تعداد پڻ ڄاڻايو ويوءِ هر نسخي جي قدامت ۽ اهميت کي واضح ڪيو ويو.

ج:- ان بعد وري "رسالي جي ترتيب" جي عنوان سان پيو ڪتاب شايع ڪيو. جنهن ۾ شاه جي رسالي جي ڪلام جي ترتيب کي زير بحث آندو ويو. ته رسالي جي ترتيب گنج ۾ ڪيئن هئي. ٻين نسخن ۾ اُن جي صورتحال ڪهڙي رهي. گربخشاڻي، شاهوائي، مولانا قاسمي وغيره ڪهڙي ترتيب اختيار ڪئي. ڊاڪٽر صاحب رسالي جي ترتيب کي شايع ڪري شاه جي ڪلام جي معياري ترتيب ڏانهن هڪ قدم کنيو.

د:- ان بعد سنڌي موسيقي جي تاريخ لکي شاه جي راڳ جي خوبين، معيار ۽ ان جي ڳائڻ جي ٽاڻن، طنبور جي ماهيت، ان جي تارن جي نوعيت سرڪار لطيف پاران هڪ تار جي واڌاري جي اهميت ۽ اصليت کي واضع ڪيو.

بنيادي طور تي اهي ڏاڪا اهڙا هئا جن لاءِ علمي ۽ عوامي حلقن جي ذهني تربيت، رد عمل، ڪين ان باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ غالباً ضروري هو. ته جيئن خبر پوي ته اسان جي علمي حلقن ۽ عام ماڻهوءَ وٽ لطيف شناسي جي سلسلي ۾ ڪيتري ۽ ڪهڙي ڄاڻ آهي. يا انهن وٽ انهن پيش ڪيل حقيقتن ۽ نڪتن کان اڳتي به ڪا ڳالهه آهي. جنهن کي اسان بيان ڪري نه سگهيا آهيون. غور ڪبو ته ڊاڪٽر صاحب جي رسالي جي تحقيق ۽ شرح جي سلسلي ۾ اها وڏي پيش بندي محسوس ٿئي ٿي جنهن کي پاڻ اختيار ڪيائون. سندن انهيءَ علمي ۽ تحقيقي پيشڪش جي مقابلي ۾ اجا تائين ٻي ڪا رٿ ادبي دنيا ۾ نه آئي آهي. جيڪا فڪر جي ڦرهي جي انهيءَ فرق کي ظاهر ڪري.

## مقدمي جي اهميت:

ڊاڪٽر بلوچ صاحب نهايت خاموشي سان هن پيار جي پورهئي ۾ سالن جا سال مصروف رهيا. رسالي جي

بيتن جي شرح کان اڳ ۾ شاه رح جي سوانح وڌيڪ تحقيق طلب هئي، جنهن ۾ لطيف جي زندگي جي سڀني رخن کي سامهون آندو ويو آهي ته جيئن شاه جي فڪري ۽ معنوي حيثيت کي واضح طور تي سمجهڻ ۾ علمي ۽ عوامي حلقن کي آساني ٿئي. ان لاءِ رسالي جي تحقيق ۽ شرح واري پهرئين جلد ۾ ٢٣٦ صفحن جو هڪ طويل مقدمو لکي انهن سڀني نڪتن تي عالمانه روشني وڌي وئي آهي. مقدمي کي هيٺين بابن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي.

**باب پهريون:- سوانح**

هن ۾ شاه جي سوانح، خاندان، اوائلي زندگي، تربيت، سير و سفر، سندن صوفيانه مسلڪ ۽ مشرب، سماجي تعلقات، راڳداري، ان وقت جون ثقافتي ۽ تاريخي حالاتون وغيره تي سير حاصل روشني وڌل آهي.

**باب ٻيو:-** شاه جي رسالي جي اصليت ۽ حقيقت کي قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ قلمي نسخن ۽ ڇاپيل رسالن جي سڃاڻپ تي بحث ٿيل آهي.

**باب ٽيون:-** رسالي جي تدوين ۽ تاريخ تي مشتمل آهي.

**باب چوٿون:-** رسالي جي ترتيب متعلق آهي.

**باب پنجون:-** هن ۾ شاه جي ڪلام جي پرک جا معيار ڏنل آهن، جن جي آڌار تي شاه جي ڪلام کي پاڻ پرکيو اٿن ۽ اڳتي لاءِ به پرک ۾ انهن کي ڪم آڻي سگهجي ٿو.

**باب ڇهون:-** هن باب ۾ رسالي جي جامع متن لاءِ صورتخطي تي بحث ٿيل آهي.

مقدمي جي هر باب ۾ بيان ڪيل حقيقتن تي عالمائي طريقي سان روشني وڌل آهي. جنهن ۾ ڪوشش ڪري هر امڪاني نڪتي کي به نظر انداز نه ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ علمي، تاريخي ۽ روايتي شاهدين کي هر باب جي مناسبت سان گڏ ڪري پيش ڪيو ويو آهي ته جيئن علمي حلقن ۽ عام پڙهندڙ کي انهن جي پوري حقيقت ۽ حيثيت معلوم ٿي سگهي. مقدمي ۾ ڊگهي بحث جي بجاءِ تحرير جو مدار حقيقتن تي رکيو ويو آهي. جيڪو پڙهندڙ ۽ معترضين کي غور ۽ فڪر جو دعوت ڏيندي نظر اچي ٿو. ان لاءِ علمي حلقن وٽ ان کان وڌيڪ ڪابي ڳالهه، سَند يا جامع روايت آهي ته ان کي ان سلسلي ۾ سامهون آڻڻ ضروري آهي.

سندن اهو مقدمو علمي طور تي جامع ۽ گهڻ پاسائين حيثيت رکندڙ آهي. جنهن ۾ جيڪو وکر ونڊيل آهي. اهو اختلاف راءِ جي باوجود رسالي جي تحقيق ۽ شرح کي سمجهڻ ۾ پنهنجي انفرادي حيثيت رکندڙ آهي. جنهن کي تحسين ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

**"تحقيقي جلد"**

هن وقت تائين رسالي جي تحقيق ۽ شرح جا چار جلد "شاه عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز" ۽ علامه آءِ آءِ قاضي رسالو تحقيقي رٽا ۽ اشاعت جي تعاون سان هيٺين ريت اچي چڪا آهن.

رسالي جي تحقيق ۽ شرح جو پهريون جلد لطيف جي سوانح، فڪري روين، سير و سفر، راڳداري وغيره ۽ "سرڪلياڻ" ۽ "يمن ڪلياڻ" جي شرح سان ١٩٨٩ع ۾ منظر عام تي آيو. ٻيو جلد ڪنيات، بروو، سري راڳ ۽ سامونڊي سُرن جي معنيٰ ۽ شرح سان ١٩٩٢ع ۾ ظاهر ٿيو. ٽيون جلد گهاتو، ڪاهوڙي، ڪاپائتي، بلاول، پرڀاتي، ڪارايل ۽ ڏهر جي شرح سان علمي حلقن ۾ ١٩٩٤ع ۾ روشناس ٿيو. پهرئين، ٻئي ۽ ٽئين جلد بعد وري "ڇهون جلد" رپ، پورب، ڪلياڻ ۽ آسا جي سرن جي شرح سان ١٩٩٦ع ۾ طباعت جي حسن سان سينگارجي شايع ٿيو آهي. پهريان ٽي جلد "شاه عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز" وارن شايع ڪيا ۽ پويون جلد (نمبر -٤ ) تازو علامه آءِ.آءِ. قاضي تحقيقي رٽا ۽ اشاعت، سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس پڌرو ڪيو آهي.

هن وقت تائين شاه جي ڪلام جا سترهن سُر شرح ۽ معياري متن سان اچي چڪا آهن، ڊاڪٽر صاحب جن جو

اهو پيار جو پورهيو ٽيهن سالن جي اڻٿڪ محنت جونتيجو آهي.

**"تحقيق ۽ شرح جا سلسلا" :**

شاه جي رسالي جي تحقيق ۽ شرح جي حوالي سان هن وقت اهل سنڌ وٽ دنيا جي هن مهان شاعر جي ڪلام جي شرح جا ٻه سلسلا موجود آهن.

١. ڊاڪٽر گربخشاڻي جو رسالي جي تحقيق ۽ شرح وارو سلسلو.

٢. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي شاه جي رسالي جي تحقيق ۽ شرح وارو سلسلو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي جي شرح وارو سلسلو به نامڪمل آهي ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي شرح وارو سلسلو به اجا پورو نه ٿيو آهي. گربخشاڻي جي شرح ۾ سُر رپ، پورب، آسا، ڪلياڻ ۽ گهاتو نه آهن. ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي شرح ۽ تحقيق ۾ سسئي جا پنج سر، ليلان چنيسر، مومل راڻو. ڪاموڏ، سورٺ ۽ مارئي رهيل آهن. شرح جي انفرادي سلسلن کي ڇڏي اسان يڪي نظر سان ڏسنداسون ته ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪيل شرح ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي ڪيل شرح سان اسان وٽ شاه جي رسالي جي اڪثر سرن جي شرح اچي وڃي ٿي. جيڪا گربخشاڻي ۽ بلوچ صاحب جي علمي پورهئي جو ڦل آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جنهن تندهي ۽ جاکوڙ سان رسالي جي تحقيق ۽ شرح جي ڪم کي سر انجام ڏيئي رهيا آهن، ان لاءِ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته پاڻ رسالي جي تحقيق ۽ شرح واري سلسلي کي جلد کان جلد ختم ڪرڻ جا خواهشمند آهن. وڌيڪ سڀ ڳالهه رب جي اختيار ۾ آهي رب العلمين کين حياتي بخشي جو پنهنجي هن شروع ڪيل علمي ۽ تحقيقي ڪم کي پنهنجي حياتي ۾ پورو ڪن. جيڪا آئون سمجهان ٿو ته علمي ۽ تحقيقي طور تي نهايت وڏي ڳالهه ٿيندي. مون هت رسالي جي تحقيق ۽ شرح جي حقائق کي ان ڪري بيان ڪيو آهي ته اسان جي اهل علم ۽ عوامي حلقن آڏو هن ڪم جي سڄي وچور جو صورتحال سامهون اچي. اسان جا ڪي دانشور دوست چوندا آهن ته رسالي جي شرح ڪو اهڙو وڏو مسئلو نه آهي. پلا جيڪڏهن رسالي جي تحقيق ۽ شرح ايڏو وڏو مسئلو نه آهي ته پوءِ انهي سلسلي ۾ هنن پاڻ ڪهڙا گل موکيا آهن ۽ ڪهڙو ڪارج سڌ ڪيو آهي. زباني چوڻ بلڪل سولو آهي. پر ان تي عملي صورت ڪم ڪرڻ بي ڳالهه آهي. درياءَ جي ڪناري تي بيهي چوڻ ته هي پاڻي آهي پيو چا آهي، پر جڏهن ان ۾ لهبو ته تانگهي، تار ۽ تک جي خبر پوندي آهي.

شاه جو ڪلام صوري ۽ معنوي لحاظ کان نهايت وڏي پد وارو آهي. تحقيق ۽ ان جي شرح جو مسئلو ته پري ۾ رسالي جي بيتن جو تعداد انهن جي صحيح صورت ۽ پڙهڻي سرن جو انداز ۽ شاه جي سوانح، ان دؤر جا تاريخي حالات، ثقافتي رويہ وغيره پنهنجي جاءِ تي اهل علم لاءِ هڪ وڏو مسئلو رهيا آهن. انهن سڀني نڪتن کي شرح کان اڳ نچوڙي نروار ڪرڻ، مختلف روايتن ۽ سوانح نگارن جي بيان ڪيل ڳالهين کي صحيح صورت ڏيڻ لاءِ علمي ۽ تحقيقي اصول قائم ڪري، سڄي مواد کي چندي چاڻي پيش ڪرڻ، پنهنجي جاءِ تي خود هڪ وڏو تاريخي ۽ تحقيق طلب ڪم هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جنهن عرق ريزي ۽ علمي بصيرت سان اهو ڪم سر انجام ڏنو، اهو هڪ تاريخي ڪارنامو آهي. لطيف جي سوانح جي سلسلي ۾ شروع کان وٺي ڪيترا اختلافي نڪتا رهيا آهن. اهي سانگي وٽ به آهن، قليچ وٽ به آهن، گربخشاڻي وٽ به آهن، علامه دائود پوٽي ۽ مولانا دين محمد وفائي وٽ به آهن. آئون بين سڀني ڳالهين کي ڇڏي ڪري هڪ نڪتي جو ذڪر ڪندس. اهو آهي "شاه سائين جي پڙهيل يا اڻ پڙهيل هئڻ جو" . جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب رسالي جي مقدمي ۾ شاه سائين جي پڙهيل هئڻ لاءِ برجستا دليل ڏيئي جيڪو نتيجو اخذ ڪيو آهي ته "شاه سائين جيتوڻيڪ عالم نه هئا پر علمي طور تي وڏي سُڌ ٻُڌ رکندڙ هئا. "ڊاڪٽر صاحب جن جي تحقيق ۽

راءِ انهن سڀني خدشن ۽ خيالن کي دور ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي هن کان اڳ شاه سائين جي ڪن سوانح نگارن آڏو هئا يا علمي حلقن ۾ انهن کي ثقه سمجهيو ٿي ويو يا ڪي حلقا تردد جو شڪار هئا. اهڙي ريت لطيف جي سوانح جي سلسلي ۾ ڪن فرضي ڳالهين ۽ اختلافي مسئلن کي ڊاڪٽر صاحب نهايت سهڻي انداز ۾ تحقيقي طور تي نبيريو آهي، ۽ علمي حلقن ۾ شاه جي سوانح تحقيقي انداز سان آئي آهي. جيڪڏهن ڪن حلقن ۾ اجا به ڪو آچار ويچار آهي، ته ڪين انهن نڪتن کي علمي انداز سان پيش ڪرڻ گهرجي. تحقيق جو ميدان وسيع آهي، ڪوبه فرد ان ۾ حرف آخر نه آهي. پر جڏهن حقيقتون ڪر ڪٽي بيهن ٿيون تڏهن اهي پنهنجي وجود کي منطقي طور تي مڃائڻ جو پنهنجو دليل پاڻ هونديون آهن.

**"متن جي تصحيح"**

ان کان پوءِ ٻيو نڪتو آهي. رسالي جي بيتن جي تصحيح، انهن جي تعداد ۽ وجود جو لطيف کان هئڻ. اسان وٽ هن ڳالهه تي پختو يقين ڪيو وڃي ٿو ته لطيف پنهنجو ڪلام پنهنجي هٿن سان ڪراڙ ڍنڍ جي حوالي ڪرائي ڇڏيو. لطيف سائين جو اهو عمل ڪيتري قدر قرين قياس آهي. نهايت توجه طلب مسئلو آهي. جنهن کي ڊاڪٽر صاحب علمي نموني سان نبيريو آهي. ان هڪڙي نڪتي کي جواز بڻائي ڳڍ ٻڌڻ ته لطيف جو ڪلام جيڪو هن وقت رسالي جي صورت ۾ آهي. ان کان ڪيئي حصا وڌيڪ لطيف جو ڪلام هو. ان لاءِ ڪڇ يا سنڌ جي هيٺين حصي يا ٻين هنڌان بيت گڏ ڪري شاه جو ڪلام قرار ڏيڻ ڪيتري قدر صحيح آهي. ان لاءِ اسان جي عالمن ۽ ڏاهن لاءِ سوچڻ ضروري آهي. گنج ۾ ڪلام جو جيڪو ذخيرو آهي، اهو سڀني نسخن جي ڀيٽ ۾ غالباً وڌيڪ آهي. ٻيو ته جڏهن به اسان وٽ انهي صورتحال سان ڪو ڪلام آيو آهي ته ان ۾ ٽن حصن کان وڌيڪ گنج وارا بيت ٿي آهن. ۽ باقي شاذو نادر نوان بيت نظر اچن ٿا. تن لاءِ پڻ لطيف جا بيت هئڻ جا ڪي اصول مقرر هئڻ گهرجن، جن جي آڌار تي پرک ۽ ڀيٽ بعد راءِ ڏني وڃي. پر اسان وٽ ائين نه ٿيو آهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو هر تحقيقي شيءِ کي ان قسم جي سوچ رکندڙ صاحب نامڪمل تصور ڪن ٿا. جڏهن انهن کان اهو سوال ڪيو وڃي ٿو ته لطيف جي ڪلام جي پرک لاءِ ڪهڙا معيار هئڻ گهرجن.؟ ته ان جو وٽن ڪو مصدقه جواب نه هوندو آهي. صرف اهو چوڻ ته جن بيتن ۾ لطيف جو نالو آهي سي هن سلسلي جي بيتن جون ڪڙيون آهن. اهو چوڻ نه علمي حقائق وٽان آهي نه وري تحقيق جي اصولن وٽان آهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي به رسالي جي متن جي تحقيق ۽ شرح لاءِ ڪي اصول مقرر ڪيا، جن جي بنياد تي هن چند چاڻ ڪئي. ساڳئي ريت ڊاڪٽر بلوچ پڻ ڪي علمي اصول مقرر ڪري پوءِ تحقيق ۽ شرح جو فرض سر انجام ڏنو آهي. يقين آهي ته هن ڪم ۾ گربخشاڻي جا اصول به سندن نظر ۾ رهيا هوندا. ۽ پاڻ ادبي دنيا جي علماءَ متقدمين جي اصولن کي به نظر ۾ رکيو هوندائون. ڊاڪٽر بلوچ شرح وارن سرن جي متن ۾ جيڪي بيت ڏنا آهن. انهن تي غور ڪنداسون ته سندن ڪلام جي پيشڪش ۾ گربخشاڻي جي پيش ڪيل ڪلام کان ڪيترا بيت واڌو نظر ايندا. ٻيو ته هڪ سُر جا بيت جيڪي ٻئي سر ۾ هئا انهن کي اتان ڪٽي ساڳي سُر ۾ سموهيو ويو آهي. جيڪا هڪ نئين ۽ اهم ڳالهه آهي ته جيئن سرن جي بيتن ۾ جيڪو اختلاط جو سلسلو آهي ان کي صاف ڪجي. ۽ جيڪو بيت جنهن سُر جو آهي اهو پنهنجي سُر سان سلهاڙيل رهي. جيئن معنيٰ ۽ مقصد ۾ واضح صورت بيهي.

ڊاڪٽر صاحب ٻيو جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو آهي شاه جي ڪلام ۾ ٻين جن به همعصر يا متقدمين شاعرن جو ڪلام آهي. ان کي الڳ ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ رسالي جي پرک وارن اصولن کي ڪم آندو ويو. اهڙي قسم جي ڪلام وارن ڪن بيتن ۾ يا ته انهن شاعرن جا نالا هئا. يا انهن جي ڪلام کي انهن جي رسالن سان ڀيٽ ڪري الڳ

ڪيو ويو. جيئن ميئين عيسيٰ جا بيت، عبداللطيف ڪيسر جا بيت. شاه عنايت، قاضي قادن يا ميئين ڪريم جا بيت، اهڙي ريت انهي قسم جي بيتن جو چڱو خاصو تعداد شاه جي ڪلام ۾ هو. اهڙي قسم جي ڪلام ڪي جدا هڪ جلد جي صورت ڏني ويئي آهي.

## "رسالي کان ٻاهر ڪلام جو مسئلو":

لطيف جي ڪلام جو رسالي جي ڪلام کان ٻاهر هئڻ وارو معاملو علمي ۽ ادبي حلقن ۾ توڙي عوامي حلقن ۾ شدت سان بيان ڪيو وڃي ٿو ۽ ان لاءِ آڳريون اپيون ڪيون وڃن ٿيون، مختلف خيال ۽ رايا پيش ڪيا وڃن ٿا. اهڙي قسم جي ڪلام ڪي جيڪي حلقا لطيف جو ڪلام قرار ڏين ٿا. انهن کي به ڪلام جي پرک لاءِ ڪي اصول ڪم آڻڻا پوندا، جن تي انهي ڪلام جي پرک ڪجي. جنهن ۾ موضوع، هئيت يا فارم، ردم، حسن محتيٰ ۽ حسن صورت، ڪلام جو اعجاز، ٻوليءَ جي نحوي ۽ صرفي بناوت، تحريري يا روايتي شهادت وغيره کي خيال ۾ رکڻو پوندو ۽ رکيو ويو هوندو جيڪي تحقيقي ۽ علمي طور تي ضروري آهن.

لطيف جي نالي ۾ اسان وٽ بيتن جي گهاڙيتي جا ٽڪسال موجود رهيا آهن. جيئن وضعي حديثن لاءِ ڪوفه ۽ بغداد ۾ موجود هئا. حديثن جو تعداد ايترو وڌي ويو ۽ وڌي رهيو هو جو المئہ حديث کي ان لاءِ فن اصول حديث وضع ڪرڻو پيو. جنهن ۾ فن 'اسماءِ الرجال' وجود ورتو. ۽ روايت با معنيٰ ۽ روايت متواتر لاءِ به اصول مقرر ڪرڻا پيا ۽ روايت لاءِ درايت جو طريقو اختيار ڪرڻو پيو ۽ حديث جي ثقه هئڻ لاءِ ان کي ان مان گذارڻو پيو. ان حد تائين جو راوين جي ثقه هئڻ لاءِ طريقه ڪار اختيار ڪيو ويو. اسان کي به لطيف جي ڪلام لاءِ اهڙي قسم جو طريقو اختيار ڪرڻو پوندو، جيڪو لطيف جي ڪلام جي ثقه ۽ مصدقه صورت کي ظاهر ڪري. ڇاڪاڻ ته لطيف جي نالي ۾ اڳئين وقت کان وٺي ڪيترن بين ڪلام چيو آهي، جيڪو انهن ٽڪسالن جي پيداوار آهي.

ڪچهري جو ڪيرت سنڌ جي زندگي جو هڪ اهم ۽ قديم رويو رهيو آهي. جيڪو هزارها سالن کان هلندو پيو اچي. ڪچهرين جي انهي سلسلي جو جتي زندگي جي ٻين معمولات تي اثر رهيو، اتي شاعري يا ائين چئجي ته انهيءَ وجداني ڪيفيت جي پرورش به انهن ڪچهرين ۾ قدري ٿي آهي، جتي مقبول ۽ معروف شاعرن جي ڪلام، انهن جي نصيحت وارن نڪتن جي اثر پذيري سبب انهن جا حلقا پيدا ٿيا ۽ انهن جي شعرن ۽ نڪتن کي ياد ڪندڙ ۽ سانڍيندڙ ماڻهو وجود ۾ آيا. انهي روش اهڙي قسم جي حلقن ۾ ويهندڙ، ٻڌندڙ ۽ دلچسپي رکندڙ فردن ۾ پڻ هڪ قسم جو ذوق ۽ تجسس پيدا ڪيو، جنهن جي بنياد تي انهن ماڻهن انهن نڪتن ۽ شعرن جي پيران پنهنجا شعر ۽ بيت پڻ چيا. ائين انهن جو به هڪ حلقو پيدا ٿيندو ويو. ۽ هڪ ٻئي جي خيالن جي پرک لاءِ عظيم شاعرن جي فڪري نڪتن جي اوٽ ۾ به اسان جي انهي قسم جي ماڻهن بيت چيا ۽ پنهنجي بيتن جي مقبوليت لاءِ ڪن بيتن ۾ پنهنجو نالو به استعمال ڪيو ۽ ڪن وري ناميارن شاعرن جي نالي جي اوٽ ورتي ته ڪن پنهنجي نالي کي خيرباد ڪيو ۽ پنهنجن انهن بيتن کي ڪچهرين ۾ عظيم شاعرن جي ڪلام سان گڏيندا ويا. انهي سلسلي ۾ شاه جي ڪلام جي حافظن وڏو ڪم ڪيو آهي. هڪ ته انهن کي لطيف جو ڪلام تمام گهڻو ياد هوندو هو، ٻيو وٽن ڪلام جي پرک لاءِ ڪو مصدقه معيار موجود نه هو ۽ روايت تي دَرايت جي عمل کان وانجهيل هئا. ڪچهري يا مجلسن ۾ جڏهن بيت پڙهڻ جو سلسلو هلندو هو ته ان ۾ هڪ ٻئي کي مات ڏيڻ لاءِ ڪلام جي پيش ڪرڻ ۾ لطيف جا توڙي ٻين جا بيت چئي ويندا هئا ۽ محفل ۾ انهي سڄي ڪلام کي لطيف جو ڪلام تصور ڪيو ويندو هو. ۽ ٻڌندڙ لاءِ اهو سڄو سرمايو لطيفي لاٽ جو هوندو هو. اهڙي ريت اهي بيت زبان زد ۽ عام ٿيندا ويا ۽ ماڻهن جي سينن ۾ محفوظ رهيا ۽ پيڙهي کان ٻئي پيڙهي هلندا آيا. ان مان ڪي وسري ويا ته ٻيا نوان ميدان تي ايندا ويا. اهو سلسلو نه صرف اڳ هو پر هن وقت به جاري آهي.

جمع ۾ منجهن معنيٰ ونجي تہ اها بہ صحيح ٺيندي ۾ پوءِ ٻين لاڳيتن بيتن ۾ گهڻن منجهن بدران هڪ منجهہ جو ذڪر آهي.

*** لفظي معنيٰ**

(۱) وحده = الله پاڻ واحد آهي- وحده وائي ڪري= الله وحده چئي - پڙهندي = اڏامڻ ۾ مٺي چڙهندي

(۲) لڙ= لڙيل پاڻي، ميري گندي پاڻي جو تلاءُ - لنگهيائين = مٺيائين (رات لٺو ڪونہ ۾ مَٺي ويو).
پارڪ = پرڪا - پکيان = پکين جي.

رسالي جي متن جي جاچ ۽ تصحيح لاءِ جن ڳالهين ۽ اصولن کي مدنظر رکيو ويو آهي. اهي قابل غور آهن. جنهن ۾ شاهہ جي رسالن جي مختلف نسخن جي قدامت، انهن ۾ ڪلام جي بيهڪ، سٽاءُ ۽ پڙهڻي جي صورت، ٻوليءَ جو لهجو وغيره. سڀ ڪان پهرئين گنج آهي ان ۾ اهو بيت ڪيئن آهي. ان بعد ٻين آڳاٽن قلمي نسخن ۾ ترتيبوار بيت جي صورت ڪهڙي آهي. هر بيت جي صحت جي تصديق لاءِ (۴۷) يا (۴۸) قلمي نسخا، بمبئي ڇاپي وارا (۸) رسالا، ارنسيٽ ٽرمپ وارو نسخو ۱۹۰۰ع عيسوي وارو شاهہ جي رسالي جو سرڪاري ڇاپو، ميرزا قليچ بيگ واري رسالي جو ۱۹۱۳ع وارو ڇاپو ۽ شاهہ جي ڪلام جي راڳاين جي روايت کي متن جي پيٽا لاءِ ڪم آندو ويو آهي. انهيءَ سڄي ڳالهہ ۾ لفظن جي صحت، بيت ۾ لفظ جي معنوي حيثيت ۽ گرامر جي اصولن جي پوئواري ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ زمان، حال، ماضي، مستقبل، مضارع، اسم تصغير ، صفاتي ۽ فعلي صورتن تي ڌيان ڏنل آهي، ۽ ان لفظ جي معنوي صورت کي نظرانداز نہ ڪيو ويو آهي. ان بعد جتي بہ ڪين سقم نظر آيو آهي. ان کي واضع ڪيو اٿن. ۽ مختلف پڙهڻين جي پيٽا سان بيت جي پڙهڻي کي واضع ڪيو اٿن ۽ مٿي ڄاڻايل رسالن جي تعداد کي ڪم آندو اٿن جيڪي (۱۲۰٦ هجري) کان وٺي (۱۳۴۰ هجري) تائين ۽ (۱۸٦٦ع ) کان وٺي (۱۹۱۳ع) جي دورن جا آهن. جن جي قدامت مسلمہ ۽ مصدقہ آهي. هر بيت کي انهيءَ مان گذاري پوءِ متن ۾ ڏنو ويو آهي.

غور ڪبو تہ اهو نهايت اوکو ۽ وڏي سوچ وارو تحقيقي عمل آهي. هر ماڻهوءَ جي حوصلي جي جاءِ نہ آهي. ان لاءِ هڪ بيت جي پيٽا لاءِ رڳو وقت جو اندازو ڪجي ٿو تہ ڪيترو وقت صرف ٿيو هوندو. اهڙي ريت رسالي جي سيني سرن جي بيتن کي انهيءَ انداز سان پرکڻ ۽ پيش ڪرڻ نهايت وڏي ڳالهہ آهي. مون اڳ ۾ بہ عرض ڪيو تہ پاڻي ۾ لهڻ کان پوءِ ئي خبر پوندي آهي تہ ڪيترو اونهو آهيءَ تکي تار ڪيتري اٿس. پير ڪپن ٿا يا نہ، اسان مان ڪو چوي تہ ڊاڪٽر صاحب بيت ڪيڏي ڇڏيو آهي. يا هن جون هي سٿون ڇو ڪيون آهن. ان لاءِ اسان کي مٿئين صورتحال مان گذري پوءِ فيصلو ڪرڻ گهرجي. تہ آيا سندن اهو قدم صحيح آهي يا غلط، جيڪڏهن تحقيقي اصولن مطابق سندن پورهيو صحيح آهي تہ پوءِ اسان کي انهيءَ کي قبول ڪرڻ گهرجي. يا تحقيق جي سلسلي ۾ انهيءَ کان وڌيڪ ٻيا ڪي ڪارگر ۽ بهتر اصول آهن تہ اهي اسان کي پيش ڪرڻ گهرجن، جن تي انهن اختلافي بيتن يا بيتن جي پڙهڻين جي پرک ڪري صاحب تحقيق آڏو رکڻ / آڻڻ گهرجن تہ ڳالهہ اصل ۾ هيئن نهندي. جيڪو عمل ادبيءَ تحقيقي صداقت لاءِ ضروري آهي. انهيءَ ساري مامري ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي تحقيقي عمل کي ڪٿي بہ مڙهيندي نظر نٿا اچن. پر ان جو فيصلو قاري تي ڇڏين ٿا تہ هو انهيءَ پيٽا بعد خود اندازو ڪري تہ علمي ۽ عملي طور تي جو ڪجهہ پيش ڪيو ويو آهي، ان ۾ ڪيتري صداقت آهي. تحقيق جا اهي اصول ڊاڪٽر صاحب جا خود ساختہ نہ آهن پر اهي علمي ۽ فڪري طور تي مڃيل تحقيقي اصول آهن. جن کي دنيا جي هر ٻوليءَ جي ادبي تحقيق ۾ ڪم آندو وڃي ٿو.

شاهہ جي ڪلام جي جاچ لاءِ ان جي صوري ۽ معنوي حيثيت جي اوجر لاءِ ڪي اصول ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب وضع ڪيا. ڪي ڊاڪٽر گربخشاڻي ترتيب ڏنا، ڪي علامہ آءِ. آءِ قاضي صاحب جوڙيا. انهن صاحبن بہ عالمي ادب جي مڃيل اصولن کي نظر ۾ رکيو ۽ انهيءَ جي روشني ۾ پنهنجي پرک لاءِ قاعدا جوڙيا. ڊاڪٽر بلوچ جي اصولن تي نظر

چڙيا آهن. اهو سطحي عمل آهي. اسان مان جن عالمن، دانشورن، رسالي جي حافظن يا ڪلام جي ڳولها ڪندڙ ۽ ڄاڻن کي ڪٿي ڪوبہ اختلاف آهي تہ ان کي اسان کي علمي صورت ۾ پيش ڪرڻ گهرجي.دليل جواب دليل هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ لطيف جو ڪلام ڪا معمولي ڳالهہ ڪانہ آهي. ۽ لطيف هڪ اتهاس جو نمائنده شاعر آهي. هو زندگي جو شاعر آهي. فڪر ۽ فهم جو شارح شاعر آهي. هو ٻوليءَجو راکو ۽ ان جي وجود جو ضامن شاعر آهي. هن جي عظمت ۽ معانتا دنيا ۾ مڃتاهين آهي. هو قومي وجود جي بقا جو ضامن شاعر آهي. اسان مان هر ڪنهن کي پنهنجي نقطهء نظر پيش ڪرڻ جو يقيناً حق آهي. ليڪن ان حق جي حقيقت لاءِ اسان کي حقائق جي وڏي ضرورت آهي. جيڪي اسان کي مضبوط دليلن سان تلاش ڪري انهي سلسلي ۾ پيش ڪرڻ گهرجن تڏهن اسان پنهنجي نقطهء نظر کي ڪماحقهُ واضح ڪري سگهنداسين.

رسالي جي شرح ۾ ڪي بيت جيئن جو تيئن ڏنا ويا آهن. ان لاءِ ڪو ڇوي تہ اتي انهي اصول کي روا نہ رکيو ويو آهي ڇا؟ ان لاءِ عرض ڪندس تہ ائين نہ آهي. شاه جي رسالي جي هر بيت کي انهيءَ عمل مان گذاريو ويو آهي. جنهن بہ بيت جي صورت سڀني نسخن ۾ ساڳي آهي ان کي انهيءَ صورت ۾ رهڻ ڏنو ويو آهي. ۽ جن بيتن جي صورت ۽ سٽاءُ ۾ نسخن جي پيٽا ۾ گهٽ وڌائي آهي. انهي جون اهي مختلف پڙهڻيون جون صورتون ڏنيون ويون آهن، جنهن ۾ ڪثرت راءِ واري صورت کي ترجيح ڏني ويئي آهي. اسان ڏسنداسون تہ اهڙن بيتن جو تعداد بہ تمام گهٽو آهي، شاهہ جو هر بيون ۽ ٽيون بيت يا بيت جي هر ٻي يا ٽين سٽ انهي عمل مان گذري آهي. ڊاڪٽر صاحب انهن سڀني صورتن کي نروار ڪري ان بعد ئي بيت جي صحيح صورت ڏانهن قدم وڌايو آهي.

"ڏکين لفظن جي معنيٰ"

شرح ۾ بيت جي صحيح صورت حاصل ڪري ڏيڻ بعد ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏني ويئي آهي. جنهن کي لغت جي اصولن مطابق بيان ڪيو ويوآهي. ڪن لفظن جا مصدر انهن جون فعلي صورتون پڻ ڏنيون ويون آهن. لفظن جي معنيٰ بيت جي مطلب کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏيندڙ آهي.

"شرح"

شرح ۾ هر سُر جي مقصد ۽ مفهوم کي علمي ۽ فڪري طور تي نهايت اعليٰ نموني سان بيان ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ انهي سُر جي ڪلام جي ماهيت ۽ حقيقت ۽ سمايل راز جي پڻ اپٽار ڪئي ويئي آهي. تہ سُر جو اصل فلسفو ۽ فڪر ڪهڙو آهي. ماڻهوءَ لاءِ روحاني توڙي سماجي طور تي ان ۾ ڪهڙي سبق سمايل آهي.

شرح ۾ داستان وار بيتن جي مفهوم کي بيان ڪيو ويو آهي. ۽ ان لاءِ سمجهاڻي ڏني ويئي آهي، تہ جيئن سماجي طور تي توڙي فڪري ۽ معنوي لحاظ کان پڙهندڙ کي انهي مذڪور ۽ ماهيت جي پروڙ پوي. شرح جي انهي سڄي عمل کي نهايت سليس ۽ عام فهم انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي، ۽ ڪنهن بہ اونهائي يا ابهام کان گريز ڪيل آهي، تہ جيئن هر عام توڙي خاص پڙهندڙ کي ڪا مونجهہ يا اٽڪ نہ ٿئي ۽ هن تي ڪلام جو اصل مقصد واضح ٿئي، ڇاڪاڻ تہ هي شرح ڪا هڪ خاص مڪتبہ فڪر وارن لاءِ نہ آهي پر پاڻ مجموعي طور تي هن کي هر واسي بنائڻ جو فرض سرانجام ڏنو اٿن.

شرح ۽ معنيٰ جو اهو طريقہ ڪار اختلاف راءِ کي وجود نہ ڏيڻ طرف هڪ اهم قدم آهي، ۽ هڪ عالم جي شايانِ شان عمل آهي، ۽ لطيف جي ڪلام جي عظمت جي تقاضا بہ اهائي آهي، تہ ان کي آسان کان آسان ڪري بيان ڪيو وڃي. شرح ۾ ڪٿي بہ ڪي منطقي ڪليہ يا قضابہ جا اصول قائم نہ ڪيا ويا آهن ۽ نہ وري پنهنجي طرفان ڪن نڪتن کي قاري تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. هر بيت جي معنيٰ ۽ مفهوم کي بيت جي نثري انداز ۾ نهايت

سهڻي ۽ دلنشين پيرايہ ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ شاعر ڪهڙو پيغام ڏيڻ ٿو گهري ۽ هن وٽ انسان جي فڪري ۽ روحاني، مادي ۽ سماجي تربيت لاءِ ڪهڙو پيغام آهي. هو ماڻهوءَ جي اندر ۾ جهاتي پائڻ ٿو گهري تہ ڇو؟ هو نجي روحاني تڙپ کي معلوم ڪرڻ گهري ٿو تہ ڇو؟ هو ان جي عشق، محبت، فراق ۽ وڇوڙي جو احساس ڪرڻ گهري ٿو تہ ڇو؟ هو زندگي جي اندرين توڙي ٻاهرين رخن جو اڀياس ڪرڻ گهري ٿو تہ ڇو؟ شاعر آڏو انسان جي سيني زوين جي مطالعي جي سونجهہ ۽ لوچ هئي جنهن کي هن سماج جي، زندگي جي، سيني روين جي انساني فطرت جي مڙني لوازمات کي معلوم ڪرڻ پئي گهريو، جنهن لاءِ هن زندگي جي اٿاه ساگر ۾ پاڻ کي اڇلي ڇڏيو، هو بہ هڪ سماجي انسان هو، هو بہ هن ڌرتي جو ڄائو هو، هن جو بہ هڪ فڪري ۽ روحاني مقام هو. هن وٽ بہ بصارت ۽ بصيرت هئي، عقلي صلاحيت ۽ عرفان جي صالحيت هئي. ادارڪ ۽ شعور جا وجدان ۽ وهبيت جا دنگ پريل هئا. هو بہ سڪ جي سرڪ جو، عشق جي آب حيات جو متلاشي هو، انهن سيني روين جي بنياد تي هن سماج جو، انسان جو، ان جي فڪري ۽ قلبي حرڪات جو مطالعو ڪيو. انهي اڀياس هن ۾ وسيع النظري پيدا ڪئي. هن پنهنجي وجود کي فطرت جي وجود سان همڪنار ڪري ڇڏيو ۽ فطرت جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي انهيءَ اعليٰ مقام تان انهن سيني محرڪات جو مطالعو ڪيو ۽ عشق جي ازلي آڙاه ۾ پاڻ پچائي پختو ڪري انهي آواز جي صورت سان پنهنجي بيتن کي بيان ڪيو. جيڪي الاهي آيتن جي حيثيت سان ٿي پيا.

اهڙي ڪلام جي شرح لاءِ شارح جيڪو طريقو اختيار ڪيو، ان ۾ هن بحث و تمحيص کي منطق ۽ دليل کي ڪليہ ۽ قضايہ کي دخل ڏيڻ انهي ڪري بهتر نہ ڄاتو، ڇا ڪاڻ تہ انهي قسم جي شرح جي صورتحال ڪلام جي حسن ۽ حسن معنيٰ کي ان جي تلميح ۽ اشارياتي ڪيفيت کي ايمائيت ۽ اعجاز کي نہ صرف مجروح ڪندي پر شاعر جي انهي آفاقي آواز جي پيشڪش کي متاثر ڪندي. ان لاءِ اهوئي بهتر هو تہ معنيٰ ۽ مفهوم کي نهايت سادي ۽ سلوڻي انداز ۾ لطيف جو بيان لطيفي زبان ۾ اوريو وڃي.

شرح ۽ تفسير جي عمل کي ذهن ۾ رکڻ نهايت ضروري آهي. شرح صرف مقصد ۽ ان جي مجموعي وضاحت جي متقاضي هوندي آهي. جڏهن تہ تفسير من جملہ علايق ۽ حقائق جي بحث جو گهرجائو هوندو آهي. جنهن لاءِ وڏي وستار، فڪري ۽ نظري روين جي اپٽار جي ضرورت هوندي آهي. پوئين نقطہ نظر سان شاه جي ڪلام تي روشني وڌي ويندي تہ ان لاءِ هڪ سُر بہ جلدن جو محتاج نہ رهندو، جا ڳالهہ شارح جو عمل نہ آهي. شرح بعد ميدان ڪليل آهي، نڪتا موجود آهن. انهن جو سياق و سباق موجود آهي. ڪوبہ صاحب هڪ سُر يا داستان کڻي ان جو جامع تفسير بيان ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي علمي ۽ فڪري جوهر کي منظر عام تي آڻي سگهي ٿو.

لطيف جي ڪلام جي هن شرح ۾ شارح پنهنجي ذات کي علحده رکڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي آهي. ان ۾ هو ڪيترو ڪامياب ويا آهن. اهو شرح جي اڀياس مان بخوبي معلوم ٿي سگهي ٿو. باوجود پاڻ کي پاسي تي رکڻ جي ڪن هنڌن تي سندن پلئو ڪجهہ پسيل نظر اچي ٿو. موضوع جي تقاضا ۽ معنيٰ جي وسعت جي پيش نظر شارح لاءِ مجبوريءَ نظر اچي ٿي، جيڪا شرح جي اصولن ۾ شارح لاءِ مباح آهي. ڇاڪاڻ تہ شارح جڏهن انهن دقيق مسئلن ۽ تصوف جي نڪتن ۽ روحاني واردات جي رازن کي واضح ڪري ٿو تہ ان وقت هو فڪري طور تي اغماض ۽ احساس جي تنزلات جي ڪيفيت سان سرشار هوندو آهي، ۽ مفهوم جي موتين جي سٽاءَ ۾ فڪري صالحيت جي سرواڻي هوندي آهي. اتي جيڪڏهن شارح کي هڪ بہ ٻول اونهائي وارا آکي وڃي ٿو تہ اهي هن جي علمي ۽ نظري مشاهدي جي جمال جي جرڪ جي حيثيت رکندڙ آهن. حقائق ۾ اهڙي قسم جو اظهار هن لاءِ مباح ۽ قاري لاءِ سودمند ۽ سڦلتا وارو آهي:

**راڳ:**

شرح ۾ رسالي جي هر سُر جي راڳ جي ماهيت ان جي ٺاٺن ٺڪاڻن لطيفي راڳ جي راڳداري وارن اصولن کي نهايت تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. اهو راڳ يا راڳڻي هندستاني قديم موسيقي سان ڪيترو لاڳاپيل آهي ۽ ان کي لطيف ڪهڙي صورت سان بيان ڪيو آهي ۽ جيڪي سنڌ واديءَ جا راڳ راڳڻيون آهن تہ انهن جي حيثيت کي واضح ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي منفرد هيئت کي چِٽو ڪيو ويو آهي، جنهن مان پڙهندڙ پنهنجي راڳ جي روين ۽ قدامت جو اندازو لڳائي سگهي ٿو. لطيفي راڳ شناسي پڻ واضح ٿئي ٿي ۽ لطيفي راڳ جي صحيح صورت پڙهندڙ آڏو اچي ٿي.

**"نتيجا"**

غور ڪبو تہ هن سڄي بحث کان پوءِ هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا:-

الف:- شرح ۾ رسالي جي متن جي هر بيت کي اوائلي دور جي نسخن سان ڀيٽيو ويو آهي.

ب:- ڀيٽا ۾ هر بيت جي پڙهڻي جون صورتون اوائلي نسخن ۾ هيون انهن کي انهن رسالن جي علامت سان ڏنو ويو آهي. ان بعد پڙهڻي جي صحيح صورت اخذ ڪري ڏني ويئي آهي.

ج:- ڀيٽا ۾ ٻوليءَ جي صرفي ۽ نحوي بناوتن ۽ لهجي جو خاص خيال رکيو ويو آهي،۽ لطيف جي دور جي ٻوليءَ کي نمايان حيثيت ڏني ويئي آهي.

د:- بيت جي پڙهڻي لاءِ نسخن جي بنياد تي "سجاڳي" ڏني ويئي آهي.

هه:- بيت جي ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏني ويئي آهي. جنهن ۾ گرامر سان بہ ڪيترن هنڌن تي بحث ڪيل آهي.

و:- شرح کي نهايت آسان نموني ۾ بيان ڪيو ويو ۽ اونهائي کان گريز ڪيل آهي. شاه جي رسالي جا سُر بہ علمي حلقن ۾ اختلافي مسئلو رهيا آهن جيئن رسالي جي تحقيق ۽ شرح اجا پنهنجي تڪميل کي نہ پهتي آهي، ان لاءِ ڪجھ چوڻ قبل از وقت ٿيندو. وقتناً فوقتاً جيڪڏهن ڪنهن عالم انهيءَ سلسلي ۾ ڪي ڳالهيون ڪيون آهن تہ انهن جي حيثيت هڪ راءِ جي ٿي سگهي ٿي. جيستائين سڄو مواد اسان جي سامهون نٿو اچي، ان وقت تائين انهيءَ باري ۾ اڳواٽ ڪجھ چئي نٿو سگهجي. باوجود ان جي جڏهن بہ ڪا اهڙي قسم جي ڳالھ آئي آهي تہ علمي حلقن ان تي راءِ زني پڻ ڪئي آهي، پر قلم کڻي سواءِ ڪنهن هڪ اڌ جي، ڪنهن بہ لکڻ جي همت نہ ڪئي. ڪجھ وقت جڏهن ڪيڏاري جي باري ۾ اظهار خيال ٿيو تہ راقم، لطيف جي گنڊريل ميلي واري موقعي تي انهي سلسلي ۾ پنهنجا خيال تحريري صورت ۾ پيش ڪيا. رسالي جي انهن ڳالهين جي سلسلي ۾ هر عالم ۽ دانشور تي فرض عائد ٿئي ٿو. جنهن کي نياڻ سندن فرض آهي، باقي جيڪا چڱي ڳالھ آهي، تنهن کي چڱو چوڻ اخلاقي فرض آهي، مون جڏهن رسالي جي تحقيق ۽ شرح جو اڀياس ڪيو تہ مون محسوس ڪيو تہ علمي ۽ تحقيقي ڪم جو ڪيڏو مان ۽ حيثيت آهي. جنهن جو اثر مون پاڻ تي فرض محسوس ڪيو. اختلاف راءِ پنهنجي جڳھ تي آهي، ليڪن پنهنجن محققن، عالمن ۽ دانشورن جي ڪم جي انهن جي پيار جي پورهئي جي مڃتا ڏيڻ، اسان لاءِ ضروري آهي. هي مقالو انهيءَ جذبي ۽ مڃتا جو مرهون منت آهي.

مون کي يقين آهي تہ ادبي حلقا منهنجي هن ڪاوش کي ساڳي خلوص جي جذبي سان تعبير ڪندا، جيڪو هن مقالي جي لکڻ جو محرڪ رهيو.

•

ڊاڪٽر تهمينہ مفتي

# سنڌي ڪهاڻيءَ جو سماجي ڪارج

**تعارف:**

ادب جو مقصد آهي سوچڻ ۽ پرکڻ يا ڪي معيار (Standards) ڏيڻ ان ڪان پوءِ جيڪو نتيجو اچي، اهو ئي ڪارج آهي، جيڪو ادب سوچڻ جو مواد ڏئي ٿو، سو ئي سماجي ڪارج ڪي پورو ڪري ٿو. سماج ۾ ٿيندڙ ٻيچ ڏاھہ، نظرين ۽ تحريڪن جو اثر ادب تي ٿئي ٿو ۽ ادب ان جي اوک ڊوک ڪري ٿو. ان ڪان علاوه هڪ فرد جي سوچ، ان جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني پڻ ادب ڪري ٿو. ادبَ جي وسيلي مٿي بيان ڪيل سمورين وارداتن ۽ ڪيفيتن ڪان سماج واقف ٿئي ٿو. اهڙي نموني ادب جي سماجي ڪارج جي اهميت واضع ٿئي ٿي.

ادب جو سماجي پهلو بيان ڪرڻ ايترو سولو ناهي جيترو مذهب، جنس ۽ ان جي برعڪس ڪنهن بہ هنر يا فن کي بيان ڪري سگهجي ٿو. ادب لا تعداد پابندين ۽ قاعدن جي دائري ۾ سماجي اثرن هيٺ آيل آهي. ادب ۾ حقيقي سماجيات جو ذڪر ان وقت ظاهر ٿيو جڏهن ادب جي نقادن ادب کي محض حقيقت تي ٻڌل مضمون (Subject) سمجهڻ شروع ڪيو ۽ سماجي سوالن جا جواب مروج سماجيات جي اصولن ۽ طريقن موجب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. اڻويهين صدي جي اٿل پٿل، قاعدن ۽ پابندين کي ڊرو ڪيو ۽ ادب ۾ سماج جي حوالي سان اهو سڀ ڪجهہ پڙهندو جي اڳيان پيش ڪيو ويو جيڪو پهرئين معيوب سمجهيو ويندو هو. هڪ جرمن اسڪالر ايل ايل شوزڪنگ (L.L.Schveking) "۱۹۳۱ع ۾ سماجي ادبي مزاج جو خاڪو (Out line) پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جي ڪم کي تمام ٿوري پذيرائي حاصل ٿي. ٻئي طرف هڪ هينگيرين (Hungarian) اسڪالر گايورگي ليوڪاس (Gyargi Lukaes) (۱۹٦۱ع) پنهنجي ذاتي ڇاپ واري مارڪسزم ۽ جمالياتي (Aesthctic) واري ڪم ۾ سماج جي متضاد اقتصادي ڍانچي جي وچ ۾ هڪ جهڙائين جو تنقيدي جائزو وٺڻ واري طريقي جو بنياد وڌو جيڪو حقيقت ۾ ادبي تنقيد ۾ هڪ نئين قسم جي سماجياتي تحقيق آهي. ليوڪاس (Lukaes) جي ڏنل ٿيوري "ادب جي سماجيات" جي سڄي اوير توڙي اولهہ يورپ ۾ ان جي اهميت آهي. خاص ڪري فرانس ۾ جتي ليوسن گولڊمين (Lucien Goldman) ان ٿيوريءَ کي اوج تي پهچايو (۱۹۵۰-۱۹٦۴ع). ان سماجي نوعيت جي تحقيق ادب جون حدون وسيع ڪري ڇڏيون. ان موضوع جي مطالعي جي اهميت کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. ليوڪاس ۽ ان جي ساٿين سماج کي هڪ حقيقت سان تعبير ڪيو آهي. انسائيڪلوپيڊيا آف سوشل سائنسز سنڌس ڪم جي واڪاڻ هن ريت ڪئي آهي.

"Lukaes and his followers take into account, Society as the reality behind the appearance of literature, they still consider the work of art as on end in it self neglect the part of the reader in literary communication.(1)

مٿي ڏنل راءِ موجب پڙهندڙ جي ادبي رابطي جي خيال کي بالڪل نظر انداز ڪيو ويو آهي ۽ سماج هڪ حقيقت آهي جيڪو ادب جي ظاهر ٿيڻ ۾ ان جي پويان رهي ٿو.

### سماجي ڪارج جي تشريح:

قديم دور توڙي هن جديد دور ۾ ادب جو سماجي ڪارج اهم ۽ ان جو مطالعو اهميت وارو آهي. ادب جو سماجي ڪارج سماج جي تشريح ڪري ٿو۽ ان کي سمجهڻ ۾ وڌي مدد ڪري ٿو. جيئونٽيڪ سماج ادب کي جنم ڏئي ٿو مگر، ادب جي منظر عام تي اچڻ ڪانپوءِ ئي سماج کي هڪ حقيقت سمجهيو ويو. سماج ۽ ادب چڻ ته هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن. ادب جي تخليق ٿيڻ جي پٺيان سماج هڪ حقيقت آهي ۽ ادب جو اهو ڪارج جنهن جي وسيلي سماج ۽ ادب جو لاڳاپو ظاهر ٿئي ٿو اهو رشتو ۽ ٻنهي ادب جي اهميت کي واضح ڪري ٿو. ننڍي کنڊ جي ادب ۾ سماجي عنصر نمايان رهيو آهي.

### هندستان ۾ آڳاٽو ادب ۽ ان جو سماج سان لاڳاپو:

ننڍي کنڊ ۾ اهڙو ادب پيدا ٿيندو رهيو آهي جنهن جي اثر هيٺ هتي جي باشندن جي زندگيءَ ۾ ڦيرو ايندو رهيو. هندستان ۾ دراوڙ ۽ ويدڪ دور ۾ چئني ويدن ۽ اپنشدن ۾ ڌرمي منتر لکيا ويا، جنهن ۾ بليدان ۽ پروهت جي فرض بابت نصيحتون ڏنل آهن. آرين جي تسلط ۽ نئين نظام کي نافذ ڪرڻ لاءِ ليکڪن لکيو. ٻڌ ۽ جين مذهب وارن عقل ۽ منطق جي آڌار تي ان نظام کي ختم ڪيو ۽ ذات پات طبقاتي فرقن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻڌ ۽ جين مت جڏهن زوال پذير ٿيا ته شنڪر آچاريہ ڌرمي ڏاڍ کان انسان ذات کي بچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو. ڪبير ۽ بابا فريد جي شاعريءَ ماحول کي سرهاڻ سان ڀري ڇڏيو. ڀڳتيءَ واري دور جي شاعرن دادو ديال (۱۵۴۴-۱۶۰۳ع) ۽ پراڻ ناٿ (۱۵۸۱-۱۶۰۶ع) انسان کي روحاني ۽ اخلاقي تعليم ڏني ۽ سک ڀريئي سماج جو تصور ڏنو. ساڳيو اثر ۽ تصور بابا گرونانڪ (۱۴۴۹-۱۵۳۹ع) بلي شاهہ، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل ۽ ساميءَ ڏنو. سندن تعليم جا گهرا اثر نظر اچن ٿا. جنهن جا اهڃاڻ هتي جي رهواسين جي زندگي ۽ رهڻي ڪهڻيءَ ۾ ڏسي سگهجن ٿا. شاهہ ڀٽائي جي بيتن ۾ پيش ڪيل ڪردارن کي ادب ۾ ابدي ۽ مستقل اهڃاڻ مليو، مارئي ۽ نوري، وفا ۽ سسئي جدوجهد ۽ نياز نئڙت جون علامتون بنجي پيون.

### ڪهاڻيءَ جو وجود ۾ اچڻ:

ڪهاڻي انسان جي جنم سان وجود ۾ آئي منهنجي راءِ ۾ ڪنهن واقعي، حادثي يا منظر کي ڪنهن انساني اک جي ڪيميرا سان ذهن جي پردي تي چٽيو هوندو تنهن کان پوءِ مشاهدي ۽ احساس جي شدت ڪهاڻيءَ کي جنم ڏنو هوندو. هن ڪائنات جي خالق، آدم ۽ حوا جي تخليق ڪئي اها تخليق پنهنجي ٿوري تسلسل موجب ڪهاڻي بڻي انسان ۽ شيطان، فرشتا، نيڪي بدي، سرڪشي ۽ ندامت، درگذر ۽ جزا سزا جي هن ڪهاڻيءَ ۾ ابتدا آهي ته انتها بہ. قرآن پاڪ ۾ پيا بہ ڪيترا قصا بيان ٿيل آهن. ان مان اها خبر پوي ٿي ته انسان ذات ۽ سموري دنيا لاءِ رهبريءَ جو پيغام قصن ۽ ڪهاڻين ذريعي ڏنو ويو قديم دور کان وٺي ادب جي هن صنف، ڪهاڻيءَ پنهنجي اهميت مڃرائي آهي.

### سنڌي سماج ۾ ادب جي هڪ جهلڪ:

قديم وقت کان وٺي سنڌي سماج زراعت ۽ هنر پيشہ رهيو آهي. انهن ڌنڌن جي ڪري سندن مزاج ۽ سوچ ۾ ٻين سماجن جي نسبت روايت پسندي نمايان آهي. سنڌي سماج قدامت پسند Orthodox سوچ ۾ جڪڙيل آهي. سنڌ جي جاگرافيائي بيهڪ سنڌي سماج جي خاصيتن کي چٽو ڪري ڏيڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌ جي جاگرافيائي بيهڪ جي ڪري ئي ڌارين حملا ڪيا. ڌارين جي سياسي، معاشي ۽ ثقافتي دٻاءَ سان مقابلو ڪندي نيٺ هنن کي پاڻ ۾ جذب ڪندي يا پاڻ کي انهن سان ٺهڪائيندي سنڌي سماج هڪ اهڙو روپ ڌاريو "جنهن ۾ هڪ طرف

غير تعصبي ۽ ترقي پذير سماجي ارڪان تہ شامل ٿيا پر گڏوگڏ هڪ ڍلي ثقافتي اٿت جو ان ۾ نرماڻ ٿيو جنهن ۾ نفسياتي زورن ڪان ذهني زور وڌيڪ اگرا ٿيا جنهن ۾ سمجهوتا پسندي ۽ سروڳڻ گراهي پر ورتي ۽ انفراديت جو غلبو جان تان وڌندو رهيو نتيجي طور بين سماجي گروهن جي پيٽ ۾ سنڌي سماج جو پنهنجي نسلي شناس Genetic Identity جهڪي ٿي ويئي آهي[٢]".

مٿي ڏنل حوالي ۾ غير تعصبي، ترقي پذير سماجي قدر، هڪ ڍلي ثقافت، سمجهوتا پسندي، گهٽڻ گٹڻ واري ۽ انفرادي ارڪانن جو سنڌي سماج ۾ وارد ٿيڻ جو غلبو حاوي آهي. اهي سڀ ارڪان ڪنهن حد تائين سنڌي سماج ۾ نمايان رهيا. پر اهو يقينن چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي سماج ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائيندو آيو آهي. هتي اڃان بہ سماج زرعي ۽ زمين سان جڙيل آهي. مواصلات ۽ جديد سائنسي ترقيءَ، شهري ۽ ڳوناڻي زندگيءَ ڪي ويجهو آڻڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. پر تنهن هوندي بہ ويچا نظر اچن ٿا. جاگيردار جو غلبو اڃا تائين سنڌي سماج تي غالب آهي. وچولو طبقو پنهنجي بقا لاءِ ڪوشان آهي. هي اهو طبقو آهي جنهن هميشه روايت ۽ جديد تبديلين کي قبول ڪندي سنڌي سماج کي متوازن رکڻ جي جاکوڙ ڪئي آهي. آفيسر شاهي، جاگيردار ۽ زميندار سان ملي پنهنجي وسيلن ۽ طاقت ۾ اضافو ڪيو آهي. مواصلات ذريعي ثقافتي طور تي سنڌي سماج ۾ جيڪي تبديليون ٿي رهيون آهن، سي سماج ۾ نمايان آهن. شهرن ۾ سنڌي ماڻهن کي نفسياتي دٻاءُ ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ پڻ ڪوشش ۽ جاکوڙ ڪرڻي پئي آهي. شهري آبادي جو محفوظ علائقن ڏانهن لڏ پلاڻ سماج ۾ داخل ٿي چڪو آهي. سنڌي سماج هڪ اُٿل پٿل ۽ ڪشمڪش ۾ پلجي رهيو آهي. جنهن جو اظهار ڪهاڻي ۾ ڪيو ويو آهي، سنڌ ۾ دهشت گرديءَ وارو ماحول اسريو تنهن جي نمائندگي پڻ ڪهاڻيءَ ۾ ٿي آهي. پارت لڏي ويل سنڌي سماج شهري بنجي پيو اتي پڻ سنڌيت جو غلبو نظر اچي ٿو. ان ۾ فڪر جي گهڻتائي ۽ جذبي جي اڇل گهٽي آهي. جنهن لاءِ هيروشيوڪاڻي لکي ٿو" بي زمين ۽ ٻئي درجي جي ناگرڪ هجڻ جو درد اسان کي تخليقي سطح تي وري ان چئلنج جي دوبدو آڻي بيهاري ٿو... هو اڳتي لکي ٿو تہ: ٻي يا ٽين پيڙهي جي اکڙيل سماج هئڻ ڪري کي خاص لاڙا ايريا آهن[٣]. سنڌي جاتيءَ تي مغربي علم ۽ تهذيب جا اثر نمايان آهن. صنعتي ترقيءَ، بي حسي ۽ خود غرضيءَ کي جنم ڏنو آهي. ان ڪري ڪيترائي جذباتي ۽ نفسياتي مونجهارا پيدا ٿيا. انهن سڀني پيچيده حالات کي سرحد جي هن پار جي ڪهاڻي ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

مٿي ڏنل پس منظر ۾ سماجُ ۾ ٿيندڙ پيچ ڏاهہ ۽ سنڌي ڪهاڻي جي سماجيات جو جائزو وٺندي خبر پوي ٿي تہ ڪهاڻي جو سماج سان گهرو لاڳاپو آهي. ڪهاڻي جي ارتقائي توڙي موجوده شڪل ۾ سماج هڪ ائيني وانگر ڏسي سگهجي ٿو. ادب / ڪهاڻي جو اپياس سماج جي سمجهڻ ۾ مدد ڏي ٿو. آڳاٽي سنڌي نثر ۾ پڻ سماج ان نقطي کي تقويت پهچائي ٿو. سنڌي آڳاٽيون ڪهاڻيون سماج ۾ تبديل ٿيندڙ روين ۽ لاڙن کان علاوه نفسياتي ۽ فڪري پيغام ڏين ٿيون. ان سان گڏوگڏ سماج ۽ فرد جي لاڳاپي کي ظاهر ڪن ٿيون. شعوري توڙي لاشعوري طور تي انهن ڪهاڻين ۾ سماجي حالتون نمايان آهن. ان مان صاف ظاهر آهي تہ ادب جو سماجي ڪارج وڏي اهميت وارو آهي.

سنڌ ۾ رائج داستانن جا ڪردار سنڌي سماج جا آئينہ دار آهن. دودي جي بهادري جي ڳالهہ ۽ سام جهلڻ واري روايت اسان جي سماج ۾ ائين شامل ٿي جو اڄ بہ ان جي اهميت کان ڪوبہ انڪار نٿو ڪري سگهي. سنڌ جي سمن ڄامن ۽ سردارن جي سخاوت سان منسوب ٿيل قصن ۽ ڪهاڻين جو اثر عوام تي ٿيو. اهي خوبيون سنڌي سماج ۾ ملن ٿيون. مورڙو همت ۽ بهادري ۾ نشانبر ٿيو. سورمين جي ڪردار ۾ بہ سنڌ جي قديم سماج جا عڪس نظر

اڃن ٿا. عورت کي اهميت ڏني ويئي ۽ سندس فطري خاصيتن کي کولي بيان ڪيو ويو. سماج ۾ عورت ذات سان ٿيندڙ زيادتي، اهڙن ڪردارن جي اوسر ڪئي. گنريل بہ ٽي سو سالن جا تاريخي ۽ تمدني واقعا نظر ۾ رکبا تہ سنڌي سماج جي سٺاءَ سمجهہ ۾ اچي ويندي. ڌارين جي حملن ۽ انهن مان ڪيترن جي سنڌ ۾ رهائش، سنڌي سماج کي نہ رڳو هڪ مخصوص رنگ ڏنو آهي بلڪ هڪ ذهنيت، قوت برداشت، سوچ ۽ رک رکاءَ جو حامل بنايو آهي. سماج هڪ مخصوص ثقافت جو حامل ٿئي ٿو جنهن ۾ کائڻ پيئڻ، ڪپڙو لٽو، ونڊر وروٺهن ۽ شادي مرادي تہ آهي پر قوت برداشت جو هجڻ ۽ تهذيب يافتہ هجڻ جو انگ اهم آهي سنن ڪپڙن ۾ تهذيب کي ڳولهڻ عبث آهي پر سنن ويچارن ۾ تهذيب لڀي ٿي ۽ سماج تهذيب يافتہ فردن جي آڌار تي تشڪيل وٺي ٿو.جنهن جو اظهار سنڌ ۽ هند جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڀرپور نظر اچي ٿو.

## اٺويهين صديءَ ۾ سنڌي ڪهاڻي:

انگريزن جي شروعاتي دور ۾ سنڌي ادب ترجمن وسيلي (مغربي توڙي انڊوپاڪ جي قديم ادب تان) جڻ تہ معلومات ۽ سکيا ڏني جنهن کي معلوماتي ادب جي زمري ۾ آندو ويو آهي. جيئن جيئن حالتون گهمبير ٿيون تہ محرڪ ادب لکيو ويو ۽ عمل لاءِ ڪوششون ورتيون ويون. انگريزن، قبضي کان پوءِ سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ عملي قدم کنيا. ابتدائي قصا، سنسڪرت، هندي ۽ ديوناگري لپيءَ تان ترجمو ڪيا ويا. پنهي زميندار جي ڳالهہ هندي تان ترجمو ڪئي ويئي. هن ۾ موضوع، هاري، زميندار ۽ ان علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن جي رويئي کي ظاهر ڪن ٿيون. انهن آڳاٽن قصن مان هڪ قصو سڌاتوري ۽ ڪڌاتورو (هندي تان ترجمو) ميران محمد شاهہ سنڌي ۾ ڪيو. هي ترجمو انگريز جي فرمائش تي ڪيو ويو. هن قصي ۾ هڪ سٺي سرڪاري ملازم جون خوبيون بيان ڪيون ويون آهن. ان قصي کي پڙهڻ سان خبر پوي ٿي تہ عوام تي نفسياتي اثر وڌو ويو، ٻيو حاڪم جي خيال ۽ مرضي کي اهميت ڏني ويئي "سپا جو سينگار" جنهن جو مرڪزي خيال اهو آهي تہ بادشاهي نظام کي ڪيئن قائم رکجي ترجمو ڪيو ويو. سماج جي برائين ۽ چڱائين جي نشاندهي ڪئي ويئي.

## آزادي کان اڳ ڇپيل آڳاٽن سنڌي ڪهاڻين جو جائزو:

سنڌي نثر انگريزن جي اچڻ کان پوءِ لکجڻ ۾ آيو سنڌي نثر جي واڌاري ۾ انگريز عملدارن گهڻو حصو ورتو، تن مان هڪ جارج اسٽيڪ پڻ آهي جارج اسٽيڪ پنهنجي لکيل سنڌي گرامر ۾ پنج ڪهاڻيون گرامر جي آخر ۾ شايع ڪيون. هن اهو ڪتاب ۱۸۴۹ ۾ بمبئي مان ڇپائي ظاهر ڪيو. انهن ڪهاڻين جي اهميت ان ڪري آهي جو هي ڪهاڻيون آڳاٽيون سنڌي لوڪ ڪهاڻيون آهن جن کي ڪيپٽن جارج اسٽيڪ زباني روايتن مان چونڊيو. هنن ڪهاڻين مان آڳاٽي سماج ۽ ان ۾ بتدريج ٿيندڙ تبديلين کي پرکي سگهجي ٿو.

"اهي لوڪ ڪهاڻيون اڄ کان اٽڪل هڪ سو چاليهہ سال اڳ واري زماني جي سگهڙن جي آکاڻين ڪٿڻ جا سهڻا مثال آهن"[۴] ان سان گڏوگڏ هڪ سو چاليهہ سال آڳاٽي سماج جو مهاندو انهن ڪهاڻين ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

### پهرئين ڪهاڻي:

ڪهاڻي ۾ هڪ ٻار تان جهڳڙو ۽ ٻنهي عورتن جي دعوي تہ ٻار منهنجو آهي. ان ڪهاڻي جو بنيادي ۽ اهم نڪتو آهي، قاضي جي ذهانت، انصاف جي تقاضا ۽ نفسياتي اثر جي ذرعي ٿيل انصاف ۽ سماجي ڍانچي کي ظاهر ڪري ٿي.

### ٻي ڪهاڻي:

هيءَ ڪهاڻي ڏيتي ليتي، ،مانتواري جي ساک کي ظاهر ڪري ٿي. ٻہ نوجوان پنهنجو ناڻو هڪ ٻڍي زال وٽ

امانت رکن ٿا. ڪجھ وقت کان پوءِ هڪ جٽو ٻئي ڪي مثل ڄاڻائي ٻڍي عورت کان امانت طور رکيل ناڻو وٺي وڃي ٿو. ڪجھ وقت کان پوءِ ٻيو نوجوان اچي ناڻي جي گهرج ڪري ٿو. ٻڍي زال ڪيس ٻڌائي ٿي تہ تنهنجو دوست تو ڪي مثل ڄاڻائي سڀ امانت مون کان وٺي ويو آهي. نوجوان ڪيس ڏوھ دار ڪري ٿو. ڳالھ قاضي تائين پهچي ٿي ۽ قاضي ان نوجوان کي چئي ٿو تہ ٻيو ساٿي حاضر ڪر، هن عورت جو ڪوبہ ڏوھ ڪونهي هي بہ ڪهاڻيون سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ کان پوءِ جون آهن ۽ ان دور جي سماجي انصاف کي ظاهر ڪن ٿيون.

ٽين ڪهاڻي:

هي ڪهاڻي هڪ چوڪر جي آهي، جيڪو پکڙا پيچائڻ لاءِ اچي ٿو. سندس ٻانهن ٿوٽي جي وچ ۾ اچي ٿي تہ چوڪر قابو ٿي وڃي ٿو. هن ڪهاڻي ۾ طنز مزاح جو عنصر شامل آهي. هي ڪهاڻي هڪ واقعي تي ٻڌل آهي.

چوٿين ڪهاڻي:

هن ڪهاڻي جو عنوان "شهزادي امل ماڻڪ ۽ شهزادي حسيني پري" آهي. هن ڪهاڻي جو موضوع حسن ۽ عشق آهي. ان سان گڏوگڏ بادشاهيءَ واري دور جي نمائيندگي ڪري ٿي. درگاهن ۽ فقيرن جي دعائن ۾ عقيدو رکڻ اڳاٽي عقيدي جي ڄاڻ پوي ٿي. هي ڪهاڻي جنن، پرين جانورن جي ڳالهائڻ، شهزادين ۽ شهزادن جي ڪردارن سان سنواريل آهي. هي ڪهاڻي سنڌي ماڻهن جي تصوراتي پهچ کي ظاهر ڪري ٿي.

پنجين ڪهاڻي:

هي ڪهاڻي "راءِ ڏياچ جي لوڪ ڪهاڻي" جي عنوان سان ڏنل آهي. هن ۾ سخي ڏاتارن جي سخاوت، ٻن راڄڌانين جو جهيڙو هڪ عورت تان، آڳاٽي سنڌي سماج جي نمائيندگي ڪري ٿي هن ڪهاڻي ۾ سنڌي ماڻهن جي سوچ، جذباتي قول ۽ جمالياتي ذوق کي چڱي نموني ۾ پرکي سگهجي ٿو.

**جديد تعليم ۽ مغربي تهذيب تمدن جو اثر:**

جڏهن علم جو واڌارو ٿيو تہ ڪهاڻي ۾ سماجي برائين ۽ عيبن جي نشاندهي ڪئي ويئي. ان ۾ خاص موضوع عورت جي بي وسي، لاچاري ۽ بي علمي هئي. ان کان سواءِ ڏيتي ليتي، گهرو جيوت وڌوا، شراب جو استعمال چوري نڳي ۽ منافقيءَ جهڙن عيبن کي ننديو ويو هندستان ۾ برهمو سماج ۽ آريا سماج جي تحريڪن اهڙي قسم جي ادب کي تخليق ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

**تاريخي واقعن، قومي سياسي تحريڪن ۽ سماجي ۽ سياسي جاڳرتا جو اثر:**

اڻويهين صدي جي آخر ۾ ديوان ڪوڙومل بنگالي سماجي ۽ ادبي جاڳرتا جي اثر هيٺ آيو ۽ چندر چٽرجي جون ڪهاڻيون "راڌاراڻي"، "انذيرا" ۽ "بہ منديون" نالي سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. سنڌي سماج بين سماجن جا اثر پڻ قبول ڪيا ۽ اديبن ڪهاڻيءَ وسيلي پنهنجي سماج کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي.

١٩٥٧ جي شڪست ١٩٠٥ع ۾ بنگال جي ورهاڱي سبب ٿيل قومي سجاڳيءَ ۽ ديسي شين جو واهپو ۽ غير ملڪي شين جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو سلسلو هليو. مٿي ڏنل تاريخي ۽ سماجي تحريڪن جو براہ راست اثر ڪهاڻي قبول ڪيو. ابتدائي ليکڪن جن ۾ ديوان ڪوڙومل، لعل چند امرڏنومل جڳتياڻي، جيٺمل پرسرام گلراجاڻي، پيرومل مهرچند ۽ پرڀداس پيرو مل ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏنو لعل چند امر ڏنومل سنڌ جي سماجي سجاڳيءَ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو سندس لکيل ڪهاڻيون "نو ورني جو خون" نتيڙي.نينا "عورت جي مسئلن ۽ ان جي حقن متعلق آهن. سنڌ جي حوالي سان "حُرَمُڪيءَ جا" هڪ ڀرپور تاثر ڇڏي ٿي ۽ اهم ڪهاڻي آهي.

## ويهين صديءَ ۾ سنڌي ڪهاڻي:

### (الف) آزاديءَ کان اڳ وارو دور:

ويهين صديءَ ۾ ڪيترن ئي تحريڪن ۽ واقعن جنم ورتو هندستان ۾ آزاديءَ جي هلچل شروع ٿي ۽ سڄي دنيا ۾ سرمائيدار طبقي خلاف لهر اٿي، مزدور جي حمايت ۾ سموري دنيا اٿي ڪڙي ٿي. سرمائيدار ۽ مزدور جي ڪشمڪش مظلومن جي حالت زار وڃي دنگ ڪيو ۽ هڪ سائنسي نظريو وجود ۾ آيو. جنهن جو باني ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلس هئا. پنهنجي زماني جي سماج جي سائنسي چنڊ ڇاڻ ڪري صدين جي پراڻن اسرارن تان پردو لاٿو. غير طبقاتي ۽ انساني ڀائچاري وارو نظام قائم ڪرڻ جا اصول، قاعدا ۽ گس ٻڌايا. ويهين صديءَ نظرياتي طور ٻه وڏا محاذ ڏٺا ۽ انهن جو اثر سموري دنيا تي ٿيو هڪ قدامت پرستن جو ۽ ٻيو نظريو انقلاب جو هو. ادبي محاذ تي سنڌي ڪنڌ ۾ ١٩٣٦ کان ترقي پسند قوتن جي سوچ ظاهر ٿي، ان سوچ جو اظهار ڀرپور نموني ۾ ڪيو ويو. ترقي پسند لاڙن ڪميونزم ۽ سوشلسٽ نظرين کي انڊوپاڪ ۾ گهڻي اهميت ملي. مٿي ڏنل نظرين جو گهرو اثر ٿيو. ڪهاڻيءَ ان اثر کي سڌو سنئون قبول ڪيو. سنڌ ۾ جاگيرداري نظام تي سخت تنقيد ٿي. مزدور ۽ هاري ان سلسلي ۾ هيرو ٿي ظاهر ٿيا. ڪهاڻي "نيلو" گوبند پنجابي ۽ "هاري حقدار "گوبند مالهيءَ. لکي، هاري ۽ مزدور طبقي جي ڳالهه ڪئي. اڇوت ذاتين تي پڻ لکيو ويو. ان سلسلي ۾ ڪيترن ئي ليکڪن جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو. منهنجي خيال ۾ ترقي پسند قوتن جو اثر براه راست ابتدائي ليکڪن ۽ ڪهاڻيءَ تي نظر اچي ٿو.

### سماجي برائين خلاف جهاد:

ترقي پسند قوتن جي اثر هيٺ ڪيترن ئي ليکڪن سماجي برائين جي خلاف جدوجهد ڪئي. انهن ليکڪن مان جيٺمل پرسرام نمايان نظر اچي ٿو. سندس ڪهاڻيون "چمڙا پوش جون آکاڻيون" (١٩٢٣) جي عنوان سان اهم مقام رکن ٿيون. جن ۾ پرسرام، آفيسر شاهي، سرمائيداري ۽ مذهبي ٽولي جي اجاره داري ۽ منافقي کي پيش ڪيو. سماجي برائين کي ۽ عورت جي حوالي سان هن کلي طرح ڳالهه ڪئي. اخلاقي تربيت کي تمام اهم سمجهي ٿو. انهن قدرن جي نه هجڻ سان فرد ۽ سماج ڪيئن هڪ ٻئي سان رويو رکن ٿا تنهن جي اپٽار "ڏکي جي دانهن" ۾ ڪيل آهي "ڪلجڳي ٻانهڻ" ۽ "سنگت پوڙهو" حقيقت نگاري جي تصوير آهن. در حقيقت اهي ڪهاڻيون سماج تي سخت تنقيد ڪن ٿيون ۽ ادب ۾ در حقيقت اهي ڪهاڻيون سماج تي سخت تنقيد ڪن ٿيون ۽ ادب ۾ حقيقت نگاري Realism جي ڪري ئي انساني جذبن ۽ سماج ۾ قائم قدرن کي اهميت ملي ۽ تنقيد پڻ ٿي. ايتري قدر جو گهريلو زندگي تي مبني واقعن کي ڪهاڻي جو موضوع بنايو ويو. ۾ پداس پيرومل جون تحريرون "اندر جا اڌما" جي عنوان سان اهم آهن.

### تاريخي ڪهاڻيون:

ڪهاڻيءَ وسيلي تاريخي ورثي کي پڻ ورجايو ويو. محمد صديق مسافر جون تاريخي ڪهاڻيون "زيب النساءِ" (١٩١٦) "چاند بيبي" (١٩٢٠) ۾ شايع ٿيون. ديوان بولچند جي "سروجني" جنهن ۾ هندو مسلم اتحاد جو سنيهو ڏنو ويو نانڪرام ڌرمداس جي "لکل لعل" (١٩١٨) ۾ ڌارين جي ڪاهه جي پس منظر ۾ لکيل ڪهاڻي آهي. آچاريه آسودومل گدوائي ڪالي داس جي ناٽڪن ۽ وير ڪٿائن تي ٻڌل ڪهاڻيون" مالوڪا اگنمتر "وڪرم آروشي" "رگهوونش" ۽ "ڪمار سمڀو" جي عنوان سان لکيون، هي ڪهاڻيون آڳاٽي سماج جي ماحول کي نمائيندگي ڪن ٿيون، هي ڪهاڻيون سيڪيولر سماج ۽ هندو سنسڪار جي پنيرائي ڪن ٿيون. اچاريه گدوائيءَ "رگهوونش" جي ابتدا

۾ ڪاليداس جي جيوت تي روشني وجهندي لکي ٿو:

"منهنجي اندر جي اها آس آهي تہ سنڌ ۾ جا هينئر هندو هلچل هلي رهي آهي، سا ڌرمي بغض جي واٽ ڇڏي، هندو ساهت ۽ سڀيتا جي اپياس جو آرنڀ ڪندي ۽ ائين اسان جن گهرن ۾ وري هندو سنسڪار آئيندي".[۵]

مٿي ڏنل اپياس مان ڄاڻ پوي ٿي تہ ليڪڪن پنهنجي پنهنجي تهذيب ۽ عقيدي جي حوالي سان سماج کي قائم ڪرڻ جي تمنا جو اظهار ڪيو.

## جديد نظريا:

قدرت هي منڊل نهايت ڪاريگريءَ ۽ نفاست سان ناهيو آهي. سنڌس هن ڪائنات جو بنياد چرپر ۽ حرڪت تي ٻڌل آهي. انساني سماج بہ ان وانگر آهي، جنهن ۾ تبديليون ۽ ٽڪراءُ، ماحول ۽ حالتن جي ڪري ٿئي ٿو. انهن خاص حالتن ۽ ٽڪراءُ جي ڪري ۽ تجربن مان گذرڻ بعد ئي زندگي جا ڪي قدر ۽ معيار قائم ٿيا، نہ صرف اصول، قاعدا ۽ روايتون قائم ٿيون بلڪ سماج جو ڍانچو ان تي قائم ٿيو، جديد نظريا ۽ سوچ حالتن جي ڪري وجود ۾ اچن ٿا. جنهنجو اثر، ادب تي ٿئي ٿو. حقيقت پسنديءَ جي نئين سجاڳي (Revival of Realism) جي ڪري انساني خصلتن، نفسيات ۽ پيار محبت کي ادب جو موضوع بنايو، روشن خيالي ۽ انسان پسنديءَ (Humanism) جا رجحان پڻ ڪهاڻيءَ ۾ شامل ٿيا، ۽ ڪهاڻيءَ جي پس منظر ۽ پيش منظر ۾ انهن کي پرکي سگهجي ٿو. "ادو عبدالرحمان" امر لعل هنگوراڻي لکي،، ادبي حلقن ۾ هلچل مچائي ڇڏي. امر لعل پنهنجي وقت جو بي باڪ ۽ حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل جديد ڪهاڻي جو باني آهي. سنڌس سيهوڳي بہ ڪهاڻيءَ تي طبع آزمائي ڪري رهيا هئا. مرزا نادر بيگ "آسانند مامتورا" انساني نفسيات ۽ جديد نظرين جي اثر هيٺ اچي پنهنجي سماج جي ڳالهہ ڪئي. امر لعل انساني فطرت جيڪا هڪ جاءِ تي نٿي رهي ۽ نہ ان ۾ جمود آهي "رانجهوءَ سنڌي رمز" مٿئين خيال کي پيش ڪري ٿي. نادر بيگ جي تحريرن ۾ جذبات جي فراواني آهي ۽ احساسن جي ڳالهہ ڪري ٿو. "موهني جي ڊائري" "موهني جي دل جو داغ" ۽ ٻيون ڪهاڻيون بہ لکيون. آسانند مامتورا. "ڳنوارڻ" لکي نفسيات ۽ فطري ضرورتن کي سماج جي اڳيان آندو. قدامت پسند سماج ۾ جرئتمنداڻو قدم کنيو ويو. آسانند تي تنقيد ٿي پر سماج جي عيبن ۽ خرابين تي تمام جرائت سان لکيو ويو.

ترقي پسند لاڙن ۾ ڪميونزم ۽ سوشلسٽ نظرين کي اندو پاڪ ۾ گهڻي اهميت ملي. سنڌ ۾ جاگيرداري نظام تي سخت تنقيد ٿي. مزدور ۽ هاري ان سلسلي ۾ هيرو ٿي ظاهر ٿيا. ڪامريڊ حيدر بخش، "هاري جا ڪارناما" گوبند مالهيءَ اڇوت ذاتين تي لکيو. ان سلسلي ۾ ڪيترين ئي ليکڪن جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو. جيئن جيئن ان وقت حالتن ڦيرو کاڌو تيئن تيئن ان وقت ڪهاڻيءَ عمل ۽ رد عمل Action and Reaction جو ڀرپور نموني اظهار ڪيو. شيخ اياز "سفيد وحشي" لکي سنڌي قوم ۾ جاڳرتا جو احساس جاڳايو سنڌس ڪهاڻيون وچولي طبقي ۽ هيٺين طبقي جي هلت جي نمائندگي ڪن ٿيون. مجموعي طور تي ڪهاڻي جي صنف اهڙي نموني ادب ۾ ظاهر ٿي جيڪا سماج ۽ فرد، فردن جي لاڳاپن کي ظاهر ڪري ٿي ۽ ان ۾ سماج تي پڻ سخت تنقيد ڪئي ويئي.

## (ب) آزادي کان پوءِ وارو دور

## مزاحمتي ڪهاڻي:

### سنڌ اندر

سرحد جي ٻئي پاسي، آزادي جي تلخ تجربي جو سواد چکي سگهجي ٿو. غ.ق. شيخ جي "حيدرآباد" ڀرئين

ڪهاڻي آهي جنهن ۾ استحصالي طبقي جو رويو ظاهر آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ لساني نفرت ابتدا کان ئي محسوس ڪري سگهجي ٿي. هن ۾ حقيقت پسندي جي روپ ڪي پوانٽي نموني ۾ ڏسي سگهجي ٿو. "جائو جائو بڙي آئي ليني والي دو روپئي مين تو بوري نهين ملتي جا جا تمهاري باب دادا ني پي ڪيڙا پهنا ٿا" هن جو آواز پنهنجي چهري وانگر ڦري ذري گهٽ جانور جهڙو ٿي ويو. هو ويچارا هڪا بڪا ٿي دڪان ڇڏي پاڻ ۾ گڏجي بيٺا. هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج ۾ ڏارين ۽ هجرت ڪري مالي وسيلن تي قبضو ڪرڻ وارن جي روين ۽ ذهنيت کي ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ نهايت ئي جرئت ۽ بي باڪي سان اهڙين ڪڙين حقيقتن کي اڳيان آندو ويو آهي جن کي اڄ بہ اسان ڏسون ٿا. اهو پيش منظر جيڪو ع .ق. شيخ ڪهاڻي ۾ پيش ڪيو آهي. اهي منظر اسان جي اڳيان آهن. جمال ابڙو، اياز قادري، غلام رباني، سراج الحق ۽ آغا سليم ڪيترن ئي مسئلن تي لکيو. جن ۾ سنڌي سماج کي جيئن جو تيئن پيش ڪيو ويو. جمال جون سموريون ڪهاڻيون اسان جي ماحول، سنڌ واسين جي سوچ، طور طريقن کان علاوه جاگيرداري نظام تي گهري چوٽ آهي "شاهہ جو ڦر"، "منهن ڪارو"، "پيرائي" ۽ "سينڌ" نمايان آهن. ان کان علاوه اياز قادري، غلام رباني، سراج الحق ۽ شيخ حفيظ سماجي توڙي نفسياتي روين تي پڻ لکيو. امر جليل، آغا سليم، غلام نبي مغل، علي بابا، رشيد ڀٽي، نسيم کرل، شوڪت حسين شورو، ماڪ، ۽ مشتاق شورو اهم آهن. عبدالقادر جوڻيجو ۽ عبدالجبار جوڻيجو ڪهاڻيءَ جي ڪيتر ۾ اهم جاءِ والارين ٿا. سندن مشاهدو گهرو آهي. طبقاتي ڇڪتاڻ ۽ مڊل ڪلاس جي بيچينيءَ کي ڪهاڻيءَ ۾ سمويو ويو، انهن ليکڪن خاص سنڌي سماج ۾ موجود برائين جي خلاف قلم ڪنيو، تن ۾ سزمائيداري نظام، جاگيرداري، جهالت ۽ وهم پرستي، پيرن ۽ ملن جي لٽ مار خلاف ڀرپور نموني ۾ لکيو.

انگريزن جي غلامي ۽ ان کان پوءِ آزادي حاصل ڪرڻ واري دور ۾ پيدا ٿيل ادب کي حقيقت پسندي ۽ ترقي پسند تحريڪن گهڻو متاثر ڪيو ۽ ان جو ڀرپور اظهار مليو ٿو. آزاديءَ کان پوءِ واري دور ۾ سنڌي زبان جي تحفظ لاءِ آئيني جدوجهد ڪئي ويئي. انساني حقن جي جمهوري تصور وارو خيال پڻ نروارٿيو. ٻيون ڪيتريون ڳالهيون هن دور جو هڪ پس منظر بڻائي رهيون آهن. هن ئي دور ۾ جبر، محرومي، مستقل آمريت ۽ اذيت پسنديءَ کان عام ماڻهو متاثر ٿيو ۽ ڪرب Augne ۾ مبتلا ٿيو. انهن سڀني حالتن جي پس منظر ۾ جيڪا ڪهاڻي تخليق ٿي، ان ۾ سماج کي هر قسم جي آرائش ۽ برائي کان پاڪ، انصاف تي مبني سماج قائم ڪرڻ جي گهرج هئي. سندن آڏو زندگيءَ جو تصور حقيقت جي ويجهو رهيو. ڪهاڻي "سرد لاش جو سفر" امر جليل مذهب جي نالي تي ٿيل استحصال کي بيان ڪري ٿي. هن ڪهاڻيءَ تي گهڻي واويلا ٿي. هن ڪهاڻيءَ سماج جي نام نهاد مذهبي رويي کي ظاهر ڪيو آهي. سنڌ جي سياسي ۽ سماجي ڍانچي جي انهن ڪمزورين ڏانهن واضح اشارو آهي. "ڪافر" (نسيم کرل) ۽ "منهن ڪارو" (جمال ابڙو) امر جليل جي ڪهاڻي "سرد لاش جو سفر" ۾ پڙهندڙن کي ڪي ڳالهيون اعتراض جوڳيون لڳيون ان ڪري هن ڪهاڻيءَ تي پابندي لڳي. تخليقي اورچائي جو ڪاٿو ان وقت واري دور جي حوالي ساڻ ڪرڻ گهرجي.

**آمريت خلاف:**

ون يونٽ خلاف هلچل سنڌ شناسيءَ واري نظريي کي هٿي ڏني ۽ ان هلچل جي اثر ڪري ڪهاڻيءَ ۾ اهو عنصر اڄ تائين موجود آهي بلڪ ڪهاڻيءَ جو تاڃي پيٽو ان نظريي جي چوگرد ڦري ٿو. هن نظريي، خاص طور تي شاگرد طبقي، هاري ۽ مزدور کي تحرڪ ۾ آندو. فڪري ۽ نظرياتي طور تي عوام متحد ٿي ون يونٽ کان نجات حاصل ڪئي. "جڏهن مان نہ هوندس" (امر جليل) ايوب آمريت خلاف هلندڙ تحريڪ جي پس منظر ۾ لکيل ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي قومي جدوجهد ۽ قوم پرستيءَ جي جذبي کي تقويت ڏئي ٿي. سنڌي قوم جنهن نموني سوچ

۽ شعور جون منزلون طئي ڪيون، تن کي سچائي ۽ بي باڪيءَ سان سنڌي ادب ۾ قلمبند ڪيو ويو. ون يونٽ دوران سنڌ بابت شعوري رويـن ۽ لاڙن کي ڏسي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جي ڪهاڻي "ون يونٽ" هڪ غير فطري رشتي جي حوالي سان علامتي ڪهاڻي آهي. هي اهم ڪهاڻي آهي. هن دور ۾ جيڪو ادب پيدا ٿيو تنهن کي Dequency and Williams Dong جي حوالي سان ٻوهيو محرڪ ادب چئي ٿو.(٧)

ون يونٽ کان پوءِ ڪهاڻيءَ جو مواد گهڻو ڦريو سياسي سماجي منافقي (Social evil) جي خلاف لکيو ويو. ابن حيات جي "زن طلاق" سماجي برائين کي، ڪرل جي "مساوات" ۽ "چوٽيهون در" ، ملڪي نظام جي ڪارڪردگي، زماني جي گردش" ۾ زميندارن جي ذهنيت کي اوگهاڙو ڪيو ويو. ان کان علاوه "زندگي ۽ زهر" (امر جليل) "زماني جي گردش" ، "زر ۽ زور" ۽ "گٽر" (ڪرل) اهم ڪهاڻيون آهن. دنيا جو گهڻو ادب مختلف خيال ۽ تصور رکي ٿو اهڙي طرح سنڌي ادب بہ قومي ادب، نظرياتي ادب ۽ تصورا تي ادب جهڙن عنوانن سان پيدا ٿيو.

رسول بخش پليجي جي "پسي ڳاڙها گل" هڪ مظلوم عورت جي ڪهاڻي آهي. هي ڪهاڻي سنڌي سماج جي ڪهني نظام ۽ رهڻي ڪهڻيءَ کي ظاهر ڪري ٿي ۽ اُن نظام ۾ انهن جا پنهنجا قانون ۽ قاعدا لاڳو ٿين ٿا ۽ ڪنهن حد تائين انهن قدرن ۽ رواجن جي ظالمانہ رويي، غير مناسب ۽ جاهليت ۾ شمار ٿين ٿا. ملوڪان جي مٿان پنهنجن جو ظلم، ڪهاڻيءَ کي، جذباتي ڇهاءُ بخشي ٿو ۽ پڙهندڙ جي اکين ۾ لڙڪ اچيو وڃن. راڄ جو ڪيل فيصلو ۽ ملڪي قانون، ڪيس ڪوبہ تحفظ نٿو ڏي. هي ڪهاڻي زندگي ۽ سنڌي سماج جو هڪ خاڪوڏئي ٿي. سماج ۾ ٿيندڙ حادثن ۽ واقعن، تحريڪن ۽ فڪر جو سنڌيءَ طرح ڪهاڻي تي اثر پوي ٿو ۽ ڪهاڻي انهن سڀني جي آماجگاه بنجيو پوي ٿي.

## رنگ، نسل ۽ مذهبي ويڇن خلاف:

سنڌي ڪهاڻيءَ معاشي ڇڪتاڻ ۽ هن نظام جي تحت ٿيندڙ نا انصافين کي منظر عام تي آندو. ويهين صديءَ جي ستين ڏهاڪي وارو دور سماجي اعتبار کان اهميت رکي ٿو. هن دور ۾ مسلم ممڪلت جو تصور، اسلامي مساوات، سوشلزم ۽ نظام مصطفيٰ جا سياسي تصور اڀريا. هن دور ۾ ني اديبن تي پابندي پئي ۽ سزائون مليون.

سنڌ ۾ دهشت گرديءَ وارو جيڪو ماحول اسريو، ان سبب ڪري ان ڪرب کي عام ماڻهوءَ ڀوڳيو، سنڌي ماڻهو پنهنجي روح ۽ شعور ۾ جيڪا بي چيني محسوس ڪئي ۽ تنهن سان گڏ نسلي فسادن جي ڪري پيدا ٿيل صورتحال کي منهن ڏنو. ليڪڪن ان ڪرب ۽ ڏک کي ڪهاڻي ۾ پيش ڪيو. تقريباً هر نقطي کي پنهنجي انداز موجب ڪردارن ذريعي زنده ڪيو. انساني قدرن کي مان ڏنو ويو. نورالهديٰ شاهہ جي ڪهاڻين مان "منظر جنهن جو ڪو انت ڪونهي "۾ لساني جهڳڙن ۽ ڪرفيو جي ڪري پيدا ٿيل صورتحال کي هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ خوفزده انسان جي حالت کي بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ حالتن انسان کي غير انساني دڳ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي "رڻ ۽ رڃ جو اتهاس" جون ڪهاڻيون سنڌي سماج جنهن سياسي سماجي ڪرب مان گذري رهيو آهي تنهن کي چٽي نموني ۾ پيش ڪن ٿيون. هنن ڪهاڻين ۾ مداخلت جو عنصر پڻ واضع آهي. "ڪيڏارو" نورالهديٰ شاهہ جي گهري تاثر واري ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي پاڻ نورالهديٰ شاهہ اردو ۾ پڻ هڪ ادبي محفل ۾ پڙهي ۽ ان تي اعتراض ٿيو. هن ڪهاڻيءَ کي سياسي ڪونيو ويو. هيءَ ڪهاڻي سنڌ جي تاريخي پس منظر ۾ لکيل آهي. اهو نڪتو هن ڪهاڻي جي اهميت کي وڌائي ٿو. احساسن جي شدت انساني وجود جو ڪرب ۽ ان جي بيوسي ڪيترائي سوال اٿاري ٿي. پنهنجي تاريخ جو ورجاءُ ۽ ان سان اجنبيت جو هانءُ ڪائيندڙ تاثر، پڙهندڙ کي ان موڙ تي آڻي ٿو. جتي حالتون موت ۽ زندگي، عزت ۽ ذلت جي چونڊ تي انسانيت کي ننگو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. هيءَ ڪهاڻي سنڌين تي ٿيندڙ ظلم جي ڪهاڻي آهي ماضيءَ سان گهرو رشتو ۽ حال جي بي انصافيءَ جو روڳ ڪٽي جيون گهاريندڙ انسانن جي ڪهاڻي آهي. ان موضوع تي ٻين بہ ڪيترن ئي لکيو، جن ۾ شوڪت شورو، اياز قادري، غلام نبي مغل شامل آهن. سندن ڪهاڻيون مسئلن جي نشاندهي تہ ڪن ٿيون پر ذهن کي گرفت ۾ نٿيون وٺن. ان جي برعڪس هي ڪهاڻي (ڪيڏارو) هنن ڪهاڻين مان نمائينده ڪهاڻي چئي سگهجي ٿي. هن

ڪهاڻي ۾ جيڪي نقطا ۽ سوال اٿاريا ويا آهن اهي هن موضوع جي اهميت ۽ ڪارج کي اجاگر ڪن ٿا. ڪهاڻيءَ جو اهم ڪردار سنڌ جي خمير مان ڳوهي ناهيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جون هي چند سٽون احساس کي جاڳائن ٿيون.

"شاهه مڪيءَ جي مزار واري ڪوٺيءَ تي روشن دان تي وينل پاريل اکيون مچڪائي، ميان غلام شاهه ڪلهوڙي کي ڏنو جڻ ڪو اڻ چٽو ساروٽو هانوءَ تي هريو هجيس. گلاب جون ڪومايل ڪليون قبر تان ترڪي رڻ ڦڙن جيان ميان صاحب جي گهاٽي ڏاڙهي جي وارن ۾ اٽڪي پون ٿيون. هن جا سڏڪا بي آواز سيد محمد مڪي جي قبر جي چوڌاري طواف ڪن ٿا. اڪيلو ٿي پيو آهي. پنهنجي قوم سان رهندي به پنهنجي باباڻي ڏيهه جي ڌرتيءَ مٿان جيئندي به." (٨)

## سياسي جاڳرتا ۽ جمهوري نظام تي تنقيد:

هونئن ته بين به ڪيترن ئي ليکڪن لکيو ۽ نمايان پڻ رهيا، جن ۾ ممتاز مهر، مهتاب محبوب، تنوير عباسي، ڪيهر شوڪت، ماڻڪ، طارق عالم ابڙو، محمود مغل وغيره اچي وڃن ٿا. هتي صرف خليل قاضي جو ذڪر مناسب رهندو ان ڪري جو سندس ڪهاڻيون مٿي ڏنل عنوان موجب آهن. خليل قاضي گهٽ لکيو آهي، پر سندس لکڻيون اهم آهن. "جمهوريت جو سچ" حڪمران طبقي جي مفاد پرستيءَ واري سوچ تي لکيل ڪهاڻي آهي ۽ ڀرپور طنز ۽ ٽوڪ ڀري انداز ۾ آهي. ان قسم جي ڪهاڻين، سياسي شعوري حقن کان واقفيت ۽ سماج ۾ حڪمران طبقي جي خود غرضيءَ واري رويي کان روشناس ڪرايو. اهڙي قسم جي ڪهاڻيءَ جو تخليق ٿيڻ جو سبب سنڌ ۾ مخصوص سياسي ۽ سماجي حالتون آهن. جنهن جي ڪري رومانيت گهٽجو جتاءُ نه ڪري سگهي. "جمهوريت جو سچ" ڪهاڻي جون چند سٽون اکين اڳيان پيل پردي کي چاڪ ڪن ٿيون. "ڪمان آهستي آهستي ورندي، پورو گول ٿاهي زمين کان جدا ٿي ويئي چمڪندڙ گولو جڏهن آسمان ڏانهن وڌڻ لڳو ته سنهري ڪرٽا بصر جي قدمن ۾ اچي پيا. سنهري ڪرٽا ڏسي بصر خوشيءَ ۾ ديوانو ٿي ويو. تاڙيون وڄائي ڦيريون پائڻ لڳو، بصر جي اها حرڪت ڏسي منهنجو اندر اڌ ٿي پيو، پنهنجي دل کي گول ڦيٽي جي وچ ۾ گاهه وانگر وڍيل محسوس ڪيم. ٻانهن کان جهلي چيومانس ديوانو نه ٿي بصر ٿوري دير کان پوءِ سچ تان اهو سنهري چاپو لهي ويندو، پوءِ اهو سچ ٻاڻ کي هميشه جيان وري جلائيندو." (٩) خليل جون ٻيون ڪهاڻيون "عظيم مفاد خاطر" ۽ "ٻيو رستو" اهم آهن. سندس ڪهاڻين تي بندش پئي ۽ ايڊيٽر کي جيل وڃڻو پيو. اظهار جي آزادي جي سوچ صرف هڪ نظريي يا هڪ فرد جي ملڪيت ناهي. ان سوچ، شخصي آزادي کي نروار ڪيو آهي.

ف – م لاشاريءَ جي ڪهاڻي "تنگيل وقت" شڪور نظاماڻي جي ڪهاڻي "قتل گاهه مان ڀڳل ماڻهو" ۾ انسانيت جي جياپي لاءِ کنيل قدم جي خيال کي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ آندو ويو آهي. جان خاصخيلي جي ڪهاڻي "سياڻي جو خواب" سنڌ جي تحريڪن جي ڏيوالپڻي ۽ غير موثر هجڻ تي هڪ ڀرپور ٽوڪ آهي. ١٩٨٦ کان پوءِ سنڌ نسلي ۽ لساني نفرت جي طوفان ۾ گهري ويئي، تنهن کي سنڌي اديبن پنهنجو موضوع بنايو جنهن ۾ "ڪلاچي جو ڪن" ۽ "خوف جو موت" اهم آهن. خوف جو موت ۾ سنڌين جو هڪ ٻئي سان رويو ورتاءُ سان گڏ خوف جي ڏائڻ کان هڪ جوڙي کي خوفزده ٿيڻ ۽ نيٺ هڪ فيصلي تي پهچڻ واري لاهه چاڙهه تي ٻڌل ڪهاڻي آهي.

## استحصالي طبقن خلاف:

جديد حسيت (Modern Sensibility) جي نمائندگي ڪندڙ ليکڪن پڻ اڪيلائپ ۽ ڪرب جا مسئلا پيش ڪيا. تنهائي ۽ خوف کي، جيڪي ادب جا انفرادي مسئلا ناهن، بلڪ ان سماجي سرشتي سان لاڳاپيل آهن جتي آزادي ۽ آزاد انسان ۽ ان جي سوچ جو تصور ختم ٿي وڃي ٿو. سرمائيدار ملڪن جي هڪ هٽي ۽ صنعت ڪاري جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل استحصالي نظام، عام ماڻهو کي مشيني پرزو بنائي ڇڏيو آهي. مادي حاصلات لاءِ ڊوڙ انسان کي بي حس بنائي ڇڏيو. انسان جنهن کي روحاني ۽ مادي ترقي ڪرڻي هئي. حقيقت ۾ پوئتي پوڻ لڳو. انهن مڙني ڳالهين

مغرب ۾ جديد حسيت کي جنم ڏنو ۽ اها حسيت ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ يورپ ۾ شروع ٿي ۽ سنڌ ۾ مخصوص سياسي ۽ سماجي حالتن ۽ ٻين مسئلن جديد حسيت کي جنم ڏنو. منهنجي راءِ ۾ جديد ادبي تخليقن ۾ آيل ڪرب (Anguish) اڪيلائپ جي مسئلن کي هن ظالمانه منفي ڇتاپيتي واري نظام ۽ سنڌ ۾ لساني مسئلي جي پس منظر ۾ ڏسڻ گهرجي. خاندان ۽ فرد جي وچ ۾ بي حسي ۽ بي زاديءَ جو عنصر انهن حالتن پيدا ڪيو. انهن ليکڪن انساني مسئلن کي هڪ اهڙي تناظر (Prospective) ۾ پيش ڪيو، جيڪو حقيقت جي تمام ويجهو آهي جديد حسيت جو لاڙو اڻ برابري، طبقاتي لساني ۽ ظالماڻ سياسي نظام جي تحت سنڌي ڪهاڻي ۾ شامل ٿيو. ماڻڪ جون تخليقون به جديد حسيت جون نمائينده ڪهاڻيون آهن. سندس ڪهاڻين ۾ سماجي شعور جو احساس نمايان آهي.

جيئن "شاهه هٽڪڙيون ۽ وارنٽ "ڇهه انام ڪهاڻيون" مان پهرئين ڪهاڻي سياسي ۽ سنڌ جي ماحول کي ظاهر ڪري ٿي. "حويلي جا راز" سندس ابتدائي دور واري ڪهاڻي آهي. جنهن تي گهڻائي اعتراض ڪيا ويا. هيءَ ڪهاڻي پيرن ۽ سيدن جي ڪرتوتن بابت آهي. سنڌ ۾ هي طبقو طاقتور آهي ۽ سنڌن پاڙون گهريون آهن. هن طبقي جو اثر سنڌي عوام جي رهڻي ڪهڻيءَ ۽ زندگيءَ تي اثر انداز آهي. ان ڪري ئي عام ماڻهو جي سماجي زندگيءَ ۾ ڪا تبديلي نه ٿي آهي. موهن ڪلپنا پنهنجي مقالي "سنڌي ڪهاڻي جو اپياس" ۾ لکي ٿو: "منير احمد ماڻڪ پنهنجي ٽئين دور ۾ لکيو، پرهو سنڌي ڪهاڻي ۾ هڪ صوفي فنڪار آهي، جنهن جي ڪهاڻين ۾ حقيقت وارو ترقي پسند ۽ جدت پسنديءَ جي اصلاحي وجوديت (Abserdiity) ادب جا تلخ اهڃاڻ ملن ٿا (١٠) حقيقت هي آهي ته سندس ڪهاڻين ۾ حقيقت نگاري ۽ جدت پسندي جا لاڙا نمايان آهن. هن جنهن نمونيِ ۾ زندگي کي پرکيو ائين ڪهاڻي ۾ پيش ڪيائين. جنسي مسئلن کي پڻ ڪهاڻي جو موضوع بنايائين، جنهن تي اعتراض ۽ تنقيد ٿي، ١٩٧٧ جي مارشل لا کان پوءِ ڪهاڻيءَ ۾ تشدد ۽ سنڌين سان ٿيل ظلم جي اپٽار ٿيل آهي. "انون ماڻهو" (سراج) هڪ ناڪرده گناهه جي سزا ڀوڳي ٿو هي ڪردار اڏول آهي ۽ جرئت سان پريل آهي. ڪهاڻي "عاشق ۽ شهيد موتي ايندا آهن" (امر) پڻ ان قسم جو مواد رکي ٿي. اهڙي قسم جي ڪهاڻين ڪنهن حد تائين رومانوي عنصر کي زنده ڪيو. هنن ڪهاڻين جو هڪ ئي جواب ٿي سگهي ٿو ته سنڌي سماج ابتدا کان ئي اهڙيءَ بي آراميءَ ۽ ناانصافيءَ واري ماحول ۾ اسريو ۽ وڌيو آهي، جنهن ۾ اديب / ليکڪ، فرد جي انهن مسئلن ۽ آدرشن کي مدنظر رکيو آهي. جن کي هو وڌيڪ اهم ۽ اثرائتو سمجهي ٿو، تنهن هوندي به ڪهاڻيءَ ۾ نفسياتي، معاشي، سياسي، جنسياتي ۽ سماجي پهلوءَ کي ڏسي سگهجي ٿو. انفرادي ۽ جديد دور جي مڙني مسئلن جي نشاندهي ڪيل آهي، محبت نفرت ۽ احساساتي ڪيفيتن کي پڻ اجاگر ڪيو ويو. سماج ۾ جيڪو ٿي گذريو تنهن جي صورت ڪهاڻي ۾ ڏسي سگهجي ٿي، جڏهن ته ڪهاڻي هڪ تاريخي دستاويز طور تي اهميت رکي ٿي. فرد ۽ سماج جي لاڳاپن جي حوالي سان ڪهاڻي هڪ آئينو آهي جنهن ۾ فرد ۽ سماج پنهنجي پنهنجي صورت ڏسي سگهن ٿا. سنڌي ليکڪ جي ويجهو زندگيءَ جو تصور حقيقت جي نزديڪ آهي. ليڪڪن اهڙا ڪردار خلقيا جن مان خيال جي بنياد تي تخليق ٿيل ڪردار انهن قدرن کي پرکڻ ۽ ڊاهي ڇڏڻ يا ٽڏي ڇڏڻ لاءِ پيدا ڪيا. انهن اڳوات تيار يا اختيار ڪيل قدرن ۽ معيارن کي قبول نه ڪيو آهي، ڊاڪٽر ٻوهيو لکي ٿو: "ڪردار جي هيءَ حيثيت للڪاريندڙ (Challanging) ٿئي ٿي. ان ڪري هن قسم جي ڪردارن جي بنياد تي پيدا ٿيل ادب انقلابي نوعيت جو ٿئي ٿو." (١١) منهنجي نزديڪ اهڙي قسم جا ڪردار ڪهاڻي ۾ داخل ٿين ٿا ۽ ان وقت تائين ڇانيل رهن ٿا جيستائين ڪو ٻيو نرالو خيال يا سوچ ان ڪردار يا سماج ۾ تبديلي آڻي. ليڪڪن زندگي جي اصل حقيقت کي فلسفيانه نموني ۾ پيش ڪيو آهي. سماج ۾ ٿيندڙ سمورن مونجهارن ۽ آدرشن جي ٽٽڻ کي سنڌي ڪهاڻيءَ پنهنجو پاڻ ۾ سمويو آهي.

ستر واري ڏهاڪي ۾ انفراديت ۽ سماجي حقيقت نگاري جا لاڙا نمايان آهن. ١٩٨٣ع جي جمهوري تحريڪ ۽ ڇڪتاڻ جي نتيجي ۾ ڪهاڻي جو لاڙو وڌيڪ حقيقت پسنديءَ ڏانهن نظر اچي ٿو. ٻيا لاڙا جيڪي نوان شروع ٿيا هتا

سي وري هڪ وڏي وهڪري ۾ شامل ٿي ويا. اهو وهڪرو سماجي حقيقت نگاري جو آهي. ١٩٨٣ع جي تحريڪن جي اتساه ڪري "ڪانسٽيٽيوشن اوينيوتي موت" (امر) ۽ رشيد ڀٽي جي "تاريخ جو آواز" انهيءَ ڳڻپ ۾ اچن ٿيون.

## سنڌ کان ٻاهر:

وطن جي محبت ديس واسين جو وڇوڙو، آزاديءَ کان پوءِ سرحد جي ٻنهي پاسي ورهايل سنڌي سماج تي حالتن جو اثر نمايان آهي، سنڌ کي ڇڏيندڙ ٻي پار وڃي پنهنجي وجود ۽ سڃاڻپ جي لاءِ جاکوڙ ڪندا رهيا. پروفيسر هيرو شيوڪاڻي لکي ٿو "هن طرف وشال ڀارت ۾ باوجود هڪ آزاد لوڪشاهي سيڪيولر ۽ ڪليل ڀهوڀاشي سماج ۾ اچي ٽڙيل پکڙيل روپ ۾ وسجي ويل سنڌي حياتي رفته رفته پنهنجي جداگانه قومي شناخت کوهيندي رهڻ جا امڪان پسائي رهي آهي. اينٽريقدر جو هاڻ ان تي الزام صادر ٿيڻ لڳو آهي، ڀارت جو سنڌي سماج ٻيو سڀ ڪجهه آهي فقط سنڌي نه رهيو آهي." (١٢) آزادي کان پوءِ هندستان ۾ سنڌي ليکڪن ابتدائي تحريرن ۾ وطن جي محبت ۽ وڇوڙي جي درد ۾ ٻڏل ڪهاڻيون تحرير ڪيون. ان کان پوءِ نفسياتي مونجهارن ۽ صنعتي ترقي جي زير اثر ڪري جيڪو سماج وڌيو ۽ وڃهيو تنهن جي اپٽار ليکڪن چڱي نموني ۾ ڪئي آهي. سنڌن اِها نشاندهي، سماجي شعور جي پختگي جو ثبوت آهي. انفرادي طور تي به ڪهاڻي ۾ هڪ فرد کي اهميت ڏني ويئي.

ابتدا ۾ سنڌي ڪهاڻي لڏ پلاڻ ۽ ڪئمپن ۾ سنڌين جو دربدر ٿيڻ ۽ ٻيو سنڌ جي ياد ۽ سنڌيت جو جذبو حاوي آهي. "آنند گولاڻي" جي ڪهاڻي "گامڙو" جيڪا سنڌيت واري جذبي کي ظاهر ڪري ٿي. "سنڌڙيءَ جا شل ڳوٺ وسن" ۽ "سنڌو" نارائڻ ڀارتيءَ جون "ڪليم ۽ دستاويز" ڪلا پرڪاش جو "خانواهڻ" وغيره وطن کي ڇڏڻ ۽ ان جي محبت جو اظهار آهن. احساسن جي هڪ دنيا آهي جيڪا هنن ڪهاڻين ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿي. "نئين دنيا" مجموعي ۾ "ڏاچي واليان" منوهر لال جي ڪهاڻي نهايت پر اثر آهي. ڪهاڻيءَ جون سٽون ڏجن ٿيون "پاسي واري هوٽل ۾ گريمو فون تي جيوٽي ڀائي ڳائي رهي هئي "ڏاچي واليان موڙ مهار ڙي" مگر ڏاچيءَ وارو اڄ ٻيوس هو ان کي موٽر پنهنجي هٿن ۾ ڪٿي ڪيس جيوٽي کان ڳڙهي ياسين کان بلڪه سنڌ کان دور بلڪل دور ڪٿي وڃڻ لاءِ ڊوڙي رهي هئي" (١٣). ان کان علاوه رام پنجواڻي جي "محمد گاڏيءَ وارو" ڪرشن کٽواڻي جي "مان راجا" ۽ "سائين" سندريءَ جون "سنڌوءَ جو روپ"، "معصوم التجا" ۽ "توجنين جي تات". اهم آهن، انهن سمورين ڪهاڻين تي محبت جو وسيع جذبو ۽ درد جي ڇاپا آهي. جن کي پڙهڻ سان جذبات ۽ تلاطم پيدا ٿئي ٿو.

## پڄاڻي/ حاصلات:

جديد نظريي جي تحت ڪهاڻي/ افساني جو سماجي ڪارج اهو آهي ته ان مان حياتي کي آسودو ۽ سولو بنائڻو آهي. انساني مفاد کي آڏو رکيو وڃي. زندگي جي روحاني ۽ مادي زندگي ۾ ٿيندڙ واقعن ۽ اڀرندڙ مسئلن جو بنياد ڳولهڻ گهرجي.

رئوف نظاماڻي پنهنجي مقالي "سنڌي ڪهاڻي" ١٩٨٠-١٩٩٢ هڪ مختصر جائزو "۾ لکي ٿو ته ١٩٨٠ کان پوءِ شعور جي رو ۾ لکيل ڪهاڻيون گهٽ ملن ٿيون جيڪي ڪهاڻيون ملن ٿيون انهن ۾ نفسياتي ڇيد ۽ گهرائپ نٿي ملي." (١٤) منهنجي راءِ ۾ ان جو جيستائين ڪهاڻي جي سماجي ڪارج جو تعلق آهي ته هن ڪارج کي وڌيڪ اثرائتو ۽ معياري نموني ۾ ڪيئن بنائجي. ان سلسلي ۾ مغربي دنيا ۾ ٿيل ڪم کي نظر انداز نٿا ڪري سگهون. ڪارلائل (Carlyal) خواندگي کي اهم سمجهي ٿو ۽ ادب جي ڪارج ۾ ان جي وڏي اهميت آهي. مٿي ڏنل تحقيق جي روشني ۾ هي حقيقتون سامهون اچن ٿيون ته سنڌ جي ٨٠ سيڪڙو آبادي ٻهراڙي ۾ رهي ٿي، جيڪي بنيادي سهوليتن کان محروم آهن ۽ علم جي روشنيءَ کان پڻ ناواقف آهن ان صورتحال ۾ ڪهاڻي جيڪا ادب جي هڪ اثرائتي ۽ مقبول صنف آهي ان جي ڪارج تي برو اثر پوي ٿو ۽ ان ڪري ئي ڪهاڻي اهو سماجي ڪردار ادا نه ڪري سگهي آهي جيڪو ڪرڻ گهرجي ها. مٿين سڀني مشڪلاتن جي باوجود ڪهاڻي سماج جي ترجمان آهي.

# حوالا

(١) Encyclopadia of Social Sciences, Vol., 9 and 10 Page 418-19

(٢) شبد ۽ سنسڪرتي، ڪونج پبليڪيشن بمبئي، ١٩٨٢، ص -٥٧

(٣) ايضاً،

(۴) جيٽلي مرليڌر (ڊاڪٽر) "اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون" سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد سنڌ ١٩٩٠، ص- ١٨،٢٩ ۽ ١٧.

(٥) ملڪاڻي منگهارام "سنڌي نثر جي تاريخ" روشني پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ، ١٩٩٣، ص - ۴٨ ۽ ٥٨.

(٦) طارق اشرف "تيهن سالن جون چونڊ آکاڻيون" نيوفيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ ١٩٧٨ع.

(٧) (پرڪ)، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ١٩٧٧، ص -١٠٦

(٨) نورالهديٰ شاهه "ڪيڏارو" سهڻي پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٩٠، ص - ۴٩

(٩) قاضي خليل "جمهوريت جو سج" سهڻي پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٧۴، ص -٣٩

(١٠) ڪلپنا موهن "سنڌ جي سنڌي ڪهاڻي" ايپاس، آرسي، ص -٣١٧.

(١١) بوهيو (ڊاڪٽر) "ادب جا فڪري محرڪ" سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، ١٩٧٢، ص ١٥٩

(١٢) شبد ۽ سنسڪرتي ڪونج پبليڪيشن بمبئي، ١٩٨٢، ص

(١٣) نئين دنيا، فبروري ١٩٥٣، ص - ١٧

(١۴) رئوف نظاماڻي "سنڌي ڪهاڻيءَ هڪ مختصر جائزو"، سنگت ١٩٩٣، ص - ١٠٣.

## مددي ڪتاب

(١) جيٽلي، مرليڌر "ڊاڪٽر لالچند امر ڏنومل جڳتياڻي"، ساهتيه اڪاديمي، دهلي ١٩٨٥.

(٢) جيٺمل پرسرام گلراجاڻي "چمڙا پوش جون آکاڻيون" ١٩٢٣.

(٣) ملڪاڻي منگهارام، "سنڌي نثر جي تاريخ" روشني پبليڪيشن حيدرآباد، ١٩٩٣، ص - ٥٠ ۽ ٦٠

(۴) هنگوراڻي، امر لعل "ادو عبدالرحمان" ڪهاڻين جو مجموعو ٻيو ايڊيشن نيوفيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ص - ١٠ کان ١۴.

(٥) "نادر بيگ جون ڪهاڻيون" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ١٩٩٢.

(٦) مامتورا، آسانند "ڳنوارڻ" سنڌي ڪئمپس پبليڪيشن ١٩٧٨ع ص - ٨٢.

(٧) شبد ۽ سنسڪرتي ڪونج پبليڪيشن بمبئي ١٩٨٢ع، ص - ٢٣ ۽ ٥٦.

(٨) -- ايضا --، ص ٧٥

(٩) بوهيو الهداد (ڊاڪٽر) "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، ١٩٧٩ع، ص ١٥٠

(١٠) نورالهديٰ شاهه "ڪيڏارو" سهڻي، پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٩٠ع، ص -۴٩.

•

ولي رام ولڀ

# اٺوين صديءَ ۾ سنڌ جي اخبار نويسيءَ جو هڪ جائزو

[نوٽ: اخبار نويسي، تاريخ جو هڪ اهڙو سرچشمو آهي، جو ان کان سواءِ تاريخ جي حقيقتن کي سمجهڻ جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي. اخبار نويسي ڪنهن به ملڪ جي حالاتِ حاضره کي قلمبند ڪري ٿي، جيڪو اڳتي هلي تاريخ جو حصو بڻجي وڃي ٿو: جو اخبار نويسي، تاريخ لاءِ ڪچو مال مهيا ڪري ٿي.

دنيا ۾، هر دؤر دوران، هر ڪنهن ملڪ ۾ اخبار نويسيءَ جو روپ ڪنهن نه ڪنهن رنگ ۾ ضرور موجود هو. هر ڪنهن ملڪ، پنهنجي ارتقائي قدمن ۽ منزلن جا گس پچائي، ماضيءَ جي دز چڙهيل ورقن ۾ پاڻ کي ڳولي، پنهنجي لاءِ مستقبل ۾ وڌيڪ ترقيءَ جون راهون متعين ڪيون آهن. اهڙي طرح اُهي هڪ طرف پنهنجي ماضيءَ کان ناتو نٿا ڇنن ته ٻئي طرف مستقبل تان نظر به نٿا هٽائين.

سنڌ جي تهذيب، دنيا جي سڀ کان آڳاٽي ڄڻي وڃي ٿي، جنهن جو جيئرو جاڳندو ثبوت "موهن جو دڙو" آهي. هن قتل دڙي جي آڳاٽن آثارن تي غور ڪرڻ سان ذهن ۾ سوال اُڀري ٿو ته جڏهن اُتان جا رهواسي پنهنجي رهائش لاءِ مڪمل طور تي شهري اڏاوتي رٿابندي مزجب گهر ۽ گهٽيون، کوهيون ۽ حوض، وهنجڻ جون جايون ۽ تلاءَ، نالا ۽ ڪسيون جوڙي سگهيا ٿي، ته پوءِ وٽن ترقي يافته لکيت ۾ ڪم ايندڙ ٻولي ڪيئن نه هوندي؟ هنن پنهنجي روز مره جي سماجي وهنوار، ڳانڍاپي ۽ ڪاروبار جو وسيلو ضرور ٻوليءَ کي بنايو هوندو. سندس ٻوليءَ جي اهڃاڻي شڪل، جيڪا ٺڪرين تي اُڪريل يا ڇاپيل ملي آهي، موجوده نسل، پنهنجي سمورين سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي سهوليتون حاصل هئڻ جي باوجود، پڙهڻ يا ان جو مطلب سمجهڻ کان قاصر آهي. ان دؤر کان هن دؤر جي وچ ۾ ڪيترائي طوفان آيا هوندا؛ ڪيترائي ڀيرا ڌرتي ڌُڏي هوندي؛ ڪئين ڀيرا سڳهارو سنڌو ٻنيون ٻارا، وسنديون واهڻ، شهر ڳوٺ ٻوڙي، ماڻهن کي پنهنجي ايندڙ پيڙهين لاءِ پويان ڪجهه ڇڏي وڃڻ کان سواءِ، گمنامين جي اونداهين ۾ غرق ڪري ويو هوندو؛ ۽ ڪيترن ئي حملہ آور جنگجُو مهمجوئن تهذيبن جا نشان به ناس ڪري ڇڏيا هوندا. ان ڪري زمانن جي گذرڻ کان پوءِ، اُنهن نسلن ۽ اڄ جي نسلن ۾ ڪو تعلق قائم نه ٿي سگهيو آهي. ڪاٻه ڪڙي، اُن دؤر جي ڪڙيءَ سان نٿي ملي. ايتري قدر جو هاڻي رڳو تصورن، انومانن ۽ مفروضن جي بنياد تي نتيجا ڪڍيا وڃن ٿا يا انهن لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

اهو به تاريخ کان اڳ وارو دور هو، ۾ هندو ڌرم ۽ ٻُڌ ڌرم جي دورن ۾ هتي ڇا وهيو واپريو هوندو، انهن جي باري ۾ پڻ تاريخ گونگي آهي يا سندس وات تي پٽو چڙهيل آهي. ان کان پوءِ واري اسلامي دؤر کي پڻ اسان کي دوربين سان ڏسڻو پوي ٿو ته تاريخ ۾ اسان ڪٿان ڪٿان گذريا آهيون ۽ اسان جي قدمن جا نشان باقي ڪٿي ڪٿي آهن. اهي سڀ دؤر ۽ انهن جا مختلف پهلو تحقيق طلب آهن.

هيءُ تحقيقي مقالو (Thesis) سنڌ يونيورسٽيءَ جي شعبہءِ ابلاغِ عامہ (The Department of Mass Communication) جي ايم- اي (فائنل) جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ ١٩٩٠ع ۾ لکيو ويو هو، جنهن ۾ اٺوين صديءَ جي تاريخي پس منظر ۾ اخبار نويسيءَ جي جائزي وٺڻ جي تحقيقي جستجو ڪيل آهي. سنڌ جي تاريخ ۾، اٺوين صديءَ جو وچ هڪ اهڙو موڙ آهي، جتان اسان جو ملڪ هڪ نئين راهه اختيار ڪري جديديت ڏانهن گامزن ٿئي

ٿو. جتي ڏيهي حڪمران ٽالپرن جو حڪومتي دؤر ختم ٿيڻ جو واقعو رونما ٿئي ٿو، اُتي انگريزي راڄ اچڻ سان جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي دؤر ۾ قدم رکڻ لاءِ پيش رفت جي شروعات ٿئي ٿي. مواصلات ۽ ابلاغِ عامہ جا وسيلا متعارف ٿين ٿا، جيڪي اڳتي هلي اسان کي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ سيٽلائيٽ جي دؤر ۾ وٺي هلن ٿا. انهن سڀني ۾ اخبار نويسيءَ جو ڪردار هند ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ اهم ۽ فيصلہ ڪُن ثابت ٿئي ٿو.

سموري دنيا ۾، اخبار نويسيءَ جي تاريخ جا محقق ٻن گروهن ۾ ورهايل آهن. هڪڙي گروهہ جو خيال آهي تہ اخبار نويسيءَ جي تاريخ ۾ رڳو اخبار نويسيءَ جي فن جي اوسر جو داستان قلمبند ڪرڻ گهرجي، جڏهن تہ ٻئي گروهہ جو نقطہءِ نظر آهي تہ اخبار نويسيءَ راءِ عامہ جو هڪ مؤثر ادارو آهي، انهيءَ ڪري جڏهن اخبار نويسيءَ جي تاريخ لکي وڃي تہ راءِ عامہ جي تاريخ مرتب ڪئي وڃي. مثال طور اهو ٻڌايو وڃي تہ اخبار نويسي، سياسي ۽ سماجي سوچ ۽ راين کي ڪيئن تبديل ڪيو ۽ راءِ جي آزادي کي ڪيئن فروغ ڏنو.(١) آءٌ ٻئي گروهہ جي راءِ سان سهمت آهيان. پر جڏهن تحقيق هيٺ موضوع تي ڪم هٿ ۾ کنيو ويو تہ اهو دور ايڏو وسيع، ڦهليل ۽ گهڻ-پاسائون هو، جو محسوس ٿيو تہ مقالي جي دائرهءِ ڪار جي تنگ داماني سبب موضوع سان انصاف نہ ٿي سگهندو. انهيءَ ڪري موضوع ۽ اُن جي دائرهءِ ڪار کي اڻويهين صديءَ ۾ انگريزن جي آمد کان اڳ واري دؤر جي اخبار نويسيءَ جي پس منظر ۽ اُن کان پوءِ جاري ٿيل اخبار نويسيءَ جي ارتقا تائين رکيو ويو، جنهن ۾ پهلو بچائڻ جي احتياط جي باوجود، لاڳاپيل موضوعن کي ڇهڻ اٽڪر هو، جيڪي مستقبل جي تحقيق لاءِ اڇوتا ڪري رکيل هئا. اهي موضوع تاريخي تحقيق ۾ دلچسپي رکندڙن لاءِ هميشه ڪشش جو ڪارڻ رهندا.

هن مقالي ۾، اڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي اخبار نويسيءَ جو مختصر جائزو پيش ڪيو ويو آهي. انهيءَ دور ۾، سنڌ جي جديد طرز تي تشڪيل جي شروعات ٿي هئي، جنهن ۾ اخبار نويسيءَ جو چڱو خاصو عمل دخل رهيو هو. انهيءَ جي پيشِ نظر موضوع جو اڀياس ٻن مکيہ مقصدن کي ذهن ۾ رکي ڪيو ويو آهي:

١- انگريزن جي آمد سان، سنڌ ۾ مختلف ٻولين جي اخبار نويسيءَ جي
اوسر کي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪرڻ، ۽

٢- ان جو مختصر جائزو وٺڻ.

انهن مقصدن کي ماڻڻ لاءِ مقالي کي مکيہ ڇهن بابن ۾ ورهايو ويو آهي جن جو اختصار هن ريت ٿئي ٿو:

١٨٤٣ع ۾، انگريزن جي آمد کان اڳ، سنڌ ۾، وقائع نويسيءَ جي روايت رهي آهي، جنهن عربن جي دؤر کان وٺي ميرن جي دور تائين، ٻارنهن صدين ۾ مختلف ارتقائي مرحلا طئہ ڪري، اها صورت اختيار ڪئي هئي.

اهو سمورو دور بادشاهن ۽ حڪمرانن جو دور هو، جنهن ۾ انهن جا فرمان ۽ اعلان مختلف طريقن ۽ وسيلن سان عوام تائين پهچايا ويندا هئا ۽ رعايا جون خبرون چارون حڪمرانن تائين پهچايون وينديون هيون. حڪمرانن جا پگهاردار ملازم دربار ۾ مقرر ۽ موجود هوندا هئا، جيڪي حڪمرانن جي سموري ڏينهن جي سرڪاري روئداد قلمبند ڪندا هئا. انهيءَ سموري دور ۾، حڪمران اهم هو ۽ عوام کي سندس خوشنوديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻو هو. عوام جون خبرون عوامي سطح تي، عوام کي نٿي پهتيون، پر حڪمرانن تائين پهچنديون هيون، جنهن لاءِ اُن وقت جي مُلڪي ڍانچي ۾ انتظام ٿيل هوندا هئا. اهي سڀ سهوليتون ۽ بندوبست حڪمرانن پنهنجي انتظامي ڍانچي کي مضبوط ۽ منظم ڪرڻ لاءِ ڪري رکيا هئا تہ جيئن اهي بي ڪُٿڪي حڪومت ڪري سگهن.

اڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري، جڏهن انگريزن ميرن کي شڪست ڏيئي، سنڌ جون واڳون پنهنجي هٿن ۾ ورتيون تہ

---

(١) ڊاڪٽر عبدالسلام خورشيد: "صحافت پاکستان و هند مين"، (پيش لفظ)، مجلس ترقيءِ ادب، لاهور، ١٩٦٣ع.

هنن حڪومت جي سموري انتظامي ڍانچي ڪي تبديل ڪرڻ جا جيڪي اقدام ڪيا، انهن ۾ مواصلات جا ذريعا اهم آهن. روڊن ۽ رستن جي حالت سُڌاري ويئي. سموري مُلڪ جي سروي ڪري، اُن ڪي حصن ۾ ورهائي، هڪ اهڙو Infra-structure جوڙيو ويو، جيئن ڪين انتظام هلائڻ ۾ سهوليت ٿئي. ٽپال جو سرشتو نئين سر سنواريو ويو. ريلوي کي متعارف ڪرايو ويو. اڳوڻي سرڪاري طور رائج ٻوليءَ فارسيءَ کي ختم ڪيو ويو ۽ اُن جي جاءِ تي ڏيهي ٻولي - سنڌي، جيڪا عوام جي ٻولي هئي، اُن جي لپيءَ کي سنواري سُڌاري، کيس باقاعدي مقرر شڪل ڏيئي، ذريعهء تعليم جي حيثيت ڏني ويئي ۽ انگريزي زبان کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو. مُلڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اسڪول کُليا ۽ تعليم عام ڪرڻ جا انتظام ڪيا ويا.

سنڌ جي مقامي علمي، انتظامي، سماجي ۽ ثقافتي روايتن جي پيٽ ۾، انگريزن کي يورپ جي جديد ۽ ترقي يافته تعليمي، علمي ۽ انتظامي ڄاڻ جو پس منظر هو. سنڌن حڪمراني شروع ٿيڻ جي ٻن سالن کان پوءِ يعني ١٨٤٥ع ۾، انگريزي زبان جي پهرين اخبار "Kurrachee Advertiser" جو اجراء ٿيو، جنهن کي خود سنڌ جي فاتح انگريز سر چارلس نيپيئر (Sir Charles Napier) جي سرپرستي حاصل هئي. اهڙي طرح سنڌ ۾ جديد اخبار نويسيءَ جي شروعات ٿي ۽ اهو سلسلو پوءِ يورپي توڙي ڏيهي ماڻهو جاري رکندا آيا. ان طرح هيءُ ملڪ يورپ جي ترقي يافته خيالن، فڪري لاڙن ۽ نين سوچن جي سرحدن سان هم ڪنار ٿيڻ لاءِ پيش قدمي ڪرڻ لڳو.

جيئن ته انگريزن جي اچڻ کان اڳ، هن سرزمين تي ٻارنهن صديون کن مسلمانن جي حڪومت قائم هئي ۽ فارسي زبان کي هڪ ڊگهي عرصي لاءِ سرڪاري زبان هجڻ جي حيثيت حاصل هئي، تنهنڪري انگريزي زبان توڙي سنڌي زبان رائج ٿيڻ جي باوجود شُرفا طبقي ۾ علم، ادب ۽ دانش جي زبان فارسيءَ کي سمجهيو ويندو هو. انهيءَ جي پيشِ نظر جلدئي انگريزي جديد اخبار نويسيءَ جي طرز تي، ١٨٥٥ع ۾ فارسي اخبار نويسيءَ جي شروعات ٿي. پر پوءِ سنڌي زبان، جنهن کي عام ڳالهه ٻولهه، واهپي ۽ سرڪاري سطح تي حيثيت حاصل هئي ۽ فارسيءَ جي جاءِ وٺي رهي هئي، فارسي اخبارن ۾ جزوي طور تي جاءِ وٺڻ لڳي. جلد ئي اهو سلسلو پڻ بند ٿي ويو ۽ ١٨٥٦ع ۾ سنڌي زبان جي پهرين مڪمل اخبار "سنڌ سُڌار" شايع ٿيڻ لڳي، جنهن کي سرڪاري سرپرستي حاصل هئي. اخبار نويسيءَ جي دنيا ۾، سنڌي زبان جي حوالي سان، اهو هڪ Break-through هو.

اها اخبار پوءِ سنڌ جي پهرين سماجي - سياسي تنظيم "سڌار سڀا" جي حوالي ٿي، جيڪا هندو، مسلمان ۽ پارسي طبقن جي روشن دماغ ماڻهن تي مشتمل هئي. انهيءَ تنظيم "سُڌار سڀا" اخبار کي عوام جي حقن لاءِ استعمال ڪيو. پر پوءِ رڳو چئن ورهين جي عرصي ۾ اها تنظيم هندو - مسلمان ڏڦيڙ جو شڪار ٿي ويئي، جنهن جي نتيجي ۾ تنظيم ۽ اخبار ٻئي بند ٿي ويون ۽ سنڌ جي سماجي ۽ سياسي زندگي ٻن مختلف ڌارائن ۾ ورهائجي ويئي، جنهن اڳتي هلي پاڪستان کي جنم ڏنو.

انهيءَ ڇڪتاڻ ۾، سنڌي اخبارن، ٻن گروهن ۾ ورهائجي، باقاعدي فرقيوارن نفرت کي هوا ڏني، ڇو جو اُن وقت اخبارون پنهنجي مالڪن جي شخصي خيال، مڪتبهء فڪر يا سياسي يا مذهبي پارٽين جي سرپرستيءَ هيٺ، انهن جي نظرين ۽ موقفن کي عام ڪنديون هيون.

جتي اهي اخبارون فرقيوارانه گروهه بنديءَ جو شڪار ٿيون، اُتي جديد اخبار نويسيءَ جي اصولن ۽ قدرن جي به آبياري ٿي. ڪيتريون ئي انگريزي ۽ سنڌي اخبارون ۽ رسالا شايع ٿيڻ لڳا، جن نه رڳو سماجي ذميداريءَ جا فرض سر انجام ڏنا، پر ادب کي پڻ جديد بنيادن تي بيهڻ لاءِ پنهنجي صفحن ۾ جاءِ ڏيئي راهه هموار ڪئي. اهڙي طرح اڻويهين صديءَ جي پوين پنجونجاهه سالن ۾، يورپي ماڻهن طرفان ڏهه اخبارون ۽ پنج رسالا جاري ڪيا ۽ پوين

پنجيتاليهہ سالن ۾ ڏيهي ماڻهن طرفان ٻه فارسي، ٻه فارسي - سنڌي گڏيل، پندرهن مڪمل سنڌي، چار گجراتي، هڪ اردو ۽ نو انگريزي اخبارون شايع ٿيون ۽ بند ٿينديون رهيون، پر ڪي ته ويهين صديءَ ۾ به جاري رهيون.

جيئن ته مقالي جو سڄو سنئون واسطو اڻويهين صديءَ سان آهي، ان ڪري پهريون باب تعارفي آهي، جنهن ۾ عربن جي دور کان وٺي ٽالپرن جي حڪمرانيءَ جي دؤر تائين، اخبار نويسيءَ جي اوائلي صورتِ وقائع نويسي ۽ ان جو پس منظر بيان ڪيو ويو آهي.

مقالي جي ٻئي باب ۾، ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن جي سنڌ ۾ آمد ۽ سنڌن پهرين ٽن انگريزي اخبارن جي اجرا کان سواءِ ڏيهي باشندن جي انگريزي اخبار نويسيءَ جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾، اهيءُ هيٺ آيل دؤر ئي هڪ اهڙو دور هو، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي "سرڪاري ٻولي" جو درجو مليو ۽ خود وقت جي سرڪار، ٻولي، علم، ادب ۽ اخبار نويسي جي اوسر لاءِ ڪوششون ورتيون، جنهن ڏيهي اخبار نويسيءَ جا مضبوط بنياد مهيا ڪيا.

مقالي جو ٽيون باب سنڌ جي فارسي اخبار نويسيءَ جي باري ۾ آهي، جنهن سنڌي اخبار نويسيءَ لاءِ هڪ ڏاڪي (Stepping-stone) جو ڪردار ادا ڪيو. دراصل فارسي اخبارن ۾ سنڌيءَ کي پڻ جوڳي جاءِ ڏني ويندي هئي، پر پوءِ اهو وقت آيو جو فارسي اخبارن جي مالڪن سنڌيءَ ڏانهن Switch-over ڪيو ۽ اهڙي طرح سنڌي اخبار نويسيءَ لاءِ راهه کُلي پيئي.

مقالي جو چوٿون باب مقامي اخبار نويسيءَ جي دنيا جي اوسر تي ٻڌل آهي. اها دنيا ڏيهي ماڻهن جي سنڌي، انگريزي، گجراتي ۽ اردو اخبار نويسيءَ سان آباد آهي، جنهن جي اهميت توڙي افاديت کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. دراصل ڏيهي اخبار نويسي جنهن دور ۾ پروان چڙهي هئي، اُن ۾ سياسي ۽ سماجي طرح تمام وڏا واقعا رونما ٿيا هئا، جهڙوڪ سنڌ جي هندو-مسلمان جي گڏيل پهرين سماجي-سياسي جماعت "سنڌ سڀا" جو وجود ۾ اچڻ، ان ۾ ڦيٽارو پيدا ٿيڻ، مسلمانن جو نئين جماعت ناهڻ، "نيشنل ڪانگريس" ۾ "سنڌ سڀا" جو ضم ٿيڻ وغيره. انهن واقعن سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن کي ٻن مخالف ڌرين ۾ ورهائي ڇڏيو، جن ۾ سنڌ جي اخبار نويسي وڏو ڪردار ادا ڪيو. ان کان سواءِ، جديد ادب جون پاڙون پڻ اُن وقت جي اخبار نويسيءَ ذريعي پختيون ٿي رهيون هيون، جنهن جي ذريعي اڄ اسان پنهنجي ادب کي دنيا جي ادب سان پيش سگهڻ جي جرئت ڪريون ٿا.

مقالي جي پڇاڙيءَ واري حصي ۾، چئني بابن جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي ۽ پوءِ ضروري ڄاتو ويو ته تحقيقي مقالي (Thesis) جي آڌار تي اخذ ڪيل نتيجن جو خاڪو چٽي ڇڏجي. ان ڪري اهي ڳالهيون پڻ پڇاڙيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ پيش ڪيون ويون آهن.

انهيءَ کان سواءِ، هن مقالي ۾ اڻويهين صديءَ ۾ شايع ٿيل يورپي ۽ ڏيهي اخبار نويسيءَ جا انگ اکر ضميمن جي صورت ۾ پڻ ڏنا ويا اهن، جيڪي اُنهن جو هڪ طائرانه منظر پيش ڪن ٿا.

مختلف بابن ۾ اهڙين اخبارن ۽ رسالن جو ذڪر اچي ٿو، جيڪي اڄ ڪالهه اڻ لڀ آهن ۽ ورلي دستياب آهن. انهن اخبارن مان جيڪي ملي سگهيون، تن جي سرورق ۽ پهرئين صفحي جا عڪس هن مقالي ۾ شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي پڪ سان دلچسپيءَ جو سبب بڻبا.

هن تحقيقي مقالي (Thesis) لکڻ جي تياريءَ لاءِ، مواد گڏ ڪري، ترتيب ڏيڻ ۾ ڪيترائي ڪتاب، رسالا، اخبارون، تحقيقي مضمون، Ph.D لاءِ پيش ڪيل، ڇپيل توڙي اڻڇپيل مقالا (Thesis) نظر مان ڪڍيون ويون آهن. انهن مان ڪن

جي فاضل مصنفن ۽ محققن، اخبار نويسيءَ جي اوسر جي مدد سان، سنڌ جي سياسي ۽ سماجي مسئلن جا نتيجا ڪڍڻ کان قطع نظر، ڪجهه اخبارن/ رسالن جو ذڪر به نه ڪيو آهي. جيڪڏهن انهن جو ذڪر مليو ٿو ته منجهن تاريخ ۽ سن صحيح ڏنل نه آهن. ڪن محققن ته ڪافي سارو مواد ڪٺو، حوالو درج ڪرڻ کان سواءِ ئي، اُهو مواد پنهنجو ڪري پيش ڪيو آهي. هن مقالي ۾، انهن سڀني ڪتابن، رسالن، تحقيقي مضمونن ۽ مقالن کي پيش، رهجي ويل اخبارن ۽ رسالن کي شامل ڪري، انهن جا سن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

پيچاڙيءَ ۾، هتي اردو ۽ انگريزيءَ جي اخبار نويسيءَ جي تاريخي تحقيق تي ٻڌل انهن ڪتابن جو ذڪر ڪرڻ پڻ ضروري آهي، جن ۾ ننڍي کنڊ جي اخبار نويسيءَ جي داستان لکڻ جي دعويٰ ڪيل آهي. پر منجهن رڳو اردو ۽ جزوي طور تي انگريزي اخبار نويسيءَ جو داستان ته آهي، پر سنڌي اخبار نويسيءَ جو ڪٿي به ذڪر نٿو ملي. انهيءَ جا مثال ڊاڪٽر عبدالسلام خورشيد جو ڪتاب "صحافت پاڪستان و هند مين" (جيڪا سندس Ph.D جي ٿيسز آهي)، ۽ ايم-ايس ناز جو "اخبار نويسي کي مختصر ترين تاريخ" آهن. اهڙا ٻيا به ڪيترائي ڪتاب آهن، جن ۾ سنڌي اخبار نويسيءَ جو ڪوبه ذڪر نٿو ملي. اپياس هيٺ دور ۾، سنڌ مان اردو زبان ۾ رڳو هڪ هفتيوار اخبار "دوربين" شايع ٿي هئي. پر هن مختصر مقالي ۾ ڪوشش ڪري اٺوهين صديءَ ۾ سنڌ ۾ جاري ٿيل سڀني ٻولين جي اخبارن ۽ رسالن جو تذڪرو ڪري ڪين تاريخي حصار ۾ ورتو ويو آهي ته جيئن هيءُ مقالو آئنده جي تحقيقي ڪم لاءِ مددگار ثابت ٿئي پر انهيءَ حقيقت جو احساس آهي ته هيءُ مقالو ان سلسلي ۾ حرفِ آخر ناهي. هيءَ ته خلوص ۽ محنت جو ڦل آهي، پيار جو پورهيو آهي.

آءٌ پنهنجي دوست ۽ استاد هربخش ماڪيجاڻيءَ، ڊپارٽمينٽ آف ماس ڪميونيڪيشن جو نهايت ٿورائتو آهيان، جنهن هن تحقيقي مقالي جي موضوع جي چونڊ ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي ۽ پنهنجي مصروف شيڊيول جي باوجود، هيءُ مقالو لکڻ لاءِ منهنجو سونهون ٿيڻ قبول ڪيو، وقت بوقت پنهنجي قيمتي صلاح مشورن سان نوازيندو رهيو ۽ گڏوگڏ پنهنجي ذاتي لئبرريءَ جا ڪتاب اڌارا ڏيئي، مُنهنجي مقالي جي مواد حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪيائين.

شروعات ۾ مواد گڏ ڪرڻ ۽ ان کي ترتيب ڏيڻ ۾ دقت پيش آئي، پر دوست ۽ استاد محترم عبادالله راشدي، چيئرمن، ڊپارٽمينٽ آف ماس ڪميونيڪيشن جي مشوري موجب محترم ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جي "علم تحقيق" ۽ محترم ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ جي "تحقيق جو فن" جي اڀياس ڪرڻ ۽ گڏوگڏ تحقيق جي ڏس ۾ سندس ٻڌايل رهنما نقطن تي غور ڪرڻ کان پوءِ هيءُ مقالو لکي سگهيو آهيان. آءٌ سندس وڏ وساري نٿو سگهان.

محترم ڊاڪٽر الهرکئي ٻُٽ، استاد شعبہ لئبرري سائنس ۽ مانواري دوست محترم غلام محمد لاکي، استاد پاڪستان اسٽڊي سينٽر مواد جي فراهميءَ ۾ منهنجي مدد ڪري، هيءُ مقالو لکڻ جو ڪم سولو ڪري ڏنو، جنهن لاءِ سندن جيترا ٿورا ڳائجن اوترا ٿورا.

محترم ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه رضوي، پروفيسر، فار ايسٽ اينڊ سائوٿ ايسٽ ايشيا اسٽڊي سينٽر، سنڌ

---

(١) رحيمداد خان مولائي شيدائي: "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٨ع، ص ١٦١.

(٢) مخدوم امير احمد (مترجم): "فتح نامو سنڌ عرف چچ نامو"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٧٦ع، ص ٥٧.

(3) Panhwar, M.H: "The Chronological Dictionary of Sindh," Sindhology, Jamshoro, 1983, pp.206-310.

(٤) عبدالله خان، مگسي: "سمن جي دور جو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي نظريو" (مقالو)، ٽماهي مهراڻ،٢/ ١٩٨٦ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص ٩٥.

يونيورسٽي سان تحقيق جي موضوع تي وقت بوقت گفتگو منهنجي لاءِ وڏي اتساهه جو سبب رهي. سندس مشورن لاءِ آءٌ مشڪور آهيان.

آءٌ محترم گل محمد مغل، لئبررين، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو احسان وساري نٿو سگهان، جنهن ناياب ۽ اڻ لڀ ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون ميسر ڪري ڏنيون، نه ته جيڪر انهن جي غير موجودگيءَ ۾ هيءُ مقالو ڪڏهن به مڪمل نه لڳي ها.

پڇاڙي ۾ آءٌ محترم شاهجهان سلاوٽ، مائڪرو فارم آفيسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ انهن سڀني مهربان سڄڻن جو ٿورائتو آهيان، جن هن مقالي لکڻ ۾ مشورا ڏنا ۽ سڌي توڙي اڻ سڌي طرح مدد ڪئي. خاص ڪري محمد هاشم قمبراڻي جا وڏا وڙ، جنهن هن مقالي جي مسودي کي غلطين کان سواءِ ٽائيپ ڪري ڏنو.

[ ولي رام ولڀ]

× × ×

# باب پهريون

## تعارف: وقائع نگاري- سنڌ ۾ اخبار نويسيءَ جي اولين صورت

سنڌ ۾ خبرن ڏيڻ وٺڻ، پيغام پهچائڻ -ڪٿي وڃڻ ۽ ڪٿي اچڻ - توڙي انساني جياپي بابت مواصلات ذريعي، مختلف ڪم ڪار اُڪلائڻ جي ريت رسم ايتري ئي پراڻي آهي، جيتري خود سنڌ جي تاريخ. سنڌ "موهن جي دڙي" جي عظيم الشان تهذيبي دؤر ۾ هجي يا هندو ڌرم ۽ ٻُڌ ڌرم جي گهراڻن جي تابع رهي هجي، يا اجا وچئين دؤر جي مسلمان حڪمرانن جي حڪومت مان گذري هجي- هر دؤر ۾ ۽ هر صورت ۾ صورتحال کان واقف ٿيڻ، خبرن جي ڏي-وٺ ۽ مٽا سٽا جو هتي بهتر بندوبست رهيل ڏسجي ٿو. ان مقصد لاءِ اخبارن، ريڊين، ريل گاڏين ۽ ٻين جديد ذريعن جو متعارف ٿيڻ ۽ ڪتب ۾ اچڻ اجا ڪالهوڪي ڳالهه آهي، پر ماضيءَ ۾ ان لاءِ مختلف سلسلن ۽ صورتن ۾ بندوبست هوندو هو. ڪنهن زماني ۾ ان ڪم لاءِ ته پکي به استعمال ٿيندا هئا. سنڌ ۾ عام ٻهراڙيءَ جي ماحول کان وٺي، ڪلاسيڪي شاعري ۽ لوڪ ادب ۾ "ڪانءُ" جي حيثيت تسليم ٿيل آهي، جنهن لاءِ ڪيئي مثال ڏيئي سگهجن ٿا.

دنيا هميشه تبديلين جو محور رهي آهي. اسلامي دور ۾، ان مقصد لاءِ ڪي خاص انتظام ڪيا ويا ۽ مواصلات جي شعبي کي خاص اهميت ڏيئي مضبوط ۽ موثر ڪيو ويو. انهيءَ ڏس ۾ مولائي شيدائي لکي ٿو:

"عربن جي ڏينهن ۾ ٽپال ڪاتو "بريد" سڏبو هو. هرهڪ منزل تي، ٻارنهن ميلن کان پوءِ، حڪومت ڀاران تيز رفتار گهوڙا مقرر هوندا هئا. صوبن جو احوال، قاصدن ذريعي، مرڪزي حڪومت کي ملندو هو. فتح سنڌ جو نقشو حجاج بن يوسف ئي رٿيو هو. غازي محمد بن قاسم سندس احڪام جي پيروي ڪندو رهيو. ان قسم جا احڪام وٽس ٽپال رستي پهچندا هئا. ٽپال ڪاتي جو وڏو عملدار "صاحب بريد" سڏبو هو. عباسي دور ۾ ٽپال جو ڪم ڪبوترن جي ذريعي به هلندو هو. ڪبوترن جو رواج خليفي المعتصم جي وقت ۾ رائج ٿيو." (١)

ظاهر آهي ته سنڌ پهرين صديءَ ۾ ئي، اسلامي دنيا ۾، عرب فتوحات ذريعي شامل ٿي ويئي هئي. سنه ٧١١ع ۾ محمد بن قاسم پهتو ۽ سنڌ فتح ڪيائين. لڳ ڀڳ ٽن صدين تائين عربن هتي حڪومت ڪئي ۽ سنڌ هڪ صوبي جي حيثيت ۾ پهرين دمشق ۽ پوءِ بغداد سان لاڳاپيل رهي. اڳتي هلي مقامي عربن سنڌ کي مرڪز کان ڇني جدا رياست جو روپ ڏنو. اهي هباري خاندان جا عرب هئا ۽ ٨٥٥ع ۾ انهن اهو قدم کنيو. ان طرح وري به هيءُ ملڪ سن

(١) رحيمداد خان مولائي شيدائي: "جنت السند"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٨ع، ص-١٦٢.

۱۰۱۰ع تائين عربن جي تابع رهيو. ظاهر آهي ته اسلامي دنيا جي هڪ حصي طور رهندي، سنڌ ۾ به "بريد" جو شعبو کوليو ويو ۽ ان کي ڀرپور نموني ڪتب آندو ويو. محمد بن قاسم ۽ حجاج بن يوسف جي وچ ۾ سنڌ جي فتح دوران سوين خط جو تبادلو ٿيو، جنهن جا تفصيل ڪتابن ۾ موجود آهن. (۱) ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته "بريد" جو نظام عرب دور جي شروع ۾ئي منظم ڪيو ويو هو.

سنڌ ۾ ۱۰۱۰ع کان ۱۳۵۰ع تائين يعني ۳۲۰ سال سومرا برسرِ اقتدار رهيا. ان بعد سمن جو راڄ شروع ٿيو، جيڪو ۱۳۵۱ع کان هلي ۱۵۲۰ع ۾ ختم ٿيو. سومرن وارو دور وڏي ڇڪتاڻ وارو زمانو ٿو ڏسجي. هڪ طرف سومرن جو حڪم هليو ٿي ته ٻئي صرف اتر سنڌ جي گهڻن حصن تي غزنوي، غوري، غلام، خلجي ۽ تغلق خاندانن جا گورنر قابض رهيا، جن جا تفصيل تاريخن ۾ موجود آهن. (۲) هن پس منظر ۾ ڏسجي ٿو ته سنڌ جي انتظامي صورتحال ۽ نقشي تي دهلي ۽ افغانستان جي جوڙجڪ جو پاڇو به پيل هو، توڙي جو سومرن جي راڄ ۾ ڀٽ، ڀان ۽ چارڻ قديم زماني کان پروپئگندا جا اهم ذريعا هوندا هئا، جي پنهنجي بيتن ۽ ٻين طريقن سان حڪمران ذر ۽ عوام ۾ ڳانڍاپو پيدا ڪرڻ جا وسيلا ٿي ڪم ايندا هئا. نشر و اشاعت جو ذمو به سنڌن سر تي هوندو هو. (۳) انهن جي زمانن ۾ ملڪ جون خبرون چارون ڀٽن ۽ ڀانن ذريعي دربار تائين اينديون هيون ۽ دربار جا فيصلا ۽ حڪم احڪام انهن جي ذريعي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙبا هئا. اڄ به اهي ڳالهيون انهن جي ذريعي محفوظ آهن ۽ سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم باب جوڙين ٿيون. مثال طور دودي چنيسر ۽ علاؤ الدين خلجيءَ (۱۳۰۰ع) جي وچ ۾ ٿيل جنگ جا تفصيل، تاريخ جي ڪنهن به ڪتاب ۾ نٿا ملن. پر ڀٽن ۽ ڀانن ذريعي اها تاريخي ڪٿا اڄ به محفوظ آهي ۽ سنڌ جي تاريخ جي هن باب کي اسان تائين پهچائڻ ۾ مددگار بني آهي.

تغلق سلاطين جي حوالي سان مولائي شيدائي لکي ٿو:

"تغلق سلطانن جي ڏينهن ۾ ٽپال جو پورو انتظام هو. ان جهڙو انتظام اڳ ڪڏهن به نه ٿيو هو. ٽپال جا چار قسم هئا. پهريون: اولاق يعني گهوڙي سوار ٽپالي، ٻيو: شتر سوار ٽپالي، ۽ ٽيون: پيادا ٽپالي، چوٿون: ڪبوتر."
(۴)

ابنِ بطوطه، جيڪو پنهنجي سفر جي دوران، محمد بن تغلق جي زماني ۾، سنه ۷۴۳هه (۱۳۳۳ع) ۾ سنڌ ۾ به آيو هو. پنهنجي سفرنامي ۾ سنڌ بابت به احوال لکيو اٿس، جنهن مان سنڌ جي قديم حالتن تي روشني پوي ٿي. هو اُن وقت جي ٽپال جي سرشتي بابت لکي ٿو:

"جڏهن اسان هتي پهتاسون، ته بادشاهه جا پرچه نويس اسان وٽ آيا. اسان جي اچڻ جي خبر هڪدم ملتان جي حاڪم قطب الملڪ ڏانهن موڪليائون. انهن ڏينهن ۾ بادشاهه جي طرفان سنڌ جو امير تيز هو. هي شخص بادشاهه جو غلام ۽ فوج جو سپه سالار به هو. جڏهن اسان سنڌ پهتاسون ته امير سيوهڻ ۾ رهيل هو. سيوهڻ کان ملتان تائين ڏهن ڏينهن جو مفاصلو آهي ۽ ملتان کان دهلي تائين پنجاهه ڏينهن جو پنڌ آهي. جيڪي پرچه نويس

(۱) مخدوم امير احمد (مترجم): "فتح نامو عرف چچ نامو"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۷۶، ص-۵۷.

(2) Panhwar, M.A., "The Chronological Dictionary of Sind", Sindhology, Jamshoro, 1988, PP.205-310.

(۳) عبدالله خان، مگسي: "سمن جي دؤر جو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي نظريو" (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، ۱۹۸۶/۱ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص-۹۵.

(۴) رحيمداد خان مولائي شيدائي: "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۷۶ع ، ص-۲۹۸.

بادشاهه ڏانهن خبر موڪليندا آهن، اُها ٽپال جي ذريعي فقط پنجن ڏينهن ۾ پهچي ويندي آهي. ٽپال کي هن ملڪ ۾ "بريد" چوندا آهن. ٽپال ٻن قسمن جي ٿيندي آهي: هڪ گهوڙي واري، ٻي پيادن جي. گهوڙن واري ٽپال کي "اولاق" سڏيندا آهن. چئن چئن ڪوهن کان پوءِ گهوڙو بدلائيندا آهن. گهوڙا بادشاهه جي طرفان موجود رهندا آهن." (١)

ان سلسلي ۾ مولائي شيدائي، ابن بطوطه جي سفرنامي جي حوالي سان وڌيڪ لکي ٿو:

"دولت آباد ۾ قيام جي زماني ۾ روزانو بادشاهه وٽ ٽپال رستي پيئڻ لاءِ گنگا جو پاڻي ايندو هو. ٽپال لاءِ چوڪيون مقرر هيون، جي چبوترن وانگر هونديون هيون. ٽپالين معرفت بادشاهه وٽ خُراسان جا تر ۽ تازا ميوا پهچندا هئا. عربي ۽ پارسيءَ ۾ تحرير جو رواج هو. هرهڪ امير ۽ سرڪاري وڏي عملدار وٽ بادشاهه پاران غلام رهندو هو، جو اميرن ۽ عملدارن جون خبرون سرڪاري مخبر کي پهچائيندو هو. اميرن جي گهرن جون مخفي خبرون نوڪرياڻيون، ڀنگياڻين معرفت سرڪاري مخبرن کي پهچائينديون هيون. اهڙي طرح بادشاهه کي ملڪي خبرن کان سواءِ، اميرن ۽ عملدارن جون ذاتي خبرون دارالخلافه دهليءَ تائين پهچنديون هيون." (٢)

دهليءَ تي مسلمانن جو قبضو ١٢٠٦ع ۾ ٿيو ۽ بابر جي فتح تائين، يعني ١٥٢٦ع تائين هتي غلام، خلجي، سيد ۽ لوڌي خاندانن حڪومت ڪئي. تاريخ ۾ هن سموري عهد کي "دهلي سلطنت" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هن سموري عرصي ۾ مواصلات جي هن طريقي جي باري ۾ مولائي شيدائي پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب ۾ وڌيڪ تفصيل ڏنا آهن. (٣) جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ به هر طرح اسلامي خطي جو حصو هئي، تنهنڪري غلام سنڌ يا خودمختيار سنڌ ۾ ٿيندڙ تبديلين جو اثر پوڻو هو.

سنه ١٥٢٦ع ۾، هندستان ۾، مغل شهنشاهيت جو قيام عمل ۾ آيو. اُن کان ڇهه سال اڳ، سنه ١٥٢٠ع ۾ سمن جي حڪومت پوري ٿي. هي سنڌ جو ملڪ ١٥٢٠ع ۾ ارغونن، پوءِ ١٥٥٦ع ۾ ترخانن ۽ ١٥٩٢ع کان مغل شهنشاهن جي قبضي ۾ اچي ويو. اُهي ڪنهن طرح هتي ١٧٣٧ع تائين قابض رهيا، جڏهن ميان نور محمد ڪلهوڙو ٺٽي تي قبضو ڪري، سڄو سنڌ مُلڪ پنهنجي هٿ ۾ ڪيو." (٤)

مغل دؤر ۾ شهنشاهن ٽپال، خبر چارن،حالن احوالن ۽ درست حالتن ڄاڻڻ لاءِ شعبهءِ مواصلات کي بهتر نموني منظم ڪيو ۽ رٿابنديءَ سان پکيڙيو، جنهن کي "وقائع نگاري" سڏيو ويو. هي طور طريقو اصل ۾ جديد اخبار نويسيءَ جو ابتدائي قسم هو، جنهن لاءِ مولانا غلام محمد گرامي مرحوم لکي ٿو:

"سنڌي زبان جي صحافت جي تاريخ به انگريزن جي دؤر ۾ شروع ٿي آهي. اُن کان اڳ، عربن جي دؤر ۾ منادي ۽ اعلان، خطبي ۽ تقرير، ۽ عربي زبان ۾ خط و ڪتابت سان ٿي پنهنجا خيال ٻين تائين پهچايا ويندا هئا. اُن کان پوءِ، مسلم راڄ ۾ وقائع نگاريءَ جو فن پيدا ٿيو، جنهن کي صحافت جو بنياد چئي سگهجي ٿو. مغلن جي دؤر ۾ اهو فن ذري گهٽ اخبارن جي حيثيت وٺي چڪو هو. حڪومت جا اهم اعلان ۽ مراسلا توڙي خبرون چارون، قلمبند ڪرائي، دور دراز منزلن تي آفيسرن ۽ فوج ۾ وراهيا ويندا هئا...."

(١) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي : "قديم دؤر ۾ سنڌ ۾ آيل عالم ۽ مذهبي پيشوا" (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، جلد ٣٥، نمبر ٢، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٨٦ع، ص -٥٧.

(٢) رحيمداد خان، مولائي شيدائي: "جنت السند"، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي/حيدرآباد، ١٩٥٨ع، ص-٢٩٩.

(٣) رحيمداد خان، مولائي شيدائي: "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، ١٩٥٩ع، ص-٢٣٧.

(٤) مخدوم امير احمد (مترجم): "تحفة الڪرام"، (ترجمو) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٧٦ع، ص-٢٦٧.

گرامي صاحب وڌيڪ لکي ٿو:

"سنڌ ۾ وقائع نگاريءَ جو دور مغل خاندان آندو. سندن گورنر سنڌ جي حالات ۽ واقعات کي روزانو ڊائريءَ وانگر لکائي، بروقت بادشاهه ڏانهن موڪليندا هئا. ان سلسلي ۾ بکر، سيوستان ۽ ٺٽو وقائع نگاريءَ جا مرڪز هوندا هئا، جي مغل سرڪار جا پڳهاردار هوندا هئا." (۱)

صحافت جي هن ابتدائي روپ يعني وقائع نگاري متعلق ڪجهه وڌيڪ تفصيل به ملن ٿا. حقيقت ۾ هن طور طريقي جا بنياد اڪبر جي دؤر ۾ يعني سورهين صديءَ ۾ پيا. انهيءَ باري ۾ هاڪاري مورخ ابوالفضل لکيو آهي:

"سلطنت جي واقعن جو قلمبند ڪرڻ نه فقط حڪومت جي ترقيءَ ۽ انتظام لاءِ ضروري آهي، پر هر طبقي ۽ هر مجلس جي رونق کي بحال رکڻ لاءِ ضروري آهي. جيتوڻيڪ قديم زماني ۾ به انهيءَ طريقي جو پتو پوي ٿو، پر اُن جي اصل حقيقت کان اهلِ زمانه کي هن مبارڪ عهد (اڪبر جي وقت) ۾ آگاهي ٿي." (۲)

هن بابت وڌيڪ تفصيل ڏيندي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ميمڻ سنڌي لکيو آهي:

"مغلن جي عروج سان گڏ اخبار نويسيءَ جو فن به ترقي ڪندو رهيو. اورنگزيب جي زماني ۾ ته سڄي ملڪ ۾ اهڙي قسم جي اخبار نويسن جو ڄار وڇايل هو. اهو ئي سبب آهي جو اُن زماني جي تاريخن ۾ اخبار نويسن ۽ وقائع نويسن جو ذڪر ڪثرت سان ملي ٿو. انهيءَ ڪري ڪن مؤرخن کي غلط فهمي ٿي آهي ته اورنگزيب جي زماني ۾ اخبار جاري ڪئي وينديون هيون...

"حقيقت ۾ مغلن جي ڏينهن ۾ هڪ اخبار شاهي محل مان جاري ڪئي ويندي هئي، جنهن جو نالو "اخبار دربار معليٰ" هوندو هو. اها اورنگزيب کان گهڻو اڳ جاري هئي. شاهجهان جي ڏينهن ۾ ان جو نالو "اخبار دارالخلافه شاهجهان آباد" هو. ان اخبار جي اشاعت فقط شاهي محل تائين محدود نه هئي، پر ان جا نقل ڪري دور دراز علائقن جي اميرن تائين پهچايا ويندا هئا. مغلن جي زماني جون اهڙيون ڪيتريون ئي قلمي اخبارون لنڊن جي رائل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي لئبرري ۾ محفوظ آهن..."

پر انهن اخبارن تي تبصرو ڪندي ميمڻ صاحب لکي ٿو:

"اهي اخبارون صحيح معنيٰ ۾ اخبارون چئي نٿيون سگهجن. ڇاڪاڻ ته انهن جي حيثيت فقط اهڙي خبرنامي جي هوندي هئي، جيڪي حڪومت پاڻ لکائي، پنهنجي اميرن ۽ سپه سالارن ڏانهن موڪليندي هئي. انهن خبرنامن ۾ شروع ۾ بادشاهه جو روزنامچو هوندو هو ۽ پوءِ مختلف علائقن جون خبرون هونديون هيون." (۳)

سنڌ تاريخي طور تي ۱۵۹۲ع ۾ مغلن جي قبضي ۾ آئي. ان کان اڳ، جڏهن ارغونن سنڌ کي فتح ڪيو، تڏهن انتظامي طرح هيءَ ملڪ ڇهن ڊويزنن ۾ تقسيم ڪيو ويو، جنهن کي ان وقت "سرڪار" سڏبو هو. اهي سرڪارون هي هيون: ۱- بکر، ۲- سيوهڻ، ۳- نصرپور، ۴- چاچڪان، ۵- ٺٽو ۽ ۶- چاڪر هالا. (۴) انهيءَ انتظامي جوڙجڪ کي مغل شاهي برقرار رکيو ۽ وڌيڪ مضبوط ڪيو. اهڙي سرشتي هيٺ بکر، ٺٽي ۽ سيوهڻ کي اهم حيثيت حاصل ٿي. اُتي گورنر يا فوجدار عملدار طور مقرر ٿيندا هئا. خبرن چارن جي رسد ۽ ملڪي صورتحال بابت اطلاع ڏيڻ لاءِ پڻ هنن

---

(۱) غلام محمد گرامي: "سنڌي لٿوگراف"، (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، جلد ۱۳ نمبر ۱، ۱۹۶۴ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص-۱۵۱.

(۲) ابوالفضل: "آئين اڪبري" (اردو)، عثمانيه، ص ۳۸۱.

(۳) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "سنڌ ۾ فارسي اخبار نويسي" (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، جلد نمبر ۱۹۷۰/۳ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص -۹۲-۹۳.

(۴) نياز همايوني (مترجم): "تاريخ مظهر شاهجهاني"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۷۹ع، ص -۱۰۷.

شهرن ۾ عملدار مقرر ڪيا ويا، جن کي سرڪاري زبان ۾ وقائع نگار سڏيو ويندو هو. اهي عملدار صحيح معنيٰ ۾ نامہ نگار يا انفرميشن آفيسر جو رتبو ماڻيندا هئا. ملڪي صورتحال بابت خبرون گڏ ڪرڻ لاءِ سندن مختلف طريقا هئا. هو پاڻ بہ گهمي ڦري خبرون جهٽيندا هئا؛ تہ عوام بہ اچي کين پنهنجن مسئلن توڙي مشڪلاتن بابت جاڻ ڏيندا هئا؛ ۽ پوءِ اهي خبرون ترتيب ڏيئي بادشاهہ جي دربار ڪي موڪليندا هئا. (١)

انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو:

"وقائع نويس کي هرهڪ واقعو پنهنجي حڪومت کان تصديق ڪرائڻو پوندو هو يا تصديق ٿيل واقعا سرڪاري مهر سان وقائع نويس ڏانهن موڪليا ويندا هئا." (٢)

مغل زوال واري وقت ۽ ڪلهوڙن جي پهرئين حاڪم ميان يار محمد ڪلهوڙي جي حڪومت جي دور ۾ بلگرامي سادات، بکر ۽ سيوهڻ ۾ مرڪز طرفان وقائع نگار جي حيثيت سان مقرر ٿيل هئا. انهن ۾ سيد عبدالجليل بلگرامي، سيد محمد بلگرامي ۽ سيد غلام علي "آزاد" بلگرامي خاص شهرت رکن ٿا. (٣)

مير شفيق احمد "اوج" علوي لکي ٿو:

"مرحوم فتح محمد سيوهاڻي، وٽ روزنامہ "وقائع سرڪار سيوستان" جي قلمي اخبار جا ڪئين فائيل موجود هئا. مٿئين روزنامہ جو دفتر اڙل درياءَ جي ڪپ تي واقع هو. اخبار شايع ٿيڻ جو نمونو هيئن هو: ڪئين خوشنويس گڏ ويهاريا ويندا هئا، جن کي وقائع نگار مضمون لکائيندو ويندو هو ۽ اُهي لکندا ويندا هئا. مضمون ختم ٿيڻ تي ڪئين پرچا تيار ٿي ويندا هئا، جي خاص ماڻهن ۾ تقسيم ڪيا ويندا هئا." (٤)

بلگرامي وقائع نويسن جو سنڌ سان تعلق اڌ صديءَ جو آهي. ابتدا ۾ سيد عبد الجليل (١١١٦- ١١٥٥هـ)، ساڳئي عهدي تي رهيو. ان بعد سندس فرزند سيد محمد (١١٣٣- ١١٥٥هـ) ساڳئي عهدي تي رهيو. وچ ۾ هن جو ياٴ حو سيد غلام علي آزاد (١١٤٣-١١٤٧هـ) بہ ڪجهہ وقت لاءِ وقائع نويس ٿي رهيو. انهن بزرگن بحيثيت وقائع نگار جي ڪهڙيون خدمتون انجام ڏنيون يا ڪهڙو مواد ڇڏيو، انهن جا تفصيل سنڌ جي تاريخ لاءِ بيحد اهميت رکن ٿا.

سيد محمد بلگرامي ڊائري يا روزنامچي جي صورت ۾ هڪ ڪتاب "تبصرةالناظرين" فارسي زبان ۾ لکيو. انهيءَ ۾ آيل مواد ۽ واقعا خود سنڌ جي ڪنهن بہ همعصر تاريخ ۾ لکيل نہ ٿا ملن. سيد حسام الدين راشدي مرحوم سيد محمد جي وقائع نگاري جي صنف ۾ لکيل هن ڪتاب تي تنقيدي نگاهہ وجهندي، ان جي اهميت هن ريت ڄاڻائي آهي:

"پڙهندڙ ڏسندا تہ ٻارهين صديءَ جي پهرئين اڌ اندر، سنڌ ۾ ٿيل بعض نهايت ئي اهم واقعا، پهريون دفعو هن ڪتاب جي ذريعي اسان جي سامهون آيا آهن، ۽ ڪيترن ئي واقعن جو نئون راز، بلڪ سچو پچو تفصيل اسان کي معلوم ٿئي ٿو. ڪن واقعن جون صحيح تاريخون پڻ هن ڪتاب جي طفيل مليون آهن، خاص ڪري سنڌي ڪارندن سنڌ ۾ رهي جيڪي ڪارناما ڪيا، انهن جو اهڙو واضح نقشو ڏنو ويو آهي، جو ان کي پڙهندي هڪ طرف تہ لونءِ لونءِ ڪانڊاجيو ٿي وڃي، تہ ٻئي طرف وري بدقسمت سنڌ جي سخت جانيءَ مٿان اچرج پيو اچي تہ سنڌي قوم ڪهڙي نہ

(١) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "سنڌ ۾ فارسي اخبار نويسي" (مقالو)، ٽماهي مهران، ١٩٧٠/٣ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص- ٩٢

(٢) ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو: "شڪارپور جو بنياد" (مقالو)، سنڌ- اونهارو، ١٩٨٣ع، حيدرآباد، ص -١١٥.

(٣) حوالو ساڳيو.

(٤) مير شفيع احمد "اوج" علوي: "سنڌي صحافت جي تاريخ"، اطلاعات سنڌ، ٥-٦/ ١٩٥٤ع.

مضبوط، سنگين، بهادر ۽ ڳنڀير آهي، جو اهڙن طوفانن ۽ قيامتي ماجرائن مان پار پئجي ٻ، نه فقط اج تائين پنهنجي جاءِ تي جيئن جو تيئن قائم ۽ دائم رهي آهي، بلڪ مستقبل جي مصيبتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پڻ هميشه وقت تيار ۽ تنومند رهي ٿي. " (١)

جي اسين سيد محمد جي واقعات نگاريءَ جي هن ڪتاب جو اڀياس ڪيون ٿا ته خبر پوي ٿي ته نادري لشڪر ڪهڙي حد تائين سنڌي ماڻهن سان جبر ڪيو ۽ ڦرلٽ ڪئي:

"جڏهن مغل سنڌ ۾ رهيا ته هر شهر ۽ لشڪر تي ڪاهه ۽ قهر، ڌاڙ ۽ ڌمر جاري رکيائون. جنني ڪو ڀلو گهوڙو ٿي ڏٺائون ته اُتي پهچي ان کان اهو گهوڙو ٿي کسيائون. ويچارو گهوڙي جو ڌڻي بيوس ٿي، انهن سان ڪنهن به طرح بچي نه ٿي سگهيو. اهڙي طرح ڪنهن وٽ ڪا چڱي تلوار يا شال يا سنو ڪپڙو هو، ته اهو به زوريءَ ڦري ٿي ورتائون. اهڙي ظلم ۽ ستم، شور ۽ زور جي ڪري، بنده راقم سيد مير محمد بلگرامي جي دل ۾جي پيئي جو آءٌ به با اهل عيال اتي سنڌ ۾ هوس." (٢)

ٻئي طرف، ڪجهه وقت لاءِ (١١٤٣-١١٤٧هه دوران ) جڏهن سيد مير غلام علي آزاد بلگرامي، سيوهڻ لاءِ وقائع نويس رهيو ته هن به ڪجهه واقعن کي قلمبند ڪيو. ميان يار محمد جي وقت ۾ پنهنجي وقت جو نهايت بااثر ماڻهو امتياز خان "خالص" جڏهن اصفهان وڃڻ لاءِ سيوهڻ کان لنگهيو ته هتي قتل ٿي ويو. چون ٿا ته سندس قتل ۾ ڪلهوڙي حاڪم يار محمد جو هٿ شامل هو. هن ڏس ۾ هڪ ذميدار وقائع نويس جي حيثيت ۾ آزاد لکيو آهي:

"سيد حسين امتياز خان اصفهاني، جنهن جو تخلص "خالص" هو، هندستان کان ايران وڃي رهيو هو. جڏهن سيوستان پهتو، سنڌ جي زميندار خدايار خان سنه ١١٢٢هه (١٧١٠ع) ۾ ان کي قتل ڪرائي ڇڏيو، ۽ لکن جي مال تي قابض ٿي ويو. خدا يار خان، علامه عبدالجليل کي پيغام موڪليو ته هيءُ واقعو جهڙي طرح پيش آيو آهي، تهڙي طرح سوانح ۾ بيان نه ڪيو وڃي. ان لاءِ ٻه هزار سونيون اشرفيون پيش ڪيائين، جي چوڏهن هزار روپين جي برابر ٿين ٿيون. علامه مرحوم هيءُ پيشڪش رد ڪري ڇڏي، ۽ چيائين ته خدا جي عنايت سان مون وٽ دولت آهي، محتاج نه آهيان. جيڪڏهن اج هن واقعي کي صحيح صورت ۾ پيش نه ڪريان، ته سڀاڻي رب العزت جي حضور ۾ ڪهڙو جواب ڏيندس." (٣)

هن واقعي جي صداقت يا ان ۾ سنڌ جي حاڪم جي ملوث هجڻ بابت البت گهڻو مونجهارو موجود آهي، تاهم ارڙهين صديءَ جي وقائع نگارن جو ڇڏيل تحريري مواد، بهرحال تاريخ سنڌ جي اهم ڪڙين کي ملائي ٿو، ان ڪري ان جي تمام گهڻي اهميت ٿي پيئي آهي. هن دور ۾ پيا به ڪيئي مورخ هئا، ليڪن ان نوعيت جو مواد نه ته هو لکي سگهيا ٿي ۽ نه وري لکيائون.

وقائع نگاريءَ جي اها صورت انگريزن جي دور اچڻ تائين جاري رهي، جيڪا نندي ڪند جي سمورين اخبارن گهڻي حد تائين استعمال ڪئي ۽ نيٺ ان جي جاءِ تي جديد صحافت والاري ورتي. ڊاڪٽر عبدالسلام خورشيد انهيءَ ڪڙيءَ کي هيئن ٿو ملائي:

"وقائع نگاريءَ جي مواد ۾ سياسي، سماجي، اقتصادي تجارتي ۽ زرعاتي خبرون هونديون هيون، جن ۾ لشڪري مهمن جي معلومات شامل هئي. اها صنف عام ماڻهن لاءِ انهيءَ ڪري سودمند ثابت ٿي جو جيڪي ظالم گورنر ۽ اُمرا ماڻهن سان ظلم ۽ بي انصافيون ڪندا هئا، انهن جي سُڌ بادشاهه تائين انهيءَ وقائع نگاريءَ ذريعي پهچندي هئي ۽ هو انهيءَ تي ماڻهن جا اهنج ايذاءَ دور ڪندو هو. اهڙي طرح وقائع نگاري ماڻهن جي داد رسيءَ جو

---

(١) سيد حسام الدين راشدي: "منشور الوصيت و دستور الحڪومت (مقدمو) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٤ع، ص - ٢٧.

(٢)عبدالرسول قادري (مترجم): ٿماهي مهراڻ، جلد - نمبر ٤، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٨٧. ص- ١٢٦.

(٣) غلام رسول مهر: "تاريخ ڪلهوڙا" جلد١، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٣ع، ص -٢٦٨.

ذريعو هئي، جيڪو جديد اخبار نويسيءَ جي اهم فرضن مان هڪ آهي." (١)

گرامي مرحوم انهيءَ ڏس ۾ لکي ٿو:

"انگريزن جي دور ۾ نه رڳو وقائع نگاريءَ جو پراڻو فن به هلندو آيو، پر ان فن ۾ اخبار نويسي ۽ صحافت جا آثار ۽ اصول به ملايائون. انگريزن جي دور ۾ صحافت فقط وقائع نگاري ڪونه هئي، پر ان سان گڏ تنقيدي حيثيت به حاصل ڪئي. واقعات کي بيان ڪرڻ کان پوءِ ان تي تبصرا به ڪيا ويندا هئا ۽ ان جا نتيجا به بيان ڪيا ويندا هئا... ان طرح سنڌي زبان جي صحافت جي تاريخ به انگريزن جي دور ۾ شروع ٿي." (٢)

× × ×

# باب ٻيون

## انگريزن جي سنڌ ۾ آمد ۽ جديد اخبار نويسيءَ جي ابتدا

سنڌ، جيڪو هاڻي پاڪستان جو هڪ صوبو آهي، لاڳيتو مغلن جي راڄ هيٺ رهيو؛ ايران جي نادرشاهه جي تابع داري ڪيائين؛ ۽ سندس موت کان پوءِ، هڪ عرصي لاءِ افغانستان جي ماتحت رهيو. ١٧٠١ع کان ١٧٨٣ع تائين ڪلهوڙن جو راڄ رهيو. ١٧٨٣ع ۾ هالاڻيءَ جي پڙسان ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن ۾ فيصلي ڪُن لڙائي لڳي، جنهن ۾ ڪلهوڙن هار کاڌي ۽ ٽالپور سوڀارا ٿيا. ٽالپورن جو پهريون حاڪم مير فتح علي خان ٿيو، جنهن جو صدر مقام هالن جي پڙسان خداباد هو. ميرن ٽالپورن جو ذهن جنگجو هو ۽ ڪين چيڙيون نبيريون ڪرڻ ۾ به، قبيلائي پس منظر هجڻ ڪري، دقت محسوس ٿيندي هئي. ان ڪري سنڌ کي ٽن رياستن ۾ تقسيم ڪيو ويو. ١- خيرپور تي سهرابائي ميرن جو راڄ قائم ٿيو. ٢- حيدرآباد کي مرڪزي حڪومت جو رتبو حاصل ٿيو. هيءَ سرڪار شهدادائي سڏبي هئي. ٣- اهو حصو ميرپورخاص جو هو، جتي مير نارو خان حاڪم ٿيو. (٣) هن قدم سبب سنڌ جي قومي وحدت ڪمزور ٿي ويئي ۽ ملڪي اتحاد ختم ٿي ويو. ارڙهين صديءَ جي خاتمي تي، سنڌ ۾ انگريزن جو عمل دخل وڌندو ويو ۽ ١٨٠٩ع ۾ ٽالپورن سان معاهدو ڪيائون ته ٽالپور پنهنجي ملڪ ۾ فرينچن کي آباد ٿيڻ نه ڏيندا. ١٨٣١ع ۾ ميرن اها ڳالهه ڏاڍي ڏکيائي سان مڃي ته سنڌو دريا، هندستان جي واپارين ۽ تاجرن لاءِ کوليو ويندو، پر منجهانئس ڪوبه جنگي سامان يا لشڪري جهاز پار ڪري، سندن مُلڪ جي سرزمين تي نه نيو ويندو. ڪجهه مهينن کان پوءِ، حيدرآباد ۾ انگريزي ريزيڊنٽ جي رهڻ جي اجازت ورتي ويئي.

جڏهن افغان جنگ ڇڙي ته ميرن کي چيو ويو ته هن نازڪ وقت ۾ سنڌو دريا کي استعمال ڪرڻ جي بندش وارو معاهدو ختم ڪيو وڃي ۽ ١٨٣٩ع ۾ ڪانئن هڪ نئون معاهدو صحيح ڪرايو ويو، جنهن موجب ميرن کي انگريزي فوج جي سنڌ ۾ رهڻ ۽ گذاري لاءِ ساليانو ٽي لک رپيا ڏيڻا پيا. افغان لڙائي جي ڏکين ڏينهن دوران ٽالپور پنهنجي معاهدي تي قائم هئا، پر مٿن عدم اعتماد جو اظهار ڪيو ويو؛ معاملي کي حيدرآباد ۾ مقرر ٿيل انگريزي ريزيڊنٽ جيمس آئوٽرام تي ڇڏڻ بدران، ١٨٤٢ع ۾ سر چارلس نيپيئر کي شهري ۽ فوجي اختيار ڏيئي، سنڌ تي چاڙهي موڪليو ويو. جيمس آئوٽرام کي سنڌ جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ هئي ۽ هو هڪ معقول شخص هو. پر نيپيئر ڪيس ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ٻارنهن مهينن جي عرصي ۾ هن ٽالپورن سان ڪيل سمورا معاهدا ٽوڙي ڇڏيا ۽ مٿن جنگ

---

(1) Dr. Abdus Salam Khurshid: "Journalism in Pakistan", Publishers United Ltd, Lahore, 1964, pp. 11-12.

(٢) غلام محمد گرامي: "سنڌي لٽوگراف"، (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، جلد، نمبر ١، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٤ع. ص-١٥٢.

(٣) رحيمداد خان مولائي شيدائي: "جنت السند"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٥٨ع، ص- ٥٩١.

مڙهي، کين جلاوطن ڪري، آگسٽ ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ تي انگريزي راڄ قائم ڪيائين.(۱) اهڙي طرح ميرن جي سادگي ۽ ابوجهائي، سنڌ جي انگريزن جي مڪارين ۽ فريبڪارين سان پُر سياست ۽ سفارتڪاريءَ کان محفوظ نه رکي سگهي.

سنڌ جي فتح مڪمل ٿيندي ئي سر چارلس نيپيئر ان جو پهريون گورنر مقرر ٿيو ۽ هي ملڪ برطانوي هند جي تابع هڪ صوبي جي صورت ۾ شامل ٿيو. ان وقت لارڊ ايلنبرو هند جو گورنر جنرل هو. نيپيئر سنڌ اندر انتظاميه جي نئين تشڪيل ڪئي. خيرپور جي رياست مير علي مراد خان کي انگريزن سان وفاداريءَ جي عيوض ڏني ويئي. باقي سڄو ملڪ ٽن حصن ۾ تقسيم ڪري، انهن مان هرهڪ کي ڊسٽرڪٽ يا ضلعو سڏيو ويو: شڪارپور ضلعو، حيدرآباد ضلعو ۽ ڪراچي ضلعو. نيپيئر، سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ حيدرآباد بدران ڪراچيءَ کي مقرر ڪيو. نيپيئر کي ڪم ڪار لاءِ ڪي نائب ۽ مددگار به ڏنا ويا، جن کي اهم سياسي فوجي ۽ مالي اختيار به حاصل هئا.

ان ڪانسواءِ، ڪراچيءَ لاءِ ميجر هينري پريڊي، حيدرآباد لاءِ ڪئپٽن رٿبورن ۽ شڪارپور لاءِ ڪئپٽن گولڊنيءَ کي ترتيب وار ڪليڪٽر ۽ مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو. اڳتي هلي ميجر جان جيڪب کي اهم ديواني ۽ فوجي اختيارن سان خانڳڙهه تي مقرر ڪيو، جو شهر بنيو ۽ آخرڪار "جيڪب آباد" سڏيو ويو. ٿر علائقي تي وري ڪئپٽن ٽروٽ کي پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ بنايو ويو. نيپيئر سنڌ تي ۱۸۴۷ع تائين رهيو.

اهو سمورو عرصو يعني ۱۹۴۳ع کان وٺي ۱۹۴۷ع تائين سر چارلس نيپيئر سنڌ جي سفيد و سياهه جو مالڪ هو. هو مقدمي هلائڻ کان سواءِ ئي ڪنهن کي ماري يا جياري سگهيو ٿي. هن ڪيترن ئي ماڻهن کي ڦاهي چاڙهيو ۽ ڪيترن کي ڪلهي عام ڦٽڪا لڳرايا. انهن ڪارنامن سنڌس نالو "شيطان جو ڀاءُ" مشهور ڪري ڇڏيو. (۲)

انگريزن سنڌ جي حڪمران خاندان ٽالپورن کان سنڌ کسي ۽ بيعزتو ڪري جلاوطن ڪيو هو، ان ڪري نه رڳو مير سنڌي طرح متاثر ٿيا هئا ۽ سنڌن دلين ۾ انگريزن، خاص ڪري نيپيئر لاءِ نرم گوشو باقي نه هو، پر معقول ۽ انصاف پسند پرڏيهي باشندا، جيڪي بمبئي، ڪلڪتي ۽ لنڊن ۾ هئا، به انهيءَ عمل مان خوش نه هئا. جيمس آئوٽرام، جنهن نيپيئر سان گڏجي ٽالپورن سان لڙائي ۾ حصو ورتو، ٽالپورن جو همدرد هوءِ نيپيئر جي ظالماڻي رويي جو مخالف هو. هو پوءِ سگهوئي سنڌ جا وڻ ڇڏي بمبئي کان وڃي نڪتو ۽ پنهنجي هم خيال دوستن جو حلقو ناهيائين. منجهانئن سرِ فهرست "بمبئي ٽائيمس" (Bombay Times) جو ايڊيٽر ڊاڪٽر بوئسٽ (Dr. Buist) به هو، جيڪو اڳيئي نيپيئر جي عملن خلاف پنهنجي اخبارن ۾ خبرون ۽ ليک ڇپيندو هو. جيمس آئوٽرام جي سات پاڻ کيس وڏي هٿي ڏني ۽ "بمبئي ٽائيمس" نيپيئر جي ڪُڪ جو ڪان بنجي ويئي.

نيپيئر ۽ سنڌس خاندان ۾، مخالفن جي تنقيد ٻڌي ماٺ ٿي ويهڻ جي عادت ڪانه هئي. خاص ڪري مخالف پريس کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لاءِ هو هر وقت آتا هوندا هئا. (۳) نيپيئر کي برطانوي پس منظر ۾ اخباري اهميت جي خبر هئي. تنهنڪري، فوجي حڪمران هئڻ جي باوجود، پنهنجي هم وطنين سان اخباري محاذ تي مقابلو ڪري، راءِ عامه کي پنهنجي فائدي ۾ ڪرڻ لاءِ، اخباري سهارو ورتو پيس.

---

(1) Dr. Abdus Salam Khurshid: "Journalism in Pakistan", Publishers United Ltd., Lahore, 1964, pp.6-7.

(۲) خداداد خان: "لُب تاريخ سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ۱۹۸۹ع، ص ص- ۱۸۷- ۱۸۹.

(۳) ڊاڪٽر الهرکيو ٻٽ: "ڪراچيءَ جون وائلي تي انگريزي اخبارون" (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، ۱-۲/۱۹۹۲ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ص-۱۸

## پهريون اخبارون:

هندستان جي برطانوي اخباري دنيا جي پروپئگنڊا کي منهن ڏيڻ لاءِ، ڪراچيءَ مان پهرين انگريزي اخبار Kurrachee Advertiser جاري ڪئي ويئي. سنڌ ۾ سر چارلس نيپيئر جا مخالف جڏهن اهو پچندا هئا ته اها اخبار ڪنهن جي سرپرستيءَ هيٺ ٿي نڪري، ۽ جڏهن حقيقت جي خبر پوندي هئن ته مات ٿي ويندا هئا، ڇو جو اُهي ۽ ٻيا سڀ انهيءَ نقطي تي متفق هئا ته انهيءَ جو سرپرست سر چارلس نيئپير هو. جيمس آئوٽرام پنهنجي مشهور ڪتاب"The Conquest of Scinde, A Contemporary" ۾ لکي ٿو:

"... مون "Kurrachee Advertiser" اخبار جو ١٠ سيپٽمبر جو شمارو ڏٺو آهي، جيڪا سنڌ حڪومت جو ترت هٿيو سمجهي وڃي ٿي. اهو انومان صحيح آهي يا نه، پر انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته سر چارلس نيپيئر جي منظوريءَ کان سواءِ اها هڪ ڏينهن به نه هلندي، ڇو جو اوپر ۾ رڳو سنڌ ئي آهي، جتي اسان جي حڪومت آهي، جنهن تائين پريس جي آزادي نٿي پهچي. ازانسواءِ اها Young Egypt جي هڪ ڪليڪٽر جي پريس مان شايع ٿئي ٿي جنهن کي سر چارلس نيپيئر مقرر ڪيو آهي.

"حقيقت ۾ نيپيئر جي مخالفين توڙي حمايتين کي برطانوي هند جا مفاد هڪ جيترا عزيز هئا، پر اصل جهيڙو انهي ڳالهه تي هو ته سنڌ کي فتح ڪرڻ جي صورت ۾ مالِ غنيمت تي نيپيئر گهڻو مارو ڪيو هو ۽ بمبئي پريزيڊنسي جي اهلڪارن جو حصو نه رکيو هئائين." (١)

ڊاڪٽر ٻُٽ هن اخبار جي اجراءُ بابت لکي ٿو:

"اها حقيقت ظاهر ٿي ويئي ته "Kurrachee Advertiser" نيپيئر ۽ ان جي دوستن پاران فاتح جنرل جي دفاع ۾ ڪڍي ويئي هئي. هن اخبار ۾ ڇپيل مواد، ان ڳالهه جو زنده ثبوت آهي ته فاتح جنرل ڪنهن به قسم جي مخالفت يا تنقيد ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو ۽ پنهنجي ڪردار جي باري ۾ ٿيل تنقيد جي جواب ۾، هو پنهنجي مخالفين سان گڏ، سنڌ جي هٽايل حاڪمن جي ڪردار تي ڪِن اڇلائيندو رهيو. "Kurrachee Advertiser " ميجر آئوٽرام، سنڌ جي ميرن ۽ "بمبئي ٽائيمس" تي اهڙا نازيبا حملا ڪيا، جن صحيح سوچ رکڻ وارن کي حيران ڪري ڇڏيو. وڌي ڳالهه ته، ان ڳالهه اُن وقت هندستان ۾ موجود، انگريزن کي گروهه بنديءَ ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو. اخبار جي اهڙي رويئي جي ڪري سندس ڪيترا پڙهندڙ ڪانئس بيزار ٿيڻ لڳا." (٢)

سر چارلس جي انڪار ڪرڻ جي باوجود، اها ڳالهه جلدي پڌري ٿي پيئي ته انهيءَ اخبار ۾ ڪهڙا انگريز عملدار باقاعدي لکندا هئا. انهن مان هڪ ته نيپيئر جو ڀائٽيو، وليم نيپيئر هو، جيڪو Aid- de- camp هو، جنهن سندس ننڍي ڌيءَ ايميليءَ سان شادي ڪئي هئي، ۽ ٻيو راٿبورن هو، جنهن نيپيئر جي بچاءَ ۾ ميرن جي خلاف بيحد متضاد مضمون لکيا هئا، جن هن اخبار کي نه رڳو سنڌ ۾، پر انگلنڊ تائين مشهور ڪري ڇڏيو. ڪيپٽن رٿبورن حيدرآباد جو ڪليڪٽر هئڻ سان گڏوگڏ لکڻ ۾ پريس جو انتظام پڻ سنڀاليندو هو. هن اخبار جو ٽيون سهڪاري مشهور علمي ۽ ادبي شخصيت رچرڊ برٽن هو. هن اخبار ۾ ڇپيل مواد مان چونڊ ٽڪرا لنڊن مان شايع ٿيندڙ اخبار "Times" ۾ پڻ شايع ٿيندا هئا. (٣)

انهيءَ مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته نيپيئر ڪيئن نه منظم نموني اخباري ميڊيا ذريعي مختلف محاذن تان

---

(1) Dr. Abdus Salam, Khurshid: "Journalism in Pakistan", Lahore, Publishers United Ltd., 1964, p. 14.

(٢) ڊاڪٽر الهه رکيو ٻُٽ: "ڪراچيءَ جي اوائلي تي انگريزي اخبارون" (مقالو)،ٽماهي مهراڻ، ١-٢/١٩٩٢ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ص -١٨٠.

(٣) حوالو ساڳيو.

بچاءُ ڪيو ٿي تہ حملا بہ ڪيا ٿي، تہ جيئن سندس شخصيت ۽ ڪردار برطانوي حڪومت جي ڍانچي ۾ نشاني ڪان بچيو رهي. پر مجموعي طور تي، هن اخبار جا ايڊيٽوريل ۽ بيا ليک پسند نہ ڪيا ويندا هئا. نيپيئر جو حريف آئوٽرام انهن کي گندا، وحشي ۽ ميرن جي خلاف گم نام بدناموسيءَ جي تهمت ٿو ڪوٺي. اينتري قدر جو سر چارلس جو پرستار ڪئپٽن ڪيٽ ينگ جيڪو ٽيمپر جو ماتحت جج ائڊوڪيٽ جنرل هو، "اوميگا"(Omega) جي ليکڪن لاءِ لکي ٿو:

"اهو سچ هجي يا ڪوڙ، پر ڪيس انهن جي لکڻ تي ڪڏهن بہ فخر نہ ٿيو هوندو. ساڳي طرح جديد تاريخدان ايچ - ٽي - لئمبرڪ (H. T. Lambrick) جي راءِ آهي تہ "سر چارلس نيپيئر جو مفاد سنڌ ۾ سندس گهرو چڪتاڻ جي سرگرمي جي ڪري پڻ مجروح ٿيو." (١)

"Kurrachee Advertiser" سنڌ توڙي پاڪستان اندر شايع ٿيندڙ پهرين اخبار هئي، جنهن جو اجراء جنوري ١٨٤٥ع ۾ يعني ميرن جي شڪست کان رڳو بہ ورهيہ ڪن پوءِ ٿيو هو. اها اخبار ليٿوگراف تي، ڪڏهن سنگل تہ ڪڏهن ڊبل فل اسڪيپ ڪاغذ تي، هفتي ۾ بہ ڀيرا، ڪراچي گورنمينٽ پريس مان شايع ٿيندي هئي. انهيءَ اخبار جا ڪالم مقامي اشتهارن لاءِ مخصوص ٿيل هوندا هئا. منجهس عام خبرن کان سواءِ مضمون، خط، سرڪاري اعلان ۽ پڌرناما شايع ٿيندا رهندا هئا. (٢)

ڊاڪٽر ٻُٽ انهيءَ اخبار جي شايع ٿيڻ جي عرصي بابت لکي ٿو:

"هي سرڪاري پرچو اٽڪل بہ سال نيپيئر ۽ ساٿين ڪاميابيءَ سان هلايو، پر پهرين آڪٽوبر ١٨٤٧ع تي نيپيئر جڏهن سنڌ کي هميشہ لاءِ خير آباد چيو تہ هيءَ اخبار يورپي قبضي مان نڪري ارد شير رستمجي نالي هڪ پارسيءَ جي مالڪي هيٺ آئي. ارد شير هن اخبار کي مزيد چار پنج سال هلائيندو رهيو. پر ڏيهي ماڻهوءَ جي هٿ ۾ اچڻ کان پوءِ هن اخبار جا ڏکيا ڏينهن شروع ٿيا. ارد شير جي ايڊيٽريءَ هيٺ هن اخبار مقامي باشندن جي بيباڪ ترجماني ڪئي." (٣)

ڊاڪٽر ٻُٽ ان جي مثال جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:

١٨٥١ع ۾ ٻن ڪونڪني نوجوان ڇوڪرن، هرهڪ نالي رام، عمر ويهہ سال ۽ پرشوتم، عمر ١٨ سال کي ريهي ريبي عيسائي ڪيو ويو. هن اخبار ان فعل جي خلاف احتجاجي آواز اُٿاريو. سنڌ چرچ مشنري سوسائٽي جي پادرين هن اخبار خلاف خوب باهہ ٻاري ۽ ڪيس ڪافي ڇيهو رسايو. پر هي بي ڊپائيءَ سان پنهنجو ڪم ڪندي رهي. ١٨٥٣ع ۾ ڪراچيءَ مان هڪ يورپي اخبار "Sindian" جاري ٿي تہ هن ذريعي اخبار جا ترا نڪرڻ شروع ٿي ويا. انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌ جي هيءَ پهرين اخبار، پنهنجا ڏينهن پورا ڪري راهہ رباني وٺي ويئي... (٤)

ڊاڪٽر عبدالسلام خورشيد پنهنجي مضمون "The Earliest Newspaper"۾ هن اخبار جي باري ۾ وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو:

"Kurrachee Advertiser" جا فائيل ڪٿي بہ موجود ڪونهي، گهڻ ۾ گهڻ مصنف جي علم ۾ ناهن. اها اخبار شايع ٿيڻ ڪڏهن بند ٿي، ان جو پتو ناهي پر اها پڪ آهي تہ اها اخبار مارچ ١٨٥٠ع تائين شايع ٿيندي رهي هئي، ڇو جو انهيءَ جو حوالو "Indian News and Chronicle of Eastern Affairs" ۾ ڏنل آهي." (٥)

---

(1) Dr. Abdus Salam Khurshid: Journalism in Pakistan", Publishers United Ltd, Lahore. 1964, pp. 11-18.

(2) Ibid. p. 11.

(٣) ڊاڪٽر الهہ رکيو ٻُٽ: "ڪراچيءَ جون اوائلي ٽي انگريزي اخبارون" (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، ١-٢/١٩٩٢ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ص- ١٨١.

(٤) ساڳيو حوالو

(5) Dr. Abdus Salam Khurshid: "Journalism in Pakistan", Publishers United Ltd. Lahore. 1964. pp. 11-18.

سرڪاري جهڙيءَ جو ڪم انهيءَ اخبار جي پريس ۾ ڇپبو هو. مضبوط مالي بنيادن تي بيٺل هن اخبار اڳتي هلي، هن ملڪ ۾ اخبار نويسيءَ جا بنياد مضبوط بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پر اخبار جي مالڪ جارج بيز جي گهرو زندگيءَ ۾ ۳۰ نومبر ۱۸۵۸ع تي هڪ ڏکدائڪ واقعو رونما ٿيڻ ڪري، سندس مخالف اخبار "Sind Kossid" ڳجهنو ڪجهه وقت تفصيلي طرح بيان ڪرڻ ڪري، ڪيس بيحال ڪري ڇڏيو. جنهن جو احوال ڊاڪٽر ڀُٽ هيئن بيان ڪيو آهي:

"اهو واقعو جارج بيز پاران سندس زال کي شوٽ ڪرڻ جو هو. ۳۰ نومبر واري رات هن جوٽس کي اعتراض جوڳي حالت ۾ سندس پاڙيسري فوسٽر سان پڪڙي ورتو ۽ غيرت ۾ اچي ٻنهي کي شوٽ ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ مسز بيز فوت ٿي ويئي ۽ فوسٽر زخمي ٿي ويو. (۱)

ڊاڪٽر عبدالسلام خورشيد انگريزي زبان جي ٽيون نمبر اخبار "Sind Kossid" جي باري ۾ لکي ٿو ته اها هفتيوار اخبار ڪراچيءَ مان گهٽ ۾ گهٽ ۱۸۵۵ع ۾ جاري ٿي. (۲) جڏهن ته ڊاڪٽر ڀُٽ قطعي تاريخ ٻڌائيندي لکي ٿو ته هيءَ اخبار ٦ - جون ۱۸۵۴ع تي جاري ٿي هئي ۽ هفتي ۾ ٻه ڏينهن، اڱاري ۽ جمعي جي صبح تي شايع ٿيندي هئي. هن اخبار جو مالڪ ۽ ايڊيٽر هينري جان برگس هو جيڪو "Sindian" جو پهريون ايڊيٽر رهي چڪو هو ۽ ۱۸۵۴ع ۾ اها اخبار ڇڏي پنهنجي اخبار ڪڍي هئائين. پريس جا انچارج، جارج راڊرج، وليم رولنڊ ۽ جي - ڊي پيريرا وغيره رهيا. (۳) مٿين بيانن مان ڊاڪٽر ڀُٽ جو تفصيل وڌيڪ پروسي جوڳو آهي.

شروع ۾ "Sind Kossid" چئن صفحن تي مشتمل هوندي هئي، پر ٽن مهينن جي عرصي کان پوءِ يعني ۱- سيپٽمبر ۱۸۵۴ع کان پنهنجو سائيز وڌائي پنجن ڪالمن تي مشتمل ٿي شايع ٿيڻ لڳي. چندي جا نرخ ماهيانو ساڍا ٽي رپيا ۽ في ڪاپي ڇهه آنا هئا. ڊگهي عرصي لاءِ اخبار جي خريدارن کان ٽن مهينن لاءِ ڏهه رپيا، ڇهن مهينن لاءِ ارڙهن ۽ ٻارهن مهينن لاءِ ٽيهه رپيا چندو ورتو ويندو هو. سائيز وڌائڻ کان پوءِ رڳو ريزڪي ڪاپي جو مُلهه وڌائي هڪ رپيو ڪيو ويو. (۴).

"Sind Kossid" جي فائيلن جي ملاحظي مان پتو پوي ٿو ته هڪ صديءَ کان اڳ شايع ٿيندڙ هيءَ اخبار اُن وقت ۾ به ڪيتري نه ترقي يافته هئي! سندس طباعت، لي آئوٽ، ترتيب ۽ سٽاءَ متوازن آهن. منجهس مقامي خبرن کان سواءِ، سرڪاري اعلان، تعارفي خبرون، اشتهار، مزاحيه گيت، تفريحي تنيڙيون آکاڻيون، موسمي خبرون، آڳبوٽن ۽ ٽپال جي آمدروفت جون خبرون شايع ٿينديون رهنديون هيون. انهيءَ مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته اها اخبار تنظيمي طرح هڪ بهتر پيشورانه صلاحيتن جو مظهر هئي.

اها حقيقت آهي ته "Sindian" کي سرڪاري طرح اُن وقت جو سنڌ جو ڪمشنر سر بارٽل فريئر مضبوط مالي بنيادن تي بيهارڻ جو ادُم ڪندو هو ۽ "Sind Kossid" اهڙي امداد کان وانجهيل هئي. پر انهيءَ جي باوجود مواد توڙي ٻاهرين بيهڪ جي لحاظ کان "Sind Kossid" وڌيڪ سيبائتي ۽ سُگهڙ لڳندي هئي، جو ڪاروباري چڙهاچڙهيءَ جي ڪري ڪيس وڌيڪ بهتر طور پيشڪش ۾ اڳڀرو رهڻو پوندو هو. هند جون ٻيون يورپي اخبارون سندن

---

(۱) ڊاڪٽر الهه رکيو ڀُٽ: "ڪراچيءَ جون اوائلي ٽي انگريزي اخبارون" (مقالو) ،ٽماهي مهراڻ، ۱-۲/۱۹۹۲ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص -۱۸۳.

(2) Dr. Abdus Salam Khurshid: "Journalism in Pakistan", Publishers United Ltd, Lahore. 1964, p. 49.

(۳) ڊاڪٽر الهه رکيو ڀُٽ: "ڪراچيءَ جون اوائلي ٽي انگريزي اخبارون" (مقالو) ،ٽماهي مهراڻ، ۱-۲/۱۹۹۲ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ص -۱۸۳.

(۴) حوالو ساڳيو، ص -۱۸۴.

"Issue" اپريل ۱۸۷۸ع ۾ شايع ٿي، جنهن جي ادارت ڪرنل آرٿر ڪوري (Colonel Arther Cory) جي هٿ ۾ هوندي هئي. ۱۸۸۲ ۾، انهن اخبارن لاهور کان پنهنجا ناتا ٽوڙي ڪراچيءَ مان "Sind Gazette Bulletin" ۽ "Sind gazette" جي نالن سان شايع ٿيڻ لڳيون.

هاڻي "Sind Gazette" ڪرنل آرٿري ڪوري (Colonel Arther Cory) ڊبليو - ايچ - ٽاويل (W.H. Towelle) ۽ ڊبليو ايچ- رتيگان (W.H.Ratigan) جي گڏيل ملڪيت هئي ۽ موجوده صديءَ ۾ به جاري رهي. ڪرنل ڪوري ۱۹۰۲ع ۾ مرڻ تائين اها اخبار نهايت ڪاميابيءَ سان هلائي، جنهن ڪري کيس "ڪراچيءَ جي جديد اخبار نويسيءَ جو باني" سڏيو ويندو آهي. "Sind Gazette" (جيڪا پوءِ "Daily Gazette" ٿي) ورهاڱي تائين ڪوري جي يادگار اخبار هئي. اها اخبار، هفتي ۾ ۸ صفحن تي مشتمل، ۴ ڪالمن ۾ ڇپبي هئي، ۽ پهريان ٻه ۽ آخري ٻه صفحا اشتهارن لاءِ مخصوص هوندا هئا.

۱۸۸۷ع ۾ "Sind Gazette" هڪ مقامي اخبار "Sind Times" ۾ ضم ٿي ويئي. "Sind Gazette" پهرين يورپي اخبار هئي، جيڪا اڻويهين صديءَ جي ٻن ڏهاڪن تائين سنڌ ۾ يورپي ماڻهن جي نمائندگي ڪري هندستان جي ورهاڱي تائين سنڌ خدمت ڪندي رهي.

## يورپي انگريزي رسالا: (۱)

۱۸۲۵ع ۾ يا اُن کان اڳ، ڪراچي چيمبر آف ڪامرس وارن ماهوار جرنل "The Price Current and Market Report" جاري ڪيو، جيڪو ۱۸۷۰ع جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ هفتيوار ٿي شايع ٿيڻ لڳو. جيئن جرنل جا نالي مان ظاهر آهي. هن جرنل ۾ واپاري طبقي سان وابسته معلومات، جنهن ۾ مختلف اناج جي جنس ۽ خدمتن جون اگهوتريون، دريا، ريل ۽ روڊ رستي آمدورفت جي تفصيل، بحري جهازن جي اچڻ وڃڻ جا وقت ۽ ٻاڙا توڙي مزورين بيان ٿيل هونديون هيون. اهو جرنل ۱۸۷۵ع تائين جاري رهيو.

وڪيلن پنهنجو ماهوار رسالو "The Report of the Decisions of the Sadar Court of Sind" ۱۸۷۰ع ۾ جاري ڪيو، جيڪو ڪراچيءَ جي صدر ڪورٽ جو سپرنٽينڊنٽ وليم رابرٽ هونهان William Robert Hoonhan جي ادارت ۾ نڪرندو هو. هي رسالو ۳۰ صفحن تي مشتمل هوندو هو ۽ ۱۰۰ ڪاپيون شايع ٿينديون هيون. هي رسالو ۱۸۸۱ع ۾ بند ٿي ويو.

چرچ مشنري سوسائٽي ۱۸۵۰ع ۾ قائم ٿي، جيڪا عيسائيت جي پرچار لاءِ وجود ۾ آئي هئي. سندس سرپرستيءَ ۾ ڪراچيءَ مان ۱۸۸۴ع ۾ "Chiristian Messenger" رسالو جاري ٿيو، پر ۱۸۸۵ع ۾ بند ٿي ويو.

ان ورهين کان پوءِ، ۱۸۹۲ع ۾ ڪراچي جي ٽرنيٽي چرچ "Karachi Parish Magazine" جاري ڪيو. هيءُ رسالو ننڍي سائيز ۾، ۱۴ صفحن تي مشتمل هوندو هو، جنهن جون هر ماهه ۱۵۰ ڪاپيون شايع ٿينديون هيون. هيءُ رسالو موجوده صديءَ ۾ پڻ جاري رهيو.

انهيءَ کان پوءِ، سينٽ پال چرچ منهوڙا طرفان "Karachi Manora Church Magazine" شايع ٿيو، جيڪو موجوده صديءَ ۾ پڻ جاري رهيو.

## سرڪاري پبليڪيشن. (۱)

سنڌ سرڪار پاران به رسالا جاري ڪيا ويا، جيڪي تجارتي بنيادن تي نه هئا. پهريون ٿماهي جرنل "The Sind Civil list" هو، جيڪو ۱۸۶۷ع ۾ شايع ٿيڻ شروع ٿيو. ۱۸۷۳ع ۾ اهو جرنل ڇماهي ٿيو ۽ ۱۸۹۶ع

(1) Dr. Allah Rakhio Butt: " The Nineteenth Century Book Trade in Sind".Ph.D thesis, (for the University of Wales) 1988.

(2) Ibid.

۾ "The Sind Official List"جي نالي ۾ تبديل ٿي ويو، جيڪو موجوده صديءَ ۾ بہ جاري رهيو.

هي سرڪاري پبليڪيشن "Sind Offical Gazette" هئي، جيڪا هفتيوار جي حيثيت سان ١٨٦٨ع ۾ شروع ٿي، ۽ موجوده صديءَ تائين انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيندي رهي. انهيءَ گزيٽ ۾ موضوعن جي گونا گونيت ڪيس اخبار جي ويجهو آڻي ڇڏيو هو. ١٨٤٥ع کان ١٩٠٠ع تائين ٥٥ سالن ۾ يورپي ماڻهن ڪراچيءَ مان ڏهہ اخبارون ۽ پنج رسالا جاري ڪيا. ڏهن اخبارن مان، ڇئن جي زندگي ١٠ سالن کان مٿي هئي. ,"Sind Advocate" "Gazette, Sind Offical List", "Sind ڏهن سالن کان گهٽ عمر ماڻي "Our Paper" "Beacon, Kossid", "Sindian" ڪامياب ڪوششون هيون.

پنجن ماهوار رسالن مان، ٽن رسالن جي ڄمار پنجن ورهين کان گهٽ هئي. پر ان جي برعڪس "Karachi Parish Magazine".موجوده صديءَ تائين جاري رهيو. انگريزيءَ ۾ انهن بنيادي رسالن، سنڌ جي مقامي زبانن ۾ ساڳي سطح جي رسالن لاءِ راهہ هموار ڪئي.

* * *

## باب ٽيون

### فارسي اخبارون - سنڌي اخبار نويسيءَ جو پهريون ڏاڪو

صدين کان سنڌ توڙي هند جي سرڪاري زبان فارسي رهي آهي، ڇاڪاڻ جو حڪمرانن جي مادري زبان فارسي هوندي هئي ۽ اُهي اهائي زبان ڳالهائيندا هئا. هند جي مغل بادشاهن وانگر، سنڌ جا حاڪم ڪلهوڙا ۽ مير پڻ فارسي ٻي هنداڻيندا هئا. سنڌن دفتري ڪاروبار، اعلان، احڪام، تاريخ نويسي، وقائع نويسي، سخن جون محفلون ۽ مشاعرا وغيره سڀ فارسيءَ ۾ ٿيندا هئا. سنڌ جا ماڻهو، پنهنجي حڪمرانن جي پيرويءَ ۾ فارسي پڙهيا ۽ علم و دانش جو اظهار فارسي ذريعي ٿي ڪيائون. اينتري قدر جو اهلِ علم فارسيدان ڪي ڪونيو ويندو هو. "فارسي گهوڙي چاڙسي" ، فارسيءَ جي اهميت ۽ فضيلت ظاهر ڪئي ٿي، توڙي جو عام ماڻهو جي مادري زبان سنڌي هئي. اڄ جڏهن "پڙهو فارسي اور بيچو تيل" حقيقت بنجي ويئي آهي، تڏهن بہ ان وقت جي حڪمرانن جو اولاد فارسيءَ ۾ محفوظ ٿيل پنهنجي علمي سرمايي تي فخر ڪري ٿو.

اها زبان نہ رڳو مسلمانن جي هئي، پر صدين کان مسلمانن جي حڪمراني رائج هئڻ ڪري، پڙهيل هندو طبقي جي اظهار جو ذريعو پڻ فارسي زبان هئي. اهوئي سبب آهي جو بنگال جي مشهور سماج سڌارڪ راجا رام موهن راءِ کي جڏهن سماجي بُراين کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ پرچار جو خيال آيو تہ هن اُتان جي مقامي زبان بنگالي بدران "مراة الاخبار" فارسيءَ ۾ شايع ڪئي.هن اها اخبار ڪلڪتي مان ٢٠-اپريل ١٨٢٢ع تي شايع ڪئي. ننڍي کنڊ ۾، اردو اخبار نويسيءَ جي شروعات پڻ لڳ ڀڳ ساڳئي وقت تي ٿي. پوءِ تہ ننڍي کنڊ جي مختلف شهرن مان ڪيترين ئي پيون فارسي اخبارون شايع ٿيون، پر مرڪز وري بہ ڪلڪتو ئي رهيو. (١)

١٨٤٣ع ۾ ميرن جي حڪمرانيءَ جو دور پورو ٿيو ۽ انگريزن پنهنجي راڄ کي انتظامي طرح مضبوط ۽ منظم ڪرڻ لاءِ ڪيترائي اقدام ڪيا. هنن فارسيءَ جي جاءِ تي مقامي زبان سنڌيءَ کي رائج ڪيو ۽ انگريزي زبان جي عام ڪرڻ لاءِ ڪيترائي اسڪول کوليائون. فارسي ۽ عربي زبانن جا مرڪز، مدرسا آهستي آهستي بند ٿيڻ لڳا. انهيءَ ڪري فارسي زبان جي اُها حيثيت نہ رهي، جيڪا ڪيس اڳ ۾ حاصل هئي. پر ان جي باوجود، فارسي زبان کي وڏي

(١) ڊاڪٽر خورشيد السلام: "صحافت پاڪستان و هند مين" (اردو)، مجلس ترقي ادب، لاهور، ١٩٦٣ع، ص- ٧٥.

اهميت هئي جو ابلاغ عامہ جو معزز ذريعو فارسي زبان هئي. (١)

١٨٥٧ع جي هنگامي دور کان ، اُنهيءَ سر زمين تان، جنهن کي اڄ ڪالهہ پاڪستان ڪوٺيو وڃي ٿو، (جنهن ۾ مشرقي پاڪستان بہ اچي وڃي ٿو)، رڳو ٽي فارسي اخبارون شايع ٿينديون هيون، جن مان هڪ پشاور مان ۽ بہ، سنڌ جي شهرن هرهڪ ڪراچي ۽ سکر مان شايع ٿينديون هيون. پر اوپر پاڪستان واري سرزمين تان يا پنجاب مان ڪابہ فارسي اخبار شايع نہ ٿيندي هئي. (٢)

فارسي زبان جيتوڻيڪ سرڪاري زبان نہ رهي هئي ۽ دفتري استعمال کان خارج ٿي وئي هئي، تاهم روايتي علمي ادارن ۾ سندس حيثيت باقي هئي ۽ ١٩ صديءَ جي آخر تائين اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهائي ويندي هئي. زبان جي لاڳيتي مقبوليت جي ڪري، سنڌ جي سڀ کان پهرين ڏيهي اخبار، جيڪا شايع ٿي، اُها فارسي زبان ۾ هئي، پر ان جي نالي جي خبر پئجي نہ سگهي آهي. اها اخبار ڊاڪٽر بُٽ مطابق، لڳ ڀڳ ١٤ فيبروري ١٨٥٣ع تي شايع ٿي هئي. (٣)

ان کان پوءِ، ١٨٥٥ع ۾، فارسيءَ جي ٻي هفتيوار اخبار "مفرح القلوب" شايع ٿي، جيڪا سڀ کان وڌيڪ عرصي لاءِ جاري رهي. اها اخبار پنجاب جي رهواسي مرزا مخلص علي مشهدي، ان وقت جي سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر جي تجويز تي جاري ڪئي، (٤) جيڪا ١٨٧٧ع ۾ سندس وفات تائين جاري رهي. مرزا مخلص علي سنڌ ڪاليج (جيڪو پوءِ ڊي – جي ڪاليج ٿيو) ۾ فارسي ۽ عربي جو پروفيسر هو. (٥) سندس وفات کان پوءِ، اها اخبار سندس چئن پٽن مان وڏي پٽ مرزا محمد شفيع جي ادارت هيٺ آئي. ١٨٦٠ع ۾، هڪ موقعي تي، جڏهن مرزا مخلص علي، "مطلع خورشيد" کي شروع ڪرڻ لاءِ سکر هليو ويو تہ ڪراچي ۾ "مفرح القلوب" جي ادارت مرزا محمد شفيع جي حوالي ٿي. ١٨٨٤ع ۾ مرزا محمد شفيع وفات ڪئي تہ "مفرح القلوب" جي ادارت سندس ٻن ڀائرن مرزا محمد صادق ۽ مرزا محمد جعفر گڏجي سنڀالي. انهيءَ موقعي تي مرزا محمد صادق ايران جي پاران ڪراچيءَ ۾ قانصل هو. اها اخبار آگسٽ ١٨٨٧ع تائين جاري رهي. (٦)

"مفرح القلوب" جو ٻيون دور ١٨٩٣ع ۾ شروع ٿئي ٿو، جڏهن مرزا محمد جعفر اُن کي ٻيهر جياريو. مرزا محمد جعفر ڪراچي جي سنڌ آرٽس ڪاليج ۾ فارسيءَ جو پروفيسر هو. ١٨٩٦ع ۾، ۽ پوءِ ١٨٩٧ع ۾، هيءَ اخبار پليگ جي بيماري سبب بند رهي ۽ پوءِ موجوده صديءَ ۾ ١٩٠٤ع تائين جاري رهي. (٧)

"مفرح القلوب" ليٿو گراف تي هر اربع جي صبح جو شايع ٿيندي هئي. هن اخبار پنهنجو نمونو ڪنهن بہ ٻي اخبار، مقامي انگريزي توڙي سنڌي اخبارن جهڙو نہ رکيو هو. منجهس ڏيهي توڙي پرڏيهي خبرون، ڊگها مضمون ۽ شاعري ڇپبي هئي جيڪا نوابن، راجائن ۽ مشهور شاعرن ۾ مقبول هوندي هئي. ان کان سواءِ هي اخبار سنڌ ۽ هندستان جي ٻين حصن توڙي افغانستان، ايران، عراق ۽ سعودي عرب ۾ مقبول هئي ۽ انگلنڊ، جرمني ۽ فرانس ۾ پڻ

(1) Dr. Allah Rakhio Butt: " The Nineteenth Century Book Trade in Sind"_Ph.D thesis, (for the University of Wales) 1988.
(2) Dr. Abdus Salam Khurshis: "Journlism in Pakistan", Publishers United Ltd. Lahore. 1964. p. 78.
(3) Dr. Allah Rakhio Butt: " The Nineteenth Century Book Trade in Sind",Ph.D thesis, (for the University of Wales) 1988.
(4) Ibid.
(٥) شيوارام نرسنگهہ داس ڦيرواڻي: راج رشي ديارام گدومل جو جيون چرتر"، تارا چند آڏواڻي، حيدرآباد، ١٩٣٨ع، ص-٤٥.
(6) Dr. Allah Rakhio Butt: " The Nineteenth Century Book Trade in Sind", Ph.D thesis, (for the University of Wales) 1988.
(7) Ibid.

پڙهندڙ موجود هئا. (١)

١٨٥٧ع کان پوءِ، سنڌي زبان لاءِ ترجيحي طور تي سرڪار هڪ اهڙي رٿا جوڙي ته جيئن سنڌي ٻوليءَ کي مقبول بنائڻ لاءِ اخبار جاري ٿئي، جنهن ۾ سرڪار پنهنجو نقطهءِ نظر پڻ ظاهر ڪري. پر ان ۾ ٻه مشڪلاتون هيون. هڪ ته ڇپائيءَ جي ذريعن جي اڻاٺ، ۽ ٻيو ته سنڌي ٻوليءَ جي پڙهندڙن جي کوٽ. انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ عملي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ سرڪار تعليم کاتي لاءِ هڪ جدا لٿوگراف پريس مشين خريد ڪئي ته جيئن درسي ڪتاب ڇپايا وڃن ۽ تعليم کاتي جي زيرنگراني هڪ ٻن - زبانن واري اخبار جاري ڪئي وڃي. ١٥ مئي ١٨٥٨ع تي هڪ سرڪاري اخبار "فوائد الاخبار" جاري ڪئي ويئي، جيڪا فارسي ۽ سنڌيءَ زبانن ۾ هئي. هن اخبار جو ايڊيٽر ميجر گولڊ سمڊ هو، جيڪو جاگيرن جو اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ تعليم کاتي جو آفيسر هو. (٢)

هن اخبار جي پهرئين پرچي ۾ آيل مضمون سائنس ۽ ننڍي ڪنڊ توڙي يورپ جي حالتن بابت هئا ۽ ان ۾ خبرنامو به ڇپيو هو. هي اخبار اسڪولن ۽ مڪتبن ۾ ورهائبي هئي. ان ريت "فوائد الاخبار" جهڙوڪر سنڌي اخبار نويسي جو بنياد فراهم ڪيو، پوءِ اهو سرڪاري سطح تي ئي سهي. (٣)

هن اخبار ۾ سرڪاري قانون، هندستان ۽ يورپ جون تاريخي، زرعاتي، سائنسي ۽ تعليمي خبرون ۽ مضمون توڙي دلچسپ آکاڻيون ڇپبيون هيون. قيمت اڻ آنا هيس ۽ سرڪاري ملازمن کي رعايتي قيمت تي ڏني ويندي هئي. هن اخبار بابت وڌيڪ خبر ملي نه سگهي آهي، پر تمام جلد بند ٿي ويئي.

مرزا مخلص علي، "مفرح القلوب" جو انتظام پنهنجي پٽ جي حوالي ڪري ١٨٦٠ع ۾ ڪراچي ۾ سکر مان هفتيوار "مطلع خورشيد" جاري ڪئي. ان کان سواءِ، ساڳئي نالي سان سکر ۾ لٿو گراف ڇاپخانو به قائم ڪيائين. مرزا صاحب پريس لاءِ پٿر به سکر جي ٽڪرين مان آندو، جو ولايت جي پٿر کان به بهتر هوندو هو. هن اخبار جي پهرئين پرچي ۾ دعويٰ ٿيل آهي ته سکر جي ماڻهن کي اخبار يا پريس جو علم هن ذريعي پيو.

"مطلع خورشيد" جو ايڊيٽر مرزا محمد شفيع "مشتري" مقرر ٿيو. هن اخبار جو مواد ٻن ڪالمن ۾ ورهايل هو. هڪ ڪالم ۾ فارسي عبارت ڏنل هوندي هئي ۽ ان جي سامهون ٻئي ڪالم ۾ سنڌي ترجمو ڏنو ويندو هو. (٤)

هن اخبار جي پڙهندڙن، خريدارن ۽ مددگارن جو به "مفرح القلوب" وانگر وڏو دائرو هو، جنهن جو تفصيل ڪتابن ۾ ملي ٿو. گذريل صديءَ جي ٻن عالمن مولانا محمد حسين آزاد "سخندانِ فارس" ۽ سفرنامهءِ ايران" ۾ ۽ فرينچ اسڪالر گارسا دتاسي "خطبات" ۾ هنن ٻنهي اخبارن جو ذڪر ڪيو آهي. اها اخبار ١٩٠٦ع تائين هلي. (٥)

ڊاڪٽر عبدالسلام خورشيد لکي ٿو "... اهي ٻئي اخبارون ١٨٥٥ع ۾ جاري ٿيون هيون ...۽ جڏهن هن محسوس ڪيو ته هو ٻن مختلف هنڌن تان به اخبارون جاري نٿو رکي سگهي ته "مطلع خورشيد" کي ڪراچي ڪٺي آيو. اهي ٻيئي اخبارون گهٽ ۾ گهٽ ١٨٢٥ع تائين ڏار ڏار جاري رهيون... ۾ لکي ٿو ته ٿوري وقت کان پوءِ، ٻئي اخبارون

---

(1) Dr. Allah Rakhio Butt: " The Nineteenth Century Book Trade in Sindh", Ph.D thesis, (for the University of Wales) 1988.

(2) Ibid.

(٣) ڊاڪٽر عزيزالرحمان بگهيو "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٨ع، ص-٢٩، ٣٠ ۽ ٣٧.

(٤) غلام محمد گرامي: "سنڌي لٿوگراف"، (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، ١٩٦٤/١ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص ١٥٢.

(٥) ڊاڪٽر عزيز الرحمان بگهيو: "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ص-٣٧.

گڏ ٿي ويون ۽ اخبار جو نالو "مفرح القلوب و مطلع خورشيد" طئه ٿيو... (١) پر سيني محقق انهي ڳالهه تي متفق آهن ته ٻئي اخبارون ڌار ڌار سالن ۾ جاري رهيون هيون جيئن مٿي ٻڌايل آهي ۽ ٻئي اخبارون گڏجي هڪ ئي نالي سان ڪراچيءَ مان شايع ٿيڻ لڳيون هيون. ڊاڪٽر عبدالسلام خورشيد جي ڳالهه جي به ڪنهن مقامي محقق تصديق نه ڪئي آهي. جيتوڻيڪ هيءَ اخبار مڪمل سنڌي اخبار نه هئي، تاهم ان ۾ سنڌي حصو هجڻ ڪري آئنده سنڌي اخبار لاءِ ميدان هموار ٿيڻ شروع ٿي چڪو هو. گرامي صاحب پنهنجي مقالي ۾ هن اخبار جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ ڏني آهي ۽ سنڌي زبان يا رسم الخط جي خدمتن لاءِ هن اخبار کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو آهي. (٢)

سيپٽمبر ١٨٨٧ع ۾، مرزا خاندان وارن فارسيءَ ۾ هڪ ٻي اخبار "راشد ڪراچي سنڌ" جاري ڪئي، جنهن جو ڪاغذ "مفرح القلوب" جي ڀيٽ ۾ تمام غير معياري هو. جلد ئي، انهيءَ سال هڪ اخبار "اڪليل" جي نالي سان نئون جنم ورتو. هي اخبار هفتيوار هئي ۽ ١٨٩٥ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پليگ جي بيماري پکڙجڻ جي ڪري بند ٿي ويئي ۽ وري جاري نه ٿي سگهي. (٣)

پر ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهئي (۴) ۽ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي (۵) هن اخبار جي جاري ٿيڻ جو سال ١٨٧٠ع ۽ بند ٿيڻ جو سال ١٨٧۵ع ڄاڻايو آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي فارسي اخبارن جي حاصلات ۽ ورثي بابت نهايت درست تجويز ڪيو آهي. هو چوي ٿو :

"سنڌ ۾ فارسي اخبار نويسيءَ جو چوٻول شمس العلماء مرزا مخلص علي بيگ ۽ سندس پونيرن جي طفيل قائم رهيو. انهيءَ ڪري اُڻويهن صديءَ جو پويون اڌ "فارسي اخبار نويسيءَ جو دور" سڏيو وڃي ٿو. هنن اخبارن جي سهاري، سنڌ ۾ فارسي زبان زنده رهي ۽ فارسي شاعري جو چوٻول عام ٿيو. ان هوندي به فارسي سنڌ مان صفا ختم نه ٿي، بلڪ هيءَ زبان فقط عالمن جو ورثو وڃي بڻي، جنهن ڪري عام ماڻهو ڪانئس پري ٿيندو ويو. شاعري نالي ماتر رهي ۽ نثر نويس به قلمي ڪتابن تائين وڃي محدود ٿيا. سنڌ جا عالم فارسي ۾ شعر چوندا رهيا، پر جيئن ته انهن جي شايع ٿيڻ جو ڪو ذريعو نه هو، تنهنڪري اهو شعر منظر عام تي نه آيو. فارسي اخبار نويسيءَ ٻيو فائدو اهو پهچايو جو سنڌي اخبار نويسيءَ لاءِ راهه هموار ٿي. نه فقط ايترو، پر ڪيترو وقت سنڌي صحافت انهن صاحبن جي هٿ ۾ هئي، جي فارسيءَ جا وڏا عالم هئا، ۽ شروع جي سنڌي صحافت تي فارسي صحافت وانگر، اخباريت کان وڌيڪ ادبيت غالب رهي. (٦)

مٿين تفصيل مان معلوم ٿئي ٿو ته اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ فارسي زبان ۾ فقط پنج اخبارون جاري ٿيون. انهن مان ٻن اخبارن "فوائد الاخبار" ۽ "مطلع خورشيد" ۾ فارسيءَ سان گڏ سنڌيءَ کي پڻ جاءِ ڏني ويندي هئي ۽ اڳتي هلي مڪمل سنڌي اخبار جاري ٿيڻ لاءِ راهه هموار ٿي ۽ فارسيءَ کان سنڌي ڏانهن switch-over ڪرڻ ۾

(١) ڊاڪٽر عبدالسلام خورشيد: "صحافت پاڪستان و هند مين"، (اردو)، مجلس ترقي ادب، لاهور، ١٩٦٣، ص ص - ٩٣ ۽ ٩٦.

(٢) غلام محمد گرامي: "سنڌي لٽرگراف"، (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، ١٩٦۴/١ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص -١۵٣.

(3) Dr. Allah Rakhio Butt: " The Nineteenth Century Book Trade in Sind", Ph.D thesis, (for the University of Wales) 1988.

(۴) ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو: "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ" ،انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٨ع، ص ص-٩٣ ۽ ٩٦.

(۵) ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ سنڌي: "اڻويهين صديءَ جا نثر نويس"، Ph. D لاءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ پيش ڪيل تحقيقي مقالو، ١٩٨٣ع.

(٦) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "سنڌيءَ ۾ فارسي اخبار نويسي"، (مقالو) ٽماهي مهراڻ، نمبر ١٩٧٠/٣ع، ص- ١٠٩.

آساني ٿي. اهڙي طرح فارسي اخبارن، سنڌي اخبارن لاءِ Stepping -stone جو ڪردار ادا ڪيو.

حاصل مطلب ته ١٨٩٠ع جي ڏهاڪي ۾ فارسي اخبارن جو جاري رهڻ مشڪل ٿي پيو ۽ انهي ڏهاڪي ۾ فارسيءَ جون سڀ اخبارون بند ٿي ويون ۽ سنڌي اخبار نويسيءَ لاءِ دروازو کولي ويون.

× × ×

# باب چوٿون

## سنڌ جي ڏيهي اخباري دنيا

اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾، سنڌ جي مقامي ماڻهن جي آبادي مقامي ۽ ٻاهران آيل ماڻهن تي مشتمل هئي. منجهن هندو، مسلمان، سک ۽ پارسي هئا، جن جون مادري زبانون سنڌي، فارسي، پنجابي ۽ گجراتي هيون ۽ انگريزي حڪومت، تعليم ۽ انتظاميه جي زبان هئي. انگريزي راڄ شروع ٿيڻ کان پوءِ سنڌي سماج تبديل ٿي رهيو هو. انهيءَ تبديليءَ جو ڪارڻ بهتر روڊ، ريلوي، ٽپال، مواصلات ۽ تعليم جو مغربي سرشتو هئا. ان کان سواءِ ڪيترين ئي سماجي ۽ مذهبي سڌارا آڻيندڙ جماعتون وجود ۾ اچي رهيون هيون. سنڌ جي روايت پسند ۽ ڏوراهين هندن جي رهواسين جي دلين ۾ مغربي طرزِ فڪر ۽ زندگي، سماجي - سياسي جماعتن جهڙوڪ "سنڌ سڀا" (١٨٨٢ع)، "سينٽرل نيشنل محمدن ايسوسئيشن جي سنڌ شاخ" (١٨٨٤ع) ۽ "آل انڊيا نيشنل ڪانگريس" (١٨٨٥ع) ذريعي جاءِ وٺي رهي هئي. "هندو رفارميشن ايسوسيئيشن" ۽ "برهمو سماج" اصلاح پسند جماعتون مذهب جي جديد سوچ تي ٻڌل هيون، جن جي مخالفت ۾ وري "آريه سماج" ۽ "سناتن ڌرم سڀا" هندو سماج جون روايت پسند جماعتون قائم ڪيون ويون." (١).

## سنڌي اخبارون ۽ رسالا:

انهن تبديلين جي پس منظر ۾، سنڌ ۾ مقامي اخبارنويسي ڪر کڻي رهي هئي. سرڪار جي جاري ڪيل "فوائد الاخبار" جي ناڪاميءَ کان پوءِ، هڪ بهتر اخبار جي جاري ڪرڻ جي رٿا ناهي وئي. انگريزن جي آمد کان ٢٣سال کن پوءِ، ١٨٦٦ع ۾، "سنڌ سڌار" نالي پهرين مڪمل سنڌي اخبار ڪراچيءَ مان شايع ٿي. (٢) هيءَ اخبار اول مهيني ۾ ٻه ڀيرا ۽ پوءِ هفتيوار شايع ٿيندي هئي. هن اخبار کي انهيءَ ارادي سان جاري ڪيو ويو ته جيئن سرڪاري پاليسين ۽ حڪمن کي عوام تائين پهچائي نافذ ڪيو وڃي. هيءَ اخبار سنڌ جو تعليم کاتو ڪڍندو هو، پنهنجي جاري ڪيل ڇاپخاني مان شايع ڪندو هو، جنهن جو پهريون ايڊيٽر نارائڻ جڳن ناٿ وديا هو، جيڪو تعليم کاتي ۾ ڊپٽي انسپيڪٽر هو. ان بعد مرزا قليچ بيگ جو مُربي پاءُ مرزا صادق علي مقرر ٿيو. اڳتي هلي، ١٨٨٤ع ۾ هيءَ اخبار سنڌ جي پهرين سماجي ۽ نيم سياسي تنظيم "سنڌ سڀا" جي حوالي ٿي ۽ ساڌو هيرانند شوقيرام آڏواڻي (١٨٦٣ع- ١٨٩٣ع) ان جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. (٣)

ساڌو هيرانند ان وقت ۾، ڪلڪتي مان بي -اي جو امتحان پاس ڪري، ١- فبروري ١٨٨٤ع تي، حيدرآباد آيو

---

(1) Dr. Allah Rakhio Butt: "The Ninteenth -Century Book Trade in Sindh", Ph. D. Thesis (for the University of Wales), 1988.

(٢) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "سنڌ ۾ فارسي اخبار نويسي" ، (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، ڄامشورو، نمبر ٣/ ١٩٧٠ع، ص -٩-١٠.

(٣) ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو، "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ" ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ١٩٨٨ع، ص-٤٢.

هو. ڪيس پنهنجي پاريهن ورهين جي ننڍي ڄمار ۾ بنگال جي ان وقت جي اعليٰ درجي جي انسانن، ڪيشب چندرسين، رام ڪرشن پرمهنس ۽ ايشور چندر وديا ساگر سان گڏ گذارڻ جو موقعو مليو هو. حيدرآباد ۾ اچي رشي ديارام گدومل جهڙي شخصيت جو سنگ نصيب ٿيس. انهن ڳالهين ڪيس زندگي جي نئين راهه تي آڻي بيهاريو ۽ ڪيس اڳتي هلي "سنڌ سڌار" ۽ "Sind Times" جي ايڊيٽر جي ذميواري سونپي ويئي. (۱)

سرڪار هي اخبار "سنڌ سڀا" جي حوالي ڪندي اهو شرط رکيو ته اهي تعليم کاتي جي خبرن کي نمايان ۽ درست طور ڇپيندا. البت مالي معاملن کان هي تنظيم آجي رهي. اهو به چٽو ڪيو ويو ته ادارتي پاليسيءَ تي نه ته مالڪ ۽ نه ئي وري سرڪار ئي دخل ڏيندي. ان هوندي به "سنڌ سڀا" اخبارن جي سرڪيوليشن کي وڌائڻ تي توجهه ڏنو ۽ سنڌي اخبار کي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ پهچايو ويو. خبرن ۽ مواد کي سڌاري ۽ صحيح طرح ڇاپيو ويو. سڄي سنڌ ۾ اخبار لاءِ نمائندا مقرر ڪيا ويا، جن کي اُن وقت "خاصو" سڏيو ويو. اهو لفظ اڄ به اخباري دنيا ۾ رائج آهي ۽ ساڌو هيرانند جي مرهون منت آهي. (۲)

هن اخبار ۾ ڪي ڪامورا ته کلئي عام لکندا هئا، پر ڏيارام گدومل ۽ مرزا قليچ بيگ پارن عالمن پس پرده گهڻو ڪجهه ڏنو ۽ اخبارن لاءِ لکيو. انهيءَ اخبار ۽ سرڪار تي ڪابه نقطه چيني ٿيندي هئي ته اُن وقت جوسنڌ جو ڪمشنر ارسڪن ڪاوڙبو ڪين هو، پر منجهس جيڪي به سچ هوندو هو، تنهن جو فائدو وٺڻ چاهيندو هو. تنهنڪري هو "سنڌ سڀا" کي، جنهن جي نگهبانيءَ ۾ "سنڌ سڌار" شايع ٿيندي هئي، ڪا مخالف سياسي تنظيم ڪري ڪين ليکيندو هو، پر سمجهوُ ماڻهن جي سَڀا ڪري ليکيندو هو ۽ سنڌن عريضين تي جوڳو ڌيان ڏيندو هو. (۳) "سنڌ سڀا" هندو، مسلمان ۽ پارسي پڙهيل ماڻهن جي تنظيم هئي، جنهن جو حسن علي آفندي، پڻ ميمبر هو. پر پوءِ، ان وقت جي هند جي وائسراءِ لارڊ رپن کي مان - پتر ڏيڻ جي سلسلي ۾، ڪراچي ۾ آڪٽوبر ۱۸۸۴ع ۾ ڪوٺايل گڏجاڻيءَ ۾، حسن علي آفندي پنهنجو اختلاف ظاهر ڪيو ۽ گڏجاڻيءَ مان ڪاوڙجي اُٿي هليو ويو. اهڙي طرح سنڌ جي پهرين اجتماعي تنظيم "سنڌ سڀا" ۾ ڏڦيڙ پيو ۽ ساڳئي سال حسن علي آفندي، "مجمع محمدي" ناهي، جيڪا پوءِ "سينٽرل نيشنل محمدن ايسوسيئشن جي سنڌ شاخ" ۾ ضم ٿي ويئي، جنهن جي راهه سرسيد احمد خان جي تحريڪ سان وڃي ملي، جنهن جي سر تي پاڪستان کي جنم ڏيڻ جو سهرو آهي. ٻئي طرف "سنڌ سڀا" جي بانين مان، ڏيارام جيٺمل ۱۸۸۷ع ۾ گذاري ويو: ساڌو هيرانند "سنڌ سڀا" توڙي ٻئي اخبارون "سنڌ سڌار" ۽ "Sind Times" ڇڏي وڃي حيدرآباد پهتو ۽ "سنڌ سڀا" جا باقي ماڻهو "آل انڊيا نيشنل ڪانگريس" ۾ داخل ٿي ويا. اهڙي طرح "سنڌ سڀا" هڪ دُکدائڪ انت تي پهچي، هندن ۽ مسلمانن کي هميشه لاءِ ورهائي ويئي. (۴)

سنڌ ۾ فارسي اخبارون جاري ڪرڻ جو سهرو مرزا خاندان تي آهي. فارسي اخبار "اڪليل" کان پوءِ، ۱۸۸۰ع ڌاري ڪراچيءَ مان مرزا محمد صادق جيڪا پهرين اخبار جاري ڪئي، اها هئي "معين الاسلام". انهيءَ اخبار جي جاري ٿيڻ جي باري ۾ خير محمد اوحديءَ جي راءِ ۱۸۸۱ع آهي ۽ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جو چوڻ آهي ته اها اخبار پندرهن روزه هئي ۽ نه هفتيوار. هيءَ اخبار هر جمعي تي، لٿو گراف تي "9°.5X15.0 سائيز ۾ ٽن ڪالمن تي مشتمل، چئن صفحن تي شايع ٿيندي هئي. هي اخبار ۱۸۸۵ع ۾ بند ٿي ويئي. (۵) پر ڊاڪٽر ٻٽ انهيءَ اخبار جي

---

(۱) موتي رام -ايس راموائي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو"، شاردا پرڪاشن، بمبئي، ۱۹۸۷ع، ص ص-۸۸- ۸۹.
(۲) ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو: "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ"، سنڌالاجي، ڄامشورو، ۱۹۸۸ع، ص-۸۸.
(۳) تارا چند شوقيرام، "راج رشي ديوان ڏيارام گدومل جو جيون چرتر"، حيدرآباد، ۱۹۳۸ع، ص-۱٦.
(۴) غلام محمد لاکو: "سنڌ سڀا"، ٽماهي مهراڻ ۱-۲/۱۹۸۵ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص -۴۰.
(۵) ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو: "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ۱۹۸۸ع، ص ص-۷۱-۸۸.

بند ٿيڻ جو ڪارڻ مرزا محمد صادق جي ١٩٠١ع ۾ وفات ٻڌائي ٿو. (١) جيڪو درست نہ ٿو لڳي. ڇو جو ڪانئس پوءِ انهي اخبار جي ادارت مرزا محمد شفيع ۽ مرزا محمد جعفر جي هٿ ۾ آئي هئي.

هي اخبار باقاعدي سرڪاري تعليمي ادارن لاءِ منظور ٿيل هئي. شاعر مرتضائي نثوي انهيءَ اخبار لاءِ شعر چيو هو تہ:

ڪيي "اڪليل" جا اخبار عمدي
منجهان را فارسي بسيار عمدي
"معين" آهي سندس سنڌيءَ جي اخبار
برابر آهي سا چڻ گوهر بار. (٢)

١٨٨٤ع جي شروعات ۾، "معاون مجمع محمدي" جاري ٿي، جيڪا "معاون" جي نالي سان مشهور هئي. هي اخبار خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي سرپرستي هيٺ، "سينٽرل محمدن ايسوسيئيشن جي سنڌ شاخ" پاران جاري ڪئي ويئي هئي. هن اخبار جو مقصد مسلمانن ۾ عام سجاڳي پيدا ڪرڻ ۾ مغربي تعليم مان فائد و وٺڻ هو. انهيءَ جماعت پاران ١٨٨٥ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسة السلام کوليو ويو هو. ٨٧-١٨٨٦ع ڌاري هيءَ اخبار مدرسي کي منتقل ٿي ويئي.

"معاون" اخبار جو ايڊيٽر مدرسي ۾ فقه جو عالم ۽ استاد مولوي محمد عثمان نورنگ زادو هو، جنهن جي جاءِ تي پوءِ مولوي الله بخش ابوجهو ۽ پوءِ شمس الدين بلبل مقرر ٿيا، جيڪي پنهنجي وقت جا مشهور اُستاد ۽ ليکڪ هئا. انهن هن اخبار کي تعليم، ادب ۽ معلومات جو واهڻ بنايو. ١٨٩٧ع ۾، پليگ پکڙجڻ ڪري پريس بند ڪرڻي پيئي ۽ ائين اخبار پڻ بند ٿي ويئي. (٣)

١٨٩١ ۾ سکر مان پهرين سنڌي اخبار "آفتاب سنڌ" جاري ٿي. (٤) پر ڊاڪٽر بگهيو اجرا جو سال ١٨٩٥ع ڄاڻائي ٿو. هو وڌيڪ لکي ٿو "... سيٺ حاجي احمد ميمڻ صاحب ذاتي دلچسپي ۽ سيڙپ سان "آفتاب سنڌ" اخبار ڪڍي. هن اخبار جو ايڊيٽر شمس الدين بلبل بڻيو. هي پهرين روزنامہ هئي، پر پوءِ هفتيوار ٿي. هن اخبار خالصاً علي ڳڙهہ سوچ تي ڪم ڪيو. هندن ڪان پري رهڻ جي سوچ ڏني. سرڪار جي مداح هر وقت هن اخبار جو ڪم هو. هن اخبار هوم رول تحريڪ جي زبردست مخالفت ڪئي ۽ ٻين اخبارن جهڙوڪ "الامين" ۽ "هند واسي" جو مقابلو بہ ڪيو. هن اخبار سياسي طور مسلمانن جي تربيت ڪرڻ چاهي ٿي ۽ ان لاءِ سندس خيال ۾ سرڪار سان ٽڪر کائڻ اجايو هو. هن اخبار کي "تحريڪ پاڪستان" جو ابتدائي رُخ بہ سڏيو ويو آهي. ان لاءِ جن پاڪستاني محققن ان موضوع تي ڪم ڪيو آهي، سيٺ حاجي احمد ميمڻ کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو آهي. (٥) هي اخبار

---

(1) Dr. Allah Rakhio Butt: "The Nineteenth Century Book Trade in Sind", Ph. D. Thesis, (for the University of Wales), 1988.

(٢) غلام محمد گرامي: "سنڌي ليٿوگراف" (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، جلد ١٣، نمبر ١/١٩٦٤ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص ص-١٥٢-١٥٣.

(3) Dr. Allah Rakhio Butt: "The Nineteenth Century Book Trade in Sind", Ph. D. Thesis, (for the University of Wales), 1988.

(4) Ibid.

(٥) ڊاڪٽر عزيز الرحمان بگهيو: "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٨ع، ص-٤٨.

موجوده صديءَ ۾ پڻ جاري رهي. (١)

سکر مان هن کان اڳ، پهرين صديءَ جي فارسي اخبار "مطلع خورشيد" جاري ٿي هئي. هي اهو زمانو هو جڏهن ريلوي اچڻ سان شڪارپور ۽ پنجاب کان هن شهر ۾ گهڻا ماڻهو آباد ٿيا هئا. سکر ١٨٨٣ع ۾ شڪارپور ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر مقرر ڪيو ويو . ١٨٨٩ع ۾ سنڌُو دريا تي لئنسڊائون پل جوڙي ويئي، جنهن ڪري سکر ترقي جي راهه تي گامزن ٿيو. (٢)

حيدرآباد جي پهرين اخبار "پرڀات" هئي، جنهن جو بنياد اصل ۾ ڪراچيءَ ۾ ١٨٩٠ع ۾ پيو هو. سال کن کان پوءِ، هيءَ اخبار حيدرآباد منتقل ٿي ويئي، جتي ليکراج تلوڪ چند ٿڌاڻيءَ جي ادارت هيٺ هفتيوار اپريل ١٨٩٦ع کان انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ شايع ٿي. هيءَ اخبار سنڌ ۾ مقبول هئي ۽ سرڪاري ڪامورن تي تنقيد ڪندي رهي. هي اخبار موجوده صديءَ ۾ به جاري رهي. (٣) ڪريم بخش خالد هن اخبار جي جاري ٿيڻ جو سال، ١٨٩١ع ۾ ڄاڻايو آهي. (٤) ۽ ڊاڪٽر ٻگهيو ١٨٩٦ع ۾ ٻڌائي ٿو. (٥)

١٨٩١ع ۾ "سوکڙي" نالي هڪ هفتيوار اخبار ڪراچي مان جاري ٿي، جيڪا آسن مل ريجهومل جي مالڪيءَ هيٺ جهمٽ مل لالچند جي ادارت ۾ نڪرندي هئي. هن اخبار جا ايڊيٽر پهرين عظيم جنگ جي زماني تائين تبديل ٿيندا رهيا ۽ انهيءَ زماني ۾ اها اخبار بند ٿي ويئي. (٦)

انهيءَ سال، اڻويهين صديءَ جي پهرين سنڌي اخبار جيڪا شڪارپور مان شايع ٿي، اُها هئي "طوطي سنڌ" ، ۽ سال پوري ٿيڻ کان اڳ بند ٿي ويئي، جنهن جو مالڪ اُتان جو هڪ هندو هو. اُن زماني ۾ شڪارپور جي آدمشماري پنجاهه هزار کن هئي ۽ منجهن گهڻيئي واپاري، ٻنڪار ۽ شاهوڪار دڪاندار رهندا هئا. هاءِ اسڪول ۽ ورنيڪيولر اسڪول قائم ٿي چڪا هئا. انهيءَ اخبار جي بند ٿي وڃڻ کان پوءِ، ١٩٠٦ع ۾، " سنڌ ڪيسري "هفتيوار اخبار جاري ڪئي ويئي. (٧)

حيدرآباد جي ٻي هفتيوار اخبار "ديس سڌار" هئي، جيڪا ١٨٩٣ع ۾ شايع ٿي. انهيءَ اخبار جو ايڊيٽر رامچند مورجمل هو، جيڪو جنرل مرچنٽ، اسٽامپ وينڊر ۽ ڪتابن جو دڪاندار هو ۽ چوٽڪي بازار مان اخبار شايع ڪندو هو. اها اخبار ٿوري وقت کان پوءِ، ١٨٩٧ع ۾ بند ٿي ويئي. (٨) هن اخبار جي جاري ٿيڻ جو سال شفيع محمد علوي ١٨٩٤ع ٻڌائي ٿو. (٩)

سال ١٨٩٥ع ۾، شيخ عبدالعزيز محمد سليمان ڪراچي واري جي چوڻ تي، سکر جي اُن وقت جي ڊپٽي ڪليڪٽر سردار محمد يعقوب خان جي ڪوشش سان، "الحق" سکر مان جاري ٿي، جيڪا ١٩٠١ع ۾ حيدرآباد منتقل ٿي. هن اخبار جو بنيادي ايڊيٽر شمس الدين "بلبل" هو، جيڪو پنهنجي وقت جو ناميارو نثر نگار ۽ عمدو شاعر ٿي گذريو آهي. ڪانئس پوءِ ميمڻ محمد هاشم مخلص (١٨٦٠ع- ١٩٣٢ع) ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي (١٨٨٢ع- ١٩٤٢ع) هن اخبار جا ايڊيٽر ٿي رهيا. هن اخبار سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ۽ اخلاقي حالت سڌارڻ لاءِ وجود ورتو ۽ "معاون" اخبار وانگر هن تي به علي ڳڙهه تحريڪ جو نمايان اثر هو. هن اخبار اُن وقت جي هندو

(1) Dr. Allah Rakhio Butt: "The Nineteenth Century Book Trade in Sind", Ph. D. Thesis, (for the University of Wales) 1988.
(2) Ibid.
(3) Ibid.

(٤) ڪريم بخش خالد: "سنڌي صحافت" ، حبيب پبليڪيشن، سکر، ١٩٥٥ع، ص-٣٣.
(٥) ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو: "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ" ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٨ع، ص-٥٢.
(6) Dr. Allah Rakhio Butt: "The Nineteenth Century Book Trade in Sind", Ph. D. Thesis, (for the University of Wales) 1988.
(7) Ibid.
(8) Ibid.
(٩) شفيع محمد علوي: "پهرين سنڌي مخزن" ، (مقالو)، ماهوار نئين زندگي، ڪراچي، نومبر ١٩٥٧ع، ص-١٠.

پريس جو مقابلو ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ مٽس ڪيس بہ هليو. هندن طرفان، ڪراچيءَ جي مشهور وڪيل هر چند راءِ وشن داس پاروائي وڪالت ڪئي. ڪيترائي پيرا "الحق" بند ٿي ۽ جاري ٿي. (١)

ڊاڪٽر ڀڳهيو، هن اخبار جي اجرا جو سال ١٨٩٩ع ڄاڻائي ٿو. (٢) هيءَ اخبار سنڌي ۽ انگريزي، ٻنهي زبانن ۾ شايع ٿيندي هئي. انگريزي حصي جي ادارت علي محمد بئريسٽر جي حوالي هئي.

١٨٩٥ع ۾ "خيرخواهہ سنڌ" جو اجرا ٿيو، جيڪا عام طرح "خير خواهہ" جي نالي سان سڃاتي ويندي هئي. هن اخبار جو مالڪ هڪ عامل هندو ڏرمسنگ ٿهلسنگ هو. هيءَ اخبار هفتيوار هئي ۽ ڪراچي کان پوءِ، حيدرآباد (١٨٩٦ع) مان ۽ پوءِ لاڙڪاڻي (١٨٩٧)ع مان شايع ٿيندي رهي. هي اخبار موجوده صديءَ ۾، پهرين عظيم جنگ لڳڻ واري وقت ۾ بند ٿي ويئي. (٣) لاڙڪاڻي واري زماني ۾ هن اخبار جو ايڊيٽر شمس الدين بلبل هو، جنهن لاءِ، پير علي محمد راشدي لکي ٿو تہ "خوشامدي پرچو هوندو هو، انهيءَ ڪري وقار وڃائي چڏيو هئائين."

١٨٩٦ع ۾ حيدرآباد مان "پرتاب" نالي هڪ هفتيوار اخبار شايع ٿي، جنهن جو ايڊيٽر ديوان خوبچند هو. (٤)

ساڳئي سال، آڪٽوبر ۾ پواني چرڻ بئنرجي، جنهن جو ٻيو نالو سوامي برهم باندو اُپاڌيا هو (٥) "جوت" اخبار/ مخزن حيدرآباد مان جاري ڪئي. هو انهيءَ اخبار جا انگريزي ڪالم لکندو هو. سنڌي حصو کيم چند امرت راءِ (جنم ١٨ جنوري ١٨٦٦ع) سنڀاليندو هو. اُپاڌيا جي اها شروع ڪيل اخبار پوءِ اڪيلي سر کيم چند ۽ ان بعد برهمچاري اينمانند (ريواچند گيان چند ماڪيجاڻي) هلائي. سن ١٩٠٠ع کان وٺي پرمانند ميوارام (١٨٦٥ع- ١٩٣٨ع) "جوت" جو ايڊيٽر ٿيو. هن "جوت" (پنڌرهن روزه) کي نئين رنگ ۾ پيش ڪيو ۽ انگريزي توڙي سنڌي ٻئي ڪالم سنڀالڻ لڳو. هن پنهنجي عمر جي آخر تائين لڳاتار چيف ايڊيٽر جي حيثيت سان اکيچار اخلاقي، نيتڪ، درسي، تاريخي، تعليمي، سماجڪ ۽ ساهتڪ ليک لکيا. (٦)

پرمانند جو ڏاڏو ديوان مورج مل پهريون عامل هو، جنهن دين اسلام قبوليو. هن جي پيءُ بہ بعد ۾ اسلام تي ايمان آندو. (٧) پرمانند بہ بابو بئرجيءَ جي اثر هيٺ اچي، سک پنٿ ۽ هندو ڌرم جو تنقيدي مطالعو ڪيو ۽ نيٺ ٢٧- آڪٽوبر ١٨٩١ع تي عيسائي ٿيو ۽ سندس نالو فيلڪس رکيو ويو. پرمانند ميوارام جڏهن ٢٩ نومبر ١٩٣٨ع تي لاڏاڻو ڪيو تہ "جوت" کي فادر ن -ف ڪوٺواٺي سنڀاليو، جنهن ١٩٤٦ع ۾ هن اخبار جو پنجاهہ سالن جون ادبي خدمتون ملهائڻ جي موقعي تي "سلور جوبلي" نمبر شايع ڪيو، جنهن ۾ پرمانند جي شخصيت ۽ ڪارنامن تي ڪيترن بزرگ ۽ نوجوان عالمن جا مضمون پيل هئا. (٨)

پرمانند ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف هو. سندس "سنڌي -انگريزي ڊڪشنري" ۽ "انگريزي - سنڌي ڊڪشنري" اڄ بہ معياري ڊڪشنريون سمجهيون وڃن ٿيون، جن جا ڪيترائي ڇاپا هند ۽ سنڌ ۾ ڇپجي ڪارگر ثابت ٿيا آهن.

١٨٩٧ع ۾ لاڙڪاڻي مان هفتيوار "الهلال" ۽ حيدرآباد مان "مسافر" شايع ٿيون جيڪي موجوده دور ۾ پڻ جاري رهيون. (٩) "مسافر" اخبار جو ايڊيٽر چئن سالن لاءِ شمس الدين بلبل ٿي رهيو.

---

(١) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي: "اڻويهن صديءَ جا نثر نويس" (.Ph.D لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيل تحقيقي مقالو) ١٩٨٣.

(٢) ڊاڪٽر عزيز الرحمان ڀڳهيو: "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٨ع، ص-٥٤

(3) Dr. Allah Rakhio Bhutt: "The Nineteenth Century Book Tade in Sindh", Ph.D. Thesis, (for the University of Wales), 1988.

(٤)غلام محمد گرامي: "سنڌي لٽوگراف" (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، نمبر ١٩٦٤/١ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص-١٧٦.

(٥) هي نوجوان بنگالي هو ۽ ساڌو هيرانند جو ڪلڪتي ۾ دوست ٿيو هو. سنسڪرت جو وڏو ڄاڻو هو؛ يونين اڪيڊمي ۾ مفت پڙهائيندو هو؛ ۽ راندين جي نگران هو. ١٨٩٢ع ۾ هو عيسائي ٿيو تہ ساڌو هيرانند ڪيس ڏاڍو سمجهايو ۽ ڏيارام گدومل پڻ منع ڪيس پر هن نہ مڃيو ۽ اسڪول ڇڏي ويو. سندس وڇوڙي ۾ ساڌو هيرانند روئي ڏنو.

(٦) ڊاڪٽر مُرلي ڌر جيٽلي: "پرمانند ميوارام"، (مقالو)، ٽماهي رچنا، احمد آباد، نمبر ٢٩-١٩٨٦/١ع، ص -٩٠.

(٧) منگهارام اوڌارام ملڪاڻي، "سنڌي نثر جي تاريخ"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ١٩٧٧ع، ١٩٧٧ع، ص ص-٢٣٧-٢٤١.

(٨) حافظ خير محمد اوحدي: "سنڌي صحافت"

(٩) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي: "اڻويهن صديءَ جا نثر نويس" (.Ph.D لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيل تحقيقي مقالو) ١٩٨٣.

۱۸۸۴ع ۾، ساڌو هيرانند جڏهن ڪراچي جي "سند سڌار" ۽ "Sind Times" اخبارون ڇڏي پنهنجي اباڻي شهر حيدرآباد آيو ته سماجي ڪمن ۾ لڳي ويو. آڪٽوبر ۱۸۸۸ع ۾ "يونين اڪيڊمي" قائم ڪيائين. ٦- نومبر ۱۸۹۰ع تي "هندو سوشل رفارم ايسوسيئيشن" جو بنياد وڌائين ۽ ساڳئي سال ايسوسيئيشن جي پاران ماهوار رسالو "سرسوتي" جاري ڪيائين، جيڪو "يونين اڪيڊمي حيدرآباد" طرفان قائم ٿيل ليٿو پريس ۾ ڇپبو هو. پوءِ هي رسالو ٽائيپ ۾ شايع ٿيڻ لڳو ۽ پورا پنجاهه ورهيه عربي لپيءَ ۾ ڇپجندو رهيو ۽ سنڌي ٻولي جي خدمت ڪندو رهيو. (۱)

"سرسوتي" هندو ديو مالا ۾ علم ۽ سنگيت جي ديويءَ کي سڏيو ويندو آهي ۽ اشاري طور گيان يا الاهي علم جي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي. "سڌار سڀا" جي تعليمي، پنگتي ۽ اخلاقي پروگرام کي عوام آڏو آڻڻ لاءِ ساڌو هيرانند هن نالي جو انتخاب ڪيو. (۲)

هي رسالو "سرسوتي سنگتن ڇاپخانو حيدرآباد" مان لٿو تي ڇپجي پڌرو ٿيو ۽ سندس ضخامت ارڙهن صفحا هئي. سرورق تي، رسالي جي پاليسي، چندو ۽ اشتهارن جا اگهه ڏنل هوندا هئا. صفحو ٻيو ۽ آخري صفحو خاص اشتهارن لاءِ مخصوص هوندا هئا. باقي صفحن تي مواد ڇپبو هو. ساليانو چندو شهر ۾ هڪ رپيو ۽ يونين اڪيڊمي جي اُستادن لاءِ ٻارهن آنا مقرر هو. انهيءَ لحاظ کان اخبار جي قيمت شهرواسين لاءِ ڏيڍ آنو، ٻهراڙيءَ لاءِ ٻه آنا ۽ يونين اڪيڊميءَ جي شاگردن کان هڪ آنو ورتو ۾ ايندي هئي. اشتهار جو اگهه ٻه آنا في سٽ مقرر هو. (۳) ڪافي عرصي بعد رسالو ٽائيپ ۾ ڇپجڻ شروع ٿيو. انهيءَ لحاظ کان قيمت ۾ اٺ آنا اضافو به ٿيو. آخري وقت ۾ به رسالو "هندو سوشل رفارم ايسوسيئيشن" جي ئي سهاري هيٺ نڪرندو هو، مگر معيار گهٽجي ويو هو. (۴)

جيئن ته "سرسوتي" رسالو برهمو سماج جي پاليسيءَ مطابق هو، انهيءَ ڪري منجهس ٻاهرين ڏيک ويک ۽ نٽ نانگر بدران ڌرمي ڳالهين تي زور ڏنو ويو. مذهبي ڇيڙ ڇاڙ ۽ ڌرمي وير وروڌ کان سدائين آجو رهيو ۽ آزاد پاليسيءَ سان سنڌيءَ ٻوليءَ جي خدمت ڪندو رهيو. (۵)

ساڌو هيرانند مرڻ گهڙي يعني ۱۸۹۳ع تائين، "سرسوتيءَ" جو ايڊيٽر رهيو. ڪانئس پوءِ کانچند پرتاب راءِ لالواڻي ايڊيٽر ٿيو. هيءُ رسالو موجوده صديءَ ۾ پڻ جاري رهيو.

سال ۱۳۱۲هه (۱۸۹۴ع) ۾، ڪراچيءَ مان ماهوار "ديس سڌار" شايع ٿيو، جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي ادبي، اخلاقي ۽ معلوماتي مواد شايع ٿيندو هو. (٦)

هندن جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ سماجي، علمي ۽ ادبي خدمتن ۽ جذبن مان اُتساهه وٺي، مسلمان عالمن به انهيءَ ڏس ۾ وک وڌائي. سندن ڪوششن جي نتيجي ۾، ۱۸۹۹ع ۾ ،لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ٽُلاهه جي مدرسي ۾ "مطبع مظهرالعجائب" نالي سان هڪ ليٿو پريس قائم ٿي: ۽ ابوالبقا پير مظهرالدين ولد سيد هدايت الله راشديءَ جي ذاتي دلچسپيءَ سان سنڌي زبان ۾ "الاخوان المسلمين" نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ٿيو. هي خالص ديني نوعيت

---

(۱) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي: "اڻويهن صديءَ جا نثر نويس" (Ph.D. لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيل مقالو)، ۱۹۸۳ع.
(۲) مير شفيع احمد علوي: "پهرين سنڌي مخزن" ، ماهوار نئين زندگي، ڪراچي، نومبر ۱۹۵۷ع، ص-۱۰.
(۳) ايضاً.
(۴) ايضاً، ص -۱۱.
(۵) ايضاً، ص -۱۱.
(٦) ايضاً، ص -۱۱.

جو پرچو هو، جنهن ۾ احڪامِ شريعت ۽ ديني مسئلن بابت معلومات هوندي هئي. رسالي جو ساليانو چندو فقط اڍائي رپيا هو. رسالو هڪ سال تائين باقاعدگي سان ڇپيو. (١)

١٨٩٩ع ۾ ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ پاران ڇماهي "سنڌ ڪاليج مسيلني" جاري ٿيو، جيڪو ورهاڱي تائين شايع ٿيندو رهيو. ساڌو ٿانورداس ليلارام واسواڻي هن مخزن جو باني هو. مخزن جا ٽي حصا هئا، هڪ سنڌي، گجراتي ۽ انگريزيءَ تي مشتمل هو. ڪاليج جي اُستادن مان هڪ رسالي جو ايڊيٽر ۽ شاگردن مان ڪو هڪ اسسٽنٽ ايڊيٽر هوندو هو. ١٩٤٠ع ۾ انهيءَ مخزن ۾ اردو سيڪشن جو اضافو ٿيو. (٢)

انهن ئي ڏينهن ۾، ساڌو نولراءِ، ساڌو هيرانند ۽ رشي ڏيارام گدومل جي برپا ڪيل "ستار سڀا" حيدرآباد پاران "سرسوتي" مخزن کان سواءِ هڪ ٻيو رسالو "ستار پتريڪا" جاري ڪيو، جيڪو سنڌي- گُرمکي لپيءَ ۾ هو، جنهن جو ايڊيٽر ساڌو نولراءِ شوقيرام آڏواڻي (١٨٤٨ع - ١٨٩٣ع) هو. هيءُ رسالو عورتن لاءِ مخصوص هو، جنهن ۾ سنڌن پلائي، سڌاري ۽ واڌاري بابت مواد شايع ٿيندو هو. اهو رسالو پڻ، "سرسوتي" وانگر "يونين اڪيڊمي حيدرآباد" طرفان قائم ڪيل لٿو پريس ۾ ڇپبو هو. (٣)

١٨٩٠ع ۾، خانبهادر حسن علي آفندي پنهنجي تعليمي تحريڪ کي سنڌ ۾ عام ڪرڻ لاءِ ماهوار "مدرسہ" ڪراچيءَ مان شايع ڪيو. هي رسالو "سنڌ مدرسة الاسلام" جي تعليمي پاليسين کي واضع ڪرڻ ۾ وڏو مددگار ثابت ٿيو. رسالي جي ڇپائي "سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس ڪمپني" مان ٿيندي هئي. رسالي جو شروعاتي ايڊيٽر مولوي محمد عثمان نورنگ زادو هو. ڪانئس پوءِ مولوي الله بخش "ابوجهو" ۽ مولوي عبدالرحيم ايڊيٽر ٿيا. (٤)

١٩٠٠ع ۾ هڪ ماهوار ديني رسالو "هدايت الاخوان"، امروٽ شريف (ضلعو شڪارپور) مان جاري ڪيو ويو، جيڪو مولانا تاج محمد امروٽي پاران مولانا عبيدالله سنڌي لاءِ قائم ڪيل مدرسي ۽ ديني ادارن لاءِ قائم ڪيل ليٿو پريس "محمود المصابي" مان شايع ٿيو هو. هي رسالو مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي سياسي ۽ مذهبي نظرين کي هٿي ڏيڻ ۽ عوام تائين پهچائڻ لاءِ ڪڍيو ويو هو.(٥)

ساڳئي سال صحت جي حفاظت جي باري ۾ سنڌي ٻوليءَ جو پهريون ماهوار رسالو "تندرستي" حيدرآباد مان شايع ٿيو، جنهن جو ايڊيٽر ڊاڪٽر ٻولچند پرسرام پنواڻي هو. هيءُ رسالو ڪجھ وقت لاءِ بند ٿي ويو هو، پر پوءِ جنوري ١٩١٢ع کان وري شايع ٿيڻ لڳو. ڏنو مل بصر مل هن رسالي جو ڪجھ وقت لاءِ مئنيجر ۽ پبلشر رهيو. (٦)

انهيءَ ساڳئي سال يعني ١٩٠٠ع ۾ جيڪو آخري رسالو جاري ٿيو، اهو هو "زراعت"، جيڪو ماهوار هو ۽ ڪراچي مان شايع ٿيو هو. هي رسالو ١٩٠٠ع ۾، ڪمشنر پريس ڪراچي مان سرڪاري طرح شايع ٿيو. هن رسالي ۾ زراعت ۽ باغباني بابت مواد ڇپبو هو. (٧)

اڻويهين صدي جي پوئين اڌ ۾ يعني ١٨٦٦ع کان ١٩٠٠ع تائين سنڌيءَ ۾ ١٤ اخبارون ۽ ٩ رسالا شايع ٿيا. ممڪن آهي ته انهيءَ عرصي ۾ شايع ٿيل سڀني اخبارن ۽ رسالن جا تفصيل نه ملڻ ڪري اهو ڳاڻيٽو صحيح نه

---

(١) ڊاڪٽر الهه رکيو ٻُٽ: "سنڌي رسالن جي تاريخ"، سنڌ پبلشرز، حيدرآباد، ١٩٨١ع، ص-١.
(٢) ايضاً، ص ص-١٠ ۽ ١١.
(٣) ايضاً، ص ص-٩ ۽ ١٠.
(٤) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي: "اڻويهن صديءَ جا نثر نويس" Ph.D. لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيل تحقيقي مقالو) ١٩٨٣ع.
(٥) ڊاڪٽر الهه رکيو ٻُٽ: "سنڌي رسالن جي تاريخ"، سنڌ پبلشرس، حيدرآباد، ١٩٨١ع، ص-١١.
(٦) ايضاً
(٧) ايضاً، ص ص- ١١ ۽ ١٢.

هجي. اخبارن جي باري ۾ ڪريم بخش خالد پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي لکي ٿو.

"اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ ويهين صديءَ جي پهرين ڏهن سالن جي اخبارن بابت مجموعي طور هي رايو قائم ڪري سگهجي ٿو ته مضامين جي ترتيب ۽ اُنهن جي ڪتابت ۽ طباعت ڪنهن هفتيوار اخبار جي نه پر ڪنهن اهڙي ڪتاب جي معلوم ٿئي ٿي جنهن کي پوري اهتمام، دلچسپي ۽ سليقي سان ڇپايو ويو هجي. ڪتابت جي صحت کان سواءِ تحرير جي عام خوبين جو به خيال ڪيو ويندو هو. هنن اخبارن ۾ گهڻو ڪري مذهبي مسئلن تي بحث ۽ باهمي مناظره وغيره شايع ٿيندا هئا. اخبار جو اسلوبِ تحرير ابتدا کان انتها تائين مُنشيانه ۽ اديبانه هو، منجهن عربي، فارسي ترڪيبون، ۽ محاورا برجسته ۽ بلا تڪلف استعمال ٿيل آهن." (١)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي رسالن جي باري ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي لکي ٿو:

"اڻويهين صديءَ ۾ شايع ٿيل مذڪوره سنڌي رسالن ۾ شعر و شاعريءَ تي ايترو گهڻو ڌيان نه ڏنو ويو. ان هوندي به ڪڏهن ڪڏهن هندو ويدانتي شاعرن جو ڪلام ۽ صوفي شاعرن جا شعر شايع ٿيل ملن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن وري هندو شاعرن جو ڪلام ۽ ترجمو به ڏنو ويند و هو. نثر ابتدائي قسم جو هو، انهيءَ ڪري موجوده نثري عبارت کان بگڙيل آهي، ان هوندي به هيءُ نثر بنيادي طرح، اسان جي سنڌي مضمون نويسيءَ جي فن ۾ نمايان ترقي جي راهه هموار ڪئي. (٢)

سماجي، علمي ۽ اخلاقي مضمونن کان سواءِ هڪ پهلو سياسي به آهي، جنهن تي اخبارون فرقن ۾ ورهائجي ويون هيون. هندو ۽ مسلمان، جيڪي روايت پسند ۽ بنياد پرست هئا، تن باقائدي اخبارن ۾ محاذ آرائيءَ جي فضا قائم ڪري رکي هئي، تاهم عقليت پسند، ڪليل سوچ رکندڙ اخبار نويس ۽ لکندڙ پنهنجو موقف اخبارن ۽ رسالن ۾ پيش ڪندا رهيا، پر جن اخبارن کي پنهنجو دڪان چمڪائڻو هو، انهن جو آواز وڏو ۽ وڏيڪ زوردار ۽ پُر اثر هو، جو ماڻهن کي نفرت جي اوڙاهه ۾ گهلڻ لاءِ ويهين صديءَ جي اڌ تائين گونجندو رهيو ۽ نيٺ اُهي اخبارون ۽ رسالا پنهنجي مشن ۾ ڪامياب ٿيا.

## انگريزي اخبارون ۽ رسالا (٣):

اڻويهين صديءَ جي اڌ کان وٺي آخر تائين، جتي يورپي ماڻهو اخبارون ۽ رسالا شايع ڪندا رهيا، اُتي ڏيهي ماڻهو پڻ انهيءَ ميدان ۾ گهڙي آيا. ١٨٤٧ع ۾ نيپيئر جي خير آباد چوڻ کان پوءِ، سنڌس سرپرستيءَ ”۾ نڪرندڙ اخبار "Kurrachee Advertiser" هڪ پارسي ارد شير رستمجي خريد ڪري ورتي هئي. Sind Kossid ته اڳيئي پارسين جي ملڪيت هئي. بهرحال ڏيهي ماڻهن سنڌ ۾ اخبار نويسيءَ جي ابتدا پارسين ڪئي.

١٨٧٥ع ۾ ڪراچيءَ جي ٻن انگريزي اخبارن ""Sind Advertiser ۽ ""Kurrache Crierجو حوالو ملي ٿو. انهن ٻنهي اخبارن جي باري ۾ ڄاڻ نه ٿي ملي ته ڪڏهن جاري ٿيون هيون. انومان آهي ته "Sind "Advertiser ١٨٦٠ع جي ڏهاڪي ۾ ""Kurrachee Advertiserجي جاءِ ورتي هوندي. هيءَ اخبار هفتي ۾ ٻه ڀيرا، سومر ۽ خميس تي شايع ٿيندي هئي. انهيءَ اخبار جا مالڪ نوروجي نسروان جي پوچاجي ۽ دوراب جي نانا ڀائي، ٻه پارسي سيٺ هئا ۽ نوروجي اينڊ ڪمپنيءَ جي نالي سان انهيءَ فرم جو ڪاروبار هلائيندا هئا. اندازو آهي ته اها ١٨٨٢ع تائين رهي. اها اخبار "Sind Times"جي ميدان ۾ اچڻ کان پوءِ، جهڪي پئجي ويئي، جڏهن انهيءَ سال انهن اخبار

(١) ڪريم بخش خالد، "سنڌي صحافت"، حبيب پبليڪيشن، سکر، ١٩٥٥ع، ص-١٣١.
(٢) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي: اڻويهن صديءَ جا نثر نويس، "(Ph.D. لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيل تحقيقي مقالو) ١٩٨٣ع
(3) Dr. Allah Rakhio Butt: "The Nineteenth - Century Book Trade in Sind", Ph.D. Thesis, (for the University of wales), 1988.

شروع ڪئي

"Kurrachee Crier" هفتي ۾ ٻه ڀيرا شايع ٿيندي هئي ۽ مالڪ لادو ٻن جي هو. اندازو آهي ته يورپي اخبار "Our Paper" هن ئي اخبار ۾ ضم ٿي هوندي. ١٨٧٦ع ۾ "Kurrachee Crier" اخبار "Sind and Punjab Times" بنجي ويئي ۽ ساڳئي ئي سال بند ٿي ويئي.

١٨٨۴ع ۾، "Sind Times" جو اجرا ٿيو، جيڪا پنهنجي وقت جي ڪامياب اخبار ثابت ٿي. اها اخبار هفتي ۾ ٻه ڀيرا، هر اڱاري ۽ آچر تي شايع ٿيندي هئي. هن اخبار جي مالڪ نوروجي اينڊ ڪمپني هئي، پر شروع ۾ ادارتي ذميداري "سنڌ سڀا" وارن جي هئي، جيڪا اُن وقت جي سماجي ۽ نيم سياسي تنظيم هئي. "سنڌ سڀا" ادارت جي ذميداري ساڌو هيرانند شوقيرام آڏواڻي کي ڏني، جيڪو ان وقت تازو ڪلڪتي مان گريجوئيشن ڪري آيو هو. هو ساڳئي وقت هڪ ٻي سنڌي هفتيوار اخبار "سنڌ سڌار" جي ادارت پڻ سنڀاليندو هو. ڪجهه مهينن کان پوءِ هن محسوس ڪيو ته هو ٻئي اخبارون هڪ ئي وقت نه پيو سنڀالي سگهي، تنهن ڪري جو ديوان ديارام گدومل ايڊيٽوريل پڻ لکندو هو ۽ ٻئي ڪم ۾ پڻ هٿ ونڊائيندو هو. انهيءَ جي باوجود هن پنهنجي ڪلڪتي جي دوست ناگيندرناٿ گپتا کي "Sind Times" جي جوائنٽ ايڊيٽر جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ لاءِ گهرائي ورتو ۽ پنهنجي مقرر ماهوار پگهار ١٧۵ رپين مان کيس ١٠٠ رپيا ماهوار ڏيندو رهيو. ١٨٨۵ع ۾ ڏيارام گدومل کي سيوهڻ جو ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ڪيو ويو ته کيس ڪراچي ڇڏڻي پيئي، جنهن ڪري اُن کان پوءِ "Sind Times" تنهن "سنڌ سڀا" لاءِ ڪو ڪم نه ڪري سگهيو. هيرانند ۽ گپتا جي محنت سان "Sind Times" مقامي پڙهندڙن ۾ مقبول ٿي ويئي ۽ موجوده صديءَ ۾ پڻ جاري رهي. هيرانند ١٨٨٧ع ۾ ڪراچي ڇڏي وڃي پنهنجو آبائي شهر وسايو. ناگيندر ناٿ گپتا، جيڪو مهيني لاءِ ڪلڪتي ويو هو، جڏهن واپس آيو ته خبر پيس ته اخبار جي مالڪن ڪراچي جي اينگلو انڊين اخبار "Sind Gazette" جي مالڪي ۾ حصيدار بڻجي، ان جو ايڊيٽر هڪ اينگلو انڊين رٽائرڊ فوجي آفيسر کي مقرر ڪيو آهي، جيڪو سنڌن ٻنهي اخبارن ۾ به حصيدار هو. انهي انتظام ڪانئس "Sind Times" جي ادارت ڇڏائي.

ان کان پوءِ اڻويهين صديءَ جي آخر تائين، "Sind Times" جا ٽي ايڊيٽر ٿيا. پهريون ڀواني چرڻ بئنرجي (سوامي برهم باندو اُپاڌيا) هو، جيڪو برهمڻ هو ۽ پوءِ عيسائي ٿيو، ٻيو کيم چند امرت راءِ هو، جيڪو هندو هو ۽ عيسائي ٿيو ۽ ٽيون هڪ عامل هندو کانچند ريلومل هو. (١)

"Sind Times" کي ڇڏڻ کان پوءِ، ناگيندر ناٿ گُپتا سنڌ ۾ رهي پيو ۽ پنهنجن دوستن ۽ گهڻگهرن، جن ۾ ڏيارام گدومل، نولراءِ شوقيرام، پروفيسر برجورجي پادشاهه، ڪوڙومل چندن مل، دولت رام جيٺمل، ڊاڪٽر مرزا، ٿلرام کيم چند، جعفر فدو ۽ هر چند راءِ وشن داس ڀارواڻي اچي وڃن ٿا، جي مدد سان فنڊ ڪٺو ڪيائين ۽ باقي اڌ رقم پنهنجي گهڻگهري خواجي واپاري جعفر فدوَ جي ڀائيواريءَ سان ١٨٨٨ع "Phoenix" اخبار شروع ڪيائين. اها اخبار هفتي ۾ ٻه ڀيرا شايع ٿيندي هئي. ٿورن مهينن ۾ Sind Times جو ڪاپو ڏينهون ڏينهن گهٽبو ويو ۽ "Phoenix" جو ڪاپو "Sind Times" کان ٽيڻو ٿي ويو. (٢)

١٨٨٩ع ۾ جڏهن ناگيندر ناٿ گپتا "phoenix" اخبار جو ايڊيٽر هو، ته مٿس بدناموسيءَ جو مقدمو هليو. انهيءَ مقدمي جي فيصلي ۾ ٻه مهينا بنان پورهئي قيد جي سزا ۽ پنج سؤ رپيا ڏنڊ پيس. کيس شڪارپور جيل ۾

(١) موتي رام- ايس- راموتي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو"، ساردا پرڪاشن، بمبئي، ١٩٨٧ع، ص ص-٨٨-٩٩.

(٢) ايضاً.

ڏهن ڏينهن لاءِ رهڻو پيو، پر ڏهن ڏينهن کان پوءِ، سزا رد ٿي ۽ ڏنڊ قائم رهيو. سندس مقدمي ۾ ٿملرام کيم چند ۽ هر چند راءِ وشن داس پاروانيءَ جو ساٿي رهيو. ناگيندر ناٿ گپتا "Phoenix" اخبار جو ۹ مئي ۱۸۹۱ع تائين ايڊيٽر ٿي رهيو. پوءِ وڃي لاهور جي روزنامہ "Tribune" جو ايڊيٽر ٿيو ۽ "Phoenix" ڪراچيءَ جي نوجوان واپاري ۽ گپتا جي دوست ۽ پائيوار خواجہ جعفر فدوءَ جي هٿ چڙهي، جنهن کيم چند امرت راءِ کي ان جو ايڊيٽر مقرر ڪيو.
۱- جنوري ۱۹۰۱ع تي هڪ نئون ايڊيٽر مقرر ٿيو، پر حقيقت ۾ ايڊيٽر بشرجي هو، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ آيل آهي. "Phoenix" موجوده صديءَ ۾ پڻ جاري رهي ۽ نيشنل ڪانگريس پارٽي جي سرپرستيءَ ۾ هلندي رهي. (۱)

۱۸۹۳ع ۾ ڪراچيءَ مان انگريزيءَ ۾ هڪ مخزن "Sophia" شايع ٿي، جيڪا کيم چند امرت راءِ جي ادارت ۾ نڪرندي هئي. کيس بشرجي مدد ڪندو هو، جيڪو پوءِ عيسائي ٿيو، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. اها مخزن اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ بند ٿي ويئي. اها مخزن ڪجھ عرصي لاءِ حيدرآباد مان پڻ شايع ٿيندي هئي. (۲)

۱۹ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾، آخري ڏيهي انگريزي اخبار، جيڪا ڪراچيءَ مان شايع ٿي، سا هئي "Karachi Chronicle". انهي اخبار جو اجرا ۱۸۹۶ع ۾ ٿيو ۽ آسن مل ريجهو مل جي ادارت ۾ موجوده صديءَ ۾ پڻ شايع ٿيندي رهي. (۳)

ويهن ورهين جي وقفي کان پوءِ، سکر مان ٿي ڏيهي انگريزي اخبارون شايع ٿيون. منجهانئن سڀ کان پهرين ۱۸۸۲ع ۾ "Indus Valley State Railway Advertiser" شايع ٿي. پوءِ "Commercial Gazette" شايع ٿي، جيڪا A. N.B. Mancher Ji جي ملڪيت هئي. ۱۸۹۴ع ۾ اها اخبار شيخ محمد سليمان ۽ سندس پٽن جي هٿن ۾ هلي ويئي ۽ موجوده صديءَ ۾ بہ هلندي رهي. "Commercial Gazette" جي ادارت شيخ عبدالعزيز محمد سليمان سنڀاليندو هو. (۴)

سکر جي ٽين اخبار "Mercantile Gazette" هئي، جا ۱۸۹۰ع ۾ شايع ٿي. اها اخبار حاجي عبدالرحمان ۽ سندس پٽن جي ملڪيت هئي. ۱۸۹۳ع ۾ هن اخبار جو ايڊيٽر ويرومل بيگراج هو، جيڪو ان وقت ۳۰ رپيا پگهار تي مقرر ٿيل هو. هي اخبار موجوده صديءَ ۾ شايع ٿيندي رهي. (۵)

## گجراتي اخبارون ۽ رسالا (۶)

بمبئي ۽ پر وارين ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ رياستن مان سنڌ ۾ آيل ماڻهو گجراتي ڳالهائيندا هئا. انگريزن جي اچڻ کان اڳ، اها ٻولي صفا اڻ جاتل هئي. ۱۸۵۰ع جي ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ جي آبادي وڌي، بندر آباد ٿيو ۽ گجراتي آباد

(۱) موتي رام- ايس- راموتي: "سنڌ ۽ اسان ٽو ورثو"، ساردا پرڪاشن، بمبئي، ۱۹۸۷ع، ص-۸۸-۹۹.
(2) Dr. Allah Rakhio Butt: "The Nineteenth Century Book Trade in Sind", Ph.D. Thesis (for the University of Wales), 1988.
(3) Ibid.
(4) Ibid.
(5) Ibid.
(6) Ibid.

ٿين لڳا. جيڪي گهٽو ڪري واپاري ۽ دڪاندار هئا. اڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين، ڪراچي ۽ حيدر آباد جي ضلعن ۾، سندن آبادي وڌي ۽ ڪراچيءَ ۾ گجراتي زبان ايڏي اهميت حاصل ڪئي جو انهن لاءِ جدا خانگي اسڪول قائم ٿيا.

پارسين گجراتي ڳالهائيندڙ ماڻهن لاءِ، ڪراچيءَ ۾ پريسون قائم ڪيون ۽ انگريزي ۽ گجراتيءَ جون مقامي سڀ اخبارون سندن ئي ملڪيت هيون. انهيءَ پس منظر ۾ پهرين گجراتي اخبار "سنڌ سماچار" هئي، جيڪا ١٨٥٦ع ۾ يا ان کان اڳ جاري ٿي. اها اخبار پهرين آچر تي شايع ٿيندي هئي، پر پوءِ سومر تي شايع ٿيڻ لڳي.

ٻارنهن سالن جي عرصي کان پوءِ، جڏهن "سنڌ سماچار" بند ٿي ويئي ته هڪ ٻي گجراتي اخبار "پرجا متر" ١٨٩٠ع ۾، جعفر فدو ("Phoenix" جو مالڪ، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي) جاري ڪئي ۽ هڪ پارسي نوجوان نؤروجي فريم جي بليموريا ايڊيٽر مقرر ٿيو. ١٨٩٦ع ۾ اها اخبار هفتي ۾ ٻه ڀيرا شايع ٿيڻ لڳي ۽ موجوده صديءَ ۾، ١٩١٤ع ۾ بند ٿي ويئي.

انهيءَ زماني ۾، گجراتي ادب ڇاپيندڙ رسالو "دنيان ساگر" شايع ٿيو، جيڪو رامجي ڀيٽا ڀائي ڪڍندو هو. اهو رسالو ٿوري وقت لاءِ شايع ٿيو ۽ ١٨٩٧ع ۾ پليگ جي بيماري ڦهلجڻ سبب بند ٿي ويو.

## اردو اخبارون ۽ رسالا (١)

اڻويهين صدي دوران اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جو ڳاڻيٽو، جيڪو رڳو ڪراچي تائين محدود هو، حيرت انگيز تائين گهٽ هو. پنجاب ۽ هندستان جي اُتر - اولهه صوبي جي ٻين اردو ڳالهائيندڙ علائقن مان لڏي آيل مسلمان، ڪراچيءَ ۾ اردو ڳالهائيندڙ چنبا هئا. انهن لاءِ يا اُهي جن کي اردو زبان ۾ دلچسپي هئي تن لاءِ هڪ مقامي اردو اخبار جي ضرورت هئي.

انهن حالتن ۾، پهرين اردو هفتيوار اخبار "دوربين" ١٨٩٣ع ۾ ڪراچيءَ مان "مفرح القلوب" گروپ جي مرزا خاندان جاري ڪئي. انهيءَ اخبار جي ادارت جو ذمو سنڌ آرٽس ڪاليج ڪراچيءَ جي فارسيءَ جي پروفيسر مرزا محمد جعفر جي ڪلهن تي هو. ١٨٩٦ع ۾ پليگ جي بيماري سبب هن اخبار کي ٻن سالن لاءِ بند ڪرڻو پيو. لڳي ٿو ته ١٩٠١ع کان ٿورو ئي پوءِ هيءَ اخبار شايع ٿيڻ بند ٿي ويئي.

× × ×

# باب پنجون

## پڄاڻي

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سنڌ ۾ انگريزي راڄ جي شروعات، ڏيهي حڪومت جو خاتمو ۽ ان جو برطانوي سلطنت ۾ شامل ٿيڻ، تاريخي طرح هڪ دُکدائڪ واقعو ۽ نهايت اُگرو حادثو هو. پر هن تاريخي تبديلي سبب سچ ته هن ملڪ اهم تبديلين کي ڏنو، نئين صورتحال ۽ ان جي للڪار سان منهن ڏنو ۽ جديد هنر، فن توڙي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ کي هتي روشناس ٿيڻ جو موقعو مليو. سنڌ جي فرسوده انتظامي ڍانچي جي جاءِ تي هڪ جاندار، مؤثر ۽ مضبوط انتظامي جوڙجڪ بڻايو ويو. مواصلات جو سرشتو بيڪار ۽ فرسوده ٿي چڪو هو، ان جي جاءِ تي نئين حڪومت روڊن ۽ پُلين، رستن ۽ ريلوي توڙي بحري آمدرفت جي طريقن کي رائج ڪيو. سنڌ جي فاتح ۽ پهرئين گورنر سر چارلس نيپيئر (١٨٤٣ع- ١٨٢٧ع) جي حڪم سان سڄي سنڌ ۾ ڪچن رستن ۽ انهن تي اچ وڃ لاءِ پُلين ۽

(1) Dr. Allah Rakhio Butt: "The Nineteenth Century Book Trade in Sind", Ph.D. Thesis (for the University of Wales), 1988.

مورين جي اڏاوت ٿي. ڪاردار ۽ مختيار مقرر ڪيا ويا. ١٨٤٧ع ۾ نيپيئر جي سنڌ کي خير آباد چوڻ سان، سنڌ کي بمبئي پريذيڊنسي سان ڳنڍي، مٿس ڪمشنر مقرر ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. پهريون ڪمشنر پرنگل (١٨٤٧ع- ١٨٥١ع) هو ۽ پوءِ سر بارٽل فريئر (١٨٥١- ١٨٥٩ع) ڪمشنر ٿي آيو. سندس زماني ۾ ڪراچيءَ کان ڪوٽڙي تائين ريلوي جي لائين وڇائڻ جو ڪم جاري ٿيو: سنڌو درياءَ تي پهرين ڪوٽڙي ۽ پوءِ سکر وٽ پُلين جي تعمير ٿي: روينيو جي انتظام کي سڌاريو ويو ۽ تار ۽ ٽيليگراف جي سرشتي کي رائج ڪيو ويو. درياهي رستن تي آگبوٽ کي هلايو ويو. هي نئون سرشتو به فريئر جي حڪم سان عمل ۾ آيو ۽ ١٨٥٢ع ۾ "سنڌ ڊسٽرڪٽ ڊاڪ" نالي سان ننڍي ڪنڊ جي پهرين ٽپال ٽڪلي جاري ڪئي وئي.

انهن سمورن سڌارن کان سواءِ، انگريزن جي دور ۾ جيڪا مثبت ۽ نئين توڙي سدا ياد رهندڙ تبديلي آئي، اُها هئي، تعليم کاتي جو قيام، سنڌي رسم الخط جو سڌارو، پريسن ۽ ڇاپخانن جو جاري ٿيڻ. نيپيئر يا پرنگل جي زماني ۾ ڏسجي ٿو ته هن ڏس ۾ ڪو انتظامي قدم نه کنيو ويو. پر هن شعبي جي تنظيمڪاريءَ جو سڄو سهرو بارٽل فريئر جي سر تي آهي، جيڪو سچ پچ ته سنڌ جو گهڻگهرو ۽ هردلعزيز ڪمشنر ۽ حاڪم هو. (١)

سنڌ جي فتح ٿيڻ سان مدرسا ختم ٿيڻ شروع ٿيا، جن جوتعداد ان وقت ڇهه سو ڪن هو، ڇو ته انهن کي مالي امداد ملڻ بند ٿي وئي. ١٨٤٥ع ۾ حيدرآباد جي ڪليڪٽر رٿبورن انگريزي تعليم لاءِ سرڪار کان ٽي هزار رپيا ساليانو گرانٽ گهُري، پر ڪو لائق اُستاد ملي نه سگهيو ۽ اها تجويز ختم ٿي وئي. ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر پريڊي پنهنجي هڙان خرچ ڪري اُتي اسڪول ڪوليا، جنهن ۾ مفت ۽ عيسائي مذهب جي تعليم ڏيڻ ۾ ايندي هئي. اهو اسڪول ١٨٤٦ع کان ١٨٥٢ع تائين هڪ ڪاميٽيءَ جي هٿ ۾ هو، پر پوءِ، "چرچ مشن سوسائٽيءَ" جي حوالي ٿيو ته اُها عيسائين جو بائبل ضرور پڙهائيندي. (٢) اهڙيءَ طرح جديد تعليم لاءِ مختلف طريقن کان ڪوششون ورتڻ ۾ آيون.

انهن سمورين ڪوششن جي باوجود، سنڌ ۾ مقرر طور طريقن تي تعليم جو بندوبست اجا به ٿي نه سگهيو هو، جنهن لاءِ وڏي رڪاوٽ خود سنڌي ٻوليءَ لاءِ مقرر رسم الخط جو نه هجڻ هو. ان ڏس ۾ فريئر نوس قدم کنيو ۽ فيصلو ٿيو ته آئينده سنڌ ۾ فارسيءَ بدران سنڌي زبان سرڪاري ۽ تعليمي حيثيت ماڻيندي ۽ سموري لکپڙهه سنڌيءَ ۾ هلندي. سمورا غير ملڪي عملدار سنڌي لکندا ۽ امتحان پاس ڪندا. سنڌي اسڪول کوليا ويندا ۽ انهن جي سرپرستي ڪئي ويندي. (٣)

ان سموري حاصلا ت جي رڪاوٽ ۾ وڏو حصو مقرر سنڌي آئيوٽيا جو نه هجڻ هو. ڪيپٽن رچرڊ برٽن، جيڪو خود به وڏو اسڪالر هو، رٿ ڏني ته سنڌيءَ لاءِ عربي رسم الخط کان ڪم ورتجي جڏهن ته جارج اسٽئڪ، جيڪو ڊپٽي ڪليڪٽر هو، وري ديوناگريءَ جي فائدي ۾ هو. ان طرح هڪ علمي مسئلي کي فريقوار رنگ اچي ويو. نيٺ فيصلو ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڊئريڪٽرن جي ڪورٽ نبيريو ۽ انهن عربيءَ جي فائدي ۾ فيصلو ڏنو. ان بعد تعليمي ڪمن لاءِ ڏهه هزار رپيا منظور ٿيا ۽ ان ريت تعليمي ڪم شروع ٿيو. (٤)

انهيءَ تاريخي فيصلي بعد، سرڪار سنڌي ساهت جي سرپرستي ڪئي ۽ سنڌي نثر ۾ ڪتاب جوڙي ڇپائڻ جي رٿا ناهي وئي. رڳو هڪ سال (١٨٥٤ع) ۾ ڏهه ڪتاب ترجمو ڪري شايع ڪياو يا. ان طرح آهستي آهستي جدا جدا اسمن تحت علمي ڪم ڪيو ويو. ٻاراڻا ڪتاب، درسي ڪتاب، قصن ڪهاڻين جا ڪتاب، شعر شاعري، مضمون، ناٽڪ، مطلب ته جديد ادب جي اوسر جو بنيادي ۽ اهم ڪم سرڪاري سرپرستيءَ ۾ اُسري نروار ٿيڻ لڳو. ان مقصد

(١) لطف الله بدوي: "فريئر صاحب جون خدمتون"، (مقالو)، ٽماهي مهراڻ، ١-٢/١٩٦٦ع ۽ ١/١٩٦٧ع سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. .

(٢) پيرومل مهر چند آڏواڻي: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٧٢ع، ص ٢٥٦.

(٣) ايضاً، ص -٢٥٩.

(٤)ايضاً.

لاءِ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ پريسون ۽ ڇاپخانا جاري ٿيا. سکر، شڪارپور، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ کان سواءِ سنڌي ڪتاب بمبئي ۽ لاهور مان ڇپجڻ شروع ٿيا. هن ڪم لاءِ نہ رڳو سرڪار تعاون ڪيو، پر وڏيون رقمون بہ رکيون ۽ مصنفن توڙي مترجمن کي انعام اڪرام بہ ڏنا ويا. (١)

جيئن جيئن سنڌ ۾ جديد حڪومتي سرشتو پکڙندو ويو تيئن تيئن هتي پريس ۽ اخبارن توڙي رسالن جي ضرورت محسوس ٿي ۽ اڳتي هلي ان جي گهڻي شدت سان اهميت مڃي ويئي. حڪومت کي پنهنجي اعلانن، فرمانن، احڪامن، نوٽيفڪيشنن کي مشتهر ڪرڻ ۽ روزمرهہ جي واقعن کي ڄاڻڻ لاءِ، هن ملڪ ۾ اخبارون ڪڍڻ جو خيال هو. ان کان سواءِ پڙهيل لکيل ماڻهن جي طبقي، جن بمبئي، ڪلڪتو، پونو، لاهور ۽ لنڊن کي پنهنجي اکين سان ڏٺو هو، انهن کي ٻيروني دنيا ۾ ايندڙ تبديلين، علمي، ساهتي ۽ صحافتي سرگرمين ۽ وڏي ڳالهہ تہ اخباري دنيا جي اهميت جو ڀرپور احساس هو. ان پس منظر ۾ وڌيڪ تعليم پکيڙڻ، ڄاڻ جي خزانن کي عام ماڻهوءَ تائين پهچائڻ، سنڌ جي اندر روزمره جي ٿيندڙ واقعن کان ڪين واقف ڪرڻ ۽ انهن کي محفوظ ڪرڻ جو خيال تيز ٿيندو ويو. انگريزي اخبارن جو نمونو برطانيہ جي اخبارن کان گهڻو مختلف نہ هو. شروعاتي دور ۾ ڪابہ نيوز ايجنسي نہ هوندي هئي، پر هر اخبار جا اهم شهرن ۾ خاطو هوندا هئا، جن جي موڪليل مواد سان گڏ، ننڍي ڪنڊ جي ٻين همعصر اخبارن مان چونڊ خبرون ڪٽي، اخبار ۾ پيش ڪيون وينديون هيون. انگريزي اخبارون پڙهندڙ طبقو گهڻو ڪري يورپي هوندو هو، تنهنڪري ننڍي ڪنڊ جي مختلف علائقن جون سياسي اهميت جون خبرون ڏنيون وينديون هيون، جن سان گڏ مقامي يورپي باشندن جي سماجي ۽ ثقافتي سرگرمين جون خبرون پڻ هونديون هيون. مقامي ماڻهن ۾ انهن جي سماجي ۽ سياسي مسئلن جي خبرن جي ڪمي سبب هڪ عام انگريز کي سنڌ جي عام ماڻهو جي باري ۾ ايتري سُڌ نہ ٿي پيئي جيتري خبرُ پوڻ گهرجي ها. ١٨٥٧ع جي آزاديءَ جي جنگ ۾ هن ملڪ جي ماڻهن جون همدرديون انگريزن سان نہ، پر آزاديءَ لاءِ وڙهندڙيهي ماڻهن سان هئڻ جو هڪڙو سبب اهو هو تہ عام ماڻهو، انگريزن کي ڌاريو سمجهيو ٿي.

فارسي ۽ سنڌي اخبارن، انگريزي اخبارن جي طريقہءِ ڪار کي اپنايو هو، پر اُن ۾ ڪجهہ سڌارا ۽ واڌار آندا ويا هئا. منجهن خبرن جو روايتي انداز بہ هو تہ شعر و شاعريءَ کي گهڻي جاءِ ڏني ويندي هئي. ان کان سواءِ مقامي ۽ صوبائي خبرون سرس هونديون هيون. پر انگريز عملدارن جون سرگرميون ۽ انتظامي ڍانچي جا واقعا انهن اخبارن ۾ خصوصي جاءِ والاريندا هئا. خاص ڳالهہ جيڪا بڌائڻ جوڳي آهي سا سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي اُن وقت جي اوسر جي آهي، جيڪا اخبارن ۾ مقامي ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڏني ويندي هئي. ان سلسلي ۾ تعليمي سرگرمين کي خاص اهميت سان شايع ڪيو ويندو هو. شروع ۾ فارسي اخبارون ماڻهن ۾ مقبول هونديون هيون، پر پوءِ سنڌي زبان جي سرڪاري حيثيت وڌي وڃڻ ڪري، آهستي آهستي بند ٿي ويون ۽ سنڌي اخبارن کي وڌي هٿي ملي.

شهري آباديءَ ۾ گجراتي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جو واڌارو آيو تہ گجراتي ۽ اردو اخبارون پڻ شايع ٿيون. حيرت جي ڳالهہ آهي تہ اُڻويهين صديءَ جي آخر تائين اردوءَ ۾ فقط هڪ اخبار جاري ٿي، جيڪا پڻ جلدي بند ٿي ويئي.

اڻويهين صدي جي آخري ڏهاڪي جي پوئين اڌ ۾ ،ڪراچيءَ ۾ پليگ جي بيماري پکڙجي ويئي، جنهن اخباري دنيا کي گهڻو ڇيهو رسايو. گهڻيون اخبارون ۽ رسالا تہ نڪرندا ئي ڪراچي مان هئا. اُنهن مان ڪيترا بند ٿي ويا. ڪيتريون ئي جانيون انهيءَ بيماريءَ جو بک بنيون ۽ ڪاروبار متاثر ٿيو. پريسون ۽ اخبارون بند ٿي ويون، جنهن ڪري ڪاروبار کي وڏو ڌڪ لڳو. ڪي اخبارون "مفرح القلوب" (فارسي) ۽ "دوربين " (اردو) ڪجهہ وقت لاءِ بند رهيون، جڏهن تہ ٻيون ( "معاون" ۽ "اڪليل" ) ٻيهر ڪڏهن بہ شايع نہ ٿي سگهيون.

---

(١) محمد صديق ميمڻ: "سنڌ جي ادبي تاريخ "(جلد ٢)، آر- ايچ احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، ١٩٥١ع.

مقامي اخبارون صديءَ جي ٻچاڙيءَ واري ڏهاڪي ۾ فريقوار بنياد تي تقسيم ٿي چڪيون هيون. اهي اخبارون هندو هيون يا مسلمان. انهيءَ تقسيم پوءِ ملڪ ۾ اندروني تنازعو ۽ ڇڪتاڻ پيدا ڪئي. اصل ۾ انگريزن جي اچڻ سان مسلمانن جي پارنهن صدين جي حڪمرانيءَ جو خاتمو ٿيو هو. نتيجي ۾ مسلمانن جي انگريزن کان نفرت لازمي هئي، جنهن کين مغربي تعليم ۽ ڪلچر کان پري رکيو هو. تمام ٿورن مسلمانن انگريزي تعليم حاصل ڪئي ۽ انهن کان ٿورا يونيورسٽيءَ تائين پهتا. مسلمانن جي آدمشماري ڪل آدمشماري جو $\frac{3}{4}$ حصو هئي. انهيءَ نسبت سان مسلمانن ۾ تعليم گهٽ هئي. پر مسلمانن جي ڀيٽ ۾ هندو اڳيرو هئا. سندن آدمشماري سموري آدمشماري جو $\frac{1}{5}$ حصو هئي، جيڪا گهڻو ڪري شهرن ۾ آباد هئي. انهن انگريزي تعليم حاصل ڪئي، سرڪاري نوڪرين ۾ گهڙيا، وڏن وڏن عهدن تي رسيا ۽ انگريز انتظاميہ جو اڻ ٽر حصو بنجي ويا.

ٻنهي ڌرين ۾ رساڪشي هلندڙ هئي، جنهن جو ظاهري ثبوت ۱۸۸۰ع جي ڏهاڪي ۾ مليو، جڏهن انگريزي پڙهيل مسلمانن سرڪاري نوڪرين ۾ پنهنجو حصو گهريو. سنڌ جي پهرين سماجي ۽ سياسي تنظيم "سنڌ سڀا" مان، جنهن ۾ هندو مسلمان ۽ پارسي گڏ هئا، مسلمان ڌار ٿي ويا تہ اخبارون متاثر ٿيون، جيڪي فرقيوارانہ گروهبندي ۽ مذهبي جذباتيت جو شڪار ٿيون. اهڙي طرح سنڌ جي مقامي پريس ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي وئي يعني هندو پريس ۽ مسلمان پريس. "Mercantile Gazette, Phoenix" ۽ "آفتاب سنڌ" تجارتي اخبارون هيون، پر "مفروح القلوب" جي گروپ ۽ "معاون" اخبارن اسلامي قدرن جو پرچار ڪيو. ساڳي طرح هندن جون "پرڀات" ۽ "خيرخواهہ" هندن جي نقطءِ نظر کي پيش ڪنديون هيون. انهن اخبارن پنهنجي پنهنجي موقف تي هلي اهڙو ماحول پيدا ڪيو جو اڳتي هلي ملڪ جي ماڻهن جو مستقبل هميشه لاءِ ورهائجي ويو.

## علمي ڪوجنا جو مقصد

هن مقالي جي موضوع جي ڪوجنا ٻن مقصدن کي ذهن ۾ رکي ڪئي وئي هئي: اڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي اخبار جي اوسر کي تاريخ جي ورقن ۾ سانڍڻ ۽ ان جو جائزو وٺڻ.

اڀياس ۽ ڪوجنا ڪيترن نتيجن کي نروار ڪيو آهي، جن ۾ هيٺيان قابلِ ذڪر آهن:

١- اڻويهين صديءَ جي يورپي انگريزي اخبارن، سنڌ جي اخبارن لاءِ مغربي پريس جي طرز جو طريقہ ڪار ڏنو، جيڪو سنڌ ۾ موجود روايتي وقائع نگاريءَ کان جديد ۽ مؤثر هو.

٢- يورپي انگريزي اخبارن، مقامي ماڻهن کي اخباري دنيا ۾ آندو، جنهن جي نتيجي ۾ فارسي، سنڌي، انگريزي، گجراتي ۽ اردو اخبارون شايع ٿيڻ لڳيون.

٣- فارسي اخبارن ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ جاءِ مخصوص ڪئي وئي، جنهن ڪري اڳتي هلي سنڌي اخبارن لاءِ راهہ هموار ٿي.

۴- مذهبي فرقيوارانہ گروهبندي سبب مقامي پريس "هندو پريس" ۽ "مسلمان پريس" ۾ ورهائجي وئي، جنهن ڪري نفاق ۽ نفرت وڌي. "هندو پريس" سياسي طور تي آل انڊيا نيشنل ڪانگريس جي حمايت ڪرڻ لڳي ۽ "مسلمان پريس" مسلم ليگ جي پٺڀرائي ڪرڻ لڳي. نتيجي ۾ اڳتي هلي هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ هندن جي اڪثريت کي سنڌ مان لڏڻو پيو ۽ هندستان جي اردو ڳالهائيندڙ آبادي سنڌ ۾ آئي.

جيئن تہ موضوع جي اڀياس ۽ ڪوجنا هڪ مخصوص دائري اندر هئي، ان ڪري هن موضوع سان لاڳاپيل ٻيا ڪيترائي موضوع وضاحت کان رهجي ويا آهن، جن تي الڳ الڳ اڀياس ۽ ڪوجنا ڪري سگهجي ٿي. اهي موضوع هيٺيان ٿي سگهن ٿا:

١- ٽالپور حڪومت جو خاتمو ۽ انگريزي راڄ جي شروعات، ان وقت جي اخبارن جي روشنيءَ ۾.

٢- ١٨٥٧ع جي آزاديءَ جي جنگ / غدر ۾ سنڌ جو حصو - اخبارن جي روشنيءَ ۾.

٣- ١٨٥٣ع ۾ سنڌي رسم الخط جي تنازعي ۾ اخبارن جو ڪردار.

۴- سنڌ جي پهرين سماجي- سياسي تنظيم "سنڌ سڀا" جو بنياد پوڻ، سندس حاصلات ۽ خاتمو - اخباري اکين ۾.

۵- سنڌ ۾ هندو - مسلم ڪي فرقن ۾ ورهائڻ ۾ اخبارن جو ڪردار.

٦- اڻويهين صديءَ ۾ سنڌي ادب جي اوسر ۾ اخبارن جو ڪردار.

٧- سنڌي اخبارن جي اوسر ۾ فارسي اخبارن جو ڪردار.

٨- اخباري نقطہ نظر کان سنڌ ۽ انگريز سرڪار جا لاڳاپا.

٩- اڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي سماجي، اقتصادي، سياسي، مذهبي ۽ ثقافتي ميدانن ۾:

(الف) يورپي انگريزي اخبارن جو ڪردار.

(ب)ڏيهي - انگريزي اخبارن جو ڪردار.

(ت) سنڌي اخبارن جو ڪردار.

(ث) فارسي اخبارن جو ڪردار

١٠- اڻويهين صدي دوران سنڌ ۾ مختلف ٻولين جي اخبارن جو تجارتي ڪاروبار.

## ضميمو - ١

European -owned newspapers and Journals published in Sindh, 1845-1900

سنڌ ۾ يورپي مالڪن جون اخبارون ۽ رسالا، ١٨٤٥- ١٩٠٠ع

Back files of those titles marked with an asterisk have been examined either at Institute of Sindhology, University of Sindh, Jamshoro, or at the National Archives of Pakistan, Karachi, or at the India Office Library and Records in London. The arrangement is chronological, by year of first issue.

| Title | Date | Frequency | Place | Press |
|---|---|---|---|---|
| Kurrachee Advertiser | 1845 | bi-weekly | Karachi | Kurrachee Advertiser Press |
| Sindhian (Beacon Later) | 1853 | bi-weekly | Karachi | Sindhian Press |
| Sindh Kossid * | 1854 | bi-weekly | Karachi | Sind Kossid Press |
| Sind News * | 1854 | bi-weekly | Hyderabad Karachi | Sind News Press |
| Our Paper | or 1863 earlier | bi-weekly | Karachi | Albion Press |
| Prince Current and Market Report | 1865 | or monthly | Karachi | Price Current Advertiser Press |
| Sind Civil List * | 1867 | quarterly/ bi-annual | Karachi | Commissioner's Press |
| Sindh Official Gazette * | 1868 | weekly | Karachi | Commissioner's Press |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| Report of the Decisions of Sadar Court of Sind | 1870 | monthly | Karachi | Mercantile Press |
| Beacon | 1877 | daily/ tri-weekly | Karachi | Beacon Press |
| Sind Advocate | 1877 | tri-weekly | Karachi | Sind Advocate |
| (S) Khairkhah-i-Sind | 1895 | weekly | Karachi | Khair Khah-i-Sind Press |
| (G) Dnyan Sagar | 1893 | weekly | Kariachi | Aryan Press |
| (E) Karachi Chronicle | 1896 | weekly | Karachi | Sind Printing Press |

**HYDERABAD**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Sarsvati (S) | 1890 | monthly | Sarsvati Press |
| Sudhar Patrik (S) | 1890 | monthly | Sarsvati Press |
| Pribhat (S) (moved from Karachi) | 1890 | weekly | Kaiseria Press |
| Desh Sudhar (S) | 1893 | weekly | Desh Sudhar Press |
| Jote (S) | 1896 | fortnightly | Kaiseria Press |

**SUKKUR**

| | | | |
|---|---|---|---|
| (P+S) Matlay Khurshid | 1860 | weekly | Matlay Khurshid Press |
| (E) Indus Valley State Railway | 1883 | weekly | Wales Press |
| (E) Commercial Gazette | 1884 | weekly | Victoria Press |
| (E) Mercantile Gazette | 1890 | | Albert Press |
| (S) Aftab-i-Sind | 1890 | | Albert Press |

**SHIKARPUR**

| | | | |
|---|---|---|---|
| (S) Totee-Sind | 1891 | weekly | Jethanand's Press (later Shikarpur Press) |
| (S) Hidayat ul-Akhwan | 1900 | monthly | Kadri Press Mahmud ul-Mutabay |

SOURCE " Dr. Allah Rakhio Butt: "The Ninteenth Century Book Trade in Sindh", Ph.D. Thesis, (for the University of wales), 1988.

# ضميمو - ۲

## Indian-owned newspapers and journals published in Sindh, 1855 - 1900

سنڌ ۾ ڏيهي مالڪن جون اخبارون ۽ رسالا ۱۸۵۵ع-۱۹۰۰ع

The arrangement is by place of publication and then chronological. The following abbreviations indicate the language of publications:

E = English, G = Gujrati, P = Persian,
P + S = Persian and Sindhi, S = Sindhi and U = Urdu.

### KARACHI

| | | | |
|---|---|---|---|
| Mofurrah ul-Koolob (P) | 1855 | weekly | Mofurrah ul-Koloob Press |
| Sind Samachar (G) | 1856 | weekly | Sind Samachar Press, Sindhian Press |
| Fowayid ul-Akhbar (S+P) | 1858 | weekly | Educational Press |
| Sind Sudhar (S) | 1866 | weekly | Commercial Press, Educational Press |
| Kurrachee Crier (E) became Sind and Punjab Times) | 1875 or earlier | | Albion Press |
| Sind Advertiser (E) | 1875 | bi-weekly | Commercial Press |
| Sind Times (E) | 1884 | bi-weekly | Commercial Press |
| Muavin Mujmay Muhammadi (S) | 1884 | weekly | Faiz Osmani Press<br>Muavin Mujmay Muhammadi Press<br>Sind Madressah Press |
| Moin -ul-Islam (S) | 1886 | weekly | Mofurrah ul-Kooob/Iklil Press |
| Iklil (P) | 1887 | weekly | Iklil Press |
| Phoenix (E) | 1888 | bi-weekly | Phoenix Press |
| Praja Mitra (G) | 1890 | weekly | Phoenix Press |
| Sookhri (S) | 1891 (or before) | weekly | Sind Printing Press |
| Doorbeen (U) | 1893 | weekly | Nur-i-Jafri Press |
| Sophia (E) | 1893 | weekly | Iklil Press/Sind Gazette and Commercial Press (moved to Hyderabad in or before 1897) |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| Civil & Military Gazette IInd Edition Later Sind Gazette) * | 1878 | bi-weekly | Karachi | Civil and Military Gazette Press (later Sind Gazette Press) |
| Civil & Military Gazette Bulletin | 1878 | four times a week | Karachi | Civil and Military Gazette Press (later Sind Gazette Press) |
| Christian Messenger | 1884 | monthly | Karachi | Commercial Press |
| Holy Trinity Church Karachi Parish Magazine | 1892 | monthly | Karachi | Mercantile Press |
| Karachi Manora Church Magazine | 1897 | monthly | Karachi | Mercantile Press |

SOURCE: Dr. Allah Rakhio Butt: "The Ninteenth Century Book Trade in Sind", Ph.D. Thesis,(for the University of wales), 1988.

## مددي ڪتاب (BIBLIOGRAPHY)

### سنڌي ڪتاب :


آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٧٢ع
آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند، "سنڌي هندن جي تاريخ (١)" ٧٧ مڊل ڪلاس ڪالوني، ڪراچي، ١٩٤٦ع
آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند، "سنڌي هندن جي تاريخ (٢)"، ٧٧ مڊل ڪلاس ڪالوني، ڪراچي، ١٩٤٧ع
الانا، ڊاڪٽر غلام علي، "سنڌي نثر جي تاريخ"، ادبيات پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٦٧ع
ٻُٽ، ڊاڪٽر الهرکيو، "سنڌي رسالن جي تاريخ، "سنڌ پبلشرس، حيدرآباد، ١٩٨١ع
ٻُٽ، ڊاڪٽر الهرکيو، "ڪراچي جون ڀهريون ٽي اخبارون"، مقالو، اڻ ڇپيل.
ٻگهيو، ڊاڪٽر عزيزالرحمان، "سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو، ١٩٨٨ع.
ٻوهيو، ڊاڪٽر الهداد، "علم تحقيق" نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٩٠ع
پناڻ، ڊاڪٽر در محمد، "ڪراچي ضلعي جو سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ حصو"، پي ايڇ ڊي ٿيسز، اڻ ڇپيل.
پناڻ، ڊاڪٽر غلام حسين، "تحقيق جو فن"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄامشورو، ١٩٨٣ع
جوٽيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، سرهه ڪتاب، حيدرآباد، ١٩٧٣ع
خالد، ڪريم بخش، "سنڌي صحافت"، ح بب پبليڪيشن، سکر، ١٩٥٥ع
خان، خداداد خان، "لُب تاريخ سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٨٩ع
راشدي، حسام الدين، "منشور الوصيت و دستور الحڪومت"، م .م، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٤ع
رامواڻي، موتي رام – ايس، "سيٺ هرچند راءِ وشن داس"، پاڪستان هيرالڊ پرنٽنگ پريس، ڪراچي، ١٩٥٣ع
سنڌي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد، "مهراڻ تي مجلس"، سنڌي ادبي سوسائٽي، اسلاميه ڪاليج، سکر، ١٩٦٦ع
سنڌي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور، "اڻويهين صديءَ جا نثر نويس"، پي ايڇ ڊي ٿيسز،اڻ ڇپيل
ڦيرواڻي، شيوارام، "راڄ رشي ديوان ڏيارام گدومل جو جيون چرتر"، ديوان تارا چند آڏواڻي، حيدرآباد، ١٩٣٢ع.
مولائي شيدائي، رحيمداد خان، "تاريخ تمدن سنڌ، " سنڌ يونيورسٽي پريس، حيدرآباد، ١٩٥٩ع
مولائي شيدائي، رحيمداد خان، "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي/ حيدرآباد، ١٩٥٨ع
مهر، غلام رسول، "تاريخ سنڌ – ڪلهوڙا دور، "سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٣ع
ميمڻ، خانبهادر محمد صديق، "سنڌي ادبي تاريخ (٢)"، آر – ايڇ احمد برادرس، حيدرآباد، ١٩٦٣ع
ملڪاڻي، منگهارام، "سنڌي نثر جي تاريخ،" (ڇاپو ٻيون) زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ١٩٧٧ع
مخدوم امير احمد (مترجم)، "فتح نامه سنڌ عرف چچ نامو "سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٧٦ع
مخدوم، امير احمد (مترجم)، "تحفة الڪرام"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٧٦ع
همايوني، نياز (مترجم)، "تاريخ مظهر شاهجهاني"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٧٩ع


### سنڌي اخبارون ۽ رسالا


"اطلاعات سنڌ"، ماهوار، ڪراچي، ٥-٦/ ١٩٥٤ع
"الحق"، هفتيوار، سکر، جا فائيل
"پيغام"، ماهوار، ڪراچي جا فائيل
"جوت"، پندرنهن روزه، حيدرآباد جا فائيل
"رچنا"، تماهي، احمد آباد، ١/١٩٧٦ع

"سرسوتي." ماهوار، حيدرآباد جا فائيل
"سنڌ" مُندوار، اونهارو - ١٩٨٣ع، سيارو ١٩٨٣ع حيدرآباد
"سنڌ سُڌار" ، هفتيوار، ڪراچي جا فائيل
"مهراڻ" ٽماهي، حيدرآباد/ ڄامشورو ١/١٩٦٤ع، ٢١/ ١٩٦٦ع، ١/ ١٩٦٧ع، ٣/ ١٩٧٠ع، ١/ ١٩٨١ع، ١/١٩٨٤ع، ٢/١٩٨٤ع، ١-٢/ ١٩٨٥ع، ٢/ ١٩٨٦ع، ٤/ ١٩٨٧ع ۽ ١-٢/١٩٩٢ع.
"نئين زندگي" ماهوار، ڪراچي/ حيدرآباد، ٧/ ١٩٥٧ع، ١١/ ١٩٥٧ع

## اردو ڪتاب

ابوالفضل، "آئين اڪبري" ، عثمانيه، ١٩ع
خورشيد، ڊاڪٽر عبدالسلام، "صحافت پاڪستان وهند مين" ، مجلس ترقي ادب لاهور، ١٩٦٣ع
خورشيد، ڊاڪٽر عبدالسلام،" داستانِ صحافت" ، مڪتبه ڪاروان، لاهور، ١٩٨٠ع
ناز، ايم - ايس، "صحافت ڪي مختصر ترين تاريخ" ، سنگ ميل پبليڪيشنز، لاهور، ١٩٨٠ع

## فارسي اخبارون

"مفرح القلوب." هفتيوار، ڪراچي جا فائيل

## انگريزي ڪتاب

Bease, George, "The Sind Directory", Bombay Gazetteer Press, Bombay, 1986.
Butt, Dr. Allah Rakhio, "The Nineteenth Century Book Trade in Sind", Ph.D. Thesis,. (for the University of Wales,1988.
Feldman, Herbert, "Karachi Through Hundred Years", Oxford University Press, Karachi 1970.
Haider, Dr. Azeemushan, "History of Karachi", Ferozsons Printers, Karachi Ltd., Karachi 1974.
Khurshid, Dr. Abdus Salam, "Journalism in Pakistan", Publishers United Ltd., Lahore 1964.
Lambrick, H.T., "Sir Charles Napier and Sind", Clarendon Press, Oxford, 1952.
Malkani, Kewal, R., "The Sind Story", Allied Publishers Private Ltd., New Delhi, 1984.
Panhwar, M.H., "The Chronological Dictionary of Sind", Institute of Sindhology, Jamshoro, 1983.
Panhwar. M.H., "Source Material of Sind", Institute of Sindhology, Jamshoro, 1977.
Siddiki, Habibullah, "Education in Sind: Past and Present", Institute of Sindhology, Jamshoro, ١٩٨٧،

## انگريزي اخبارون:

"The Sind Kossid", bi- monthly, Karachi: Files.
"the Sind Gazette", weekly, karachi: files.

## مواد حاصل ڪرڻ جا ذريعا

١. ريسرچ لائبريري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو
٢. علامه آءِ آءِ قاضي سينٽرل لائبريري، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو.
٣. سيمينار لائبريري، ڊپارٽمينٽ آف ماس ڪميونيڪيشن، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو.

## نظام الدين ڪوسو

# نئين نل جا پُراڻا گل - ٣

"ڪلهوڙا مياڻان"، "ٽالپور بلوچ" ۽ "بلوچي قلات" جون حڪومتون ڪمزور ٿي گذريون آهن، سندن دور ۾ هروڀرو ائين ڪونہ هو، جو "هيٺي جو حال" هيٺو ۽ "ڏاڍو سوگابو" هو. تاهم رعاياتي حڪومتن جا هٿ مضبوط ڪونہ ها. چون ٿا تہ اسان جي هن علائقي جي "چاموٽ" زميندارن کي حڪومتن جي حمايت ڪرڻ عيوض اڳاڙيل ڏل مان ڪجهہ حصو ملندو هو. مذڪوره حاڪمن جي دور حڪومت ۾ نل جا زميندار گهڻو ڪري "چاموٽ" هيا، ٻتا، سرڪي، مهر، پنگر، برڙا، چنا ۽ سپايا تمام وڏين ايراضين جا مالڪ هئا. انگريزن جي اچڻ کان پوءِ پهرين مهاڀاري لڙائي کان اڳ ۾ پتن، برڙن، پنهنجون ايراضيون ارزان اگهن ۾ بروچن کي ڏيئي ڇڏيون، پاڪستان ٺهڻ وقت پنگرن، مهرن، چنن ۽ سپاين بہ پنهنجي ضرورتن ڪري ٻنيون وڪڻي ڇڏيون. چاموٽ قوم مان هن وقت 'سرڪي' وٽ 'اباڻي' زمين، محفوظ رهي آهي ۽ آباد آهي، سرڪي جي سياسي ساک بہ قائم آهي.

### ميرپور برڙو جو احوال

هي ڳوٺ ميرن جي دؤر کان وجود ۾ آيل آهي، هن ۾ جيڪو ڪچو قلعو ٺهيل آهي، اهو ميرن جو ٺهرايل نہ آهي، پر تاريخي اهڃاڻن مطابق بہ هن جوءِ ۾ ٽالپرن جي حڪومت نہ رهي آهي. هي علائقو "بلوچي قلات" جي زير تسلط رهيو هو، هن علائقي جي قديمي تاريخ ڪنهن بہ ڪانہ لکي، تنهنڪري تحقيق سان ڪا قديمي ڳالهہ يا حوالو هٿ نہ ٿو اچي. پر خان خداد خان هندستان جي وائسراءِ لارڊ لٽن جي حوالي هي علائقو ١٨٧٦ع ۾ ڪيو هو، اُن جا دستاويزي ثبوت مليا آهن.

انگريزن مان بہ لئمبرڪ صاحب پنهنجي تاريخي ڪتاب 'جنرل جان جيڪب، آف جيڪب آباد' ۾ ميرپور واري انهيءَ ڪچي ڪوٽ جي تصوير ڏني آهي، اسان جي مزڪوره علائقي ۾ وڏا شهر بہ ڪونہ هيا، تنهن زماني وڏا شهر چانڊڪا، (لاڙڪاڻو) ۽ شڪارپور هيا، هتي فقط 'خان ڳڙهہ' هو، جيڪو هڪ 'ڳوٺڙو' هئڻ جي باوجود بہ حڪومتي مرڪز هو. هتي حڪومت قلات جو نائب بہ رهندو هو. اهو نائب انگريزن جي وقت ۾ بہ ١٩٢٠ع تائين رهندو آيو.

ميرپور برڙو ۾ مشهور ماڇهو سردار گنج بخش خان هيو، جنهن جي ڏاڏي، پڙ ڏاڏي وٽ ڪافي زمينداري هئي، پر جڏهين کان پاڻ ساماڻو تہ وٽس جريب زمين بہ ڪانہ رهي، هن جو ذڪر اڳئين قسط ۾ "واٽين واري واقعي" ۾ ڏيئي آيو آهيان.

ميرپور جا 'سُگهڙ' مشهور هيا، ۽ هينئر بہ ڪي ڪٿا باقي آهن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙو 'محقق' بہ هتي ڪهي آيو هو. بُرڙي خاندان ۾ تعليم جو رواج مرحوم حاجي محمد يعقوب خان وڌو، پاڻ 'فائنل' پاس ڪري ماستر ٿيو تہ پوءِ ڪوشش سان وڏيڪ پڙهي ڊگريون حاصل ڪري ورتائين، آخر ۾ هو مسلم اسڪولن جو ضلع جيڪب آباد ۾ نگران ٿيو. اُن زماني ۾ مسلم اسڪولن جي تعليم اعليٰ درجي جي هوندي هئي. استاد تمام سنا ۽ لائق مقرر ٿيندا هيا، ۽ هيڊ معلم تہ مذهبي تعليم جو ڪونہ ڪو ماهر هوندو هو. مذهبي جاڻ ۽ اکر نهايت سنا هوندا هئا اُن وقت جي مسلم اسڪولن جي شاگردن جا.

حاجي محمد يعقوب خان جو تعليم ڪاتي سان واسطو ٿيو ته منهنجو والد بزرگوار سندس دوست بڻيو. منهنجو والد ضلع اسڪول بورڊ جو ميمبر ٿيو ته حاجي صاحب سان واسطو ٿيس، پوءِ اهو واسطو 'پڪي دوستيءَ' ۾ 'پختو' ٿيو، ١٩٣٣ع ۾ جون مهيني جي جهولن ۾ امين الملت رح جي شاديءَ جي ڪانڌ ٿي، حاجي محمد يعقوب خان پورو هڪ هفتو اڳ ۾ اچي عزيز آباد ۾ 'ڪانڌ' جي ڪارج ۾ شامل ٿيو. انتظامن جي سڄي نگراني حاجي صاحب پاڻ ڪئي. هن علائقي ۾ اها شادي پنهنجي نموني جي هئي، سردار بهادر عبدالرحيم خان کوسو عموماً شادين ۾ شرڪت نه ڪندو هو، پر هن شاديءَ ۾ هو ٻه ڏينهن ٽڪيو هو، نواب يوسف علي خان، عزيز مگسي ۽ سردار غلام الرسول خان ڪورائي به شاديءَ ۾ شريڪ ٿيا هئا. اهو زمانو خوشي جو هو، شادين جي ڪانڌ ٿيندي هئي ته 'مٽ مائٽ' ته سيئي 'ساگهر' شريڪ ٿيندا هيا پر اوري پري جا دوست احباب به ڪهي ايندا هيا ۽ شادي جي هر 'سانڻ سوڻ' ۾ شريڪ ٿيندا هيا. ڪو گهوٽ لاءِ ميٽ مليندو هو ته ڪو پاڻي گرم ڪندڙ ڪانين کي سوريندو هو. ڪو گهوٽ کي مهنيندو هو ته ڪو پاڻي هاريندو هو. مطلب ته سڀ احباب گهوٽ جي سينگارڻ ۾ هٿ ونڊائيندا هيا. گهوٽ سينگاري ڪپڙا پارائي مٿس چاندي جي روپين جي 'گهور' ڪندا هيا، ائين ڪندي هر ڪنهن کي "بي انتها" مسرت ٿيندي هئي، هاڻي ته اهڙو وقت آيو آهي، جو "مٽ مائٽ" ته ڪونه ڪو قصور ڪڍيون ڪاوڙيا وينا هوندا ۽ نه ايندا آهن. پنڌ پري هجڻ ۽ 'طبع ناساز' ٿيڻ جا سبب ڏيندا ته معاف ڪجو، اچي نه سگهياسون جي ڪنهن سان "هٿ ڏکهو" ٿيل هوندن ته "معذرتي خط" سان گڏ هڪڙو چيڪ به تنبي موڪليندا ته معاف فرمائجو 'طبع ناسازي' هئي سو هي "گهوٽ جي مبارڪي" لاءِ چيڪ موڪلجي ٿو. ڪيس بنده پاران پيش ڪجو وغيره وغيره.

ميرپور برڙي واري ڪوٽ جو فوٽو لئمبرڪ صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنو آهي، اهو ڪوٽ تمام قديمي ڪونهي پر ٽالپر جو به نهرايل ڪونهي حڪومت قلات جي زماني ۾ ڪوٽ ڪڏائڻ جو رواج هو، سعدو ڪوٽ به هيو، صحبت پور ۽ محبت پور ڪي به ڪوٽ هيا، اهڙي طرح ڪنڌ ڪوٽ ۾ ڪوٽ هيو.

ميرپور جي هڪ خاندان کي جيڪو 'سردار خيل' هو تنهن کي "ڪوٽائي وڏيرا" سڏبو هو، حاجي محمد يعقوب خان برڙو ڪٽرائي پاڙي مان هو.

## رانجها پور جو احوال

ميرپور کان ٿورو پنڌ تي روڊ تي ئي رانجها پور جو پراڻو ڳوٺ آهي هي ڳوٺ اصل ۾ هيو ته مسلمانن جو پر پوءِ هندو زميندار سيٺ آوت راءِ جو سڏبو هو، هن ڳوٺ جو قبرستان به تمام قديمي آهي ۽ ڪن قبرن تي قبا به آهن.

سيٺ آوت راءِ هندو تهذيب جو هڪ نمونو هو، هميشه ڌوتي سان ۽ مٿي تي بوسڪي پٽڪي "واڻڪي نموني" واري سالن هوندو هو، هي ڏاڍو نماڻو فضيلت وارو ۽ نرم لهجي ۾ ڳالهائيندڙ انسان هو. سرڪاري هرمحفل ۾ موجود هوندو هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به هي پنهنجي حياتيءَ تائين رانجها پور جو خاصو زميندار ٿي رهيو، پنهنجي پٽ هوندراج کي اعليٰ تعليم ڏيارئائين، پر ڪيس پاڪستان ۾ سول سروس جي جاءِ ڪانه ملي. سيٺ آوت راءِ جي وفات کان پوءِ هن کي ڏاڙيل ڏينهن ڏٺي جو ٻنيءَ مان اغوا ڪري ويا. وڏي تڪليف ۽ ڀنگ ڀرڻ کان پوءِ عرصي پڄاڻان موٽيو، موٽڻ سان ئي ٻنيون، گهر، جايون وڪڻي آمريڪا ليو ويو، هيئنر اتي ڪاروبار ڪري رهيو آهي، ساڳي ٻني سيئين وٽ هئي ته انبار ان جا ٿيندا هيا ۽ هيئنر مسلمانن جي ملڪيت ٿي ته پوک ڏيڻ کان نابري واريون بيٺي آهي، بخت بخت جي ڳالهه آهي.

## چنن جي ڳوٺ جو احوال

ميرپور کان ڏکڻ طرف بيگاري واه جي ڪپ تي چنا ڳوٺ آهي. هي به تمام قديمي ڳوٺ آهي، ڪنهن زماني ۾

هتي ڪافي هندو رهندا هيا، سنڌن پڪاگهر ۽ دوڪان هوندا هيا، واپار تي وڏو اثر هوندو هون، هتان جو وڏيرو الهه بخش خان چنو هو، منهنجي دوست مولوي محمد حسين چنا مرحوم ۽ خان صاحب عبدالله خان چنا کي ڪنهن زماني ۾ شوق ٿيو ته الهه بخش خان کي پڳ ٻڌائي چنن جو سردار بڻايو وڃي، سو الهه بخش خان سردار بڻجي ويو، الهه بخش خان کي مون چڱي طرح ڏٺو هو، پانيان ٿو ته پڙهيل ڳڙهيل به هو. نهايت شريف ۽ ملنسار انسان هو. سرداري پڳ مٿس سونهي پئي، اها ذميواري هُن احسن طريقي سان نڀائي، مان شان ۽ انصاف سان هليو، ٻين جي عزت ڪيائين ۽ پنهنجي عزت به ڪرائي ويو.

اُن زماني ۾ سرداري جو حساب ڪتاب راڄ تي هوندو هو، يعني راڄ ۾ ڪيترا گهر اٿس، ڪيتري ڪماڙين جو مالڪ آهي. اڳي زماني ۾ 'لک ڪماڙي' سردار سڏبا هيا. يعني وقت اچڻ تي سردار مٿان سر ڏيڻ لاءِ ڪيترا جوان ڪماڙيون کڻي ايندا، هي علائقو چونڪ نوري نصير خان واليءِ قلات جي بادشاهي ۾ هو، سو نوري نصير خان وٽ باقاعده لشڪر ڪونه هو. قومي سردارن تي ماڻهو مقرر ڪيا هئائين ته وقت ضرورت هر سردار پنهنجي قومي طاقت مطابق ماڻهو هٿيارن سوڌا پيش ڪري، انهيءَ سبب ڪماڙي حساب سان سرداري ليکبي هئي. 'لک ڪماڙي' يا 'لک لٺ' واري سردارين جو دستور ختم ٿي چڪو، هاڻي تازه ترين صورت حال مطابق ته ووٽ جو حساب آهي. فلاڻي سردار وٽ فلاڻي خان وٽ ووٽن جي هيتري موڙي آهي، يا ڪيترين 'پولنگ اسٽيشنن' تي قبضو اٿس، انهيءَ 'پڪا ووٽ' جي قبضي ڪرائڻ ۾ "ڏوڪڙن" جي ڪار فرمائي به نمايان رهندي آهي.

چنن جو موجوده سردار صاحب به ووٽن لاءِ ڪنڌ پاسو جهليون پنهنجي اهميت قائم ڪيون ويٺو آهي، باقي واٿين پڇاڻان ڳوٺ جو اهو اوڄ ڪونهي، چنن ڳوٺ ۾ سرڪاري بنگلو به هيو جيڪو هاڻي ويران آهي.

## مبارڪ پور جو احوال

مبارڪ پور به بيگاري واهه جي پرسان آهي. ڪنهن زماني ۾ شاهل مهر سڏبو هو هي ڳوٺ مهرن ۽ پٺن جو آهي انگريزي دور ۾ بيگاري واه کي هڪ دفعي مبارڪ پور سامهون وڏو گهارو پيو هو، پٺن جي راڄ وارن همت ڪري اهو گهارو جلدي بند ڪري ڏنو ته انگريز انجنيئر خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته هي ڳوٺ مبارڪ آهي. هن وقت به ڳوٺ ۾ مهرن جو هڪ اڌ گهر هوندو. باقي پٺن جا گهر گهڻا آهن، جيڪي گهڻو ڪري تعليم يافته آهن،

ميرپور، رانجهاپور، چنا ۽ مبارڪپور جا هندو گهڻو ڪري ماستر هوندا هيا جن مسلمانن کي به پڙهائي تعليم وارو ڪيو.سو تعلقه ٺل جي اترين علائقي ۾ سنڌي اسڪولن جا ماستر گهڻو ڪري انهن ڳوٺن جا هوندا هيا ۽ اڄ ڪلهه به هندن جي وڃڻ کان پوءِ پرائمري ماستر گهڻو ڪري انهيءَ طرف جا آهن.

تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته هو علائقو خان خداداد خان واليءِ قلات ١٨٧٦ع ۾ لارڊلٽن وائسراءِ کي ڏنو هو. هن وقت تائين اڌورو سڌورو حڪم مڙيوئي قلات جو رهيو هو. انگريزن هن علائقي تي باقاعده قبضي ڪرڻ بعد ١٨٨٠ع ۾ سروي ڪرڻ جو ڪم ڪيو.

## ميرل آباد جو حوال

ميرل خان ڪوسو، هي ڳوٺ مبارڪ پور پرسان ٻڌل آهي. ميرل خان ڪوسي وٽ ايتري زمين هئي جو سنڌس ڪڙيو بيگاري واه مان نڪري اُتر طرف وڃي شاهي واه سان لڳو هو. اهو فاصلو ٧۴ ميلن کان گهٽ ڪونهي ميرل خان شوقين طبع هو، شادي جو عادي هو، گهڻين شادين ڪري اولاد تمام گهڻي ٿي پيس، هينئر سنڌس پويان وڃي 'ٻاري وارا" ٿيا. ميرل خان جي دليري جون تمام گهڻيون ڳالهيون آهن پنهنجي قوم ۾ ڪا 'سگهڙ ضائفان' ٻيوه ٿيندي هئي

تہ ميرل خان ڏاڙهيءَ کي رنگ ڪري هڪ دفعو گهوٽ ٿيڻ واسطي ڪوشش ضرور ڪندو هو، سندس مرشد "ميان جامي جا قبا" وارا انبڙ، فقير هيا، انهن فقيرن کان دعا ڏاڍو وٺندو هو.

## مدد پور جو احوال

هي ڳوٺ مدد خان ڪوسي ٻڌو هو. هنن ڪوسن جون زمينون تحصيل جهت پٽ ۾ هيون، خان قلات عبدالله خان "قهار" جي وقت ڪلهوڙن ۱۷۳۴ع ۾ هي علائقو جنگ ڪري حاصل ڪيو هو. ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ سندس گورنر مراد ڪهيري زراعت کي زور وٺائڻ خاطر نور واه ۽ مراد واه کوٽايا، مدد خان ڪوسو پوءِ نور واه جي زمين تي اچي وينو. سندس فرزند مير نصير خان انگريزي دؤر ۾ وڏي همت وارو زميندار هيو. هڪ دفعي دريا جي لاٽ سبب ربيع جي مند ۾ پاڻي آڳاٽو بيهجي ويو، مير نصير خان جي ٻني ريج کان رهجي وئي، هن همت ڪري ڪشمور ڪهي وجي، انجنيئرسان ملاقات ڪري روئيداد ٻڌائي ۽ طلب ڪئي تہ نور واه کي بند ڏيئي ۷۴ ڪلاڪ پاڻي ڏنو وڃي. انجنيئر پارسي هيو، هن کي ڪهل اچي وئي، مير نصير خان جي پنڌ ۽ ضرورت کي ڏسي ڪيس ڳوٺين زريعي پنهنجي ڪڙم وٽ پاڻي بند ڪرڻ لاءِ ۷۴ ڪلاڪ پاڻي پيئڻ جي منظوري ڏني.

اڄ ڪلهہ جو دؤر هجي ها تہ "چڱي خاصي رقم نذر" وٺڻ بعد اهڙي رعايت ملي ها! بهرحال مير نصير خان انجنيئر کان حڪم حاصل ڪري اها ڪوشش ڪئي تہ جلد ۾ جلد ڳوٺ پهچي "پاڻي بند" ڪرڻ جو بندوبست ڪري، سو ريلوي اسٽيشن ڪشمور پهتو اُن زماني ۾ موٽرن ٽئڪسين جو دستور ڪونہ هو نڪي زميندارن وٽ موٽرون هيون، اسٽيشن تي ريل جي وڃڻ جو وقت ڪونہ هو البتہ هڪ مال گاڏي وڃڻ لاءِ هئي، هن همت ڪري گارڊ سان ڳالهہ ڪري بندوبست ڪري ورتو. وقت کان اڳي ريل هلائي وئي. پنهنجي ڳوٺ مدد پور سامهون گاڏي بيهاري لهي پيو. اهڙي طرح هو جلد ۾ جلد پاڻي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. انهيءَ انگريزي دؤر ۾ واٽ تي ريل بيهارڻ ۽ ڳوٺين زريعي چاٻ ڏيڻ تي وڏي ڳالهہ ٿي وئي هئي، نصير خان جو نالو ڏاڍو مشهور ٿيو هو، مير نصير خان جو هڪ فرزند ضياء الحق حڪومت ۾ مجلس شورا جو ميمبر ٿيو ۽ سندس هم نام پوٽي مير نصير خان وڪيل کي تہ "ڪلول" ۽ بليل جي خبر بہ ڪانهي.

نور واه ميان نور محمد ڪلهوڙي کوٽايو هو، خان قلات، عبدالله خان ' قهار' ڪڇيءَ جي جنگ ۱۷۳۴ ۾ هارائي هئي. ڪلهوڙن ڪڇي علائقو قبضي هيٺ ڪيو. "مُراد ڪهيري" کي انهيءَ علائقي جو 'ناظم" مقرر ڪيو ويو، اهو علائقو ڪشمور تائين هيو، جيڪو ان زماني 'ڪز مير' سڏبو هو، ڪلهوڙن واه کٽايا، نور واه ۽ مراد واه اُن زماني جا نڪتل آهن، ڪلهوڙن کان اهو علائقو دوباره خان قلات نوري' نصير ان جي وقت ۾ قلات حڪومت جي زير تسلط آيو.

مراد 'ڪهيري' وارا، 'ڪهيري' فقير گهر سڏبا هيا ۽ هن وقت بہ ڪهيري فقير سڏبا آهن، ڪڇيءَ تي قبضي بعد مُراد حڪم ڪيو تہ جيڪو بہ "جوئر جو سِٿو" چوري ڪپيندو تہ اُن جي سزا ٻران چور جو "سِر ڪپبو" انهيءَ غير مناسب حڪم تي سردار رحيم خان ڪوسي اعتراض ڪيو تہ قحط جي صورت ۾ انهيءَ قسم جو فيصلو 'ظالمانہ' چئبو، مراد سان مهاڏو اٽڪايائين، مراد ڪهيري سندس انهي جرئت مندانہ قدم کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ حڪم واپس ورتائين ۽ سردار رحيم خان ڪوسو کي خلعت طور پڳ ٻڌائين ۽ چيائين تہ: "هي منهنجي پڳ دعا جي پڳ آهي." جيڪو هن سان "ڪڙاند" ڪندو اهو نہ هوندو، انهيءَ رحيم خان جي قبر اڄ بہ "چُڪڙا" ريلوي اسٽيشن سامهون 'نشان بر' آهي. معصوم شاهہ جي مناري جي سرن جهڙي سنهي سرن سان سندس قبر پختہ ٿيل آهي.

هن علائقي اندر ڪلهوڙا دؤر ۾ زراعت کي فروغ مليو هو. ڪيترا ڪڙيا کوٽجي ويا هئا، ڪجهہ وقت پوڪون ٿيڻ

لڳيون پر ڪلهوڙن جي حڪومت ختم ٿيڻ بعد وري واهن جون ڪاٽيون نہ ٿيون، پاڻي جي تنگي ٿي، علائقو وري غير آباد ٿي ويو.

## زنگي پور جو احوال

زنگي پور ۾ چناڻي قوم جا ڪوسا زميندار رهندا هئا. اهو ڳوٺ زنگي خان ٻڌو هو. انهن وڏيرن جون زمينون اُچ شاخ (نصير آباد تحصيل)۾ بہ هيون. اُتي اچ ۾ هميشہ پاڻي جي تڪليف رهندي هئي، نور واه کي پاڻي هوندو هو. جيڪو بيگاري مان نڪتل هو. سو هتي جون زمينون آباد هئڻ سبب گهڻو ڪري سيئي هتي رهندا هئا. ڪوسن جو هي پاڙو شريف آبادي پاڙو هو. خان ڳڙهہ جي ڪوٽ ۾ بہ هن پاڙي جا ڪوسا انگريزن شهيد ڪيا هيا، انهن ۾ 'نور خان' چناڻي ڪوسو نامور ماڻهو هو. ڪوسا ويچارا جنهگ هٿي "ڏوبهرو" ڪرڻ لاءِ انهيءَ ڪوٽ جي وٽن جي ڇانوءَ ۾ 'آجماپ' لاءِ اچي وينا تہ ڪنهن 'ملعون' ماڻهوءَ انگريز ڇانوڻي ۾ وڃي ٻڌايو تہ ڌاڪو ڪوٽ اندر اچي وينا آهن انگريزن بنا معلومات حاصل ڪرڻ جي رائفلين جو منهن ڪولي ڇڏيو. ٣٩ ماڻهو لحظي ۾ اجل جو شڪار ٿي ويا. ٻين رڙيون ڪيون، پنهنجا 'واهولا' ۽ 'ٻيانا' مٿي ڪئي دانهون ڪيون، تڏهين ڪي بچي ويا. بخاري جامع مسجد وٽ پراڻيون قبرون انهن ڪوسن شهيدن جون آهن.

زنگي پور جا ماڻهو ساده طبع ۽ ناميارا ٿي گذريا. خود زنگي خان، يار خان، آدم خان جهڙا ماڻهو پنهنجي وقت جا وڏا ماڻهو هيا.

هڪ دفعي جاماڻي پاڙي جو مهر علي خان (جيڪو پوليس انسپيڪٽر مان معطل ٿيو هو. مٿس ڏوهہ اهو هو تہ هن بڪراڻي بردي پاڙي مان شادي ڪئي، جنهن تي انگريزن ڪيس چيو تہ هاڻي هو پوليس عملداري لاءِ موزون نہ رهيو آهي جو هن هڪ جرائم پيشہ پاڙي مان شادي ڪئي آهي. زنگي پور ۾ اُن زماني ۾ مسجد شريف ڏاڍي سٺي قبائين نموني ٺهيل هئي،

زنگي پور هينئر زبون آهي سندس پويان زميندار، گهڻو ڪري سڀ نصير آباد ضلع ڏانهن بلوچستان صوبي ۾ رهائش پذير آهن.

جيڪب آباد مانجهي پور روڊ تي بهادر پور ڳوٺ آهي جيڪو بهادر خان ٻڌايو. سندس زماني ۾ چڱو وسيل ڳوٺ هو. بهادر خان ١٩٣١ع ۾ وفات ڪئي، اڄ ڪلهہ بهادر پور بلڪل ويرانو آهي.

دلمراد خان اول کي انگريزن ١٨٥٨ع واري جنگ آزاديءَ ۾ حصو وٺڻ جي بهاني جلاوطن ڪيو هو. دلمراد خان اُن زماني نصير آباد علائقي ۾ رهندو هو. جيڪو خان قلات جي بادشاهي ۾ هو. انگريزن، خان کي ڪمزور ڪري سندس علائقن ۾ اچي پنهنجا وٺاڻا ناهيا. خود خان ڳڙهہ ۾ اچي اُن کي جيڪب آباد بڻايائون. حالانڪ اهو علائقو خان جو هو ۽ انگريزن جي قبضي ۾ ڪونہ آيل هو. پر ڏاڍ سان انهيءَ علائقن تي اثر انداز ٿيا.

دلمراد خان ڪوسو ويچارو سياسي ماڻهو ڪونہ هيو. هو ڪيتي ڪنڌڙ هڪ ڪامياب زرعي ماهر هو. البتہ پنهنجي پاڙي ۾ 'هلندي پڄندي' وارو هو ۽ طبع جو ڪجهہ 'آزاد خيال هو تنهن سبب سندس "ٻہ طرفي" مخالفن انگريزن وٽ "چغليون" هڻي ڪيس بغاوت بهاني ملڪ مان نيڪالي ڏياري ڇڏي. سال ١٨٧٦ع ۾ خان خداداد خان والي قلات هندستان جي وائسراءِ لارڊ لٽن کي جيڪب آباد جو سڄو علائقو 'ڪزمير' (ڪشمور) تائين پنهنجي هٿن سان حوالي ڪيو تہ دلمراد خان جي فرزند بهادر خان کي بہ نصير آبادي جي 'اُڀرندڙ طاقتن' جي چوڻ تي اُتان لڏائي آندو. ڪيس دلمراد ديهہ ۾ هڪ 'فوجي پڙاءَ' ۾ نظر بند ڪري رکيو. جيڪب آباد کان ڪشمور تائين نڪتل سڙڪن تي هر ڏهن ميلن جي حساب سان فوجي پڙاءَ هيا. چوڪ جي ڳوٺ سامهون رستي تي بہ هڪ 'فوجي ڪئمپ' هوندي

هئي، منهنجي يادگيريءَ ۾ به انهيءَ ڪئمپ جون ڪي اڏاوتون ۽ ڪبڙن جا وڏا وڻ بيٺل نظر ايندا هيا.

انگريز بهادر، خان کي 'ٻه، ٽي سال ڪئمپ' ۾ رکڻ کان پوءِ آزاد ڪري ڇڏيو. ڪيس بهادر جي اوس پاس ڏيهن ۾ زمين به ڏني.

بهادر خان، فوجي تحويل مان رهائي بعد، بهادر پور نالي ڳوٺ ٻڌي زميندراي ڪم ۾ لڳو.محنتي ماڻهو هو بعد ۾ گهڻي زمين هٿ ڪري ورتي هئائين.

زمينن تي ڇڪڙي نموني ٻيل گاڏي تي چڙهي گهمندو هو، جنهن کي ٻلا ڏاند ڇڪيندا هيا، اپر سنڌ ۾ انهيءَ طرز جي سواري فقط بهادر خان وٽ هئي، بهادر خان پنهنجي سجع هن ريت لکائي هئي، "بهادر فقير مدد دستگير" ان زماني ۾ وڏن ماڻهن ۾ سجع ٺهرائڻ جو رواج هيو، بهادر خان سخي هيو، ڇڪڙي ۾ هڪ، ٻه هميائيون، چاندي جي رپين جون رکي هلندو هو، غريب غربي کي واٽ ويندي 'خيراتون' ڏيندو هلندو هو، سندس ڇڪڙي پويان هڪ ٻه ڪمدار گهوڙن تي سوار ٽيل ڪيو هوندا هيس. بهادر خان هڪ دفعي پير سائين پاڳاري "سورهيه بادشاهه" جي ٻه دعوت ڪئي هئي، پر سائين تنهن زماني ڏکڻي ڳوٺ مان شادي ڪئي هئي، سندس سفر "محفه" تي ٿي هئي جنهن کي ماڻهون کڻندا هيس، هزارين حُر سندس جماعت ۾ گڏ هيا، رات جو بهادر پور رهيا هيا، بهادر خان پنهنجي ڇڻني پٽن جي پهراڻن جي جهولي ۾ هڪ هزار رپيا چاندي وارا وجهائي حضرت پير سائين سورهيه بادشاهه جي عقدس ۾ نظرانه طور پيش ڪرايا هيا. چون ٿا هڪ دفعي حضرت حافظ الملت "مالڪن جن" حافظ محمد صديق صاحب رحمت الله عليه پرچونڊي شريف وارن جي دعوت ڪئي هئي جنهن ۾ جماعت جي گهوڙن لاءِ پنهنجي ٻني ۾ پوڪيل جوئر پيش ڪيائين ته جيئن جماعت جا گهوڙا گاهه ڪائي ڊؤ ڪن.

حضرت حافظ صاحب عليه رحمت کي عرض ڪيائين ته قبلا! "ٻادو" جي زمين ڪشمور تائين اهي، جاتي ٻه "ٻادو" جي زمين ۾ گاهه هجي، اُهو لنگر جي گهوڙن لاءِ هميشه واسطي نظرانو آهي. حضرت صاحب جن بهادر خان کي دعا ڪئي، سو اڄ به بهادر خان سان تعلق رکندڙ خاندان خوشحال آهن، بهادر خان جو ذڪر انگريزن ۱۹۰۷ع جي گزيٽئر ۾ ڇگن اکرن ۾ لکيو آهي.

هن کي زرعي ماهر ڪري سڏيو اٿن وغيره وغيره.

بهادر خان جو وڏو فرزند خان بهادر دلمراد خان پنهنجي پيءَ جي حياتي ۾ ئي وڏي اثر وارو بڻيو. ميونسپالٽي جيڪب آباد جو صدر ۽ ضلع لوڪل بورڊ جو ناميارو ميمبر هو. هڪ دفعو ۱۹۲۱ع ۾ ساڻس چيئرمين شپ لاءِ ڏاڍو مقابلو ٿيو اُن زماني وٽس ڪو ڪامورو رهندو هو ۽ سجو خرچ سندس ڪائيندوهو. سرڪاري طرح اُهو اداري جو ميمبر هو، اُن زماني ۾ خان بهادر جي مخالف اميدوار کان ٽيهه هزار روپيه وٺي ڪيس ووٽ ڏنو هيائين، اهو پهريون پيرو جيڪب آباد ۾ مثال ٿيو جو پئسا وٺي ڦري وڃڻ جو رواج پيدا ٿيو، سالن پڇاڻان، ڊسمبر ۱۹۴۶ع ۾ صوبائي اليڪشن ۾ خان بهادر دلمراد خان جي فرزند خان صاحب سردار خان ڪامورن کي استعمال ڪري ووٽن جي ڳتپ ۾ گهپلو ڪرائي مسلم ليگ جي اميدوارن خان صاحب سهراب خان سرڪي کان ۱۶ ووٽ وڌيڪ ڏيکاري ڪاميابي حاصل ڪئي، سڄي سنڌ ۾ فقط اها سيٽ مسلم ليگ هٿان وئي، خان صاحب سهراب خان اليڪشن پٽيشن وڌي جيڪا 'جاندار' هئي پر ۱۹۴۷ع ۾ ملڪ آزاد ٿيڻ سبب سموري ڪاروائي ختم ٿي وئي.

بهادر پور سرڪل ۾ سڄي ايراضي گهڻو ڪري ڪوسن جي زميندراي هيٺ هئي، اُن زماني جا ڪوسا مدرسن يا مڪتبن جا پڙهيا ڪونه هيا، مگر مذهب کان بي خبر ڪونه هيا، مدد پور، زنگي پور، بهادر پور، ڪوٽ جنگو ۾ اُن زماني نهايت عاليشان وڏيون مسجدون قبائين نموني جون ٺهيل هيون، اهڙين مسيتن جو ٺهڻ ٻڌائي ٿو ته ڪوسا دين

جي خدمت ڪندڙ "مخير ماڻهو" هيا.

## ڳوٺ ڪريم بخش ڪوسو جو احوال

بهادر پور سرڪل ۾ ڪوسن جي جاماڻي 'سردار خيل' پاڙي ۾ هيبت خان ٿي گذريو، جنهن جو قبو قادرپور ۾ آهي. اُن جي زمين ستر هزار جريب تعلق نل ۽ ڪنڌ ڪوٽ ۾ هئي. مرجوده وقت ۾ سندس خاندان وٽ ست هزار ڪن جريب زمين وڃي رهي آهي، ڪريم بخش خان ڪوسو سندس فرزند، ڳوٺ ٻڌي اچي رهيو. ڪريم بخش ڳوٺ هڪ وسندڙ ۽ بازار پريل ڳوٺ آباد ٿيو. هندو تمام گهڻا اچي ڪاروبار ڪرڻ لڳا. ابتدائي دور ۾ ته سندن گهر به اتي هيا، انهيءَ ڳوٺ ۾ هندن پنهنجي "مڙهي" به ٺهرائي هئي جيڪا ڏاڍي سهڻي نموني ٺهيل هئي، سندس فرش ٽائيلس سان سينگاريل هئو، ۽ مُهاڙي ڪاشيءَ جي سرن سان سنواريل هئي، هندن جو وڏو اوج هو. ڳوٺ جا زميندار نيڪ نمازي ۽ حاجي هيا پڻ پڪا مسلمان به هيا تن انهيءَ هندو "زمين" ڪي اسلامي احڪامن موجب پورو پورو "تحفظ" فراهم ڪيو. ڳوٺ ڪريم بخش جا هندو گهڻو ڪري 'ڇتر' ڦلجي، ۽ ڀاڳ جي طرف کان آيا هيا، بلوچستان جا باشنده هيا، سندن مٿي مائٽي به انهيءَ طرف هئي، "بروچڪي ڪلي" مان پاڻي پيئڻ سبب ڏاڍا "ڏنگا" هوندا هئا، ڪريم بخش ۾ جيڪو مشهور ڌاڙو ۱۹۳۴ع ۾ ڌاڙيل 'رحمان بروهي' هنيو اهو به هڪ هندو جي 'چرچ' ۽ 'ڏس پتي' تي لڳو هو. اپر سنڌ ۾ اهو پهريون واقعو ٿيو هو، اُن ڪان پوءِ ڀهراڙي مان واپار ڪي هندو "سوڙهو" ڪرڻ لڳا. مان سنه ۱۹۳۸ع ۾ ڪريم بخش ڳوٺ پهريون پيرو ويو هوس، اُن وقت به هندو دڪاندار گهڻا ڏٺا هيم، 'فالودو' مَٺيءَ ۾ وڌل ۽ ٿڌو ٺيل فالودو به مون اتي کاڌو هو، اُن ڌاڙي کان پوءِ ڳوٺ جي حفاظت لاءِ باقاعده پوليس ٿاڻو به لڳو هو، پر جڏهن پاڪستان ٺيو ته واٽيا موٽي پنهنجي ماڳن ڏانهن هليا ويا، هاڻي به جيڪب آباد شهر جي هندن جون مائيتيون بلوچستان جي 'ڇتر' ، 'ڦلجي' ، ڀاڳ ناڙي جي هندن سان آهن، هتان جو هندو بلوچستان جي ماحول سبب عام هندو کان زياده دلير آهي.

ڪريم بخش ڳوٺ سڙڪ جي ڪناري آهي. قطب دؤران، سيد العارفين حضرت 'حافظ الملت' حافظ محمد صديق عليه رحمت اُن وقت "پراڻي جنگو" ڪان 'نئين جنگو' انهيءَ سڙڪ سان ايندا ويندا هيا هڪ دفعي سوير اُن تي چڙهيون ڪريم بخش وٽان لنگهيا ته اُن وقت هڪ واڻيو به ڀهراڙي جي دستور مطابق جهنگ جي خيال سان نڪتو وڃي رهيو هو ته حضرت صاحب تي 'ديد' پئجي ويس ۽ حضرت صاحب جي به 'نظر ڪيميا اثر' مٿس پئجي چڪي هئي، واڻيو ته حاجت پوري ڪري گڏون ۽ ڏنڊڻ" سان واپس وريو، سالن پڄاڻان واڻيي جا 'آخري ڏينهن آيا' سڪرات سان ساهه هلڻ لڳس ته هندو ٻانيڻ ڪي وٺي آيا ته ڪيس رام رام چوائي، مهراج آيو، سڏ ڪرڻ لڳس ته پاڻي پڳتامل، رام رام چؤ، پاڻي جون اکيون بند هيون، گهڻن سڏن بعد اکيون کولي چوڻ لڳو ته "مهراج!رام رام ڪيئن چوان! هو "اُن وارو" بيٺو آهي، جيڪو چوي ٿو ته ڪلمو پڙهه، پاڻي مان ته اُن ڏينهن ڏسڻ سان ڪلمو پڙهيو هوم هاڻي به ڪلمو پڙهان پيو. "مرٽينگ مهتي" ڪلمو پڙهي پساهه پورا ڪيا.

نگاهِ مرد مومن سے بدل جاتی هین تقدیرین.

اها هئي مرد مومن جي نگاهه، جنهن ڪراڙ جي قسمت ئي ڦيرائي ڇڏي، نل علائقي ۾ پهريائين ذڪر فڪر جو دستور حضرت حافظ صاحب جن جي ذريعي پيدا ٿيو پوءِ سندن خليفن انهيءَ سلسلي کي گهڻو اڳتي وڌايو. ڪريم بخش ڳوٺ ۾ حضرت صاحب جن جي وصال بعد سندن خليفه اول حضرت مولانا تاج محمود امروٽي صاحب جي آمد رهي. اُن سان گڏ امام انقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌي صاحب به ايندو هو، ڪوٽ جنگو ۽ چوڪ جون عاليشان مسجدون ان زماني ۾ حضرت حافظ الملت سيد العارفين عليه رحمة جن جي ارشاد مطابق سندن خليفن ٺهرايون،



سائين جي. ايم. سيد، 'امين الملت' محمد امين کوسي جي مزار تي. برڪت علي آزاد، نظام الدين کوسو ۽ ارباب نور محمد پليجو ب ساڻس گڏ آهن (۱۹۷۳ع)




ويٺل ساحي ڪان ١. خان بهادر دلمراد خان کوسو ٢. محمد خان سبايو ٣. سردار نور محمد خان گولو ٤. سردار بهادر
عبدالرحيم خان کوسو ٥. ڪمشنر سنڌ ٦. نامعلوم ٧. ايچ. ٽي. ليمبرڪ ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد ٨. ميمبر لوڪل بورڊ
٩. سردار بهادر محمد بخش خان شيخ ڊپٽي ڪليڪٽر ڪنڌڪوٽ ١٠. هندو ميمبر ...... ١١. هندو ميمبر ......
بيٺل ١. نامعلوم ٢. خان صاحب سهراب خان سرڪي ٣. محمد حيات خان اُستو ٤. چمنومل ٥. نامعلوم ٦. نامعلوم
٧. آدم خان پنهور ٨. هندو ميمبر ٩. عبدالحڪيم خان شيخ

غالبا ۱۸۹۵ع ۾ اهي مسجدون جڙي راس ٿي چڪيون هيون.

۱۹۰۰ع جي شروع ٿيڻ کان پوءِ سياسي تحريڪون شروع ٿيون هيون، اول "خلافت تحريڪ" شروع ٿي پوءِ "هجرت تحريڪ" شروع ٿي. حضرت مولانا عبيدالله سنڌي صاحب غالبا ۱۹۱۳ع ۾ ڪابل روانو ٿي ويو. سنڌس سفر جي ابتدا ڳوٺ ڪريم بخش کان ٿي، حضرت امروٽي صاحب جي جماعت جا ڪي جوان سنڌس ساٿي بڻجي ڪيس بلوچستان کان سرحد ٽپائي وڃڻ ۾ مددگار ٿيا. ڪريم بخش ڳوٺ "بہ تحريڪ خلافت" ۽تحريڪ هجرت" جو مرڪز هو. ڪريم بخس خان پڙهيل "مُلان طبع" ، انسان هو، سنڌس فرزند محمد اسحاق خان پرچونڊي شريف خانقاه وارو لباس پائيندوهو.

ڪريم بخش ڳوٺ حضرت مولانا امروٽي رحہ ۽ امام انقلاب حضرت سنڌي رحہ جي قدمن جو مرڪز هو. سنڌن 'انقلابي' ، 'اسلامي حريت' جي جوش سبب 'صحبتي ماڻهن' ۾ مُجاهدانہ جذبہ جاڳي پيا، منهنجو والد بزرگوار ۽ سنڌس چاچو حاجي عظيم خان 'تحريڪ هجرت' کان متاثر ٿي وطن ڇڏي ڪابل ڏانهن روانا ٿي ويا ۾ اُتي پناڻن جي' غير همدردانہ' ۽ 'ناروا سلوڪ' سبب مايوس ٿي موٽي آيا. حقيقت ۾ افغانستان جو فرمانروا اندروني طور انگريزن وٽ 'وڪاڻل' هو، اڳتي هلي هُو حضرت مولانا عبيدالله سنڌي لاءِ بہ ڏاڍو 'ڏنگو' ثابت ٿيو.

هن جوءِ ۾ حضرت حافظ الملت 'مالڪ جن' رحمت الله عليہ ڏاڍو فيض رسايو هو، ڪيترا ماڻهو 'ذڪر ۽ فڪر' جا مالڪ بڻيا، تمام جماعت جي ماڻهن ۾ بعد از مغرب ۽ تهجد وقت ذڪر جي تسبيح پوري ڪرڻ جو ذوق پيدا ٿيو. ڪيترن جي قلب مان ذڪر جو آواز نڪرندو هو، خليفو دلمراد کوسو انهن مان هڪ هن تر جو فقير هو. جنهن چوڪ جي جامع مسجد تيار ڪرائي، ان مسجد شريف لاءِ پاڪ بدن ۽ وضو سان ڪچيون سرون وڏيون ويون، ذڪر الاهي سان ڪورو پچايائون ۽ ذڪر سان سرون ڪڻي مسجد شريف جي اوساري ڪيائون، اهڙي طريقي سان اها مسجد شريف جڙي راس ٿي، اڄ بہ سؤ سال گذرڻ بعد نئين نڪور ڏيکاءُ ڏيون بيني آهي.

طاب الله ثراه و جعل جنتہ مثواه

ڪوٽ جنگو جي مسجد وڏيرڪي پئسي سان جُڙي تہ اڄ تمام خستہ حالت ۾ آهي، حاجي محمد هارون صاحب جڏهين جيڪب آباد جو ڊپٽي ڪمشنر هو تہ هن مسجد سڳوري جي مرمت لاءِ بہ لک روپيا منظور ڪيا، پر ڪنهن ۾ بہ همت نہ ٿي جو اهي پيسا ڪتب آڻي خدا جي گهر جي مرمت ڪرائي، جنگو ڳوٺ مان جنگواڻي کوسا لڏي وڃي پنهنجن زمينن تي ڏار ڳوٺ بڌي ويٺا ان ڪري ڳوٺ جي وسند بہ ختم ٿي وئي،حضرت حافظ الملت رحہ جي دور ۾ اهو ڳوٺ تمام وڏو هو، سڀيئي جنگواڻي وڏيرا گڏ ويٺا هيا ۽ حضرت صاحب جن جا بہ 'قدم مبارڪ' جلدي جلدي گهمندا هئا.

ڪاملن جي قرب ۾ هدايت جي روشني آ.

حضرت حافظ الملت رحہ جي دؤر کان اڳ سنڌ ۾ طوائف الملوڪي جو دور هو، ٽالپرن جي دؤر حڪومت ۾ ني انگريزن اچي پير ڪوڙيا، واپار جي بهاني سان سنڌ سڄي جي سُڃاڻ ڪري ويا. ڪمپني بهادر جي نالي سان واپار جو ڊونگ ڪيائون، شڪارپور ۾ تنهن زماني ۾ ٽن حڪومتن جا نمائندا رهندا هيا. ٽالپرن، دُرانين ۽ خان قلات جا نمائندا رهندا هيا.

۱۸۳۴ع ڌاري کوسن جو سردار رحيم خان کوسو، ٽالپري گورنر سيد ڪاظم شاھ سان گڏ ڪرڙي جي جنگ ۾ شهيد ٿيو. اڳي بہ ڪلهوڙا دؤر ۾ ميان غلام شاھ، کوسن جي سردار جعفر خان کي شهيد ڪرايو هو. حاڪمن جي انهيءَ 'بي رُخي' سبب کوسا تمام 'بدظن' ٿيا، ۽ پاڻ کي غير محفوظ سمجهيائون، انگريزن بہ هتي اثر پيدا ڪيو.

سو کوسن جي سردار قادر بخش خان انگريزن جو ساٿ ڏنو ۽ ساٿس تعاون ڪيو. ڪوسا اصل کان سياسي ۽ فوجي ماڻهو هيا، ٻڪرار يا ريدار قسم جا ماڻهو نہ هيا، نہ ڪي 'دز د لنگا' هيا، ڪيتي تي گذارو ڪندا هيا. انگريزن ڪين پنهنجي فوج لاءِ موزون سمجهي ڀرتي ڪيو. ڪوسا اهو سمجهي ويا هُيا نہ ڪي ٽالپورن جي حڪومت ۾ ڪودم خم آهي نڪي ڪابلي پٺاڻن وٽ پختگي آهي" نہ وري خان قلات جو هني ڪو مضبوط قبضو آهي. انگريزن جا پير پختا ٿيندا وڃن ٿا. "آئنده واري سياسي طاقت انهن انگريزن وٽ اچڻي آهي، سو ڪوسا سردار ۽ سندس 'خيل' جي ماڻهن انگريزن وٽ فوج ۽ پوليس ۾ ڀرتي ٿي پنهنجي لاءِ تحفظ جو بندوبست ڪيو. ١٨٣٤ع کان ١٩١٠ع تائين اهو سلسلو رهيو اُن بعد جڏهين حضرت مولانا امروٽي عليه رحمت ۽ حضرت مولانا عبيد الله سنڌي عليه رحمت، ڳوٺ ڪريم بخش اچڻ وڃڻ لڳا تہ سندن انقلابي اثر، ڪوسن جي جاماٽي خاندان مان "ولياٽي پارٽي" تي ڏاڍو ٿيو. اڳتي هلي خان محمد امين خان ڪوسي جهڙو انقلابي پيدا ٿيو، جنهن مولانا عبيدالله سنڌي رح جي جلاوطني ختم ڪرائي انگريزن جون پاڙون پٽڻ لاءِ جوڳو طريقو ڪيو.

حضرت سنڌي رح ١٩١٣ع ۾ ڪابل ويا ۽ غالباً مارچ ١٩٣٩ع ۾ واپس وطن جا وڻ ڏٺائون ۽ ١٩٤٤ع ۾ وفات ڪيائون. سنہ ١٩٤٧ع ۾ انگريزن بہ هندستان مان پنهنجا ٽپڙ ٻڌا. انگريزن مولانا جي حڪمت عملي جي ست ڪانہ جهلي، نوي سالن اندر هندستان کي آزادي ڏنائون.

– مولانا جي مرقد تي انوار الاهي جاري وساري آهن.

پاڪستان ۾ هڪ دفعي جرمن مان ڪو وفد آيو هو اُن وفد جي هڪ ميمبر معلوم ڪيو تہ مولانا جي قبر ڪيس ڏيکاري وڃي. هو دين پور شريف پهچي مولانا جي قبر تي پنهنجي ٽوپي لاهي گهڻي دير تائين خاموش بيٺو رهيو. بعد ۾ اخباري دنيا تي واضع ڪيائين تہ هن "مرقد نشين مجاهد" جا جرمني ملڪ تي وڏا احسان آهن. سندس ئي پروگرام تي عمل ڪرڻ سان جرمن قوم زنده رهي آهي.

## ڪريم بخش ڳوٺ کان اُتر ۾ ڪوٽ جنگو جو احوال

ڪوسن جي ٻڪراڻي پاڙي جي جنگواڻي شاخ جو جنگو خان ڪوسو 'پراڻي جنگو' مان 'نئون جنگو' ڳوٺ ٻڌايو. جتي هُن هڪ عاليشان مسجد جوڙائي جيڪا اڄ خستہ حالت ۾ ڪلر ڪاڌل بيٺي آهي. جنگو خان وڏو زميندار هو. آسوده حال هو. حضرت پرچوندي شريف وارن جي جماعت جو خادم هو. جماعت واسطي سندس ڳوٺ 'مرڪزي منزل' جي حيثيت رکندو هو. نئين دؤر ۾ جنگواڻين جا ڪي جوان ولايت پڙهي آيا پر سرڪاري عهدن تي ڪونہ اچي سگهيا، هينئر آبادڪاريءَ ۾ رڌل آهن. باقي جنگو خان جا 'پوٽا ۽ پڙپوٽا" ڊاڪٽري ڌنڌو ڪن ٿا

## ڪوٽ گل محمد جو احوال

ڪوسو پير بخش خان رٽائرڊ فوجي هو، سندس پٽ گل بيگ بہ فوجي هو. ديهہ ڪوٽ گل محمد ۾ ڪيس زمين ملي جتي ڳوٺ ٻڌي ويٺو. هي طبع ۾ عجيب وغريب انسان هو. شڪارپور پرسان رهندڙ ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ هو. اُتان پنهنجي خاص طبع سبب لڏي آيو هو. سندس اها طبع جي تيزي هِن علائقي ۾ مشهور ٿي وئي هئي. ڪو ملندو هوس تہ ڪيس چوندو: "آئون اصل وينل شڪارپور جو آهيان تنهنڪري آئون چوزي جي ٻوڙ ڪارن مرچن ۾ چڙهيل ڪاوان ٻيو ڪجهہ نہ واپرايان، گهوڙو منهنجو جوئر جي داڻي کان سواءِ ٻيو ڪو داڻو ڪونہ چري." هر ڪنهن کي اول اهو ٻڌائي تنهن کان پوءِ ٻيو ڪو حال احوال ڪندو هو. ڏاڏو ميرحيات خان سندس پاٽيجو هو. ڪيس نار چاڙهڻ لاءِ لٺ جي ضرورت ٿي. جيڪو ڪندي جي وڻ جو ٿيندو آهي. هُن پنهنجي خاص ماڻهو محمود سرڪي کي چيو تہ گل بيگ خان

ڪان وچي وڻ وٺي اچ، محمود سرڪي کي ته گل بيگ خان جي خبر هئي. مير صاحب کي چيائين ته اهو گل بيگ 'شوم ماڻهو ۽ بد مغز آهي، وڻ وڍڻ ڪونه ڇڏيندو، پر تنهنجي حڪم سان وڃان ٿو. گل بيگ خان قاصد جي وڏي آدر ڀاءُ ڪئي پر وڻ وڍڻ ڪونه ڏنائينس. چي: "منهنجا وڻ ڪي 'دستگير' بادشاهه جي نالي ٿيل آهن ڪي 'پنج تن پاڪ' جي نالي ته ڪي 'چئن يارن' جي نالي ته ڪي 'ڳاجي شاهه' جي حوالي، سو مير صاحب کي وڃي عرض ڪر ته مان لاچار آهيان جو سڀيئي وڻ وقف ڪري ڇڏيل آهن." اهڙو هو گل بيگ خان، اڄ سندس وڻ ته پنهنجي جاءِ پر سندس اولاد مان به ڪو هڪڙو اتي وينل ڪو نه آهي. جايون، زمين غير آباد آهن. ڪنهن زماني ۾ ديهه ڪوٽ گل محمد جون 'سڳداسي ساريون' مشهور هيون. هن وقت ساڳي سر زمين لئين جي لاڪڙ واري جهنگ جي حالت ۾ آهي. ڪنڌين جي وٽن کي به سم ۽ سيلاب سُڪائي ڇڏيو آهي. گل بيگ خان جي پاڙي وارا ڪوسا عموماً پنهنجا جملي بدني وار ڪونه ڪوڙائيندا هُيا. سکن وانگر سندن تمام وار وڏيل رهندا هُيا. انهيءَ خاندان جي پراڻي ماڻهن مان هڪ گروپ فوٽو منهنجي آرٽ هال ۾ لڳل آهي. جن جي تصويرن ۾ به وارن وڏن هُجڻ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. گل بيگ خان پنهنجا فوجي لانگ بوٽ به حفاظت سان سنڀاريون وينو هو. سڄي عمر اُن کي چمڪايون ۽ ڍڪيون رکيون آيو. اويل سويل ڪاڏي ويندو هو ته اول گهوڙي تي چڙهي پوءِ اهي بوٽ پائي ويندو هو ۽ وري گهوڙي لهڻ کان اول 'لانگ بوٽ' لاهي پوءِ لهندو هو. فوجي وردي وارو ڪوٽ به منهن جي ٿوٽي سان ڪلو هٽي ٽنگي ڇڏيائين. اهي ٻئي نشانيون 'فخريه' ماڻهن کي ڏيکاريندو هو. گل بيگ خان پنهنجي وارو وڃائي ويو. سندس پويون نسل هينئر ٿل شهر ۾ مزدوري ڪندو آهي. ڪي نوجوان پڙهي به پيا. پر ڏاڙهي مُڇان چٽ، پروان شاهه بڇايون' جهڙا ڏسبا آهن، انهيءَ خاندان جي 'مرحياتن' تي خُدا جون رحمتون هجن. مرندي مري ويا پر پنهنجي طبعي عادتن کي ڪڏهين به تبديل ڪونه ڪيائون.

## پيارو خان ڪوسو جي ڳوٺ جو احوال

ڳاجي شاهه بادشاهه جي مُقام تي هڪ چوڪنڊي ٺهيل آهي جنهن کي گنبذ ڪونهي. قبر جيڪا آهي سا پيارو خان ڪوسي جي آهي، جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو سخي ٿي گذريو. خبر ناهي ته هِن پياري خان جو ان سان ڪو خانداني تعلق آهي يانه، عموماً بروچ قوم جا نالا وڏن جي نالي سان رکبا آهن. بهرحال هِن ڳوٺ جو باني پيارو خان ڪوسو، درياني پاڙي جو چڱو مڙس هو. ڪٿان آيو؟ تنهن جي جاڻ ڪانه ملي آهي. پياري خان ڳوٺ ۾ هڪ درياني ڪوسو، جُدا 'مسيت' ناهيون وينو هو. نالو هوس مولوي عبدالرزاق صاحب پر عام ماڻهو ڪيس 'مُلان طوطاخور' چوندا هُيا. هِن طوطو پکي حلال ڪري کائڻ شروع ڪيو هو اُن ڪري ماڻهن اهو نالو رکيس. هي به هڪ عجيب 'وضع قطع' جو مُلان هو. پٽڪو وڏو پيراڻي نموني سان ٻڌي وڏي ڊگهي لٺ هٿ ۾ رکي هلندو هو. سفر گهڻو ڪري گهوڙي تي ڪندو هو. اسان وٽ به سالن ۾ ٽي چار پيرا ڏيندو هو. پنهنجي 'وهٽ' کي 'طنبيلي' ۾ ٻڌي سَنج لاهي 'هٿيڪا' ڪري گاهه وغيره وجهي آرام سان اچي اوطاق ۾ پهچندو. اول ته اوطاق ۾ رکيل چانهه جو سامان هٿ ڪري چانهه پاڻ ناهي پلٽي ماري نهايت 'استغراق' واري حالت ۾ ويهي چانهه جا چُسڪا پريندو هو. ڪلاڪ ڪن ۾ چار پنج پياليون انهيءَ استغراقي حالت ۾ ويني پي ويندو هو. پوءِ ٿانوءَ ساڳي الماڙي ۾ رکي، دلجاءِ سان اچي کٽ تي ويهندو. پٽڪو لاهي پاوي سان رکي لٺ پاسي سان اُڀي ڪري ڇڏيندو، ڏينهن به ٽڪي وري واپس ورندو هو. ماني وغيره لاءِ گُهر ڪونه ڪندو هو. ڪنهن آٿي ڏنس ته ڪائي وٺندو، پوءِ اها جهڙي قسم جي به هُجي هي بسم الله ڪري وٺندو ۽ الله جي نعمت سمجهي تناول ڪندو هو. چانهه جو شوقين هو. چانهه جو سامان اوطاق ۾ هميشه جهجهي مقدار ۾ موجود هوندو هو. سو مولوي صاحب اُن لاءِ ڪنهن کي تڪليف ۾ ڪونه وجهندو هو. پاڻ ناهي پاڻ استعمال ڪندو هو. 'خيرات' يا

'نذرانو' بہ ڪونہ وٺندو هو. نہ ڪي مدرسي جي بهاني چندي لاءِ رسيد بوڪ ساڻ ڪنيون ايندو هو. هڪ الله لوڪ انسان هو. نہ ڪنهن جي پچار ۾ نہ ڪنهن جي پُڇاءَ ۾ بس پنهنجي استغراقي ڪيفيت ۾ هوندو هو. انهيءَ قسم جا مولوي هينئر ڪٿي آهن. اهڙن جي اٺاٽ ٿي وئي آهي. انهيءَ ماحول ۾ اکين اڳيان انهيءَ معصوم مولوي جو نقشو اچي ويندو آهي تہ پياري ڳوٺ جي ياد تازه ٿي ويندي آهي، اُتي اهو مسڪين، نماڻو، لٺ هٿ ۾ ڪنيل مولوي پنهنجي مسجد اندر بيٺل تصوراتي دنيا ۾ جلوه نما پيو ڏسبو.

خدا رحمت کند این عاشقانِ پاک طبنت را

## پنگرن جي ڳوٺن جا احوال

پنگرقوم جي زمينداري ٻن ٽن ديهن ۾ هوندي هئي. سندن وڏا ڳوٺ شير خان پنگر، نصير خان پنگر ۽ ڪريم ڏنو خان پنگر جي نالن سان هُيا. پنگر وڏيرن جا اسان جي خاندان سان دوستانہ رسنا هُيا. دريا خان پنگر ابي مرحوم جي تمام ويجهي دوستن مان هو. ابو مرحوم هجرت ڪرڻ وقت پنهنجي ٻني دريا خان پنگر کي وڪرو ڪري ڏني هئي. جڏهين اهو سفرڻاب نہ ٿيو تہ دريا خان وڏي خوشي سان زمين موٽائي ڏني هئي. هڪ دفعي بيمار ٿيو تہ پاڻ کي کل چاڙهيائين تہ ڪنهن اچي ٻڌايس: "تنهنجو يار عبدالعزيز خان ڏاڍو بيمار آهي". دريا خان اهو ٻڌي اُن مهل بيل گاڏي گهرائي اُن ۾ چڙهي سوڙ ويڙهي راتو واه عزيز آباد اچي پهتو. ابي کي چيائين تہ جڏهين تنهنجي بيماري جو ٻڌم تہ بي چين ٿي پيس سو ڪل لاهڻ تائين بہ ترسي نہ سگهيس. اها هئي سچي دوستي جنهن هِن قسم جي ادائيگي ڪرائي، دريا خان مون ڪونہ ڏٺو باقي سندس پاءُ حاجي ڪريم ڏني خان کي مون چڱي طرح ڏٺو. نهايت نفيس، نهايت شريف الطبع انسان هو. حضرت پير سائين شيخ عبدالرحمان صاحب رحمتہ الله عليه فرمائيندا هُيا تہ هن زماني ۾ 'جنتي ماڻهو' ڏسڻو هُجيوَ تہ حاجي ڪريم ڏنو خان اُن جو نمونو آهي. حاجي صاحب سفيد رريش، ڊگهن وارن سان ۽ سفيد لباس وارو انسان هو. هُو اونهاري سياري صدري مٿان ڪوٽ پائي پوءِ ٻاهر سفر تي نڪرندو هو. اونهاري ۾ سرد صدري ڪوٽ ۽ سياري ۾ گرم پائڻ جو اهتمام ڪندو هو. عموماً ٽانگي تي سفر ڪندو هو. هڪ بہ اردلي ساڻ ڪٺندو هو. اسان وٽ سال ۾ چار پنج 'پيرا' ضرور ڏيندو هو. ابي ۽ چاچي جي وفات وقت پريان شاخ کان رڙيون ڪندو رئندو آيو هو. انهن جي وفات کان پوءِ جيستائين اٺڻ ويهڻ جهڙو هو، تيستائين اسان وٽ ايندو رهيو. هن اشراف، دوستيءَ جي ان دستور کي توڙ تائين نڀايو. دريا خان پنگر ۽ حاجي ڪريم ڏنو خان پنگر جهڙا وضع دار ۽ وفادار انسان هينئر ڳولي بہ نٿا لڀن

ڪڏهن ٿيون خالي هنج نہ رهيو هيڪڙو

## سپايو ڳوٺ

مصري پور سرڪل جي ديهہ فتح خان سپايو ۾ اهو سپاين جو ڳوٺ هو. سڄي ديهہ جي زمين فتح خان سپايو جي ڪاٽي هئي. سندس فرزند محمد خان سپايو ضلع جيڪب آباد جو مشهور ماڻهو ٿي گذريو. هُن جيڪب آباد جي اولهہ ۾ ڳڙهي سپايو نالي هڪ پاڙي ۾ پنهنجي جُدا بينڪ ٺڏائي هئي. ميونسپالٽي جيڪب آباد جو 'شان دار' پريزيڊنٽ ٿي رهيو، جيڪب آباد ۾ 'چوُچاڪي بگي، پهرين هن آندي. عرصہ بعد اوستي عنايت الله خان بہ سندس تقليد ۾ اهڙي بگي ورتي هئي. خدا جي قدرت محمد خان جي وفات کان پوءِ نہ ديهہ فتح خان واري ٻني نہ ڳڙهي سپايو محلي جون جايون سندس اولاد وٽ رهيون.

پدرم سلطان بود ولیکن خود محتاج شودم

سبحان! رب ذوالجلال والڪرام. شل رحم ڪري، بندو بي وس آهي.

پنگرن ۽ سپائي 'وستين' کان پوءِ 'ملوڻي محمد رحيم جي' هوندي هئي. اُن جو زميندار حاجي محمد رحيم خان ڪوسو، تہ جو 'برجستو' ۽ اثرائتو زميندار ٿي گذريو. جڙوءِ جي هر 'ٻڌي چوڙيءَ' ۾ ڪافي دست رس هُيس.

محمد رحيم خان پنهنجي واري وجايون ويو. هاڻي سندس پوين جو ڪو نالو ني اِن طرف ڪونهي. 'ملوڻي محمد رحيم واري' جو نالو ڦري هاڻي 'ملوڻي جکراڻين جي' ٿي پيو آهي. زماني جي ڦيرن جو اثر آهي ورنه جکراڻين جو سردار دوست محمد خان ان زماني اتي رهندو هو. پر نالو نشان ۽ دٻدٻو محمد رحيم خان ڪوسي جو هوندو هو.

## سنهڙي بنگلو جو احوال

ملوڻي محمد رحيم خان کان ۴ ميل پري شاهي واه جي ۴۴ ميل تي ايري گيشن وارن جو عاليشان بنگلو نهيل هو. اتي سياري جي مند ۾ انگريز عملدار ٻه ٽي ڏينهن 'منزل انداز' ٿيندا هُيا. بنگلي جو ماحول پرسڪون هوندو هو اتي آفيسرن کي ڏاڍو آرام ايندو هو. انهيءَ آرام ده ماحول سبب عموماً انگريز ڊپٽي ڪمشنر هن بنگلي تي ايندا هُيا. آرام وٺڻ سان گڏ علائقي جي حال احوال کان به واقفيت وٺندا هُيا. هڪ دفعي جيڪب آباد جو انگريز ڊپٽي ڪمشنر مسٽر بڊ صاحب اتي منزل انداز ٿيو ته منهنجو چاچو وٽس ملڻ ويو. ان زماني 'امين الملت' کي انگريز حڪومت سڪر ۾ نظر بند رکيو هو. بڊ صاحب چاچي جي وڏي عزت ڪئي ڪانئس همدردي سان حال احوال ورتا ۽ دلداري ڏني، هُن چيو: "مسٽر ڪوسو سياسي ماڻهو آهي ۽ انگريز حڪومت جي خلاف آهي، سو مجبورن ڪيس سياسي سلوڪ هيٺ رکيو ائٿون. ڪيس ٻي ڪا تڪليف ڪانهي، باقي سندس خاندان کي ڪو الڪو نه ٿئي. اسان هر خدمت لاءِ تيار آهيون. هٿيارن جا ليسن ڪپڻ ته ڏيون، ڊل جي معافي ڪپي سابه ڏينداسون." وغيره وغيره. مطلب ته چاچي کي دلاسن سان مطمئن ڪري چڏيائين. آزادي کان پوءِ هڪ مسلمان ڊپٽي ڪمشنر مسٽر عبدالرحيم عقيلي صاحب به اچي انهيءَ بنگلي ۾ ٽي ڏينهن منزل ڪئي. آئون ساڻس ملڻ ويس. بنگلي جي پرسڪون فضا ۾ اڪيلو وراندي ۾ آرام ڪرسي تي ويٺو هو. سنڌي نموني خوش خيرعافيت ڪيائين، ماحول جي: "سُڪون کان ڏاڍو متاثر هيو، چي ماحول جي ماڻائي مان مزو اچي پيو، دل ٿي چاهي ته هتي ڪجھه وقت زياده رهجي" مون سان ڪچهري ته چڱي ڪيائين پر انگريز جي برعڪس اهو چئي موڪل ڏنائين ته ڊلون چو نه ٽا ڏيو!.

اهو به وقت هو جو آفيسر سنهڙي بنگلي تي اچي آرام وٺندا هيا. ڪين سڪون ملندو هو. هاڻي شاهي واه گويا 'سرحدي حد' آهي. ان کان ٻاهر چڙ ته دشمن ملڪ آهي، جتان هروقت حملي جو خطرو آهي. انگريزن جي وقت ۾ به ان طرف مري ۽ بگٽي قبيلن جي ڦورو ماڻهن جو خطرو هوندو هو. پر انگريزن جي 'حڪمت عملي' ۽ انتظام جي پختگيءَ سان امن لاءِ 'خاطر خواه' بندوبست ٿيل هوندو هو. انگريز پنهنجي مدبر سوڏو گهوڙن تي چڙهي بنا 'باڊي گارڊ' جي شاهي واه جي 'انسپيڪشن پاٽ' سان هلندا نظر ايندا هُيا. انگريزن انهيءَ شاهي واه جي ۷-۱۹-۲۷-۲۹-۴۴ ميل ۽ ۵۲ ميل تي عاليشان وڏا انسپيڪشن بنگلا نهرايا هُيا. تاڪ سنڌ - بلوچستان جي سرحد تي انتظامي لحاظ کان ايندڙ عملدار اتي اچي آرام وٺن ۽ انتظامي ڪاروائين جي نگراني ڪن، هينئر انهن بنگلن جا فقط نشان باقي آهن، الله لوڪ انسانن دريون، دروازا، گارڊر، ٽي آر پٽي وڃي پنهنجا آستانه نهرايا. هاڻي پيا عملدار ته پنهنجي جاءِ پر 'آب پاشي' جا آفيسر به ڪونه گهمنداآهن، پل شاهي واه کي ڪنڊ پيون.

سنهڙي بنگلي کان اوريان هڪ ڳوٺ آهي جنهن جو نالو ڳوٺ باهو ڪوسو آهي. اِتي ايامن کان ديره جات، ڪان تاجو خان، ڪوسو ٻٽجي هِن تر ۾ آيو ديهه ۾ ڳوٺ ٻڌي ويٺو، ڪوسن سان مٽي مائٽي ڪيائين، هُن جو پُٽ باهو خان درويش انسان هو. هُن جيئري ئي پنهنجي قبر نهرائي. جنهن ۾ هو هر صُبح جو ويهي ڪلام الاهي جي تلاوت ڪندو هو. هُن کي نرينه اولاد ڪونه ٿيو. تازو ۱۹۹۴ع ۾ باهو ڳوٺ ۾ سيلابي پاڻي آيو. پر اُن ٽُڪري تي پاڻي ڪونه چڙهيو جتي باهو خان جي قبر هئي ۽ سندس گهر هو. حالانڪ پاڻي 'مڙسئون تار' آيو هو. وڏا وڏا دڙا ٻوڙي رکيائين پر هن درويش جي قبر سيلاب کان محفوظ رهي. ٻن هفتن تائين پاڻي هلندو رهيو پر درويش جي جاءِ تان رخ ئي ڦيرائي ڇڏيائين، باهو خان، درويش ۽ سخي انسان هو سو اج به هن افراتفري واري دؤر ۾ باهو ڳوٺ جي بازار برسيل آهي، جوءِ جو مرڪز ٻٽيل آهي. آئون سڄا سارا ويهه سال يونين ڪونسل جو چيئرمين ٿي رهيس. هِن درويش جي ڳوٺ ۾

گهٽيون پڪيون ڪرايم. واٽر سپلاءِ، هاءِ اسڪول، اسپتال، منظور ڪرايم، ڳوٺ ڪي چڱي رؤنق ۾ آندم، ڪجھ وقت اهي ادارا ڏاڍا چڱا قاعده مند هليا. هينئر اسپتال ۾ تاڪو. واٽر سپلاءِ جا موٽر گم، ٽيليفون جون تارون ڪپجي ويون، ٻنڪ بند ٿي وئي. انهن 'تعدين' هوندي درويش جو ڳوٺ اڃان آباد آهي سندس بازار پئي هلي، اهو سڀڪجھ باهو خان جي ڪرامت سبب آهي.

## درگاهي جکراڻي جو ڳوٺ

ڊسمبر ١٩٤٦ع ۾ جيڪا صوبائي اليڪشن ٿي هئي. تنهن ۾ اسان جي ٻِني جي پولنگ اسٽيشن درگاهي ڳوٺ ۾ ٿي هئي. اسان ڳوٺان بيل گاڏيءَ تي رات جو روانا ٿيا سون ۽ ڏينهن جو پهچي ووٽ ڏنوسون. اها اليڪشن مشهور هئي، جنهن ۾ سڄي سنڌ مان فقط هِن تڪ تان مسلم ليگ هارايو هو. وڏيرو درگاهي خان جکراڻي منهنجي والد جو دوست هو. هو 'پلين گهوڙين جو رکندڙ هو. هڪ اڌ گهوڙي والد صاحب سان بہ شريڪ هُيس، اُن زماني ساريال پوک فقط درگاهي خان وٽ ٿيندي هئي. پاڻي جو دارو مدار درياه جي لاھ چاڙھ تي هوندو هو. درگاهي خان جون زمينون شاهي واه جي ڪِچ ۾ هيون ۽ تمام هيٺاهين ۾ هيون سو ساريون پڇي ويندي ويون هُيون. اِن طرف ڪٽارا قسم جون ٻسون' هلنديون آهن، جيڪي رات جو درگاهي ڳوٺ ۾ بيهنديون آهن. سوارين جي سهوليت سان گڏ 'لُچ، لنب' قسم جا ماڻهو بہ انهن تي چڙهي واٽ تي ڪا واردات ڪري وري بي ورندڙ بس تي چڙهي واپس ٿي شاهي واه ٽپي ويندا آهي، سنڌ جي پوليس ڪي مجال ناهي جو شاهي واه ٽپي بلوچستان حد ۾ وڃي سگهي.

## گامڻ سندراڻي ڳوٺ

ديھہ ٻاڙي بہ قديمي ٻڌل آهي. هن ۾ تمام پراڻي زماني جا قبا بہ نهيل آهن. انگريزن کان اڳ جو ڳوٺ آهي گلاب خان سندراڻي بگٽي قوم مان هو. شايد ڪيس خان قلات کان اها ايراضي مليل هئي جو سندس وفات کان پوءِ سندس قبر تي قبو نهرايل آهي. قبو تمام قديمي پيو نظر اچي. جديد زماني ۾ بہ قبرن تي وڏو 'سائبان' نهيل هيو. تازو و هابيت جي لهر اچڻ سبب ڳوٺ جي وڏي اهو 'سائبان' پٽائي لوھہ گاردر ۽ سرن سان پنهنجي اوطاق نهرائي چڏي. زماني گذرڻ بعد بہ گامڻ ڳوٺ جو قبو تمام پري کان نظارو ڏيندو رهي ٿو. صدر ايوب خان جي دؤر حڪومت ۾ بگٽين جي تخريب ڪارين سبب گامڻ ڳوٺ وارن تي بہ سختي ٿي پر وقت جي ڪمشنر جو مون تي اعتبار هو. مون ڪيس ٻڌايو تہ هي سندراڻي بگٽين کان الڳ آهن هي هتان جا اشراف زميندار آهن بلوچستان وارن بگٽين سان سندن ڪنهن بہ قسم جو واسطو ڪونهي نہ انهن جا هم صلاح آهن نہ هم پيشہ نہ هم آواز آهن سوهنن تعلقہ نل جي سندراڻين تي سختي نہ ڪئي وڃي. ڪمشنر صاحب منهنجي ڳالھ مڃي، هنن غريبن تان ڏولاوا لهي ويا. هي بگٽي، ڪنهن زماني ۾ وڏا زميندار هُيا، هينئر اولاد جي گهڻائي سبب ڏاڍا ڏکيا آهن، ويتر سمَ جي ڪري سندن زمينون آباديون ڏيڻ کان جواب ڏيون بيٺيون آهن، وقت تي وٽن پاڻي بہ ڪونہ ٿو پهچي، سو زمينون بيڪار ٿي ويون اٿن.

## ڳوٺ خدا بخش لغاري جو احوال

اُنڙ واه ريلوي اسٽيشن پرسان خدا بخش خان جو ڳوٺ انگريزن کان اڳ جو آهي، منهنجي ڏاڏي جا ڪڙيا فال راڄ واه تان ٻنهي پاسي انهيءَ ڳوٺ وٽان نڪتل هُيا. خدا بخش خان ۽ واحد بخش خان ڏاڏي جا پاڙيسري دوست هُيا. خدا بخش خان جو پُٽ هيئبت خان وڏو هوشيار ۽ چاٽو ماڻهو هو. تنهن پنهنجا ٻار پڙهايا اُن وقت ڳوٺ ۾ مسلم اسڪول هو. جنهن ۾ قابل استاد هُيا. جن شاگردن کي پڙهائي پختو ڪيو هيئبت خان کان پوءِ سندس پٽ خدا بخش خان وڏو محنتي آهي. هن سموري خاندان کي تعليم يافتہ بڻايو، هينئر ڳوٺ جا سمورا ماڻهو (عورت خواه مرد) سڀ پڙهيل ۽ نوڪرين ۾ آهن. مون پنهنجي چيئرميني واري دؤر ۾ هن ڳوٺ کي ڪافي مدد ڪئي. هاءِ اسڪول تائين ڪولائي ڏنم، انهيءَ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن مان فقط منهنجا بہ چوڪرا ناپاس ڪرايائون. زمانو ائين چوي ٿو ۽ ائين سيڪاري ٿو تہ نيڪي جو صلو نہ ملڻو هوندو آهي. ڪم از ڪم انسان مان اِها اميد ڪرڻ اجائي آهي.

گُلِ نوءِ اُميد کوکيا خبر چوهلاڪتين جو قباحتين
دل ناتوان پرگذر گئين خزان سي فصل بهار تڪ.

’وقت جون پچارون‘ وسرنديون ڪونه آهن، ڪڏهين نه ڪڏهين اهي داستان ماضي دهرائجي وينداآهن.

## باغ فردوس:

’باغ فِردوس‘ انهيءَ ڳوٺ جي عين سامهون شاخ اوريان هوندو هو. محمد شفيع شجّري نالي هڪ بگٽي هو جنهن، ڪو وقت افغانستان ۽ ايران ۾ گذاريو هو. پارسي ٻولي اُتان سِکي آيو هو. شجري جو اکر به پاڻ تي اُتان لڪايون آيو. عام طرح ’آغا شجّري‘ سڏيندا هُيس، وڏو داناءُ انسان هو. ايران ۽ افغان جون عجيب ڪهاڻيون بيان ڪندو هو. هُو چوندو هو ته ڪيس ٻنهي ملڪن ۾ ڏاڍا تَلخ تجربا ٿيا هيا. اُتان جو هڪ مثال ڏيندو هو ته بس جنهن اڏي تان هلندي هئي ته اول بس اندر ويٺل ماڻهن کان پوليس وارا زوري ڏنڊيون هٽي پيسا وصل ڪري پوءِ بس روانه ٿيڻ جي اجازت ڏيندا هُيا. چي: ”هينئر ’خيرانه‘ ادا ڪيو اٿو سو خيرَ سان روانا ٿيو“ وري ٻي ڪنهن اسٽاپ تي بس پهچندي ته اتي به پوليس وارا چڙهي، ايندا ته ’خيرانه‘ ڏيو، اوهان جي بس جاءِ روانگي کان هن اسٽاپ تائين ’خير سان‘ پهتي آهي سو ’خيرانه‘ ڏيو. اهڙي طرح منزل مقصود تائين پهچندي پهچندي مسافرن کي ڪيترن جاين تي ’خيرانه‘ ڏيڻو پوندو هو. شجري انهيءَ اسلامي مُلڪن ۾ ڪيترا سال رهي بس شوفري ڪئي. جڏهين سالن پڄاڻان وطن وريو ته هتي ڪانگريس ۽ سوراج جو شور شروع ٿي چڪو هو. ’امين ملت‘ به اُن وقت ڪامريڊ هو. هي به اچڻ سان ’امين ملت‘ جو سنگتي بڻيو. ’ٽوپلو‘ لاهي گانڌي ٽوپي‘ پائڻ لڳو.



محمد شفيع شجري

هن کي باغ تيار ڪرڻ جو شوق هو سو ’امين ملت‘ ڪيس پنهنجي ڪڙين جي ڪناري تي هڪ ڪوه ڪٽائي ڏنو ۽ زمين باغ لاءِ منظور ڪرائي ڏني. ڪوه جو ’افتتاحي ڪوڏر لپو“ حضرت پير شيخ عبدالرحمان صاحب پرچونڊي شريف

واري اڇي هنيو. بلوچي زبان جو مشهور شاعر 'جدان سال فقير' پرچوندي شريف جي درگاهه جو فقير هو ۽ شجّري جو ماتيلو پاءُ هو. شجّري هتي به ڪُجهه وقت نواب محراب خان بگٽي ۽ سردار شير محمد خان بجاراڻي جي ڊرائيوري به ڪئي هئي. وڏو داناءُ ماڻهو هو. دلچسپ گفتگو ڪرڻ جو ماهر هو. وقت جي گهرج مطابق گفتگو ڪندو هو. هنان جي وڏن ماڻهن جي خانگي زندگي بابت وڏي ڄاڻ رکندو هو. هي به پرچوندي شريف جو فقير هو. حضرت شيخ ثاني حافظ عبدالله رحمت الله عليه جو دست بيعت هو. هي بهادر ۽ دانا ماڻهو آخرين وقت ڪنهن ظالم جي ظلم ڪان ڏاڍو متاثر ٿي عليل ٿي پيو. هڪ رات ڪنڌڪوٽ ۾ انهيءَ زخمي دل هلڻ ڪان جواب ڏنو، سندس جسد ڪي صُبح جو ڪانگريس جي جوانن ٽرين ۾ ڪٽي گهر پيڙو ڪيو جتان ڪيس بگٽي علائقي جي قبائلي قبرستان 'ڪٽڻ' ۾ وجي دفن ڪيائون. سندس مرڻ پڇاڻان به انهيءَ ظالم سندس روح کي تڙپائڻ ۾ ڪين گهٽايو 'بي ترس' کي تر جيترو به ترس ڪونه آيو. شجري جي روح کي ته ضرور تاءُ آيو هوندو پر پوين مِٽن مائٽن جي دلين ۾ به گهاوَ پئجي ويا هيا.

## گڙهي حسن سرڪي جو ڳوٺ

هي ڳوٺ جعفرآباد-جيڪب آباد ويندڙ سڙڪ ڪناري آهي. اوائلي فوجي ڪئمپ 'ڏوڙ' جي نزديڪ پٽو هئائون. نل جا اصلي باشنده سرڪي آهن. وڏي زميندار هُين. هيئنر به سرڪين وٽ اوائلي ايراضي موجود آهي. هِن ڳوٺ جو وڏيرو، صاحب ڏنو خان هو ۽ عودي جو وڏيرو عبدالرحمان خان هو. صاحب ڏني خان سرڪي جي منهنجي ڏاڏي صوبيدار امين خان سان گهاٽي دوستي هئي. ڏاڏي سائين جي چوڻ تي هُن مهر علي خان کوسي کي پنهنجي زمين مان واهه کڻڻ جي اجازت ڏني جيڪا ٣ ڪلوميٽر هن سخي مرد جي زمين مان نڪتل آهي، وقت جي دستور موجب هُن ڪو عيوضو وغيره به ڪونه ورتو هو. اڄ ڪلهه به اهو واهو اتان وهي رهيو آهي. سرڪين جا وڏا بروچن وانگر ڏاڙهين ۽ وڏن وارن سان هوندا هُيا، بلوچ اسٽيٽ ۾ وڏا زميندار هُيا ڪين ڊل جي اڳاڙڻ تي ڪجهه رقم به ملندي هئي. سرڪي وڏيرن، گڙهي ۽ عودي ۾ شڪارپور جي مشهور عالم سومرا خاندان مان چونڊ عالم آڻي مسجدون آباد ڪرايون. مشهور مولوي نبي بخش صاحب، عودي ۾ ۽ سندس فرزند مولوي شير محمد صاحب، گڙهي ۾ درس ڏيندا هُيا. انهن عالمن جي ادب ڪرڻ ۾ سرڪي ڪا ڪوتاهي ڪونه ڪندا هُيا نڪي سندن مزاج خلاف ڪو ڪم ڪندا هيا.

سنڌ ۾ لوڪل ادارا وجود ۾ آيا ته منهنجي والد، خان صاحب سهراب خان کي تعلقه چيرمين بڻائڻ ۾ مدد ڪئي، سهراب خان سان اَبي مرحوم، وڏن جي دوستي سانگي ساٿ ڏنو،جڏهين آزاد سنڌ جي پهرين صوبائي اليڪشن ٿي ته ابي مرحوم، خان صاحب سهراب خان جو ساٿ ڏنو.ابو مرحوم پُراڻي دوستي ۽ تعلقاتن نڀائڻ جو ڏاڍو خيال رکندڙ هو، گڙهي حسن ۾ هن دور جون سڀ سهولتون موجود آهن، پُراڻي دور جي زميندارن مان هن وقت فقط سرڪي 'ساهه پريا' زميندار آهن، باقي هرڪو 'باري وال' ٿي ويو آهي.

## پٽاگڙهي

پٽا گڙهي به ڪنهن زماني ۾ ڏاڍو وڏو ڳوٺ هو. پٽا وڏا وڏيرا هوندا هُيا. هاڻي ڳوٺ بلڪل ويران ٿي ويو آهي. فقط مسجد شريف آهي جنهن جي مرمت ڪو الله جو بندو ڪرائيندو آهي اُن سبب بيٺي آهي. ڳوٺ جو اندازو هن وقت اُن جي قبرستان مان ڪري سگهجي ٿو. تمام وڏو قبرستان آهي. گڙهي رحيم داد جا پٽا وڏيرا، ڏاڍا عياش هُيا. شراب ۽ شباب ۾ پنهنجون ڪپائي ڇڏيائون. پٽن جون زمينون تعلقه گڙهي خيرو، تعلقه جيڪب آباد، تعلقه نل ۽ تعلقه ڪشمور ۾ هُيون. انهن مان فقط نل تعلقه جون زمينداريون ختم ٿيون. ڪشمور جي ڪچي جو زميندار حاجي بلند خان پٽو مشهور ٿي گذريو آهي. هيئنر به سندس پويان سڪيا ستابا ۽ اثرائتا آهن. حاجي بلند خان جي منهنجي چا.ي

۱۸۹۵ع ۾ صوبيدار امين خان شهادت حاصل ڪئي، سندس فرزند عبدالعزيز خان، هتي ڳوٺ ٻڌو. ۱۹۲۸ع ۾ پڪيون جايون نهيون، ۱۹۳۵ع ۾ مسجد شريف جُڙي.

منهنجو والد حاجي عبدالعزيز خان مرحوم، مولانا عبيدالله سنڌي رح ۽ حضرت مولانا امروٽي رح جي صحبت ۾ رهيو. اُن ڪري انقلابي طبع هو. هو تحريڪ هجرت جي دؤر ۾ ڪابل طرف هجرت جي خيال سان ويو هو. ۱۹۲۲ع ۾ ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد مسٽر سمائيٿ، عزيز آباد آيو هو تاڪ عزيز آباد انقلابي مرڪز بابت معلومات حاصل ڪري پر اُن وقت هي ڳوٺ اجان رهائش لاءِ ڪونه هو. سمائيٿ لاءِ چوندا هُيا تہ ڏاڍو زورآور آفيسر هو. جنهن طرف وڃڻ ٿيندو هوس تہ اول نقشو گهرائي مقصود جاءِ تي نشان ڪري پوءِ روانگي واري جاءِ تان سڌو ليڪو اُن منزل جي نشان تائين ڪيندو هو. حڪم ڪندو تہ ليڪ نڪتل جاين تان زمين کي هموار ڪيو وڃي جهنگ، پوک وغيره کان صاف ڪيو وڃي. جئين گهوڙي کي ڪا رڪاوٽ نہ ٿئي ۽ انهيءَ ليڪ سان نهيل گهرن جا سيڻي ڪتا مارايا وڃن. متان ڀؤنڪ ڪري گهوڙن کي تاهہ ڏين. اُن زماني ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي منزل تي هڪ هزار روپيہ روز جو خرچ هوندو هو. سمائيٿ، رات عزيزآباد ۾ تنبو هڻائي رهيو. هتي ڪنهن بغاوت جي بوءِ ڪيس ڪانہ محسوس ٿي. مات ڪري واپس هليو ويو.

۱۹۲۹ع ۾ اُتر سنڌ کي بارشن جي ڪري ٻوڏ ٻوڙي رکيو هو، لڳاتار پورو آگسٽ جو مهينو بارشون هليون. اُترين جبلن جو پاڻي هيٺ لهي آيو هو، عزيزآباد کي هفتہ اندر هڪ وڏو بند ڏنو ويو هو، ابي مرحوم ڪامين کي ڪنڌ سان ڪٽڪ جي ماني جون ’ڪُٽيون‘ ڪري ڪارايون، جانورن جو زمانو ڪونہ هو، نڪي هتي جانور پوکبا هُيا. انهيءَ ٻوڏ ۽ بارش جي پاڻي ’اجايل زمين‘ کي ٺاري رکيو هو. ربيع جو فصل ڏاڍو پلو ٿيو. خاص طرح سرنهن، جاٽپو ميلن جا ميل گُل ڪري بيٺا، هزارين جريبن ۾ انهيءَ پوک جي ڪري جابلو پکي بہ سرءُ جي موسم ۾ هلي آيا. ’تلور‘ ۽ ’قرنا‘ پکي ڏاڍا آيا. مقامي پکي تترن جي تنوارن بہ ڏاڍي لئي ڪري چڙي هئي. تنهن زماني ۾ جيڪب آباد ۾ پهريون مسلمان ڊپٽي ڪمشنر آيو هو. ’صاحب زاده محمد خان‘ نالو هوس، حافظ القرآن هو، ابي مرحوم جو دوست هو. ڪيس هتي عزيز آباد وٺي آيو تہ گُلن جي هبڪار ۽ تترن جي تنوارن سان گڏ اهو بہ ڏسي تہ ڪاري ڪلر کي قدرت پنهنجي نموني هن قسم جي بهار ڏني آهي ۽ الله سائين جي رحمت هن اُجايل علائقي کي ڪيئن شادابي عطا ڪئي آهي. صاحب زاده صاحب رات رهي قدرتي رنگ پسي محفوظ ٿي صبح جو واپس وريو.

۱۹۲۹ع کان پوءِ عزيز آباد جي زمينن ۾ پوک سني ٿيڻ لڳي. ابو مرحوم پيدائش مان باقاعده ’عشر‘ ڪڍي جُدا رکندو هو. انهيءَ اُن مان پنهنجي غريب عزيزن ۽ غريب پاڙيسرين جي امداد ڪندو هو. ڪين ايترو ان ڏيندو هو جو ڇهہ ماهي گذر سفر ٿي سگهين، اُن وقت اگهہ بہ چڱا ملڻ لڳا، بچت ٿيڻ لڳي تہ زڪواة بہ حساب سان باقاعده ڪيندو هو ۽ ’مُستحقين‘ کي سنياري سنياري زڪواة ادا ڪندو هو. اُن زماني ۾ ڪپڙو نهايت سستو هوندو هو. ’چلوار‘ روپئي جا ويهہ هٿ ملندو هو ۽ ’هرڪ‘ ۲۰ وال تاڪيو چئين روپين ملندو هو. هينئر چيئرمين اسي روپيہ گز ملي رهيو آهي.

۱۹۲۵ع ۾ حرمين شريفين جي سرزمين تي تجدي خاندان ’آل سعود‘ جو قبضو ٿيو. هن حڪومت سالن اندر حرمين شريفين ۾ امن امان قائم ڪري ڇڏيو. ابو مرحوم بہ ۱۹۳۲ع ۾ حج تي ويو. حضرت مولانا عبيدالله صاحب سنڌي رح جي خدمت ۾ بہ حاضر ٿيو، جيڪو اُتي رهيو پيو هو. اُن زماني ’سفينہ حجاج‘ ذريعہ سمنڊ جو پنڌ اڻارنهن ڏينهن هڪ پاسي جو ٿيندو هو ۽ ساڍا ٽي مهينا لڳندا هُيا.

ابو مرحوم زراعت جي معاملن جو ماهر هو، وٽس ٻاجهري جي هڪ اهڙي جنس پوکبي هئي جنهن جو سنگ ٽي فوٽ ڊگهو هوندو هو. هي نيڪ نمازي، خيراتون ڪندڙ انسان هو. آخري وقت ۾ پنهنجي پٽ 'امين ملت' کي سڏي چيائين ته 'گانڌي ٽوپي' لاهي پٽڪو ٻڌي اچ جو پير سائين بادشاهه آيو آهي. انهيءَ حالت ۾ ذڪر جاري ٿي ويس. ذڪر ڪندي سندس پساهه پرواز ڪري ويو. ابو مرحوم تندي زمينداري هوندي به وڏي ڏک وارو انسان هو. امين ملت جي اليڪشن ۾ ڪاميابي. 'ڪانگريسي ڪرشمن' ڪري نه پر ابي مرحوم جي رهائي، رسائي جي اثر سبب ٿي هئي.

'امين ملت' عزيز آباد جي شخصيت هئي جنهن حضرت امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي جي ارشاد مطابق سوباش چندر بوس کي هندوستان مان نڪري وڃڻ ۾ مدد ڪئي. جيئن مولانا ڪابل ۾ 'حڪومت مؤقته هند' ناهي هئي ۽ فوج 'جنود الله' تشڪيل ڏني هئي، تيئن سوباش چندر بوس 'آزاد هند فوج' ۽ آزاد هند حڪومت جوڙي ان ذريعه هندستان تي جاپان جي مدد سان حملو ڪيو هو. مولانا صاحب ۱۹۴۴ع ۾ وفات ڪئي ۽ هندستان ٻه ٽن سالن بعد آزاد ٿيو، حضرت پير صاحب پرچونڊي شريف وارن جي ڪوشش ۽ دعائن سان پاڪستان قائم ٿيو. حضرت 'امين الملت' ان جو 'پاسبان' ٿي بيٺو. پٽي صاحب جي دؤر حڪومت ۾ ملڪ جي بچاءَ استحڪام لاءِ 'امين الملت' ڪليدي ڪردار ادا ڪيو. سندس وفات بعد پٽي صاحب جيڪب آباد ۾ اظهار ڪيو ته ڪيس صلاحون ۽ مددون حضرت 'امين الملت' جون هيون. نواب اڪبر خان بگٽي گورنر بلوچستان عزيز آباد پهچي جنازه ۾ شرڪت ڪئي ۽ چيو ته "هن منهنجي پڳ جي مالڪ مون کي اڪيلو ڪري وڌو آهي". بگٽي صاحب ڪوئيٽه واپس پهچي گورنري تان استعفا ڏئي ڇڏي هئي.

حضرت 'امين الملت' اسلام جي آزاد مُلڪ جي خدمتن ۾ ئي بيمار ٿيڃي پنهنجي رب ڏانهن هليو ويو. هُن وٽ فقط پنهنجي جان هئي جنهن کي نذرانو ڪري سرخرو ٿيو.

چون رفتي بزم برهم ساختي.

سنڌين کي سندس پورو سماءُ ڪونه پيو ۽ پاڪستانين کي به سندس پورو پتو ڪونه لڳو، سڀني کي سندس ڪماليت جو قدر تڏهين پيو، جڏهين هو هي جهان ڇڏي ويو.

جي جيءَ کي جيارين – سي لاهوتي لڏي ويا.

ٽُل هميشه سياسي مرڪز رهيو آهي، هن جا زميندار 'زبرا' ۽ 'سياستدان' سچا انسان هوندا هُيا. زميندارن ۾ ٻنين ٻارن جي نگهباني ڪان علاوه مسجدن جوڙائڻ، پيرن فقيرن کي آٿي اڱڻ تي قدمن گهمائڻ، 'خير خيراتن' ۽ ٻارهن ڪرڻ جي خوبي هوندي هئي. سياست وارن کي سچي رهڻ جي ساڃهه هئي، مطلب ته سٺ ستر سال اڳ جو وڏيرو 'چوري پال' هوندو هو. خدا خوفي ۽ سهڻين عادتن وارا انسان عام جام هوندا هُيا، پير فقير قدمن گمائڻ لاءِ نڪرندا هُيا. سيد سڳورا چاليهي وصول ڪرڻ لاءِ سياري جو تيچار خليفا ڪٺي گهوڙن تي نڪري پوندا هُيا. آل رسول سبب ماڻهو حُب سان ڪين نذرانو ڏيندا هيا. هُو به دعا ڪندا هُيا. تنهن زماني انهن پيرن فقيرن ۽ سيدن جي صدقي نڪي 'مال ۾ مماڙو' ٿيندو هو نڪي پوکي راهي کي ڪو جيت جڻيون لڳندو هو. محنتون ضايع ڪونه ٿينديون هيون. بسم الله سان پوکي کي برڪت پوندي هئي. اُن زماني جي چڱن ماڻهن جو ذاتي ڪردار به صاف هوندو هو. ڪنهن جي ڪک اوڏو ڪونه هوندا هُيا. زميندار ماڻهو بي ماڻهو جي هر چيز وڻڻ ٻاڻ لاءِ ميار ڄاڻندا هُيا. سياسي ماڻهو بدخواهه ڪونه هُيا، نڪي پلاڻن جو نڪي پئسن جو ڪو داغ لڳل هون، نه ڪرولا نه ڪميشن جو ڪو نشان لڳل هون.

حق مغفرت ڪري عجب مرد آزاد ٿي،

گذريل زماني جون هي "نيڻ نار" ڳالهيون ۽ 'نظارا' ياد پون ٿا ته دل نيوڙجي اکين مان آب ٿي نڪرڻ لاءِ

چاهيندي آهي. ڇا زمانو هو. گلاب جي گلن جهڙا ماڻهو ڪهڙا نه سچا هوندا هُيا. ڪهڙا نه 'اشراف' عيبن کان خالي هوندا هُيا. ڪهڙي نه سندن سُهڻي شبيهه هوندي هئي. اڇا پٽڪا، اڇو اجرو ڏگهو لباس پايون 'شرافت' ۽ 'سخاوت' جا پُريا ماڻ نظر ايندا هُيا. سندن وقت ۾ ڪيڏو نه سُڪار هو. ڪيڏي نه برڪت هئي، ڪٿي مان ڪيچ ٿي پوندا هُيا. نه سم نه سيڪ، هر جاءِ ساوڪ ۽ وڻ باغ بهاري لڳل هوندي هئي. انبن ۽ ٽارين جي گهاٽن ڇانورن هيٺ نه گرمي جو اثر نه ايئرڪنڊيشن جي گهرج هوندي هئي. هرڪو 'صحت مند' 'سياڳو' ۽ 'ڇوُ وان' هوندو هو. هاري ناري هميشه هر ڦار ۾ ۽ کيتن ۾ رڌل، زميندار پنين ۾ سٽيي ڪِل سان سُهڻن گهوڙن تي گهمندي ڏسبا هُيا. مُلان مولوي مدرسن کان ٻاهر ڪونه هُيا. نه ڪين واعظن جو شوق هو، سندن ڪم هو طالبن کي پڙهائي 'پختو' ڪرڻ ۽ مسجد شريف کي آباد رکڻ. 'چندن' يا پگهارون تي سندن گذر سفر ڪونه هو. خدائي عنايت تي ڀروسو ڪيون دين جي خدمت ۾ مشغول هوندا هُيا.

حاڪمن ۽ عملدارن ۾ به هروڀرو رشوت کائي 'بي انصافي' جي عادت ڪانه هئي. ڪڏهين به ڪنهن جو 'حق ماري' بي کي ڪونه ڏيندا هيا.

ڪاريگرن کي به 'بي ايماني' يا 'من پڳي' سان ڪم جي عادت ڪانه هئي. ڪين سازوسامان کي اڌورو ناهڻ جي 'اڌ' پيل ڪانه هئي. جيڪا چيز ناهيائون يا تيار ڪيائون، اُن ۾ 'نُقص" وجهڻ جي 'چندائي' ڪانه هُين. خراب مصالحو ناهڻ يا 'جڳاڙ ڪرڻ ڪين ايندو ئي ڪونه هو.

واپارين ۾ "ملاوٽ ڪرڻ جو منحوس مرض" ڪونه هو. نڪي 'اگهه مارڻ' جو ڪو اڪرهون، نڪي 'ڪساد بازاري' جي سکيا ملي هُين، خالص چيز، مناسب اگهه سان فروخت ڪندا هيا. ٿوري ڪُٽي گهڻي برڪت تي عمل ڪري وڏا شاهوڪار بڻجي ويندا هُيا. سندن ڪمائي 'حلال' هوندي هئي.

خاص ماڻهن کي سياست جو سلهه ڪونه لڳو هو، هر ڪنهن ۾ 'محبت' اعتماد ۽ احترام جا جذبا موجود هُيا. اليڪشني عذاب اڃان نازل ڪونه ٿيو هو، ماڻهو يڪ سخنا هيا. ووٽن لاءِ قرآن ڪريم تي قسم کڻڻ جو رواج ڪونه آيو، هو نڪي ڏوڪڙن تي ووٽ وڪڻبو هو. هر ڪنهن کي پنهنجي 'مان جو 'مرم' هو.

مون اهڙي ماحول ۾ 'مشاهدي' جون اکيون کوليون هيون. اهو وقت ۽ اجوکو لقاءُ ڏسي 'جيءُ جهورين ۾' پئجي وڃي ٿو. دانهن نڪريو وڃي ته يا خدا! هيءُ ڇا ٿي ويو آهي. اهو 'برڪتن ڀريو زمانو' ڪاڏي غائب ٿي ويو!؟ هاڻي جي اثر سبب ماڻهپو موڪلايون وينو آهي.

منهنجا مالڪ! هن دؤر تي تنهنجو ڪو ڏمر ٿيو آهي، جو انساني اوصافن سان گڏ ٻيو سڀ ڪجهه به ختم ٿي چڪو.

مون پنهنجي احساسات جي دائري کي في الحال 'نئين نل جا پراڻا گل' جو عنوان ڏيئي لکيو آهي. هي داستان ماضي ڪير پڙهندو؟ اهو چئي نٿو سگهان. مون گذريل وقت جي 'ويرن' جي ياد ۾ به "ويا وڳر وهي" ڪتاب تفصيلاً لکيو آهي. جنهن ۾ انهن انسانن جي سوانح تي روشني وڌي اٿم جن جي مون زيارت ڪئي هئي. بس انهيءَ الله لوڪ انسانن ۽ گذريل زماني کي ياد ۾ رکي باقي حياتي پيو گذاريان!

داستان عهد گل را، از نظيري مي شنو
عندليب آشفته تر گفته است اين افسانه را.

•

مهر خادم

# ادب ۾ سفرنامن جي اهميت ۽ الطاف شيخ جي سفرنامن جو جائزو

دنيا جي ادب تي نظر وجهڻ سان پتو پوي ٿو ته،سفرنامي جي صنف طنجير جي شهر ۾ ڄاول شخصيت محمد بن عبدالله، سندس خانداني لقب ابن بطوطه وٽ ڄيي ٿي. ابن بطوطه جيڪو ٢٥ سالن جو نوجوان هو ۽ دنيا کي ڏسڻ جي شوق ۾ هن ٢٥ سال سفر ڪيو. جڏهن واپس وطن وريو ته سندس عمر پنجاهه سال هئي. ابن بطوطه جي سفرنامي ۾ سفر جي تڪليفن- مختلف ماڻهن ۽ قومن جي ورتاءَ، انسان جي شخصي اوڻاين جهڙا عڪس ملن ٿا.

سنڌي ادب جي آئيني ۾ ڏسڻ سان پتو پوي ٿو ته، سفرنامي جي صنف جا آثار سڀ کان پهريائين ميئين شاهه عنايت رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ خليفي نبي بخش لغاري جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا. سندن چيل سُر سامونڊي ۽ سريراڳ جي ڪن بيتن مان منظوم سامونڊي سفرنامن جو اهڃاڻ ملي ٿو.

مولود جي مواد ۾، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي. "زيارت نامو سعودي عرب جو سفرنامو قافلن سان گڏ" ١٧٢٠ع- ١٧٣٠ع ڌاري لکيو. سفرنامو "ڌاڙهياري جبل جو سير" مرزا قليچ بيگ جو ١٩٠٠ع.

سنڌي زبان ۾ پهريون نثر ۾ لکيل سفرنامو خواجه محمد حسن جان سرهنديءَ لکيو. "عراق ۽ شام جو سفرنامو" جيڪو ١٩١٤ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان کان پوءِ لعل چند امر ڏنومل "مسافريءَ جو مزو ۽ سير جو رنگ" ١٩١٥ع. "سنڌ جو سيلاني" پيرومل مهرچند ١٩٢٣ع. "لطيفي سير" پيرومل مهرچند ١٩٢٦ع. "ڪشمير جو سير" نارائڻ داس ملڪاڻي ١٩٢٦ع. "ايران ۽ عراق" جو منظوم سفرنامو (مرثيه جي صنف ۾) سيد ثابت علي شاهه ١٩٣٩ع شامل آهن.

اوائلي سفرنامن کان پوءِ سفرنامي جي صنف عام ٿيڻ لڳي ۽ هن صنف کي سنڌي ادب ۾ وڌيڪ ۽ الڳ سڃاڻپ الطاف شيخ ڏياري. الطاف شيخ ١٨/١٧ سالن جي عمر کان لکڻ شروع ڪيو. جڏهن هو اڃان جونيئر شاگرد هو. ۽ چاٽگام اڪيڊمي ۾ زير تعليم هو ۽ ادبي دنيا ۾ ته بنهه گمنام هو ۽ سندس پهريون ڪتاب به گمنام هو! يعني "انامڪا" بنگالي زبان ۾ گمنام يا بي نام کي انامڪا چون ٿا. الطاف شيخ هيل تائين ٣٧ ڪتاب لکيا آهن، انهن مان ٣١ ڪتاب سندس سفرناما آهن. الطاف شيخ جو پهريون سفرنامو "مهنجو ساگر منهنجو ساحل" آهي. جنهن جا ٽي ڇاپا اچي چڪا آهن. الطاف شيخ سنڌيءَ ۾ سفرنامن جي سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي. الطاف هوندئن ته افسانه نگار جي حيثيت سان اُسريو ۽ اڀريو پر نيٺ اڳتي هلي هن سفرنامي واري صنف کي پنهنجي خاص صنف بنايو ۽ ان ۾ ايترو ته لکيو اٿس جو الطاف شيخ ۽ سفرنامو هڪٻئي لاءِ لازم ملزوم ٿي ويا آهن ۽ سنڌي ادب ۾ سفرنامي واري صنف سندس نالي سان منسوب ٿي وئي آهي. هن وقت الطاف هن صنف جو ماهر، مڃيل ۽ مهان ليکڪ آهي. هن کي خبر آهي ته، پڙهندڙ ڇا ٿو چاهي. هن پنهنجي پڙهندڙن جي نفسيات کي سمجهي انهن کي اهو ڪجهه ڏنو آهي جنهن جي هنن کي تانگهه هئي.

الطاف جي سفرنامن جو سڀ کان اهم نڪتو هي آهي جو هو جتي به ويو آهي. اُتي پنهنجن جا پار پتا پڇيا اٿس، اُتي خاص طرح سنڌين جي ڳولا ڪئي اٿس، انهن جي ثقافتي زندگيءَ جو نقشو چٽيو اٿس. الطاف شيخ، تمام

سني روانيءَ سان چيني، جپاني، ملئي ۽ بنگالي زبان ڳالهائي سگهي ٿو الطاف شيخ جو پهريون سفرنامو "منهنجو ساگر منهنجو ساحل" آهي. هي سفرنامو پهريون ڀيرو ١٩٧١ع ۾ ڇپيو. ٻيو ڀيرو ١٩٧٧ع ۽ ٽيون ڀيرو ١٩٨٢ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. الطاف شيخ جي هن سفرنامي ۾ سندس پياري دوست ڊاڪٽر سليمان شيخ ڏانهن لکيل اُهي سترنهن خط آهن، جيڪي هن پنهنجي سفر جي دوران، سامونڊي سفر جي تڪليفن، مختلف شهرن جي سير دوران اتان جي سياسي، سماجي، تاريخي، مذهبي ۽ قومي حالتن بابت ڄاڻ، مختلف قومن جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، پيار محبت، عيش ۽ آزادي جهڙن موضوعن بابت لکيا آهن. هي ڪتاب لکڻ وقت الطاف شيخ ميرين انجنيئر هو. هن سفرنامي ۾ الطاف شيخ، پاڻ سان گڏ ڪم ڪندڙ ساٿين بابت به ڄاڻ ڏني آهي، انهن بابت مزيدار ڳالهين جي جهلڪ به محسوس ڪري سگهجي ٿي.

پنهنجي جهاز بابت به ڪجهه ڄاڻ ڏيندي لکي ٿو: "هر ڇنڇر ڏينهن هر جهاز تي ڊرل ۽ فائر فائيٽنگ پرئڪٽس ٿيندي آهي. جنهن ۾ ٻيڙيون لاهي انهن ۾ جلدي چڙهڻ جي مشق ڪبي آهي، جيئن حادثي وقت دقت پيش نه اچي ۽ هر ڪم ڦڙتائيءَ سان ٿي سگهي ۽ ساڳي وقت باهه سان مقابلو ڪرڻ جي پڻ مشق ڪئي ويندي آهي. اڄ ڪلهه هر جهاز تي هڪ اوزار آهي جنهن کي "دونهون ڳوليندڙ" Smoke-Detecter سڏجي ٿو. هن ذريعي باهه لڳڻ کان اڳ معلوم ٿيو وڃي ته، جهاز جي ڪهڙي حصي ۾ باهه لڳڻ واري آهي، يا لڳي چڪي آهي، ته اتان ئي ان تي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو، هن اوزار ۾ شيشي جا ٽيهه کن ٽيوب ٿين ۽ اوترن ئي حصن ۾ جهاز کي ورهايو ويندو آهي." ٿڌ بابت ڄاڻ ڏيندي لکي ٿو: "روس جيئن ته اتر ۾ آهي، انڪري اسان کان وڌيڪ سردي ٿئي. هونئن به اهو عام آهي ته سنڌ ۾ سردي وڌندي آهي ته ماڻهو چوندا آهن ڪوئيٽا ۾ برف جي لهر آئي آهي ۽ ڪوئيٽا جا ماڻهو روس جي نالي چوندا آهن. روس جا سائبيريا نالي ۽ سائبيريا ۾ رهندڙ ماڻهو ۽ قيدي اتر قطب کي قصور وار نهرائيندا آهن."

الطاف شيخ رومانيا ملڪ جي شهر ڪانسٽنزا بابت ڪجهه ڄاڻ ڏيندي لکي ٿو: "هتي هلڪا ڪم جهڙوڪ حجامت جو، هوٽل جو، دڪان ۽ آفيسن وغيره جو عورتون ڪن. مرد ڪو ورلي نظر ايندو. مرد ڪارخانن ۾ ڳرا ڪم ڪن، هتي فقير به ڪافي آهن. مذهب جي لحاظ کان هتي عيسائي ۽ ترڪ مسلمان آهن. سڀ رومانين زبان ٿا ڳالهائين ۽ ڪوڪو جرمن يا فرينچ سمجهي ٿو. حيدرآباد جي لطيف آباد ۽ هيرآباد وانگر هتي به شهر جو هڪ حصو آهي. جنهن ۾ فقط ترڪ مسلمان ٿا رهن. جمع ڏينهن اسان جمع نماز لاءِ وياسين، پر نماز ختم ٿي چڪي هئي. امام جو گهر مسجد جي پر سان هو، اُن جي ننڍي ڌيءَ مسجد کولي ڏيکاري. سندس نالو نوران هو. ڏهن ٻارنهن سالن جي ٿيندي، پر ايتري ته معصوم ۽ ڀولي ڀالي جو سيني کي اعتراف ڪرڻو پيو ته، اهڙو پيار اسان نه ڏٺو. اسان جي دوست ابريءَ ته الله جي گهر کان وڌيڪ خالق جي هن تخليق جي تعريف ڪئي.

هتي جون عورتون ٻين آس پاس وارن ملڪن کان بلڪل مختلف آهن. سڀ کان اول جو ڌاريو ماڻهو نئين ڳالهه محسوس ٿو ڪري، سا هتي جي عورتن جي جسماني بناوٽ آهي. هتي جون عورتون روس، يوگوسلاويا، اٽلي يا يورپ جي ٻين ملڪن وانگر تندرست يا ٿلهيون نه آهن. تمام سنهڙيون ۽ هلڪيون ڇڻ فوٽ ڏيڍ سان اڏامي وينديون. هلڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جون چست، سمارٽ ۽ سندن حرڪات و سڪنات ۾ خاص قسم جو ناز، ادا ۽ شرميلوپڻ ڏسي مون کي پنهنجي ملڪ جون ٻليون ٿيون ياد اچن. هتي ڪيترين کي ڏگها وار ۽ به چوٽيون نظر آيون. جن کي هتي سونهن جي نشاني سمجهيو ٿو وڃي."

الطاف شيخ جتي به ويو آهي، اُتي پنهنجي سنڌين کي ڳولي لهڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي اٿائين. اهڙي ئي هڪ جهلڪ هن ڪتاب ۾ به آهي: "بيروت ۾ شيلا کي سنڌ جي ڳالهين ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هو. پاڻ جينوٽيڪ جائي نپني بيروت ۾ پر ماءُ پيءُ کان سنڌ جون ڳالهيون ٻڌي ايڏو ته بي چين هئي. جو چوندي هئي، ته هڪ دفعو ته آءُ سنڌ ضرور اينديس ۽ پنهنجي اصلي ديس جي پوتر مٽيءَ کي چمنديس.

ناسي Nasi چون.

صدين کان هلنڊ رواج موجب ملاڪا رياست ۾ شاديءَ بعد ڪنوار گهوٽ جي گهر نه ويندي آهي پر گهوٽ ٽپڙ کڻي اچي ڪنوار جي گهر رهندو آهي.

چيني قبر کي عورت جي پيٽ وانگر ان ڪري ناهين ٿا، جو هنن جو اهو فلسفو آهي ته، هر هڪ ماءُ جي پيٽ ۾ جمي ٿو ۽ مرڻ بعد ان کي اهڙي ئي پيٽ ۾ وڃڻ کپي.

ملائيشيا جي قومي چڙيا گهر جو نالو زو نگارا Zoo Nagara آهي. ملئي لفظ نگارا جي معنيٰ آهي ملڪ يا ملڪي، قومي وغيره.

ملئي زبان ۾ رستي يا روڊ کي جالان Jalan سڏجي ٿو، طرف، رخ يا پاسي کي هالا سڏيندا آهن.

ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر جي گهٽيءَ ۾ ڪمند جي رَس Air Tebu وارو ضرور ملندو. پينانگ واري پل ساڍا تيرنهن ڪلوميٽر ڊگهي پل ايشيا جي سڀ کان وڏي ۾ وڏي پل آهي ۽ هيءَ پل دنيا جي ٽيون نمبر وڏي پل آهي."

## ٣. جت جر وهي ٿو جال:

نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇاپيل هي ڪتاب آگسٽ ١٩٨٨ع ۾ ڇپيو. ڪتاب ۾ ٽوٽل ١٨٤ صفحا آهن. ڪتاب جو مهاڳ عبدالقادر جوڻيجي لکيو آهي. هو مهاڳ ۾ لکي ٿو :، "هوم سڪنيس جي مريض سنڌين کي ملڪ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍڻ ۾ الطاف جي اکرن جو به وڏو هٿ رهيو آهي."

هن ڪتاب ۾ سفرنامي جي ذريعي الطاف شيخ ڄاڻ ڏيندي لکي ٿو: "ڪلانگ ندي، جنهن سان ڇوڙ ڪرڻ کان اڳ گومباڪ ندي به ملي ٿي، سڄي گپ سان ڀريل آهي. ان گپ جي ئي ڪري هن شهر تي "ڪوالالمپور" نالو پيو. ملئي زبان ۾ گپ کي Lumpur سڏجي ٿو ۽ Kuala (ڪئالا يا ڪوالا) معنيٰ نديءَ جو منهن.

لبوح معنيٰ گهٽي، پاڊانگ معنيٰ ميدان. ڪوالالمپور شهر سوُ سوا سوُ سال پراڻو آهي. ملائيشيا جي آزاديءَ جو ڏينهن ٣١ آگسٽ آهي.

مسجد جامي کان پوءِ جالان ملايو ويجهو ئي آهي، جيڪو نالي مان نه لڳي ٿو ته. ان تي ملئي گهٽا هوندا پر حقيقت ۾ اُتي انڊين آهن. گهڻو تعداد ڏکڻ هندستانين جو آهي، ان بعد گجراتي، سک ۽ سنڌين جا دڪان پڻ آهن.

ملائيشيا سڄو وڻ ٽڻ ۽ ساوڪ سان ڀريل آهي. ملائيشيا جا ڪيترائي جهنگل سوُ ملين، ڏهه ڪروڙ سالن کان به پراڻا آهن. ٽيمپلر پارڪ پڻ انهن مان هڪ آهي. هي ١٩٥٤ع ۾ عام پبلڪ لاءِ کوليو ويو. ٽيمپلر پارڪ، ڪوالالمپور کان ٢٠ ميل پري آهي. قدرت جا نظارا ڏسڻ واري لاءِ باتو غارون Batu caves به اهم شيءِ آهي. گنتنگ هاءِ لنڊ، فريزر هل ۽ ڪئمرون هل ملائيشيا جا مشهور پهاڙي علائقا آهن. ڪولا لمپور جي هوائي اڏي جو نالو سانگ آهي. ملئي زبان ۾ ڪن جي ايرنگ کي Snbang سڏجي ٿو.

ملئي زبان ۾ Kepah سپ کي چوندا آهن.

ڪئالا سلنگور بعد اڳيان تنجنگ ڪرانگ شهر آهي، جيڪو هن رياست جي چانورن جو وٽو Rice-Bowl سڏيو وڃي ٿو. چوڌاري سارين جو ئي فصل نظر اچي ٿو ۽ سڄي رياست کي چانور هتان مهيا ٿين ٿا.

ڪوالالمپور جي مشهور ترين رستي جالان تنڪو عبدالرحمان تي گلوب سلوڪ اسٽور نالي هڪ ڇهه ماڙ دڪان آهي، جتي سوُ کن ڇوڪريون Sales-Girls ڪم ڪن ٿيون، اهڙيون ويهارو کن ڪئشير ڇوڪريون پئسا وصول

نيل نديءَ جي ڪابي ڪپ تي سقارا ۽ داهشور شهرن وٽ فرعونن جا ٺهيل پرامڊ ٿا ڏسجن تہ سڪندر وارو زمانو بہ انهن اڳيان پوءِ جو چاول پار ٿو لڳي. سڀ کان پراڻو پرامڊ، عيسوي سن کان بہ ٢٦٥٠ سال اڳ "جوسر فرعون" لاءِ تيار ڪيو ويو هو ۽ اها دنيا جي پراڻي ۾ پراڻي پٿر جي ٺهيل شيءِ آهي. جا اڄ تائين باسلامت بيٺي آهي. مصر جي يونيورسٽي Cairo University ۾ پنجانوي هزار شاگرد تعليم وٺن ٿا ۽ اها يونيورسٽي نہ فقط وچ اوڀر ۾ پر سڄي دنيا جي وڏي ۾ وڏي آهي.

هندستان جي موهن سنگهہ اوبيراءِ، سخت محنت، پورهئي، هوش ۽ جذبي ۽ سٺي ڀاڳ ڪيس ايسٽ انڊيا هوٽلس جو چيئرمين ۽ ٽن ڪنڊن ۾ سنڌس هوٽلن جو بادشاهہ بڻائي ڇڏيو آهي. اوبيراءِ، نالي هوٽلون نہ فقط هندستان ۾ آهن پر اسپين کان انڊونيشيا تائين پکڙيون پيون آهن.

سئيز ڪئنال نومبر ١٨٦٩ع ۾ کوٽجي راس ٿيو هو. افتتاح فرانس جي راڻيءَ Empress Eugenie ڪيو. ١٩٥٦ع ۾ ڪئنال، مرحوم جمال عبدالناصر نئشنلائزڊ ڪيو ۽ ڪئنال جي سالياني ڪرائي اٽڪل ٢٢٧٠٠٠٠٠٠ ڊالر مصر کي ملڻ لڳي. ١٩٦٧ع جي ڇهن ڏينهن واري لڙائي بعد هي ڪئنال نَوَ سال کن بند رهيو. سڄي ڪئنال ٽپڻ ۾ تيرنهن چوڏهن ڪلاڪ لڳي وڃن ٿا.

ڊئنمارڪ ۾ جنهن کي نوڪري ناهي، ان کي سرڪار طرفان ڀتو ملي ٿو. جنهن مان هو سولائي سان جاءِ جي مسواڙ، لائيٽ جو بل، کاڌو پيتو ۽ ڪپڙو لٽو خريد ڪري سگهي ٿو ۽ اهو ڀتو نوڪريءَ واري پگهار جو نوي سيڪڙو ٿو ملي."

## ٥ - اي جرني ٽوٿائلنڊ

سفرنامو "اي جرني ٽوٿائلنڊ" الطاف شيخ جو سنڌي سفرنامو آهي. هن ۾ ٢٥٥ صفحا آهن سفرنامي جو پيش لفظ لکندي ارشاد عباسي چوي ٿو: "الطاف جا سيئي سفرناما ان ڪسوٽي تي پرکي سگهجن ٿا، سنڌس رجحان هميشہ داخلي Introvert ۽ Subjective رهيو آهي هن هر ان ڳالهہ تي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن ۾ جدت هجي. ڪاٿي ڪاٿي انهن سماجي ۽ ثقافتي اثرن جو بہ ذڪر ڪيو اٿس، جيڪي سنڌ جي ثقافت سان ڀيٽي سگهجن ٿا."

الطاف شيخ، ٿائلنڊ جي باري ۾ جاڻ ڏيندي لکي ٿو: "ٿائلنڊ جو ملڪ ڪجهہ ڪجهہ هاٿي جي منهن جهڙو آهي، جنهن جي سونڊ هيٺ ذڪڻ ڏي هلي وڃي ٿي، جتان پوءِ ملائشيا شروع ٿئي ٿو. ٿائلنڊ ڪڏهن بہ برطانيہ يا ڪنهن ٻئي يورپي ملڪ جي ڪالوني ٿي نہ رهيو.

بئنڪاڪ ١٧٨٢ع کان وٺي ٿائلنڊ (سيام) جي گاديءَ جو هنڌ آهي، بئنڪاڪ جي آدم شماري اٽڪل ٤٠ لک آهي، ملڪ جو پراڻو نالو سيام ۽ ٿائلنڊ نالو ١٩٣٩ع ڌاري تجويز ڪيو ويو. ٿائلنڊ جي معنيٰ آهي. "آزاد ماڻهن جو آستان" . ٿائلنڊ تي جڏهن چڪري گهراڻي جو راڄ شروع ٿيو تہ جنرل چڪريءَ پاڻ کي راما پهريون سڏايو. اڄ جو حاڪم راما نائون آهي، جيئن هر آمريڪن ۽ سنگاپوريءَ کي ٻہ سال ملٽري ۾ رهڻو آهي. تيئن هر ٿائي ٻڌ کي زندگيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال ٽڪڻ ڪوڙائي، ڪفني پائي، ڪشتو ڪڻي، ڀائي جي زندگي گذارڻي آهي. پوءِ کي ننڍي هوندي ئي ٻاوا ٿين تہ ڪي وڏي عمر ۾.

ٿائلنڊ جو راما چوٿون، هاٿوڪي بادشاهہ جو پڙ ڏاڏو ۽ راجا چولا لانگڪارن جو پيءُ، جنهن جو اصلي نالو منگڪوت (Mangkut) هو. پڪا سارا ستاويهہ سال گيڙو ڪپڙا پائي، هٿ ۾ ڪشتو ڪڻي مختلف مندرن ۾ بکشو

(م س - ٢٦٣) باوجود انهيءَ حقيقت جي تہ عورت انساني تخليق جو سرچشمو آهي، سماج جي واڌ ويجهہ جو باعث آهي، پوءِ بہ ڪيترا ئي اهڙا نادان انسان آهن. جيڪي قدرت جي هن خوبصورت تخليق کي، ڪره ارض تان مٽائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن. نہ رڳو جسماني طور عورت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. پر نفسياتي، ذهني ۽ روحاني طريقي سان بہ عورت کي فنا ڪرڻ جي چڪر ۾ آهن. تہ جيئن عورت نہ سوچي سگهي، نہ لوچي سگهي ۽ نہ وري انساني حقن جي چارٽر تحت برابريءَ جي دعوا ڪري سگهي. عورت تي ظلم، تشدد ۽ جبر ڪنڌ ڪي ڏاريا ڪونہ. پر عورت جا پنهنجا عزيز وَ قريب آهن. روز، عورت تي ٿيندڙ ڏاڍ ۽ تشدد جون وارداتون اخباري صفحن جون سُرخيون بڻجي، انساني مهذب پڻي جو مذاق اڏائن ٿيون. اهو مهذب انسان، جيڪو ايڪيهن صديءَ ۾ داخل ٿيڻ جا سانباها ڪري رهيو آهي!

"ڪراچي. وار اگيسنٽ ريپ، پنهنجي تازي صورتحال ۾ چيو آهي تہ پنجاب اندر، عورتن مٿان جنسي تشدد وارا واقعا صوبائي حڪومت جي ڪنٽرول مان نڪري ويا آهن. پنجاب اندر روزانو ڇٺن عورتن مٿان جنسي تشدد ٿي رهيو آهي. باويهہ هزار عورتن، مڙسن ۽ سندن خاندانن مان تنگ ٿي نڪاح ٽوڙائڻ جون درخواستون ڪورٽن ۾ داخل ڪرايون آهن. ايڪٽيهہ هزار چار سو عورتون هينئر ' دارالامان' يا ' اپنا گهر' ۾ داخل آهن. پنجن مهينن دوران پنجاب ۾ ڇائيتاليهہ عورتن کي قتل ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب پنجاب حڪومت باربار دعوا ڪرڻ جي باوجود بہ عورتن مٿان ڏاڍ ختم ڪرائي نہ سگهي آهي. رپورٽ ۾ اهو بہ چيو ويو آهي تہ سنڌ اندر هر چوٿين ڏينهن عورت سان زيادتي جو واقعو ٿئي ٿو، پر ان کي بہ 'ڪاروڪاريءَ' جو نالو ڏنو وڃي ٿو. رپورٽ ۾ اهو بہ چيو ويو آهي تہ سڄي ملڪ ۾ پنجاهہ هزار عورتون، کلي عام يا لڪ ڇُپَ ۾ مجبورين تحت جسم فروشي ڪن ٿيون (ع آ جون ٩-٩٦٠) اخبار جا علامت آهي اڄ جي - ۽ تاريخ، جا نشاندهي آهي ڪلهہ جي. ڪلهہ کان اڄ تائين .. عورت هر روپ ۾ جَبر ۽ تشدد جو شڪار آهي، نياڻيءَ جي روپ ۾ بہ تہ زال جي صورت ۾ بہ. ڀيڻ تہ نهيو، پر ماءُ جي صورت ۾ بہ پٽ جي ڏاڍ جو شڪار بنجي ٿي: "گولاڙچي، ڪور واهہ شهر ۾ اسماعيل مگٽمار پنهنجي ماءُ کي بندوق جا فائر ڪري ماري ڇڏيو. جڏهن تہ پوليس، ڪيس داخل ڪري قتل جو ڪارڻ معلوم ڪري رهي آهي." (ع آ- آڪٽوبر ٢٠- ٩٦)

شڪار پور ۾ نوجوان پٽ هٿان ماءُ قتل، گهربل رقم نہ ملڻ تي ماءُ مٿان ڪهاڙين جا وار ڪيا" (ع آ- آڪٽوبر ٢-٦٩).

رتوديرو- ڳوٺ جيئڏ ۾ سورنهن سالن جي پٽ منور بوزدار پنهنجي پنجتيهہ سالن جي ماءُ مسمات زينب کي بندوق جا سڌا فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو. قتل بابت معلوم ٿيو آهي تہ، فوتڻ ڪجهہ عرصو اڳ کان مائٽن ڏانهن وڃڻ پئي چاهيو" (ع آ- مارچ-٢١-١٥)

"ڪوٽ امين شاهہ ۾ پٽ عبدالرحمان، بدڪرداريءَ جي شڪ ۾ پنهنجي ماءُ مسمات چراغان بي بيءَ جي سِسي ڏاٽي سان وڍي ڇڏي ۽ وڍيل سسي سرعام بازار ۾ کڻي گهمڻ لڳو جنهن تان، ماڻهن ڪيس گرفتار ڪري، ٿاڻي حجره ۾ ڪيس داخل ڪرايو". (ع آ- جولاءِ ٥-٩٦)

عورت تي ظلم وَ ستم جا ڪيترائي قصا روز اسان کي نظر ايندا ۽ عورت ويچاري ڪلهہ کان اڄ تائين، مرد جي ڏاڍائي جو شڪار بڻي، پنهنجي ذات جي بقاءُ ۽ آزاديءَ لاءِ جاکوڙ ڪري رهي آهي. عورت جي جد وجُهد ۽ جاکوڙ جي حوالي سان جيڪڏهن تاريخ جو اڀياس ڪبو تہ اسان کي ٽي دور نمايان نظر ايندا.

فطري دور، مرد جي حاڪميت جو دور ۽ حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جو دور.

ڇا عورت ايڏي جاکوڙ ۽ ڪوشش کان پوءِ ڪا منزل ماڻي سگهي؟ اهو هن تحقيقي مقالي جو آخري حصو

محبت ڪرڻ گهرجي." ۽ ارسطو ان ڳالهہ جو بہ مخالف هو تہ ڪو عورت کي مذهبي سلسلن ۾ شامل ڪيو وڃي. (م ع-٣٤)" اهڙي طرح روم ۾ عورت جي حيثيت بيان ڪندي جرمن تاريخدان ٿيوڊور مومزن، رومين جي زوال جو سبب ڄاڻائيندي لکي ٿو: جيئن جيئن عورت جي سماجي حيثيت وڌڻ لڳي، تيئن تيئن رومي معاشرو زوال پذير ٿيندو ويو. پراڻي دستور ۾ عورت قانون تحت مڙس جي نگرانيءَ ۾ هوندي هئي مڙس اختيارن جي معاملي ۾ پيءُ برابر هوندو هو. غير شادي شده عورت وٽ پنهنجي ڪا بہ جائداد ڪانہ هوندي هئي. بنا پيءُ ۽ بنا مڙس واري عورت کي اها اجازت نہ هوندي هئي تہ هوءَ پنهنجي رقم پاڻ خرچ ڪري، پر هاڻي عورت کي پنهنجي رقم خرچ ڪرڻ جو اختيار مليو آهي ۽ ان سلسلي ۾ عورت مختلف قسم جا قانوني حيلا هلائي رهي آهي ۽ عورت جي اها آرزو بہ وڌي رهي آهي تہ هوءَ دنيا جي حڪمرانن تي حڪومت ڪري. لباس، زيورن، عمارتن جي سجاوٽ ۽ کاڌن ۾ فراواني اچي وئي آهي ۽ ايشيائي ۽ يوناني عيش عشرت روم ۾ اچي ويو آهي ۽ انهن سڀني براين جي جڙ عورت ئي آهي." (م ع-١٥) هن تحقيق مان جرمن قوم جي، عورتن بابت بہ اڪيائي جي بہ نشاندهي ٿئي ٿي. ٿيوڊورمومزن ادب جو نوبل انعام حاصل ڪندڙ اديب هو.

واديءَ سنڌ جي تاريخ جو جيڪڏهن جائزو ونبو تہ هڪڙو دور اسان کي اهڙو بہ نظر ايندو، جڏهن مائيتو سماجي سرشتو هلندڙ هو. ماتا ديويءَ جي پوڄا ڪئي ويندي هئي، پر پوءِ آرين جي آمد سان پدرانہ سماجي سرشتي ترقي ڪئي ۽ ان دور ۾ ماڻهو پٽ جي شديد تمنا ڪندا هئا. ڇاڪاڻ تہ هنن جو خيال هو تہ "جيڪو ماڻهو بنا اولاد مري ٿو ۽ جنهن کي پنڊ پراڻ ۽ پترن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ پٽ ناهي، اهو "پوءِ" نالي نرڪ دوزخ ۾ پوي ٿو. انهيءَ ڪري اُنَ دور جا ماڻهو، پٽ گهرندا هئا تہ نہ رڳو جئري پانهن ڀيلي ٿين پر مرڻ کان پوءِ بہ ڪم اچن. انهي ئي دور ۾ ملڪيت جو مالڪ پيءُ هوندو هو ۽ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ملڪيت جا وارث پٽ هوندا هئا پر پٽن جي غير موجودگيءَ ۾ ڏوهٽا ملڪيت جا وارث ٿيندا هئا. ڌين کي ملڪيت ڪو نہ ملندي هئي. (آ پ-٢٢٥) وقت گذريو سماج ۾ اهل ڪتاب مذهبن جو سلسلو شروع ٿيو. جنهن ۾ اسلام ڪجهہ قدر عورت جي حيثيت تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. نہ تہ ٻين وٽ عورت جي حيثيت اها ساڳي رهي. "يهودين ۾ عورت گناهہ ڏانهن راغب ڪندڙ هستي هئي. شهوت ۽ رقابت پيدا ڪندڙ ۽ فساد جو ڪارڻ هئي." (م ع-٣٢). "ملڪيت جي حوالي سان، عورت نہ ملڪيت جي حقدار هئي* نہ ورثي جي، سندس ذاتي ڪمائيءَ جو مالڪ سندس پيءُ يا مڙس هوندو هو" (چ غ-٣٩٣)

"عيسائيت ۾ بہ چرچ، عورت جي رتبي کي ويتر ڪمزور ڪيو ۽ هنَ ڳالهہ جي خاص طرح ڪوشش ڪئي تہ راهب ۽ پادري عورت کان دور رهي ڇڙي زندگي گذارن. ۽ انهيءَ صورت ۾ هو گناهن کان بچي سگهيا ٿي. چرچ جي مشهور عالم البرٽ دَي گريٽ جي لفظن ۾: "عورت، مرد جي ڀيٽ ۾ اخلاقي طور گهٽ آهي. جيئن تہ عورت ۾ مرد جي ڀيٽ ۾ پاڻيان مادو وڌيڪ آهي. ان ڪري عورت گهٽين شين کي برداشت نٿي ڪري سگهي. ڇاڪاڻ تہ پاڻيان مادو سولائيءَ سان حرڪت ڪري سگهي ٿو، ان ڪري عورت جي مزاج ۾ غير مستقل مزاجي هوندي آهي ۽ هر مرد کي پاڻ کي عورت کان محفوظ رکڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ هوءَ زهريلي نانگڻ ۽ سڱن واري شيطان سمان آهي". (م ع-٤٩)

اسلام ٻين مذهبن جي ڀيٽ ۾ عورت کي ڪافي حق ڏنا ملڪيت جو حق، ورثي جو حق. نڪاح ۾ مرضيءَ جو حق، ڪن حالتن ۾ طلاق جو حق،. ٻي شادي ڪرڻ جو حق.

قرآن پاڪ جي آيت مبارڪ آهي: "۽ هن (خدا) جي نشانين مان هڪ هيءَ آهي، تہ هن اوهان جي جنس منجهان اوهان جون زالون پيدا ڪيون، جيئن اوهان انهن وٽ سڪون حاصل ڪيو ۽ اوهان جو پاڻ ۾ پيار ۽ مهر پيدا ڪيو.

بيشڪ هن ۾ سوچڻ وارن لاءِ ڪيترين ئي نشانيون موجود آهن". (روم-٣)

قرآن پاڪ جي هن آيت جي تشريح، سيد سليمان ندوي "سيرت النبي" جي ڇهين جلد ۾ هن ريت ڪئي آهي:

"قرآن پاڪ هن لفظ 'سڪون' ۾ زال جي رفاقت جي جنهن حقيقت کي ظاهر ڪيو آهي ان ازدواجي تعلق جي فلسفي جي سموري دفتر کي پنهنجي اندر سميٽيو آهي. سندس (زال جو) خلوت خانو دنيا جي پناهه آهي ان ڪري زال ۽ مڙس جي لاڳاپن ۾ اهڙي خوشگواري هئڻ گهرجي جو الله پاڪ جيڪي مقصد بيان ڪيا آهن سي پورا ٿين. يعني باهمي خلوص، پيار، مهر و محبت، سڪون ۽ چين. ۾ جي نڪاح سان قدرت جا طئي ٿيل مطلب پورا نہ ٿا ٿين تہ معنيٰ هن ۾ هنهي يا ٻن مان ڪنهن به هڪ جو ڏوهہ آهي". (ن س-٢٤٨)

باوجود ان حقيقت جي تہ اسلام ۾ عورت کي ڪافي قدر حق ۽ اختيار مليا پر جيئن تہ اسلام جي تشريح ۽ تفسير ۾ گهڻن ماڻهن حصو ورتو ۽ گهڻن عالمن ان کي معنيٰ ۽ مفهوم ڏنو ان ڪري عورت جو رتبو ڪي قدر سوڙهو ٿي پيو. "حنفي فقيهہ ۾ جيڪڏهن مڙس عورت کي نانءُ وَ نفقو نہ ڏئي يا ڪيس ڇڏي ڏئي يا مسلسل خراب سلوڪ ڪري يا وري سندس جان عذاب ۾ مبتلا ڪري تہ هڪ مسلمان عورت کي عدالت ذريعي، از دواجي رشتو منقطع ڪرائڻ جو ڪوبہ اختيار ناهي." (پ ر -٩٢) ان ڪان سواءِ برصغير ۾ اسلام سان گڏ ٻيا مذهب بہ هئا ۽ ثقافتي نفاذ سببان عورت جي حالت هر ثقافت ۾ بُري هئي. امام غزالي چوي ٿو: "مرد کي گهرجي تہ عورتن سان سلوڪ ۾ وچٿرائي رکي، هر ڳالهہ ۾ حق اختيار ڪري، تہ جيئن انهن جي شر کان محفوظ رهي سگهي، ڇاڪاڻ تہ عورت جي مزاج ۾ بدخلقي هوندي آهي ۽ عقل جي بہ گهٽتائي هوندي آهي. جيئن تہ عورت ۾ برائي ۽ ڪمزوري هوندي آهي. ان ڪري برائيءَ جو علاج سختيءَ سان ڪرڻ گهرجي." (م ع-٦٥)

معاشري ۾ نہ رڳو عورت جي سماجي حيثيت ڪونہ هئي پر اجا بہ وڌيڪ عورت کي محض دل وندرائڻ جو رانديڪو تصور ڪيو ويندو هو. جنهن سان مرد محض پاڻ وندرائي. جنگ جي زماني ۾ عورت کي مال غنيمت سمجهي سپهہ سالارن کان وٺي سپاهين تائين ورهايو ويندو هو. ۽ اڄ بہ بوسنيا ۽ ڪشمير ۽ ٻين جنگين جي پيٽ ڇڙهيل علائقن ۾ عورتن کي جنسي جبر جو نشانو بنايو وڃي ٿو.

ان کان سواءِ عورت کي سوکڙي طور بہ استعمال ڪيو ويندو هو ۽ تعلقات بهتر بنائڻ ۾ شراب ۽ شباب کان وڌيڪ ڪهڙي شيءِ بهتر ٿي سگهي ٿي؟ ۽ اهو سلسلو اڄ سوڌو رائج آهي. سياسي مضبوطيءَ لاءِ سياسي شادين جو بہ رواج آهي تہ دشمني ختم ڪرڻ لاءِ ٻانهن ڏيڻ جو بہ دستور عام آهي.

"مغل شهنشاهہ بابر جڏهن سمرقند ۾ هو تہ سندس دشمن شيباني خان سندس گهيراءُ ڪيو. ۽ جڏهن ڪاميابيءَ جا امڪان ختم ٿي ويا تہ بابر پنهنجي ڀيڻ خانزاده بيگم جي ٻانهن، شاديءَ لاءِ بابر حوالي ڪئي ۽ پاڻ فرار ٿي ويو. اهڙي طرح هندستان جي راجپوتن بہ اڪبر کي ڌيون پرڻائي ڏنيو تہ جيئن حڪومت ۾ عهدا ماڻي سگهن ۽ سلطنت جو حصو بڻجي پون" (م ع-٨) ۽ دلچسپ ڳالهہ اها تہ، عورت جي هن استعمال ۽ استحصال لاءِ بہ عورت کي ئي قصور وار قرار ڏنو ويو. "انگلستان جي مشهور مورخ ٽوائن بي هن خيال جو هو تہ انساني تاريخ جي شجاعانہ دور جون سموريون تباهيون عورت جي ڪري عمل ۾ آيون ۽ عورت ئي انهن سمورين براين جي ذمہ وار هئي، جنهنجي ڪري هيروز هڪ ٻئي کي قتل ڪيو". (م ع-١٦) عورت، پنهنجي هنَ تحقير ۽ تذليل خلاف جدوجهد شروع ڪئي ۽ اها بہ دلچسپ ڳالهہ تہ انهن تحريڪن جا روح روان وسيع النظر روشن خيال مرد ئي هئا. ۽ انهيءَ جدوجهد جو مقصد هو تہ جيئن عورت کي بحيثيت آزاد انسان تسليم ڪيو وڃي.

## حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد وارو دور

عورتن جي حقن جي حاصلات لاءِ جيڪڏهن ٿيندڙ جدوجهد ۽ ملندڙ لاڀ جو اڀياس ڪبو تہ هن سلسلي ۾ اسان

ڪي مختلف تحريڪون ۽ انقلاب نظر ايندا. جن جي نتيجي ۾ عورت ڪجهه نه ڪجهه حاصل ضروز ڪيو آهي پر اجا به سندس منزل گهڻو اڳتي آهي. اجا به ڪيس جاکوڙ ڪرڻي پوندي. بهرحال عورتن جي حيثيت جي حوالي سان جيڪا پهرين تحريڪ دنيا ۾ ايري ۽ جنهن جي نتيجي ۾ عورت کي حق مليا اها هئي.

**اسلامي تحريڪ** - اسلام جي آمد ڇهين ستين صديءَ عيسويءَ ۾ ٿي. اسلام ۾ عورت جي حيثيت تي خاص ڌيان ڏنو ويو. هڪ طرف ته عورت جي گهرو رتبي کي بلند ڪيو ويو. ٻئي طرف اقتصادي ۽ معاشي طرح به عورت کي مضبوط ڪيو ويو. جنسي امتياز ختم ڪرڻ لاءِ احڪامات جاري ٿيا.

ارشاد رباني آهي.

"اي لوڪو! ڊڄو پنهنجي رب کان، جنهن پيدا ڪيو اوهان کي هڪ نفس مان. ۽ پيدا ڪيو هڪ ئي فطرت ۾ جوڙو ان جو. پوءِ ٻنهي منجهان پکيڙي ڇڏيا (ٻجن وانگر) بي شمار مرد ۽ عورتون" (سورة النساءِ) "يعني عورت ۽ مرد ٻئي هڪ جان منجهان پيدا ڪيا ويا آهن. ٻنهي جي پيدائش جو مرڪز ساڳيو آهي ٻنهي جي خصوصيتن ۾ به ڪو فرق ناهي، ڇاڪاڻ ته ٻئي هڪڙي فطرت تي پيدا ڪيا ويا آهن. پر ٻئي هڪ ٻئي کان منفرد انسان آهن." (پ ر-٢٣)

"حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن نياڻين کي باعث رحمت قرار ڏيندي چيو "اوهان جو بهترين اولاد اوهان جون نياڻيون آهن."

گهرو زندگيءَ ۾ زال جي رتبي کي به اسلام ۾ بلند ڪيو ويو. نڪاح ۾ عورت جي رضامندي. ڪن حالتن ۾ طلاق جو حق، ٻي شاديءَ جو حق، ملڪيت جو حق، اهي حق اسلام عورتن کي ڏياريا. "روايت آهي ته هڪ موقعي تي هڪ شخص، پاڻ سڳورن کان اچي پڇيو: "يا رسول الله زال جو حق، مڙس تي ڇا آهي؟" پاڻ فرمايائون: "جڏهن پاڻ کائي ته ان کي کارائي. پاڻ پائي ته ان کي پهرائي. نه هُنَ جي منهن تي چماٽون هڻي، نه هن کي برو ڀلو چئي. ۽ نه گهر کان سواءِ ڪيس سزا لاءِ الڳ ڪري." (ن س-٢٥٤)

ماءُ جي حوالي سان ماءُ جو رتبو بلند ڪرڻ لاءِ جنت ماءُ جي قدمن ۾ رکي وئي ۽ ملڪت جي حق لاءِ ارشاد رباني آهي: "مردن لاءِ اهو آهي جو هو ڪمائن ۽ عورتن لاءِ اهو آهي جو هو ڪمائن" (سورة النساءِ) يعني عورت اقتصادي عمل ۾ پاڻ ڪمائي پاڻ خرچ ڪرڻ جو اختيار رکي ٿي ۽ ان کان سواءِ عورت کي پڻ هن جي مائٽن جي ملڪيت مان ورثي جو حق به اسلام ڏنو.

**مغربي تحريڪ** - مغرب ۾ عورت جي جدوجهد جو سلسلو سترهين (ارڙهين صدي عيسوي ڌاران شروع ٿيو. برطانيه ۾ صنعتي انقلاب جي نتيجي ۾ گهر ۾ ٿيندڙ ڪم، فيڪٽرين ۾ ٿيڻ لڳا. نتيجي ۾ عورتن کي به فيڪٽرين ۾ اچڻو پيو. پر ڪارخانن ۾ ساڳئي ڪم جي اجرت عورت کي گهٽ ملندي هئي ۽ مرد کي وڌيڪ. عورت هن ۾ اڪيائيءَ خلاف احتجاج ڪيو. اهڙي طرح دنيا جي بدلجندڙ حالتن جو اثر فرانس تي به پيو، ١٧٨٩ع ڌاري فرانس ۾ بادشاهي ۽ جاگيردارانه نظام خلاف انقلاب برپا ٿيو ۽ اهو انقلاب عورتن خلاف ٿيندڙ غير برابريَ لاءِ به جدوجهد جو پيش خيمو ثابت ٿيو. ١٧٩١ع ۾ فرانسيسي انساني ۽ شهري حقن جي دستور جي منڍ ۾ لکيل هو: "جيئن ته سڀ انسان پيدائشي آزاد آهن، تنهن ڪري برابري وارا حق ماڻڻ جا مجاز آهن."

برطانيه ۾ عورتن جي حقن جي حاصلات جو باضابطه آغاز ١٧٩٢ع ۾، ميري وولسٽون ڪرافٽ جي مرتب ڪيل دستاويز سان ٿيو. جنهن دنيا جي عورتن کي ذهني طور سجاڳ ڪيو. هن دستاويز ۾ عورت جي نوڪري، ڪاروبار ۽ ووٽ جي حق مطالبو هو. (انسائيڪلوپيڊيا آف سوشالاجي)

"۱۸۴۸ع جولاءِ تي نيويارڪ ۾ عورتن جي حقن جي حاصلات لاءِ ڪنوينشن منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ عورتن پنهنجي حقن جي باري ۾ ڳالهايو.

۱۸۸۷ع ۾ عورتن کي پنهنجي ذاتي جائداد، ڏنڌي ڌاڙيءَ جي اجازت ملي. ۱۹۱۸ع ۾ عورتن کي ووٽ جو به حق حاصل ٿيو. سڀ کان پهرين برطانيه اهو حق تسليم ڪيو ۽ ۱۹۲۰ع ۾ آمريڪا جي عورتن کي به اهو حق ڏنو ويو.

ان کان سواءِ آمريڪا جي صدر جان ايف ڪينيڊي، عورتن جي مسئلن ۽ حقن جي سلسلي ۾ سنجيدگيءَ سان قدم کنيا ۽ ۱۹۶۶ع ۾ بيٽي فريڊن جي اڳواڻيءَ هيٺ نيشنل آرگنائيزيشن فار وومن ٺاهي وئي. ۽ ۱۹۷۳ع ۾ هن تنظيم هڪڙي وڏي جماعت جو روپ اختيار ڪيو. ۽ اڄ سوڏو عورتن جون ڪيترين ئي جماعتون ۽ انجمنون عورتن جي حقن جي حاصلات ۽ برابريءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيون آهن. ۽ انهي لاءِ هنن Feminist Humanism جو اصطلاح پڻ ايجاد ڪيو آهي". (سرتيون ۱۳۹-۱۴۹)

**برصغير ۾ تحريڪ** - برصغير ۾ عورتن جي حوالي سان جيڪا تحريڪ نظر اچي ٿي، اها برهمو سماج واري تحريڪ آهي. هن تحريڪ جو باني. رام موهن راءِ هو. جنهن جو جنم ۱۷۷۲ع ۾ هڪڙي برهمڻ گهراڻي ۾ ٿيو. ۳۹ ورهين جي ڄمار ۾ ملازمت کي خيرآباد چئي ڪلڪتي ۾ رهائش اختيار ڪيائين ۽ هن پنهنجن نظرين جو پرچار ڪيو.

رام موهن راءِ، ذات پات جي فرق جو مخالف هو. ستيءَ جهڙي خطرناڪ رسم جو خاتمو به سندس ئي ڪوشش سان ٿيو. ٻالڪپڻي وارين شادين ۽ گهڻين شادين جي به هن، مخالفت ڪئي.

هن ئي مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙ ٻيو سماج سڌارڪ ڪشيب چندرسين به هو. جيڪو ۱۸۵۷ع ۾ برهمو سماج ۾ شامل ٿيو. ننڍ پڻ جي شادين جي دستور سان گڏ بيوه عورتن جي ٻي شاديءَ جي رواج لاءِ به ڪوششون ورتائين، ساڳي وقت مختلف فرقن ۾ شادين جو قائل هو" (ج غ-۲۱۳)

اسلام هوندي به عورتن کي ڪافي حق ڏنا، پر برصغير ۾ مسلمان عورتون انهن بنيادي حقن کان به محروم هيون. ڇاڪاڻ ته برصغير ۾ ثقافتي قهلاءِ واري فضا قائم هئي، هندو مذهب سان تعلق رکندڙ ڪيترائي طبقا اتان جي ثقافت تي حاوي هئا. ۽ مذهبي قانونن بجاءِ لوڪ ريتن ۽ رسم وَ رواجن کي اهميت حاصل هئي. ۽ انگريزن جڏهن هندستان تي قبضو ڪيو ۽ قانون بنايا ته اهي به اتان جي لوڪ ريتن ۽ رواجن ۽ رائج معمولن کي آڏو رکندي بنايا. نتيجي ۾ مسلمان عورتون پنهنجن مذهبي حقن کان به محروم ٿيون. هڪ طرف حقن کان محرومي ۽ ٻئي طرف ثقافتي روين ۽ معمولن جي پابندي، عورت کي ويتر ئي قابو ڪيو. ۽ عورتن مذهبي حقن جي حاصلات جي سلسلي ۾ جدوجهد ۽ جاکوڙ ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ انگريز سرڪار ڪن قانونن ۾ ترميم ۽ تبديلي ڪئي.

۱۹۳۷ع ۾ "ايڪٽ اطلاق قانون شخصي (شريعت) مسلمانان ۱۹۳۷ع جو چويهون قانون" مرتب ڪيو ويو ۽ سموري ملڪ ۾ رائج ڪيو ويو سواءِ صوبہ سرحد جي، جتي اڳوات انهيءَ قسم جو قانون رائج هو.

۽ انهيءَ قانون بابت هنن لفظن ۾ وضاحت ڪئي وئي: "نام نهاد، رواجي قانون تحت مسلمان عورتن جي حيثيت بس ذليل آهي. ان ڪري مسلمان عورتن جي سڀني انجمنن رواجي قانون جي مذمت ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته رواجي قانون، سندن بنيادي حقن تي خراب اثر مرتب ڪري ٿو. ۽ سندن مطالبو آهي ته مسلم قانون شخصي (شريعت) هڪڙي حقيقي مجموعي جي صورت ۾ موجود آهي ۽ ايترو ته معروف آهي، جو ان ۾ ڪنهن به شڪ ۽ شبهي جي گنجائش ناهي". (پ ر-۶۹)

باوجود هن قانون جي، مسلمان عورتن جي اها داد رسي نہ ٿي ۽ نہ اهو مقصد ۽ مطلب حاصل ٿيو. جنهن موجب اسلام، عورت کي حق ڏنا هئا خاص طرح سان ملڪيت ۽ وراثت جي معاملي ۾ عورت اجا بہ پٺتي هئي. ۽ خاص طرح زرعي ايراضيءَ جي ڏس ۾، جا رواج موجب مردن جي ملڪيت هئي. ڇاڪاڻ تہ ١٩٣٧ع واري قانون شخصي (شريعت) جي دفعي ٻئي ۾ اهو بہ تحرير ٿيل هو: "جيڪڏهن سمورا فريق مسلمان هجن، تہ بہ زرعي ايراضي سان لاڳو سوالن کي ڇڏي، انهن سڀني معاملن ۾ مسلم قانون شخصي (شريعت) جي اصول تحت فيصلو ٿيندو. جيڪي ڪنهن وصيت جي غير موجودگيءَ جي صورت ۾ جا نشيني يا عورتن جي خصوصي ملڪيت جي باري ۾ اڀرندا". (پ ر-٧٠)

اهڙي طرح ١٩٣٩ع ۾ "قانون انفساخ ازدواج مسلمانا" " مرتب ٿيو. هن قانون، مسلمان عورتن کي رواجي قانون ۽ زال پاران نڪاح ختم ڪرائڻ جي معاملي ۾ مسلم قانون جي غلط تعبير ۽ غلط اطلاق کان ڪنهن حد تائين نجات ڏياري پر عملي طور وري بہ هيءَ قانون پنهنجي اصلي روپ ۾ هو". (پ ر-٦٥)

ان حقيقت جي باوجود تہ، برطانوي دور ۾ رواجي قانونن سان گڏ مسلم قانون بہ رائج هئا. ۾ حڪمران جيئن تہ انگريز هئا. ان ڪري قانونن جي گڏيل صورت بڻي. ۽ جنهن قانون جنم ورتو اهو "اينگلو محمدن لا". ڪوٺيو وڃڻ لڳو. "جنهن ۾ مسلم قانون جي نام نهاد تعبير اهڙي نموني ۾ ڪيل هوندي هئي جو اسلامي قانون جي روح ۽ مافيہ کان قطعي متضاد هوندي هئي. ۽ انهن نام نهاد تشريحن جي اثر، هندستان ۾ مسلمان عورتن جي حالت کي ويتر برو بڻايو. (پ ر-٧٢)

پاڪستان جيئن تہ مسلمان مردن ۽ عورتن جي گڏيل محنت جو نتيجو هو ان ڪري، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ قانونن ۾ بہ سڌارا آندا ويا ۽ ڪوشش ڪئي وئي تہ جيئن عورتن کي پنهنجا بنيادي حق ملي سگهن.

"مغربي پاڪستان جو ايڪٽ، اطلاق قانوني شريعت ١٩٤٨ع" هن سلسلي جو پهريون قدم هو. جنهن جي دائره عمل کي وڌائي وراثت جي مسئلي کي بہ شامل ڪيو ويو. ١٩٥١ع ۾ هن جي وسعت کي وڌيڪ اڳتي وڌايو ويو. ۽ ترميم شده ايڪٽ نمبر ٻہ ۾ هن ريت وضاحت ڪئي وئي: "رسم رواج يا معمولات جا ڪٽي ڪهڙا بہ قاعده هجن پر، طلاق، مهر، پٽيلو، نابالغي، ولد الحلال، ولد الزنا، رشتن ناتن وصيت، ترڪو، هبہ، مذهبي معمولات يا ادارن جي سوالن جي باري ۾ جن ۾ اوقاف، توليت ۽ توليتي ملڪيت شامل آهي، جتي فريق مسلمان هوندا، ات فيصلو مسلم قانون شخصي (شريعت) پٽاندر ٿيندو". اهڙي طرح ايڪٽ شخصي قانون (شريعت) ۾ زرعي ايراضي ۽ وصيتي ورثا پڻ شامل ڪيا ويا. جن سان عورتن جي حقن کي ڪي قدر تحفظ مليو" (پ ر-٥٣)

١٩٦١ع ۾ عورتن جي تنظيمن جي مسلسل دٻاءَ جي باعث مسلم عائلي قانونن جو آرڊيننس نافذ ڪيو ويو. هي قانون عورتن لاءِ هڪ سوڪڙي مثل هئا. عورتن جي حالت ڪافي حد تائين مضبوط بنائڻ ۾ معاون ۽ مددگار ثابت ٿيا. ١٩٦٤ع ۾ عائلي ڪيس نيڪال ڪرڻ لاءِ عائلي ڪورٽون بہ بنايون ويون. تہ جيئن جلدي ڪيس نيڪال ٿين.

١٩٧٣ع جي آئين ۾ بہ عورتن کي برابريءَ وارا حق مليا. ۽ ١٩٨١ع ۾ عورتن جي سماجي حالت سڌارڻ واسطي وومين ڊويزن جو قيام عمل ۾ آيو. جنهن جي ذمي عورتن جي هيٺين مقصدن جي حاصلات جو ڪم هو.

١. عورتن جي خاص ضرورتن لاءِ عام مصلحت ۽ قانون جوڙڻ.
٢. خواتين جي انجمنن کي رجسٽر ڪرائي امداد فراهم ڪرڻ.
٣. خواتين لاءِ خاص سهوليتون فراهم ڪرڻ جا منصوبا بنائڻ.
٤. عورتن لاءِ خاص حالتن ۽ مسئلن تي تحقيقاتي منصوبا بنائڻ.

"آمريڪا جي انهن ساله هليري ڪلنٽن گنرل ڏينهن ان ڳالهه جو عتراف ڪيو ته هوءِ ڊگهي عرصي تائين پٽ جي تمنا ڪندي رهي آهي ۽ عمر جي هن حصي ۾ هن فيصلو ڪيو آهي ته هڪ نينگر کي پٽيلو بنائي پُٽ جي تمنا پوري ڪندي، ڇاڪاڻ ته سندس ڌيءَ چيلسيا کي بهرحال هڪ ڀاءُ جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ هُنَ ۽ سندس وَرَ ڪلنٽن سموريون قانوني تقاضائون پوريون ڪري ورتيون آهن." ( ع آ جولاءِ ٣-٩٦)

تاريخ واري دور جو جائزو وٺبو ته هڪڙو دور اهڙو به هئو جڏهن نياڻيءَ کي جيئري دفن ڪيو ويندو هو. ماڻهن جو طرز فڪر هو: "نياڻين کي دفن ڪرڻ خانداني عزت جي تحفظ جو ذريعو آهي." اهو ئي طرز فڪر اڄ سماج ۾ به موجود آهي. اڄ به نياڻين کي ڄمندي ئي مارڻ جا ڪيترا واقعا اسان آڏو ٿين ٿا.

"ڀارت ۾ نياڻين کي ڄمڻ شرط مارڻ لاءِ مختلف طريقا ڪتب آندا ويندا آهن. ٻارڙيءَ جي وات ۾ واريءَ ڀڪ وڏو ويندو آهي يا لوڻ جو ڀڪ وات ۾ وڌو ويندو آهي. يا وري ڪٽ جو پائو سندس نڙيءَ تي رکيو ويندو آهي. ان کان سواءِ، آفيم کارائي به ڪيس ماريو ويندو آهي. ته جئري ئي ڪنهن ميدان ۾ به اڇليو ويندو آهي." (ج ا-الفلاح) ٻارڙين کي مارڻ جو سلسلو نهايت قديم آهي، ان ڪري هندستان ۾ ٻارڙين جي طفل ڪشي خلاف قاعدا پڻ بنايا ويا. ١٨٧٠ع ۾ انهيءَ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏنو ويو ۽ ١٨٧٨ع ۾ اهڙن قانونن کي احاطہ بمبئي جي احمد آباد ۽ ڪريال ضلعن ۾ لاڳو ڪيو ويو پر پوءِ اڳيا به انهن قانونن جو دائرو وسيع ڪري پنجاب جي "جاٽن" تي به انهيءَ جو نفاذ ڪيو ويو. (پ ر-٩٩)

انهن قانونن جي باوجود به اڄ سوڌو هندستان ۾ نياڻين جي هلاڪت عام ٿي رهي آهي. "ٽائمز آف انڊيا جي هڪ رپورٽ موجب ڀارتي رياست راجستان ۾ انهيءَ قسم جا واقعا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن (ج ا-الفلاح) ان کان سواءِ ڀارت ۾ نياڻين کي قتل ڪرڻ جو سائنسي ۽ سولو طريقو پڻ مروج ٿي رهيو آهي. الٽرا سونوگرافي نالي هڪڙي ٽيسٽ عام طرح حمل دوران پيدا ٿيندڙ خرابين جي نشاندهي لاءِ ڪتب آندي ويندي آهي. ۽ ان منجهان پيدا ٿيندڙ ٻار جي جنس جو به اندازو ٿيندو آهي. هڪڙي رپورٽ موجب: "سرحدپار جنس ٻڌائڻ جون ڪيتريون ڪلينڪون ڪم ڪري رهيون آهن ۽ ستانوي سيڪڙو فرد، ڇوڪرين جي صورت ۾ ٻار ڪيرائڻ کي ترجيح ڏين ٿا. (شي-١٧). جيئن ته پاڪستان ۽ هندستان جا سماجي رويا ساڳيا آهن، ان ڪري هتِ به انهيءَ صورتحال جو جنم وٺڻ ڪو ناممڪن ناهي. هڪڙي مقامي اخبار جي خبر مطابق "ڪراچي جي علائقي معمار ڪامپليڪس لڳ هڪڙي افغاني بستيءَ ۾ هڪڙي شخص کي ڇهين ستين ڌيءَ جي پيدائش تي خار آئي ۽ ان شخص اڳواٽ ئي زال کي چٽي ڇڏيو هو: "هاڻي ڌيءَ ڄائي ته هو ان کي ڪهي ڇڏيندو". ۽ ڌيءَ جي پيدائش تي ان خار باز ۽ وحشي پيءُ ڪيس پريشر ڪڪر ۾ وجهي ساڙي، ماري ڇڏيو (ع آ- مئي ٢٤, ٩٦)

اسان جي سماج ۾ جيئن جيئن نياڻي جي عمر وڌندي ويندي آهي، تيئن هو وڌيڪ مسئلن جي منهن ۾ ڌڪبي ويندي آهي. گهر کان وٺي پاڙي پٽي تائين، سماجي به اِڪيائي ۽ غير متوازي سلوڪ جي شڪار بڻبي آهي. نه رڳو کاڌ خوراڪ ۽ تعليم جي معاملي ۾ ڪيس گهٽ ڪيو ويندو آهي، پر ڪم جي معاملي ۾ به ساڻس نا انصافي روا رکي ويندي آهي. نه رڳو گهر، پر جي سندس تعلق لوئر مڊل ڪلاس سان آهي ته گهر کان ٻاهر ٻين گهرن ۾ به پورهيو ڪري مائٽن جي مالي مدد پئي ڪندي آهي. ۽ ساڳئي وقت گهريا گهر کان ٻاهر جنسي غير اخلاقين جو شڪار پڻ بڻجندي آهي ۽ سماجي روين ۽ قدرن سبب انهن ڳالهين جي ڌانهن به مائٽن کي ڏيڻ جي قابل نه هوندي آهي ۽ ذهني تڪليف ۽ پيڙا پئي ڀوڳيندي آهي.

هڪڙي اِخباري رپورٽ موجب "پاڪستان ۾ هر سال به هزار عورتون جنسي تشدد جو شڪار. ننڍي عمر وارين

**عورت، زال جي روپ ۾-** اها ڇوڪري، جا مرد سان شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي، زال ڪوٺبي. شادي، مرد ۽ عورت وچ ۾ اهڙو جنسي تعلق جنهن کي سماج ۽ مذهب قبول ڪري. شادي جي اداري جي پس منظر تي نظر وجهبي ته هڪڙو دور اهڙو به نظر ايندو جڏهن زال جو رتبو ڪي قدر مرد کان برتر هو، پر پڙاڻا سماجي سرشتي جي آمد سان ڇوڪريءَ کي وڪڻڻ جو سلسلو شروع ٿيو. بدو، وَٽَ يا ولوار ڪنوار جي قيمت جا مختلف نالا آهن ۽ انهي ڍگهي عرصي کان هلندڙ دستور جي نتيجي ۾ زال جي حيثيت هڪ غلام يا ڍور جهڙي بڻي ۽ ماڻهن جي اهائي سماجي نفسيات مرتب ٿي، جنهن ۾ اڄ جي دور ۾ به زال هڪ گهٽ حيثيت رکندڙ مخلوق آهي. زال کي مارڪُٽ ڪرڻ هڪ عام دستور آهي. نه رڳو مڙس پر مڙس جا مائٽ به زال کي مارڻ پنهنجو قانوني حق تصور ڪن ٿا. نه رڳو مارڪٽ، پر زال کي ننڍين ننڍين ڳالهين تي به موت جي منهن ۾ رسايو وڃي ٿو.

• ٺٽي کان ويهه ڪلوميٽر پري پير پٺو لڳ هڪ نوجوان محض ان ڪري زال جو خون ڪري ٿو جو. زالس پيڪن کان مليل ڍڳي سندس حوالي نه ٿي ڪري" (ع آ مئي ١-٩٦)

"نواب شاهه ۾ نوجوان،ماميءَ کي باهه ڏئي ساڙيو ۽ سندس سونا ڳهه ۽ سامان ڪٺي ويو." (ع آ جنوري ١١-٩٦)

• "ڳوٺ ڊرب جاڙي ۾ ڏير هٿان ڀاڄائي زخمي ۽ ڀاڄائيءَ جي ماءُ قتل" (ع آ مارچ ٩-٩٥)

اڃا به هڪ قدم اڳتي "پاڻتي جي زال کي زنا بعد ماري دفن ڪندڙ چاچو گرفتار. لاش هٿ ڪيو ويو. رڪڻ ۾ پيش ايندڙ هڪ واقعو. (ع آ مئي ٧-٩٣)

**ڏاج-** عورت لاءِ هڪڙو وڏو آزار. جيڪو هندو معاشري مان منتقل ٿي مسلم معاشري جو به اهم حصو بڻيو. بنيادي طرح هندو مذهب ۾ ملڪيت جي نه ڏيڻ سببان ڪيترين عورتن جون زندگيون تباهه ٿين ٿيون.

ڏاج جي نه هجڻ سببان ڪيتريون نياڻيون شادي نه ٿيون ڪري سگهن. ڏاج جي نه هجڻ يا گهٽ هجڻ جي صورت ۾ ڪيترين پرڻيل عورتن کي طعنن سان زخمي ڪيو وڃي ٿو. مارڪٽ ڪئي وڃي ٿي ۽ نه رڳو ايترو پر ڪيترين زالن کي ڏاج نه آڻڻ سببان ساڙي ماريو وڃي ٿو.

• گهٽ ڏاج آڻڻ سبب نهرو ڪٽنب جي نياڻيءَ تي به تشدد ٿوري ڏاج آڻڻ ڪري، مارڪٽ ڪري سندس ٻانهن ڀڳي وئي گارگند پڻ ڪئي وئي. راجيوگانڌيءَ جي ڀاڻتي راڌيڪا، دهليءَ جي خاص عدالت ۾ مڙس خلاف شڪايت درج ڪرائي (ع آ نومبرا-٩٤)

هڪ طرف نه زال کي تشدد ڪري به ماريو وڃي ٿو ٻئي طرف اهڙيون گهرو حالتون پيدا ڪيو وڃن ٿيون جو عورت خود ڪشيءَ تي مجبور ٿئي ٿي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري ڪيس قتل ڪري خودڪشيءَ جو نالو به ڏنو وڃي ٿو.

• "موري شهر جي وارڊ نمبر ويهه ۾ رهندڙ مسممات نوران ڳچيءَ ۾ رسو وجهي، خود سي ڪري ڇڏي. آپگهات جو سبب گهرو تڪرار ٻڌايو وڃي ٿو." (ع آ- مئي ٣١-٩٦)

• "ڳوٺ حاجاڻان ۾ هڪ عورت نالي ايمٺان، ڪوهه ۾ ٽپو ڏئي پنهنجو انت آندو. ٻڌايو وڃي ٿو ته ايمٺان جي مڙس سان تلخ ڪلامي ٿي هئي. ان واقعي بابت متضاد اطلاع مليا آهن. ته فوتڻ جي مڙس ڪيس ڪاوڙ ۾ گهٽا ڏئي ماريو ۽ پوءِ ڪوهه ۾ اڇلائي ڇڏيو". (ع آ-نومبر ١٤-٩٤)

**طلاق-** اهڙي تلوار جا هر وقت هڪڙي زال مٿان لٽڪيل رهي ٿي ۽ جنهنجي ڪرڻ جو هرپل هڪ زال کي خطرو رهي ٿو. طلاق جو حق فقط مرد کي آهي ۽ انهيءَ ڏس ۾ عورت جي راءِ کي مدنظر نه ٿو رکيو وڃي. ۽ گهڻي ڀاڱي

طلاقون عورت جي رضا ۽ مرضيءَ کان سواءِ ٿين ٿيون.

- "وني منڊيلا جو طلاق وٺڻ کان انڪار. نيلسن منڊيلا جي وڪيل عدالت تي زور ڀريو آهي ته جيڪڏهن وني طلاق جا ڪاغذ حاصل ڪرڻ کان نٽائي رهي آهي ته پوءِ ڪاغذ يا ته سندس وڪيل جي حوالي ڪيا وڃن يا سندس گهرجي در تي هنيا وڃن ته جيئن سندس اصيل کي آجو قرار ڏئي سگهجي . ونيءَ بابت ٻڌايو وڃي ٿو ته هوءَ پاڻ بابت طلاق کي انتهائي برو تصور ڪري ٿي". (ع آ سيپٽمبر ١٠-٩٥)
- "آمريڪا ۾ اڌ کان وڌيڪ شاديون ناڪام ٿي رهيون آهن جڏهن ته هت طلاقن جو سيڪڙو ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. ذريعن موجب آمريڪا جي ڪن رياستن ۾ شادين جي وڌنڌڙ ناڪامي هڪڙو خطرو بنجي وئي آهي ۽ ڪنهن اهڙي قانون جوڙڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن جنهن سان شاديءَ جي خاتمي ۽ طلاق کي روڪي سگهجي" (ع آ- اپريل ٢٥-٩٦)

طلاق جي تلوار هڪ عورت کي ڪهڙي عمر ۾ به زخمي ڪري سگهي ٿي. اسلام عورت کي ٻي شاديءَ جو حق ڏنو آهي. ۽ سماجي ۽ معاشرتي روين جي لحاظ سان شاديءَ لاءِ، خاص طرح عورت جي حوالي سان، ننڍي عمر جي عورت جو تصور ڪيو وڃي ٿو. ۾ طلاق ڪڏهن ڪڏهن ته عورت کي عمر جي ان حصي ۾ ملي ٿي، جڏهن عورت، عمر جا دروازا بند ڪيو ڇڏي.

- "آغا ڪميونٽيءَ جي روحاني پيشوا. پنجويهن سالن کان پوءِ پنهنجي گهر واري سليمه بيگم کي طلاق ڏني" (ع آ-مئي ٣١-٩٦)
- جڏهن ته حرن جي روحاني پيشوا سائين پير پاڳاري، پوٽن جي معاملي تان پنهنجي شاديءَ جي پنجيتاليهن سال ۾ پنهنجي گهر واري رضيه سلطانه کي طلاق ڏني" (ع آ-آڪٽوبر ١٨-٩٥)

**عورت ڪاريءَ جي روپ ۾-** ڪاري، عورت ڪشيءَ جو پراڻو دستور جيڪو وري ڪر ڪٺي سجاڳ ٿيو آهي. عام طور ڪارو ڪاريءَ جو اصطلاح ان مرد ۽ عورت جي ڪوس کي چيو ويندو آهي، جن کي ناجائز جنسي ناتن جي ڏوهه ۾ قتل ڪيو وڃي.

ڪاريءَ جو قهري دستور ڪڏهن کان شروع ٿيو ان لاءِ جيڪڏهن تاريخ جو مطالعو ڪبو ته اهو دستور به پراڻه سماجي سرشتي جي پيداوار نظر ايندو ڇاڪاڻ ته "عصمت ۽ حيا وارا تصور انساني تواريخ ۾ نوان آهن ملڪيت جي تصور ۽ ملڪيت جي احساس جي سوچ سان هي دستور به وجود ۾ آيو". (ت ج-٧٣)

"تاريخ جي اوائلي دورن ۽ خاص طرح فطري سماجن ۾ ته ماڻهن کي اها به ڄاڻ ڪونه هوندي هئي، ته ڪو مرد ۽ عورت جي جنسي تعلق سبب اولاد پيدا ٿيندو آهي، ان دور ۾ عورت ئي قبيلي جي وجود ۽ اولاد جي ولادت جي واحد ذميوار هئي". (س ح-٥٦) ۽ "غير مهذب قبيلن ۾ به حمل کو جنسي معاملو نه هو ۽ 'ٽروبريان جزيري' ۾ رهندڙن جو تصور هوندو هو ته درياءَ ۾ وهنجندي عورت اندر پوت داخل ٿي ويندو آهي يا ڪيس ڪا مڇي ڏنگي ويندي آهي، جنهن سببان عورت ٻار کي جنم ڏيندي آهي (ت ج-٥٠) پر وقت سان گڏوگڏ انساني عقل به ترقي ڪئي. ۽ انسان تي اولاد جي پيدائش جو راز ظاهر ٿيو، پر هن دور ۾ به عورت جو "سنيپٽو" ماڻهن لاءِ اهم نه هو ۽ عورت کي پنهنجي پاڪ دامنيءَ بجاءِ پنهنجي سنيپٽي کان خوف ايندو هو. 'ڪام چول قبيلي' جي گهوٽ کي جڏهن خبر پوندي هئي ته سندس ڪنوار، شاديءَ کان اڳ جنسي عمل مان ناهي گذري ته خار وچان ڪنوار جي ماءُ کي گاريون ڏيندو هو ڌيءَ جي بهتر نموني ۾ پرورش نه ڪئي اٿس" (ت ج-٧٢) اهڙي طرح اوائلي عرب معاشري ۾ به عصمت جو ڪو تصور ڪونه هو: "عام طور عرب پنهنجي زال ڪنهن بهادر وٽ انهيءَ مقصد لاءِ اماڻيندا هئا ته جيئن ان جي نطفي مان

سنڌ ۾ هونئن تہ اها روايت، اتر سنڌ ۾ عام هئي، پر انگريزن جي دور حڪومت ۾ انهيءَ تي ڪنٽرول ڪيو ويو.

"سنڌ جي انگريز فاتح، سرچارلس نيپيئر انهن ماڻهن لاءِ ڪڙيون سزائون مقرر ڪيون جيڪي عورت کي قتل ڪندا هئا. سندس دور ۾ جيڪب آباد ۾ ڪاريءَ وارو واقعو ٿيو. نتيجي ۾ انگريز حڪمران، انهن ملوث جوابدارن کي گوليون هڻي مارايو ۽ ان کان سواءِ، عورت کي قتل ڪندڙ جوابدار لاءِ ڪلهي کان ٻانهن ڪٽڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو" (ع آ فيبروري ٦-٩٦) ۽ انهيءَ قانون باعث عورتن جو قتلام ڪنهن حد تائين ختم ٿيو پر پوءِ ڪن آئيني تشريحن جي نتيجي ۾ هي دستور بيهر رائج ٿيو. چاڪاڻ تہ "ٻٽي قتل جي خطرناڪ مجرم کي "غيرت منداڻو رد عمل" جي سري هيٺ خاص قانون ۾ چالان ڪيو وڃي ٿو، جنهن سبب اهو فرد جيڪو خباثت نفس جومرتڪبُ ٿئي ٿو سو آسانيءَ سان پاڻ کي قانون حوالي ڪري ٿو ۽ چند سالن جي معمولي قيدو بند کان پوءِ آزاد ٿي نڪري اچي ٿو. جيئنته ٿيڻ اهو گهرجي تہ اهڙي قتل کي بہ، قتل جي عام دائري واري قانون هيٺ آندو وڃي ۽ قاتل کي خطرناڪ ارادي قتل جو مجرم سمجهي فوجداري قانون تحت قلم **٣٠٧** ۽ **٣٠٢** هيٺ سزا جو موجب قرار ڏجي" (ع آ- مارچ ٢٢-٩٦) ڪاري ڪاري واري عمل کي ويتر حدود آرڊيننس واري قانون بہ هٿي ڏني جيئنته حدود جو نفاذ تمام گهڻو احتياط طلب آهي. پر ڪي ڪم علم ماڻهو انهيءَ نفاذ جو غلط مطلب وٺي غلط فيصلا ۽ عمل ڪن ٿا.

ان کان سواءِ ڪاري ڪاريءَ جو قتل ٻين محرڪن سببان بہ عمل ۾ اچي ٿو ۽ انهيءَ طرح مجرم پاڻ کي قانون جي گرفت کان بہ تڪڙو آجو ڪرايو ڇڏي ٿو.

هڪڙي اخباري رپورٽ مطابق "اتر سنڌ ۾ ڪاري ڪاريءَ جي دستور هيٺ ٽن مهينن ۾ سورنهن عورتون قتل، اغوا ٿيل عورتن کي بہ ڪاري ڪيو ويو. ملڪيتون بچائڻ لاءِ پنجاهہ کان سٺ سالن جي عورتن کي بہ ڪاري رسم جو ڪاج بنايو ويو. ۽ ڪن قبيلن ۾ تہ محض قبائلي انا خاطر بہ عورت ڪشي ڪئي وڃي" . (ع آ مارچ ٦-٩٦)

ڪاريءَ واري دستور جو وڏيڪ منفي پهلو اهو بہ آهي تہ سرداري ۽ راجوٽي فيصلن تحت عورتن کي ڪاري ڪيو ويندو آهي پوءِ پلي ڇوڪريءَ جا مائٽ، انهيءَ فيصلي لاءِ راضي نہ هجن. اها بہ روايت آهي تہ اڪثر سردار، پنهنجو سرداري نظام مضبوط ڪرڻ لاءِ باغي ڪٽنبن کي پنهنجيءَ جڪڙ ۾ جڪڙيندا آهن. ۽ اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن سردار کي ڪا عورت وڻي ويندي آهي تہ ان تي ڪاريءَ جو الزام هڻي ڪوٽ ۾ قابو ڪندو آهي ۽ پوءِ راجوٽي فيصلي تحت ان ڳالهہ جو حقدار بڻبو آهي تہ ٻانهن وڪڻي يا پاڻ وٽ رکي، جي ڇوڪري انهن ڳالهين لاءِ تيار نہ ٿي تہ ڪيس ڪاري ڪيو ويندو" . (ع آ-آپريل ٤-٩٦)

۽ اڄ ڪلهہ ڪارو ڪاري جو ڊرامو نہ رڳو ملڪيت ڦٻائڻ پر دشمني پاڙڻ لاءِ بہ رچايو ويندو آهي.

- پير ڳوٺ پرسان ڪارو ڪاريءَ جي آڙ ۾ بہ جانيون ضايع، جوابدار زمين تي ڪم ڪندڙ ماستر کي قتل ڪرڻ بعد گهر ماني پچائيندڙ زال کي گهلي قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا" . (ع آ اڪٽوبر ١٥-٩٤)

- نل ٿاٿي تي فريادي پٽي ۽ جعفري فرياد داخل ڪرايو آهي تہ جوابدار شاهل. نوحاف ۽ ٽلو گهر ايندي عزيزالله پٽيءَ کي بندوقن جا وار ڪري ماريو. ۽ محمد رحيم جعفريءَ جي گهر تي حملو ڪري سندس زال مسمات شهناز کي قتل ڪري فرار ٿي ويا. ۽ ٻنهي فريادين پريس ڪلب ۾ ٻڌايو تہ معمولي جهيڙي سببان عزيزالله پٽيءَ کي قتل ڪيو ويو ۽ قتل کان بچڻ لاءِ شهناز کي بہ ماري ڪاري ڪاريءَ جو ناٽڪ راچايو ويو. جيئنته محمد رحيم جعفري جي چوڻ موجب سندس نهايت نيڪ ۽ پارسا عورت هئي" (ع آ-٩٦)

اها عورت جا پنهنجي گهر وارن جي دشمنيءَ سببان اغوا ٿيندي آهي واپسيءَ تي گهر وارن جي هٿان ئي قتل ٿيندي آهي. ۽ عورت کي ڪاري ڪري مارينڌڙ نہ رڳو سندس ويجها عزيز جهڙوڪ پيءُ يا ڀاءُ پر چاچا، ماما، سوٽ ماسات توڙي ڏور پري جا مائٽ بہ هوندا آهن.

• "رتي ديري ۾ سڳن مامن هٿان ٻہ نياٽيون قتل. جوابدار هٿيارن سوڌو گرفتار. نياٽيون گرلز هاءِ اسڪول جون شاگرديائيون هيون، سنڌ گيمز ڏسڻ لاءِ لاڙڪاڻي ويون ۽ رات جو گهر پهچي نہ سگهيون ٻئي ڏينهن پهتيون انهيءَ ننيڙي ڏوهہ عيوض کين ڏيڍ مهينو هڪڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ واڙيو ويو. اڄ رات جو ڪارتوسي پستولن جا فائر ڪري کين قتل ڪيو ويو. ڇوڪرين جون عمريون چوڏنهن پندرنهن سال هيون". (ع آ مارچ ١١-٥٩)

ڪاري ٿيندڙ عورت جي ڪابہ عمر ناهي هوندي هوءَ عمر جي ڪنهن حصي ۾ بہ قتل ٿي سگهي ٿي.

• "نون سالن جي نينگري ۽ ٻارنهن سالن جو نينگر ڪارنهپ جي الزام ۾ قتل. ڳڙهي خيروءَ ويجهو ميرانپور ۾ واردات (برسات مئي ٦-٩٥)

• "نارٿ ناظم آباد ۾ پنجهتر سالہ ميران خاتون پٽ محمد صابر هٿان قتل. قاتل پٽ پاڻ کي پوليس حوالي ڪندي چيو تہ کيس شڪ هو تہ هوءَ اخلاق کان ڪريل ڪم ڪري ٿي" (ع آ آڪٽوبر-٩٥) ۽ هن مهذب دور جي مهذب انسان کان ويچارا جانور بہ بچيل ناهن.

• "ڪاريءَ جي الزام ۾ گڏهہ قتل. رتوديرو ۾ ٽن ڇوڪرن هڪڙي گڏهہ سان بدفعلي پئي ڪئي، گڏهہ جي مالڪ ڇڙمان فائر ڪري گڏهہ کي ماري ڇڏيو، گڏهہ جا عاشق ڇوڪرا فرار ٿي ويا". (ع آ جولاءِ ٢-٩٦)

روايت آهي تہ ڪاريءَ تي نہ فاتحہ ٿيندي آهي، نہ ڏنو پوندو آهي نہ کيس ڪفن ڏبو آهي نہ وري جنازي نماز ٿيندي آهي.

ڪاري ڪرڻ جا بہ مختلف دستور ٿين. روايت آهي تہ ڪنڌ ڪوٽ جي ڪن علائقن ۾ ڪاري ٿيندڙ عورت کي ڳاڙهو وڳو پارايو ويندو آهي. هٿن تي ميندي لڳائبي آهي ۽ پوءِ فجر ساڻ دريا ڪناري آڻي گولين يا ڪهاڙين جو ٻَکُ بنايو ويندو آهي.

ڪجهہ علائقن ۾ وري ڇوڪريءَ کي جبل تي وٺي وڃي سندس مٿڪو پڇيو ويندو آهي. ۽ اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ ڪاري ڪندڙ عورت سان نهايت وحشتناڪ ڪاروائي ڪئي ويندي آهي.

• سانگهڙ لڳ ڳوٺ حمزو لسڪاڻيءَ ۾ هڪ عورت کي ڳوٺ جي وڏيري اغوا ڪرايو. عورت جي پٽ ۽ پاءُ، پريس ڪلب ۾ صحافين اڳيان دانهن ڪئي. نتيجي ۾ ڪجهہ چڱا مڙس وچ ۾ آيا ۽ ٻانهن واپس پٽ ۽ پاءُ حوالي ڪئي وٺي انهيءَ عورت کي سندس پٽ ۽ پاءُ ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪرڻ کان اڳ، سندس وار ڪوڙيا، ڪن وڍيو. نڪ ڪپيو ڪهاڙين جا ڳن هٿي ڏند پڳا ۽ جيت مار زهري دوابہ پياري ۽ پوءِ ڪهاڙين جا وار ڪري ختم ڪيو". (ع آ-اپريل ١٢-٩٥)

هن مهذب دور ۾ جڏهن اسان ايڪيهين صديءَ ۾ داخل ٿيڻ وارا آهيون، عورت اڃا بہ ان ساڳي مقام تي بيٺل آهي ۽ باوجود ايڏي جدوجهد ۽ جاکوڙ جي اڃا بہ عورت اتي آهي جتان هن هلڻ شروع ڪيو. ۽ ان جو سبب شايد اهو بہ آهي تہ عورت فطري طور امن پسند آهي. ڏاڍ، ڏهڪاءُ کي ننديندڙ آهي. ۽ عورت جي امن پسنديءَ سبب ارڪ فروم نهايت سهڻي نموني ۾ بيان ڪيو آهي: عورت ٻار پيدا ڪري ٿي ۽ پيدائش واري مادي کي رحم ۾ رکي ٿي. ان ڪري فطرت جي وڌيڪ ويجهو آهي ۽ ان جي برعڪس مرد، فطرت کان دور هوندي آهي ۽ پنهنجن اصولن ۽ خيالن جي دنيا بنائيندو آهي. تہ جيئن فطرت جي جاءِ والاري سگهي. ڪٽنب ۾ ٻار، ماءُ سان محبت ڪندو آهي. جڏهن تہ پيءُ جي اطائت ڪندو آهي ۽ ان کان بغاوت بہ ڪندو آهي. ماءُ سان سندس رشتو فطري هوندو آهي جڏهن تہ پيءُ سان دنياوي. ماءُ جي محبت غير مشروط هوندي آهي ۽ پي جي توقعاتي" (م ع-٢٦)

بهرحال عورت جي انهيءَ ڪمزوريءَ عورت کي ڪمزور ڪيو آهي ۽ مرد جي دنيادار طبيعت عورت کي قابو ڪيو آهي.

# مددي مواد

## ڪتاب:-


١. آڏواڻي، پيرومل مهرچند (١٩٩٢ع) 'قديم سنڌ' سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ.

٢. تگہ، عبدالحميد پروفيسر (١٩٨٠ع) 'عمراني اصول اور پاڪستاني معاشره' نذر سنز-٢٢١ سرڪلر روڊ اردو بازار، لاهور.

٣. تنوير جهان (اپريل ١٩٨٩ع) 'انساني تهذيب ڪا ارتقا' مڪتبہ فڪر و دانش، لاهور.

٤. پٽيل، رشيده (١٩٨١ع) 'پاڪستاني عورت ڪي سماجي اور قانوني حيثيت' اپوا، ٦٧ بي گارڊن روڊ، ڪراچي.

٥. چوڌري غلام رسول (١٩٨٨ع) 'مذاهب عالم ڪا تقابلي جائزه' علمي ڪتاب خانہ، ڪبير اسٽريٽ، اردو بازار، لاهور.

٦. سبط حسن (١٩٧٩ع) 'ماضي ڪي مزار' ملڪ نوراني، مڪتبہ دانيال وڪٽوريہ روڊ، ڪراچي ٣.

٧. مبارڪ علي، ڊاڪٽر (١٩٩٣ع) 'تاريخ اور عورت' فڪشن هائوس، ١٨ مزنگ روڊ، لاهور.

٨. مغل، سڪندر، ڊاڪٽر (جون ١٩٨٥ع) 'ارتقاجي ڪهاڻي' سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي، لاهور.

٩. ندوي، سيد سليمان 'سيره النبي-جلد ششم' ناشران قرآن لميٽيڊ، اردو بازار، لاهور.


## رسالا:


"سائنس ڊائجسٽ"، آگسٽ - سيپٽمبر ١٩٨٧ع، 'ابن بطوطہ هند ۽ سنڌ ۾'، ٢٠٧ النور چيمبرس، پريڊي اسٽريٽ، صدر، ڪراچي.

"سرتيون"، جولاءِ کان سيپٽمبر ١٩٩٠ع، 'مغربي عورت جي جدوجهد جي مختصر تاريخ'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.

"شي"، سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر ١٩٩٠ع، 'عورت جبر مسلسل ڪي سنگين داستان'، نيو سينٽر، بلاڪ سيڪنڊ فلور، هاڪي اسٽيڊيم، لياقت بيرڪس، ڪراچي - ٤.


## اخبار :


"روزانہ عوامي آواز"، سال ١٩٩٤ع، ١٩٩٥ع ۽ ١٩٩٦ع، مارئي پبليڪيشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ چوٿين ماڙ، نامڪو سينٽر، ڪيمپبل اسٽريٽ، نيو چالي، ڪراچي.


## رپورٽ:


"Violence Against Women",
by Gilbert Hiawalyer,
Claire Smart,
Margaret Feton,
Antje van Roeden,
Shrine Produced Mohaghpour,
June Nash.


•

# ڪهاڻيون

ڪڏهن ڪڏهن محسوس ڪندو آهيان ته مان ڪهاڻي لکڻ ئي نٿو چاهيان، پوءِ به لکي ويهندو آهيان. هر واري ڪهاڻيءَ کان ڏنيجڻ کان پوءِ مان ڪهاڻي سان کيڏندو آهيان يا ڪهاڻي مونسان کيڏندي آهي. اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪار قسم جي ڪابه شيءِ حائل ڪانهي. منهنجو ۽ ڪهاڻيءَ جو رومانس پاڻ ۾ ڪنهن به ڪاروبار يا ڪار ونهنوار کان سواءِ هلندو اچي. انتهائي بيزار ٿي پوڻ کان پوءِ مان ڪهاڻي سان پيار ڪيو آهي. مان ان کي ڪنهن به قيمت تي نه ڇڏي سگهيو آهيان ۽ نه ڇڏي سگهندس. ادب ۾ لمبي ساهي ته پٽي سگهجي ٿي، پر Resign ڪري نٿي سگهجي. شعر، افسانو، ناٽڪ، ناول لکڻ اميراڻو ذوق آهي.

ادب جي تاريخ تي نظر ڦهلائيندا سين ته مهاڀارت جي سرجڻهار ويد وياس کان وٺي، هومر، ڪاليداس، شيڪسپيئر کان ويندي شاهه لطيف تائين، گوئٽي کان وٺي ليوٽالسٽائي ۽ ٽئگور، سڀ اميراڻا ٻار هئا. غالب به هڪ نواب جو ٻار هو. پوءِ مان غريب جو ٻار ان ڪم ۾ ڪيئن ٽپي پيس!... هاڻ نياڻي ته نياڻي ڪيئن؟ هن پل سراط جهڙي ترار تان هلندي. پاڻ ڪيئن سنڀالجي. مٿان باهه ۽ هينان لاوي جو ساگر پيو ٽُلي. موت کان سواءِ ڪٿي نه ختم ٿيندڙ سفر.

- **علي بابا**

لياقت رضوي

# هڪ اداس خوبصورت عورت جي ڪٿا

سمورا ڏينهن هڪ جهڙا آهن.

ڪنهن خوف ۾ ويڙهيل مصروفيت، منهنجيءَ دل کي خزان جي سمنڊ وانگر پائيندي ٿي رهي. منهنجي زندگي، مون ڏي لکيل، پراسرار، بوجهل، اداس ۽ گمنام خط آهي، جنهن کي خبر ناهي ڪنهن لکي، منهنجي نانءُ پوسٽ ڪيو هو. نيڪ آهي مون ان کي (نہ چاهيندي بہ) وصول ڪيو هو. پر مون کي خبر نہ هئي تہ ان ۾ منهنجي بي تقدير خواهش لاءِ آخري فيصلا، سنگين بي رحميءَ وانگر نقش آهن.

جڏهن منهنجي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ٿي هئي تہ مون پنهنجي مستقبل بابت اعتماد سان سوچيو هو، مون کي خبر نہ هئي تہ منهنجي آخري سال جي نتيجي تي، هو اهڙي بري نموني اثرانداز ٿيندو، مان تہ هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻيندي بہ ڪانہ هئس، پهرئين سيمسٽر کان پوءِ منهنجي ڪلاس ميٽ گلنار مون کي هن لاءِ ٻڌايو هو تہ فائينل ۾ پڙهندو آهي ۽ ڊپارٽمينٽ جو ذهين ترين شاگرد آهي. گلنار هُن کان ٽيوشن پڙهڻ جو خيال ڏيکاريو هو، توڙي منهنجي پهرئين سميسٽر جو نتيجو ڪافي بهتر هو، پوءِ بہ الائي ڇو مان گلنار سان راضي ٿي، هن کان ٽيوشن پڙهڻ لڳي هئس، اسين سڀ ست ڄڻا هئاسين: چار ڇوڪريون، ٽي ڇوڪرا، جيڪي هن کان ٽيوشن پڙهندا هئاسين، هو، ڪيميسٽريءَ ۾ جيترو هوشيار هو، اوتروئي باقي ٻين معاملن ۾ بيوقوف هو. يونيورسٽي، هن جي اندر ۾ رهندڙ ٻهراڙيءَ جي ڪم عقل شخص جو ڪجهہ ڪونہ بگاڙي سگهي هئي، ۽ هُن جي ان خوبيءَ ۾ ئي مون کي ڪائي ڪشش نظر آئي هئي، هن جو نالو الهہ بخش ٻبر هو ۽ هو خيرپور ضلعي جي ڪنهن دور دراز ڳوٺڙي مان آيو هو. شام جو نوڪري ڪندو هو ۽ صبح جو ڪلاس اٽينڊ ڪندو هو، رات جو ڪجهہ وقت دوستن کي، ڪجهہ پڙهائي کي ۽ باقي ننڊ کي، بچندي هئي هن وٽ منجهند، جنهن مان هو اسان کي ٽيوشن ڏيڻ لاءِ وقت ڪڍي وٺندو هو.

هو اسان مان ڪنهن کان بہ پئسا ڪونہ وٺندو هو، بس اسان جي مفت خور گذارشن تي اسان کي پڙهائڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو. ٿورن ڏينهن ۾ ئي مان سمجهي ويس تہ هن کي سبجيڪٽ تي عبور حاصل آهي. منهنجي ٻئي سيميسٽر جي رزلٽ، اڳي کان بهتر آيو، مفت جي مدد تان ڪير بہ دستبردار ڪونہ ٿيندو آهي، اڻ ڪري ٽيوشن، فائينل ۾ بہ جاري رهٽي هئي، پر ان وچ ۾ هو، ايم.سي.فائينل جو امتحان ڏئي چڪو هو ۽ هن جي رزلٽ بہ اچي چڪو هئو، فرسٽ پوزيشن.

اسين ست ئي ڄڻا توڙي جو بيحد خوش ٿيا هئاسين، پر ان لمحي ئي هڪ ٻئي جي ننڍڙي خوف ۾ وڪوڙجي ويا هئاسين، ٽيوشن جي غير واضح مستقبل جو خوف، يقيناً هن کي بهتر نتيجي سبب، جلدئي ڪٿي ٻئي جاءِ تي نوڪري ملي وڃڻي هئي.

پر هن جي هڪ معقول فيصلي صورتحال کي بلڪل نئين انداز سان تبديل ڪري ڇڏيو هو. جيسيتائين ڪيس ڪٿي ٻئي هنڌ نوڪري ملي، يونيورسٽي ۾ شام واري نوڪريءَ کي هن صبح واري شفٽ ۾ ڪرايو هو، ۽ ائين ٻيا نہ رهجي ويا، البت مون ۽ گلنار، ٽيوشن وٺڻ جو سلسلو جاري رکيو هو، ظاهر آهي ان ۾ ڪائي ترتيب تہ ڪونہ ٻئي ٿي سگهي، ڇو تہ جنهن وقت بہ فري پيرڊ هوندو هو، اسين ٻئي ڄڻيون، هن جي آفيس ۾ اچي ويندو هيوسين، ۽ جڏهن

نائينل جي امتحانن جي ڊيٽ جو اعلان ٿيو هو، تيستائين مان پاڻ ۾، ان انڪشاف کي دريافت ڪري چڪي هئس ته، مون کي هن سان محبت ٿي وئي آهي."

۽ عجيب ڳالھ اها ٿي ته جڏهن اهو انڪشاف، مون هن تائين پهچايو هو ته اسان جي ٽيوشن جو سلسلو بند ٿي ويو هو. مان ۽ گلنار پوءِ به هن جي آفيس ويندي رهنديون هيوسين. شروع ۾ هن، مون ۾ ڪافي دلچسپي ورتي،پويلين تي، هن جي آفيس ۾ ۽ ٻين ڪيترن هنڌن تي، اسان جي ملاقات کي هڪ ترتيب ملندي وئي، پنهنجي اڪيلائي دوران، اسان ڪيمسٽري کان ٻاهر جي دنيا کي دريافت ڪيو، گلن ۽ دلين جي دنيا.

آخري سال جي پهرين سيميسٽر ۾، منهنجو نتيجو انتهائي خراب آيو. فقط به سبجيڪٽ پاس ڪيم، سي به رڳو پاسنگ نمبرس سان. پر مون کي ان جو افسوس ڪونه هو، افسوس ته مون کي ان ڳالھ تي ٿيو ته جڏهن مون پنهنجي مائٽن کي، هن سان پنهنجي شادي لاءِ راضي ڪيو ۽ هنن جڏهن هن سان مون بابت ڳالهايو ته هن شادي ڪرڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو. گهٽ ۾گهٽ هن جو انڪار، منهنجيءَ سمجھ کان ٻاهر هو، پهرئين فرصت ۾ مون هن سان ملڻ چاهيو پر ٻاويهن ڏينهن تائين هو لنوائيندو رهيو، اهي ٻاويھ ڏينهن منهنجي محبت ۽ ذلت جا ڏينهن هئا. گلنار ۽ منهنجون ڪوششون ناڪام ٿيون ته هن جي ڪلارڪ دوستن تائين احمقاڻي رسائي حاصل ڪيم. نيٺ ٻاويهن ڏينهن کان پوءِ هن جي هڪڙي ڪلارڪ دوست جي ڪواٽر ۾ اسان جي ملاقات ٿي وئي، مايوسيءَ ۽ مطلق غلط فهمين تي مبني آخري ملاقات، جنهن ۾ هن مون سان شادي نه ڪري سگهڻ کي انتهائي بيهوده وضاحتن سان ظاهر ڪيو هو، جن جو بنياد ڪجھ قومپرستانا خيال ۽ مون سان، هن جي عجيب همدردي هئا.

پوءِ جلد ئي منهنجي آخري سيمسٽر جا پيپر شروع ٿي ويا هئا، مون هن سان وري ملڻ جي خيال کي هميشھ لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيو هو،هن کي به ڪنهن ٻئي هنڌ نوڪري ملي وئي هئي ۽ هو يونيورسٽي واري نوڪري تان مستعفي ٿي هليو ويو هو، امتحانن ۾ مان سڀني پيپرن ۾ فيل ٿي هئس، ان ڪري مون پيهر امتحان ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هو. خبر ناهي ڪيئن غير محسوس طريقي سان، الھ بخش لاءِ، منهنجي دل ۾ محبت ۽ نفرت جي جاءِ تي بي غرض دوستاڻا ڀاوَ پيدا ٿي ويا هئا. تباھ ڪن آخري ملاقات کان پوءِ مون سوچيو هو، "هيءُ ڪهڙو نوجوان آهي، جنهن کي نه ته مون سان شادي ڪرڻي آهي ۽ نه وري هن، مون سان ملاقاتن دوران، جسماني رابطن رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي! گهڻو ڪري جن ڇوڪرن کي ڪنهن ڇوڪريءَ سان پيار نه هوندو آهي ۽ اُها، هنن جي چڪر ۾ اچي ويندي آهي ته هو جسماني لاڳاپن جا موقعا تلاش ڪندا آهن، ۽ هن کي ته اهڙا ڪئين موقعا مليا هئا پر هن ڪڏهن مون کي شعوري طرح، ڇُهيو به ڪونه هو." اهڙن خيالن، منهنجي دل ۾، الھ بخش لاءِ، بي غرض دوستي جي پُل جوڙي ڇڏي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هو يونيورسٽيءَ ايندو هو ته اسين بغير لالچ ۽ شڪايتن جي هڪ ٻئي سان سلام دعا ڪري وٺندا هئاسين.

يونيورسٽي ۾ موڪلون ٿيون ته مان وڏيءَ ڀيڻ ڏي ڪراچي هلي ويس، هوءَ اتي هڪ پرائيويٽ اسڪول جي هيڊ مسٽريس آهي، مان اڪثر موڪلن ۾ هن وٽ هلي ايندي آهيان، هوءَ بي انتها پيار ڪندڙ ڀيڻ آهي، هوءَ مون کي به ڏاڍو ڀائيندي آهي، سدائين هن وٽ رهي مان ڏاڍي خوش ٿيندي آهيان، اتي ئي مون کي خبر پئي هئي ته حيدرآباد ۾، امان وارا شهر مان قاسم آباد شفٽ ٿي ويا آهن، مان جي هتي رهيل نه هجان ها ته يقينن هنن کي ائين ڪرڻ کان روڪيان هان، مون کي هنن جي ان فيصلي تي ڏاڍو ڏک ٿيو، ڀاءُ خط ۾ رڳو اهو جواز پيش ڪيو هو ته: "شهر جون حالتون ڏاڍيون خراب آهن، مان به اڪثر نوڪري جي ڪري، گهر کان ٻاهر رهان ٿو. ان ڪري قاسم آباد وڌيڪ محفوظ ۽ بي خطر علائقو آهي."

ان ڏينهن ڪراچيءَ جي بس مان، گاڏي ڪاتي ۾ لٿي هئس، مون سان ڪوني گهڻو سامان ڪونہ هو، بس هڪڙو شولڊربئگ ۽ ڪجهہ ڪتاب، گاڏي ڪاتي ۾ پروگرام موجب، منهنجي ننڍي ڀيڻ ۽ امان، مون کي وٺڻ آيون هيون (هونئن بہ مون کي نئون گهر ڪونہ ڏٺل هو) اسين ٽيئي قاسم آباد واري بس ۾ اچي ويٺيوسين، گول بلڊنگ وٽان هڪ نوجوان بہ بس ۾ چڙهيو، رش گهٽي هئڻ ڪري، هو، دروازي پرسان ڏنڊي تي ئي ويهي رهيو هو. بس شهر مان ٻاهر نڪتي تہ غيرارادي طور تي اسان پنهي جون اکيون مليون، هن جي نگاهن مان لڳو ٿي تہ هو ڪافي دير کان مون ڏي ڏسي رهيو هو. پهرئين لمحي تہ مون هن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو پر خبر ناهي، هن جي اکين ۾ ڪهڙي ڪشش هئي جو چند گهڙين کان پوءِ مون چور نگاهن سان وري هن کي ڏٺو. ان وقت هو، دروازي کان ٻاهر ڏسي رهيوهو، هن کي جينز ۽ هلڪي فيروزي رنگ جي شرٽ پاتل هئي، مان هن جي جاگرس جا فقط ڪنارا ڏسي پئي سگهيس. اچانڪ هن مُڙي مون ڏي نهاريو. ڪجهہ نهارون ماڻهوءَ کي عمر ڀر لاءِ قيد ڪري سگهنديون آهن، پر مان ڪجهہ محتاط هئس، مون کي احساس ڪونہ هو تہ اهو احتياط فقط ايترو هو جو جڏهن هن مون ڏي ڏٺو ٿي تہ مون نظرون ڦيري ٿي ڇڏيون ۽ جڏهن هن مون ڏي ڪونہ ٿي ڏٺو تہ منهنجون نظرون هن تي کُپي ٿي ويون.

اچانڪ مان ٿوري حيران ٿي ويس، جو هو مسڪرائي رهيو هو، مون ڏي ڏسي نہ، بلڪ پنهنجي جاگرس ڏي ڏسي، مون کي پڪ هئي تہ هو، حقيقت ۾ پنهنجي جاگرس کي بہ ڪونہ ڏسي رهيوهو، هن جي چهري تي ڇانيل مخصوص خوابناڪ تاثر، ان ڳالهہ جي پڪي شاهدي هو، جهڙڪي سان بس بيهي رهي مون سمجهيو ضرور هاڻي وري هو مون ڏي نهاريندو، پر هو اٿيو ۽ بس جي دروازي مان هيٺ لهي ويو. مون کي اداس ٿيڻ جي ضرورت محسوس ٿي پر ايترو وقت نہ مليو ڇو تہ امان چيو: 'اٿي ، اسٽاپ اچي ويو آهي.' اسين بس مان لهي ان پلازه ڏي هلڻ لڳيوسين، جتي پاءِ ڪرائي تي فليٽ ورتو هو. ڳپل پنڌ تائين هو اسان جي آڏو هلندو رهيو، بنان پويان ڏسڻ جي ، سامهون پلازه جي گيٽ هئي ۽ اسان کان اڳ ۾ هو ان ۾ داخل ٿي ويو. مون حيرتناڪ تجسس سان سوچيو تہ، "ڇا هو بہ ساڳئي پلازه ۾ رهندو آهي يا ڪنهن دوست سان ملڻ لاءِ آيو آهي." ۽ ظاهر آهي تہ اها ڳالهہ مان امان يا ننڍي ڀيڻ کان ڪونہ ٿي پڇي سگهيس.

ٻئي ڏينهن يونيورسٽيءَ مان موٽيس تہ پلازه جي گيٽ تي، هو بيٺو هو، هن مون کي ڪونہ ڏٺو، ڇو تہ گيٽ ڏي هن جي پُٺ هئي ۽ هو سامهين ديوار تي لڳل نوٽيس بورڊ تي ڪوئي نوٽيس پڙهي رهيو هو، هواهڙي انداز سان گيٽ وٽ بيٺو هو، جو منهنجو اندر داخل ٿيڻ ناممڪن هو، مون کي هن تي ڪاوڙ آئي، هن کي پلازه جي مکيہ گيٽ تي، اهڙي بدتميز انداز ۾ نہ بيهڻ کپندو هو، آخر فليٽ ۾ رهندڙن کي بہ تہ گذرڻو هو، لڳو ٿي هو، ڪنهن حد تائين لاپرواهہ هو، مون ڪاوڙ تي قابو پائيندي چيو: "ايڪسڪيوزمي."

۽ گهر پهچڻ تائين، مان عجيب ڪشمڪش ۽ ڪاوڙ جو شڪار ٿي ويس، مون کي ٿوري دير اڳ، پيش آيل غير اهم واقعو، ۽ ناقابل نظر انداز زيادتي لڳو، جيڪو گهر پهچڻ تائين، ماني کائڻ ۽ سمورن ڀاتين جي سمهي پوڻ تائين، منهنجي ذهن ۾ باربار ورجائبو رهيو، جيئن تہ مون جڏهن هن کي گيٽ تان هٽائڻ لاءِ "ايڪسڪيوزمي" چيو هو تہ مان گذري وڃي سگهان، تہ هو بنان پوئتي نهارڻ جي، نوٽيس بورڊ ڏي ٿورو اڳتي وڌي ويو هو، جنهن سان منهنجي گذرڻ لاءِ تہ مناسب جاءِ مهيا ٿي وئي هئي پر مان حيران هئس تہ، هن منهنجي آواز تي مڙي ڇو نہ ڏٺو هو! بهر طور مان پنهنجي حيرانگي ڪاوڙ سان گيٽ مان اندر ٿيس ۽ پاسي واري ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳيس، هڪ ڏاڪو، ٻيو ڏاڪو....ائين مان اٺ ڏاڪا چڙهيس ۽ هر ڏاڪي تي بيهي، لمحي لاءِ هن کي ڏٺو هوم، ساڳئي لاپرواهي سان نوٽيس بورڊ پڙهي رهيو هو. ائين ڏاڪي تان مان هن جو اڌپور ڪابو پاسو ڏسي پئي سگهيس، هن جهڙو ئي لاپرواهہ. ان ڏاڪي

ڄامشوري پاپي وارن ڏي ويل هئي، ۽ اسڪول جو هوم ورڪ ڪرڻ لاءِ ٻئي ڪمري ۾ هئي ۽ پاڻ آفيس ويل هو. مان يونيورسٽي ڪونه وئي هئس ۽ ظاهر آهي ته اهڙي صورتحال ۾ اخلاقاً، مون کي ئي هن کي ڪجهه ڪمپني ڏيڻي پئي هئي، جيستائين امان چانهه ڪٺي اچي، ائين ئي ظاهري مذاق سان مون هن کي چيو هو: "اوهان ان ڏينهن، مون کي گيٽ تي ڏاڍي بدتميزيءَ سان نظرانداز ڪيو هو." "ڪڏهن!؟" هن تعجب خيز انداز ۾ ڪجهه ياد ڪندي پڇيو هو، ڄڻ هن ڪان ڪائي اهم ڳالهه وسري وئي آهي.

مون هن کي نوٽيس بورڊ پڙهڻ واري ڳالهه ياد ڏياري ته اچانڪ چرڪي هن مختصر ٺهڪ ڏنو: "ته اهي اوهان هئو، مون سمجهيو هو ته پلازه ۾ رهندڙ ڪائي ڇوڪري آهي، جيڪا 'ايڪسڪيوزمي،' چئي، رستو گهري رهي آهي، ۽ مان گهٽو ڪري پلازه جي ڇوڪرين ۾ ڪائي دلچسپي ڪونه وٺندو آهيان." هن ڄڻ مون کي مطمئن ڪندي چيو هو.

'مان به ته پلازه ۾ رهندڙ ڇوڪري آهيان پر..منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ئي ڪپيندي، هن چيو هو: " پر اوهان 'ڪائي' ڇوڪري ته ناهيو، اوهان ته....؟"

هن جو جملو به اڌورو ئي رهجي ويو هو جو امان چانهه کٺي اچي چڪي هئي، ٻئي ڏينهن يونيورسٽيءَ ۾ گلنار کي، مون ڏاڍي جذباتي انداز ۾ ٻڌايو هو ته، 'مون کي پڪ آهي ته هو مون سان محبت ڪرڻ لڳو آهي' توڻي مون وٽ ان ڳالهه لاءِ، هن جو ڪلهوڪو اڌورو خوشگوار جملوئي واحد دليل هو.

گلنار مون کان پڇيو هو: "هو ڪندو ڇا آهي؟"

"هو آرڪيالاجي ۾ پوسٽ گريجوئيٽ آهي پر بيروزگار آهي، اُن جي باوجود به آرڪيالاجي هن جو جنون آهي. عالمي رسالن ۾، آرڪيالاجي تي مختلف تحقيقي مضمون لکي، هو پنهنجي ضرورتن کي پورو ڪندو آهي."

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، رات جي مانيءَ کان ٿورو اڳ، گهر جي بيل وڳي هئي، پاڻ ڇهر وغيره وٺڻ لاءِ ويل هو، مون اٿي در کوليو، سامهون هو بيٺو هو، هن جي انداز مان لڳو ته هو ڪوئي اهم فيصلو ڪري آيو آهي.

مان، هن جي اچڻ لاءِ، در کان ٿوري پاسيري ٿي بيٺس پر هن چيو هو: 'نه، مان اندر ڪونه ٿو اچان، بس، مان اوهان کي هڪڙي ڳالهه چوڻ آيو آهيان.' هن جي فيصلي ڪن انداز ڪري، مون هن کي اندر اچڻ لاءِ زور ڪونه پريو، فقط ايترو چيو هوم، "جي، چئو."

"مون کي اوهان سان محبت ٿي وئي آهي." هن اهو جملو ايترو سادگيءَ سان چيو هو، جو مون کي ڪل اچي وئي هئي ۽ مون در تي پلٽي ماريندي، ٻئي هٿ مٿي تي رکندي چيو هو: "پر مان ته اوهان کي فقط پنهنجو سٺو دوست سمجهندي آهيان، ان ڪان وڌيڪ..." هن پنهنجي شاداب مرڪ سان منهنجو جملو ڪپيندي چيوهو: "مان اوهان کان ان ڳالهه جو جواب وٺڻ ڪونه آيو آهيان، مان ته فقط اوهان کي ٻڌائڻ آيو آهيان ۽ بس" ائين چئي هو واپس ڏاڪڻيون لهندو، تڪڙو هليو ويو هو ۽ مان ائين ئي پنهنجي دروازي تي وينئي رهجي وئي هيس.

ان انڪشاف ڪان پوءِ، مون کي ڪا گهڻي حيرت ڪانه ٿي هئي، جو ان جي توقع موجود هئي ته هڪ نه هڪ ڏينهن اهو انڪشاف مون تي ظاهر ٿيندو پر ايڏو جلدي ۽ اهڙي نموني ائين مون ڪونه سوچيوهو، هونئن منهنجيءَ دل ۾ هن لاءِ پرخلوص دوستيءَ جا پاوَ ته موجود هئا پر محبت......

الهه بخش واري واقعي ڪان پوءِ مان بيحد محتاط رهندي هيس، انهن ڏينهن ۾ هڪ ٻيو به ڇوڪرو هو، عثمان، جيڪو جاگرافيءَ ۾ پڙهندو هو، جنهن به مون سان محبت جو اظهار ڪيو هو، پر مون هن کي مطلق نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. هاڻي مون کي ياد ٿو اچي ته هن جي اظهار محبت ۾ ڪيتري منصوبه بندي ۽ بناوٽ هئي. تڏهن مون اهو

ته هن جي محبت تي، شڪ جي ڪائي جاءِ ڪانه هئي، اجان به پاڻ لاءِ، مشڪوڪ ٿي پئي سگهيس، ڇو ته سچ ته اهو آهي ته مون کي هن جي محبت ٿي دريافت ڪيو هو. مان ته هڪ چنچل گمنامي هيس- جڏهن کان هو منهنجي زندگيءَ ۾ آيو هو، لمحو لمحو، مان محبت جو بازگشت ٿي وئي هئس. پر هن جي اهڙي سرد ۽ بيدرد ردعمل، مون کي به منجهائي ڇڏيو هو، مون پنهنجي اوڇنگارن کي روڪيندي چيو: ”نيڪ آهي، مان شادي لاءِ ها ڪري ٿي ڇڏيان ۽ اڄ کان پوءِ پنهنجيءَ دل تي پٿر رکي ڇڏينديس، جو توسان وري ڪڏهن به ملي ڪونه سگهندس.“

”ڇوملي ڇو ڪونه سگهنديءَ، ڇا شادي شده عورتون، محبت ڪونه ڪنديون آهن؟ “ هن جي سادگيءَ تي مون کي غصو اچي ويو هو ۽ منهنجي سڏڪن جي ڳنڍ کلي وئي هئي. گهڻي دير تائين هو مون کي پرچائيندو رهيو، هن جون سموريون چميون آليون ٿي ويون ۽ بي شعور سنجوڳ جي لمحن ۾، مون هن لاءِ وچوڙي جو لباس تيار ڪري ورتو هو. ڪپڙا پائيندي، مون کي پڪ هئي ته اسين وري ڪڏهن به ڪونه ملي سگهنداسين، ان ڪري هن کي ۽ پاڻ کي بي لباس ئي رهڻ ڏنم، هو معصوم ٻار وانگر منهنجي ڪنارن تي کيڏندو رهيو، پر مان ڪائي اهڙي ندي ڪانه هيس، جا هن کي ٻوڙي سگهي ها. مان ڇا ٿي ڪري سگهيس، سواءِ رهجي ويل چمين جا ڦول، هن جي چپن تي رکڻ جي.

۽ وري ٻيهر اسين هڪ ٻئي جي جسمن ۾ ڪپي ويا هئاسين، الوداع جي گهڙي، اسان جي سنجوڳ کي ڪتريندي رهي هئي، مون کي لڳو هو ته، ’ديوارون، پلنگ، الماري، ڇت، ڇت ۾ لڳل پکو، مطلب ته ڪمري جي هر شيءِ، اسان جي هن آخري سنجوڳ ۾ شامل آهي.‘ ڪپڙن پائي ڇڏڻ کان پوءِ، هن مون کي چيو هو: ”تون هميشه منهنجي محبوبا رهين، اهائي منهنجي منزل آهي. مان توسان شادي ڪري، پاڻ سان ۽ تو سان زيادتي ڪرڻ نٿو چاهيان ڇو ته مون کي خبر آهي ته شادي، محبت ڪندڙ دلين سان، هڪ مهذب زيادتي هوندي آهي.“ واقعي به مون سمجهيو هو ته اها اسان جي آخري ملاقات آهي، پر ائين ڪونه ٿيڻو هو، جڏهن مون تي گهر وارن، شادي لاءِ زور ڀريو ته مون ڪين امتحانن جو بهانو ڏئي، ڳالهه کي اڳتي مهينن لاءِ ٽاري ڇڏيو هو، اڳتي مهينن کان پوءِ، مان آخري سال جو امتحان ڏئي فارغ ٿي وڃان ها ۽ ڪائي نوڪري وٺي، شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏيان هان، پرانهيءَ مهلت، مون لاءِ به واٽا کولي ڇڏيا. انهيءَ دوران عثمان، يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي ويجهو ٿيڻ لڳو هو، شروع ۾ ته مون هن کي نظرانداز ڪيو هو پر جڏهن کان هن مون کي پرپوز ڪيو هو، مون کي همٿ ڪانه پئي ٿي ته ڪيس اهڙي بي رحم انداز ۾ نظرانداز ڪيان- جنهن جو نتيجو اهونڪتو ته عثمان، مون کي ڪافي ويجهو ٿي ويو، هڪ ڏينهن ته پوپلين ۾، باسڪٽ بال ڏسندي، مون کي چمي به ورتائين،توڻي هن منهنجو ساڄو هٿ ٿي چميو هو پوءِ به الائي ڇو، مون هن جي ان گستاخ جرئت کي معاف ڪري ڇڏيو هو، لازمي طور تي هن جي همٿ اجان به وڌي هئي، مان ڪنهن عجيب ڪشمڪش ۾ رهڻ لڳي هيس.

صورتحال ائين وڃي ٿي هئي جو پلازه ۾، هو مون لاءِ منتظر هوندو هو ۽ يونيورسٽي ۾ عثمان، مون لاءِ انتظار جا لمحا ڳڻيندو هو. مان ٻنهي جي وچ ۾، ڪائي نامناسب پل هيس، جنهن تان هو ٻئي، ڪڏهن به هڪ ٻئي کي ڪونه ڏسي سگهندا هئا.

عثمان ته رڳو يونيورسٽيءَ ۾ گڏبو هو، باقي وقت ته مون کي پلازه ۾ ئي هئڻو هو، تنهنڪري جلدئي هن مون کي ٻيهر ملاقاتن لاءِ راضي ڪري ورتو هو ۽ ائين وري مون تي ۽ هن تي، محبت جا نامعلوم دروازا کلي چڪا هئا.

منهنجا امتحان ٿي ويا ۽ مان يونيورسٽيءَ مان فارغ ٿي چڪس ته مائٽن، وري شادي لاءِ زور ڀريو، مون غير متوقع طور تي ها ڪري ڇڏي هئي، منهنجو ۽ عثمان جو مڱڻو ٿي ويو ۽ اسين ٻئي ڪليل نموني گڏجي گهمڻ ڦرڻ لڳا هئاسين. عثمان، يونيورسٽيءَ مان موٽي، اسان جي گهر هليو ايندو هو ۽ شام جو اڪثر اسين ٻئي آئوٽنگ لاءِ نڪري

وري ڪڏهن به هن کي ڪونه ڏسي سگهندي.“ پهريون ڀيرو مون کي احساس ٿيو ته مان به هن لاءِ ڪيڏي بيچين آهيان. فقط هن جي هڪڙي جهلڪ ڏسڻ لاءِ، مان اهو سڀ ڪجهه دهرائڻ لاءِ به تيار هئس، جنهن منهنجي زندگيءَ ۾ اٿاهه اذيتون پريون هيون.

اينڊڙ هفتي منهنجي شادي هئي، عثمان، سندس ڀيڻ ۽ امان وارا، ڪراچيءَ شاپنگ لاءِ ويل هئا، مون کي به هلڻ لاءِ گهڻو ئي زور ڀريو هئن پر مون انڪار ڪري ڇڏيو هو، پلازه جي فليٽ ۾ اڪيلي رهڻ ڪائي نئين ڳالهه ڪونه هئي، هڪ ڀيرو اڳ ۾ به، مان هن فليٽ ۾ اڪيلي، رات گذاري چڪي آهيان، امان وارا، گهاري، مائٽن جي شادي جي دعوت تي ويا هئا، تڏهن منهنجا پيپر پئي هليا، ان ڪري مان ڪونه وئي هيس، اها ته رڳو مون کي ئي خبر هئي ته تڏهن هوئي مون سان فليٽ ۾ سڄي رات رهيو هو، پنهنجي گهر ۾، هڪ مڪمل رات، هن جي پاڪر ۾ گذارڻ جي ياد، مون کي مون ۾ انوکي طرح سجاڳ ڪري ڇڏيو هو، سومهڻيءَ ڪان وٺي، گيلريءَ ۾ هن جي خيالن ۾ ڪوئجي، جڻ مان ڪنهن مبهم مستقبل جي منصوبه بندي ڪري رهي هيس.

اڄ هن جي غير موجودگيءَ ۽ هفتي ڪان آيل هن جي ’آخري خط‘ مون کي ٻيهر محبت جي زمين تي پوکي ڇڏيو هو ۽ مون سوچيو ته، ”جڏهن ڪان هو هليو ويو آهي، سمورا ڏينهن هڪ جهڙا آهن. ڪنهن خوف ۾ ويڙهيل مصروفيت، منهنجيءَ دل کي، خزان جي سمنڊ وانگر پائينندي ٿي رهي. منهنجي زندگي، مون ڏي لکيل پراسرار، بوجهل، اداس ۽ گمنام خط آهي....“

اچانڪ فون جي گهنٽي تي مان، پنهنجي خيالن مان ڪري ٿي پوان. فون جي گهنٽي ڪنهن ناراض سهيليءَ وانگر بڪندي ٿي رهي. منهنجي دل گيلريءَ مان اٿڻ تي نٿي چوي. گيلريءَ ۾ ويني، مان هن کي قريب تر محسوس ڪندي آهيان. مون کي ته وقت گذرڻ جو به احساس ڪونه رهيو هو. سومهڻيءَ ڪان ويني ويني، آڌي رات ٿي وئي ۽ هن وقت خبر ناهي ڪنهن جي فون هئي، ظاهر آهي گهر وارا ڪراچي ويل اهن ته فوق، مون کي ئي اٿڻ ڪرڻي پوندي. مان گيلريءَ مان اٿيس، مون سان گڏ منهنجون يادون به اٿيون، ڪوهيڙي ۾، موجود هوائن وانگر هلندي، مان پاڻ کي ڏاڍي اڪيلي لڳس. اڄ رات، هن جي هتي هجڻ جي تمنا، ڪيڏيءَ بي رحميءَ سان مون کي گهيريو هو، مون ڪمري ۾ اچي، ريسور کنيو، ريسور کڻڻ سان فون جي گنٽي مري وئي ۽ ايئرپيس مان ڪنهن اجنبي مرداني آواز چيو، ’Happy New Year‘ مون ريسور يڪدم رکي ڇڏيو ۽ فون جي پاسي ۾ ئي، گذريل سال ۾ ويهي رهيس. بلڪل ساڳئي لمحي، گذريل سال، هن، ساڳئي فون تي، مون کي نئين سال لاءِ ساڳيو جملو چيو هو، مون فون ڏي ڏٺو، فون منهنجي ڳوڙهن ۾ ٻڏي وئي، اڪيلي گهر ۾، خاموش ٽيليفون آڏو، اڪيلي، مان رئندي رهيس، هو منهنجي لڙڪن جي نديءَ ۾ ٻڏندو رهيو.

منهنجي سڏڪن ۾ ٻيهر فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي، مون اٿي، باٿ روم ۾ وڃي منهن ڌوتو ۽ فون جي گهنٽي وڄندي رهي.

مون کي ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته مان ڇا ڪيان؟ ڇا ڪوئي اهڙو رستو ڪونهي. جنهن تان گذري، هو هاٿي جو هاٿي، مون تائين پهچي وڃي؟؟

مون کي خبر آهي ته اڄ رانگ نمبرس جي رات آهي، ان ڪري فون کي نظر انداز ڪندي مان ڊرائينگ روم ۾ اچان ٿي، خاموش گهر ۾، فون جي گهنٽي ۽ هن جي ياد، ڏاڍيو وڙهي رهيون آهن. ڊرائنگ روم ۾، جتي، يونيورسٽيءَ مان کٽيل منهنجون ٽرافيون رکيل آهن، ان جي بلڪل سامهين ديوار تي هڪ ننڍو فريم لڳل آهي، جنهن ۾ چند گل قيد آهن. هُن، جڏهن، مون کي اهو گفٽ ڪيو هو ته چيو هئائين، ”جيئن هيءَ گلَ، هن بلوري فريم ۾ قيد آهن، ائين

مان بہ تنهنجي وجود جي فريم ۾ فيڊ ٿيل گل آهيان، ڏسجانءِ، مان مرجهانجي ويندس."

ان ڏينهن جا ڪجھ رهيل لڙڪ، اکين مان لڙي ٿا پون، فون جي گھنٽي بند ٿي وڃي ٿي. مان آلين اکين ۽ ننڍاڪڙي بدن سان، فريم کي ڏسندي رهان ٿي.

مون کي ڊرائنگ روم ۾ صوفي تي ئي ننڊ اچي وڃي هان، پر اچانڪ، منهنجي اندر مان.هڪ حيرتناڪ فيصلي جنم ورتو، مون اٿي رائيٽنگ ٽيبل جي خاني مان پيڊ ۽ لفافو ڪڍيو، پيڊ مان هڪ سفيد ڪاغذ کي نرم دليءَ سان ڦاڙي، ان تي لکيو:

Please, come back soon,

I miss you ......Yours....!?

ڪاغذ کي، بيحد پيار سان ويڙهي، لفافي ۾ وجهي، ان تي هن جي ايڊريس لکي ۽ بند ڪري، اتي ئي رکي اچي، بيڊ روم ۾ سمهي پيس.

مون کي پڪ هئي تہ هن کي جڏهن اهو خط ملندو تہ هو ان وقت ئي هليو ايندو. ۽ ننڊ اچڻ تائين اهوئي منهنجو آخري فيصلوهو تہ، "هو.جيئن ئي ايندو تہ مان هن کي صاف صاف ٻڌائينديس تہ برابر مون ڪجھ وقت لاءِ عثمان ۾ بہ دلچسپي محسوس ڪئيٰ هئي پر مان توڪان سواءِ نٿي رهي سگھان. توکي جيڪڏهن شادي جي لفظ کان بہ نفرت آهي تہ مان سڄي عمر، توسان محبوبا ٿي رهڻ لاءِ بہ تيار آهيان، عثمان سان شادي ڪان، مان انڪار ڪري ڇڏينديس، تون مون کي ڏاڍ نہ ڪر." ٻئي ڏينهن تيار ٿي، مون امان وارن جو انتظار ڪونہ ڪيو، جيڪي ڪراچيءَ مان اڄ موٽڻا هئا، فليٽ جي چابي، چوڪيدار کي ڏئي، مان ٽي-سي-ايس (T.C.S) جي آفيس وڃڻ لاءِ اچي رڪشا ۾ ويٺس.

خط ٽي.سي.ايس ڪري، مون سوچيو، گلنار سان ملندي وڃان، جيڪا اڄڪلھ هڪ روزاني سنڌي اخبار جي آفيس ۾، ڪمپيوٽر آپريٽر آهي، پر هن وقت، يقينن هو مصروف هجي ها، ان ڪري رڪشا ڪري گھر موٽي آيس.

امان وارا اچا ڪونہ پهتا هئا، مون کي شايد هنن جو انتظار بہ ڪونہ هو. ها، جيڪڏهن انتظار هو تہ ڪن عجيب نامعلوم لذيذ لمحن جو، جنهن جي تصور ئي مون تي خوشيءَ جا دروازا کولي ٿي ڇڏيا.

ٽيليفون جي گھنٽي وڳي تہ مون فون ڏي ڏسي بي سبب کلي ڏنو. رسيور کڻ تي رکڻ سان ئي خبر پيم تہ گلنار جي فون هئي، مان ڏاڍي خوش ٿيس، مون سوچيو تہ گلنار کي هن جي باري ۾ پنهنجي فيصلي کان آگاھ ڪيان، هوءَ ئي تہ منهنجي واحد راز دان هئي، پر فون تي اهو ٻڌائڻ مناسب ڪونہ لڳو، ان ڪري کلي پڇيو مانس: "اڄ آفيس اورز ۾ ياد ڪيو اٿئي، ڪو ڪم آهي ڇا؟"

ريسور جي ٻيءَ پار تان گلنار جو رنڀهارڪو آواز آيو، لفظن جي پاري جو پهاڙ هو، جيڪو منهنجي ڪنن ۾ لهندو ويو. مون رڳو ايترو سمجھيو تہ: "هن خودڪشي ڪري ڇڏي آهي". پوءِ گلنار، الائي ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾، الائي ڇا چوندي رهي، مون کي هوش ڪونہ رهيو.

ڪيڏي عجيب ڳالھ هئي تہ جڏهن مان اهو خط، هن ڏي ٽي.سي.ايس ڪري رهي هيس تہ ڪيتري خوش ۽ مطمئن هيس- مون کي خبر ئي ڪونہ هئي تہ ان خط کي هو ڪڏهن بہ وصول نہ ڪندو جو هميشہ لاءِ هن پاڻ کي فنا ڏي پوسٽ ڪري ڇڏيو هوندو.

●

چپ چاپ اونڌا سونڌا چنبا ڪائي ويهي رهي هئي. پر ماڻهس جو پارو جيئن پوءِ تيئن گهٽجڻ بجاءِ وڌ وڌ ويو ٿي وڌندو، هن باقاعده صدا کي ڌڪا ڏيندي گهر مان ڪڍندي چيو هئو: "نڪر!... رن منهنجي گهر مان، اهڙي اولاد کان ته اوندهه چڱي آ. توجهڙي ته شل ڪُتيءَ کي به نه ڄمي، خبر هجي هان اهڙي ٿيندينءَ ته ڄمندي ويل وهه جي سُٽي وجهي چڙهيائين هان!. منهنجي ته قسمت ئي خراب نڪتي آ. پر جنهن جي گهر ويندينءَ ان کي به دوزخ ڪري وجهندينءَ. ماءُ کي اهو ٿي مانُ ڏين ته سسٽهين کي ته واهولا وهائيندينءَ."

پروين وچ ۾ پئي هئي ته هن سان ڪجهه جهڪو ٿي ڳالهائيندي چيو هئائين: "تون وڃي وڃينس گهر! باقي مان هن کي هاڻ هن گهر ۾ رهڻ نه ڏيندس، ڪهڙو دور اچي ويو آ. ڏيءَ ويهي ماءُ سان ائين ڳالهائي، اهڙيءَ کي گولي پري بندوق مان نه ڪڍجي."

پروين ائين ئي ڪيو هو، صدا کي سمجهائي گهر وٺي آئي هئي. رات جو صدا جو پيءُ ۽ ماءُ ڪيس پرچائڻ آيا هئا، پر هوءَ جاڳي واڳي سوڙ ۾ منهن وجهي ليٽي ئي رهي ۽ پروين کي چيو هئائين: "چئين ته مان ننڊ پئي هان!-" ۽ پوءِ ليٽي ليٽي، سوچيندي سوچيندي ڪيس ننڊ اچي وئي هئي. ان رات هن فيصلو ڪري ورتو هوته جي حسنين هن سان شادي ڪئي ته ٺيڪ آهي، نه ته هوءَ پنهنجو پاڻ کي ماري ڇڏيندي، پر ماءُ سان نه رهندي- ان کان اڳ هن ڪڏهن به نه سوچيو هو ته هوءَ ڪا ڪڏهن شادي به ڪندي، يا اگر حسنين ڪيس سٺو ٿو لڳي ته ان سان هوءَ سڄي زندگي گذاريندي، پر ان رات ڪيس اهي سڀ ڳالهيون سٺيون لڳيون هيون ۽ ان کان پوءِ حسنين ڪيس ٿهائين وڌيڪ سٺو لڳو هئو.

چاچهنس ته جڻ گهڻو اڳ ڪيس پنهنجي پهرين ۽ آخري ننهن جو درجو ڏئي چڪو هئو. ڌيءَ کان به وڌيڪ صدا سان پيار ڪندو هو. هو ڪابه ڳالهه ڪوبه مسئلو هن کي ئي اچي ٻڌائيندو هو. پوءِ گهر جو هجي يا ٻاهر جو. هو ته چوندو ئي ائين هو: "صدا سان منهنجي دوستي آهي، جيئن پروين جي پنهنجي پاءُ سان آهي ۽ هوءَ ان سان ويهندي، ڳالهيون ڪندي آهي ۽ حد کان وڌيڪ پيار ڪندي آ... جيئن منهنجي زال پنهنجي گهر سان، گهر جي ڪم ۽ گهر جي سامان سان محبت ڪندي آ، ائين مون کي صدا سان محبت آهي ۽ هُوءَ مون کي وڻندي آ."

چاچهنس جنهن حي ڪيمسٽري ۾ ڪنهن دور ۾ M.Sc ٽيل هئي.. سو 'اوزون' جي باري ۾ غور سان ٻڌندو هو ۽ پڻ ان موضوع تي سٺي نموني ڳالهائي به سگهندو هو. ان ئي جذبي تحت هن ڪافي بوٽا به هڻيا هئا ۽ ماحول جي گدلاڻ بابت ڪڏهن مذاق ۾ ته ڪڏهن سنجيده ٿي ايترو ڳالهائيندو هو جو اهو جڻ سندس تڪيه ڪلام ٿي ويو هو. اگر ماني ڪائيندي پاڇي نه وٽيس ته چوندو ئي ائين هو: "حسنين ماءُ! هاڻي ٻيلي پوڙهي ٿي وئي آن، اڄ ته پاڇي جو ماحول ڏاڍو خراب ٿي ويو آ."

يا اخبار پڙهندي چوندو هو: "اخبارون به اسان جي معاشري جي عڪاسي ٿيون ڪن. اخبارن جو به ماحول هاڻي خراب ٿي ويو آ. پڙهڻ جهڙيون ئي ناهن رهيون."

تنهن ڏينهن صدا جون اکيون پرجي آيون هيون، جڏهن چاچهنس جي آپريشن جي تاريخ ظاهر ٿي هئي. ان ڏينهن چاچهنس مذاق مذاق ۾ چيو هو: "ابا!... چون ٿا ته منهنجي جسم جو ماحول خراب ٿي ويو آ، ان ڪري آپريشن ضروري آ. چوان ٿو ته اِهو نيڪي جو ڪم به اگر اِتي ڪنهن پر واري شهر ۾ ٿي پئي ته سٺو. پر حسنين جو ضد آهي ته ڪراچي جي ڪنهن سٺي اسپتال ۾ ٿئي، هاڻي حالات به ڪراچي جا صحيح آهن. چوندو آهيانس ته دنيا جي سڀني غريبن جا حالات صحيح ٿي سگهن ٿا، پر ڪراچي جا حالات هاڻ صحيح نه ٿي سگهندا. انهن تي اعتبار ڪرڻ ڪان

بهتر آ، ماڻهو پوليس وارن تي اعتبار ڪري وڃهي. اڪ چنپ ۾ الانجي ڇا مان ڇا ٿي ويندو آ، ان ڪراچي ۾..."

اڄ صبح کان صرف ان خبر ٻڌڻ لاءِ تہ 'هو سڀ واپس خيريت سان اسپتال مان واپس اچي رهيا آهن.' صدا ۽ پروين فون کي تڪينديون رهيون هيون، تہ ڪڏهن ٿي گهنٽي وڄي ۽ ڪڏهن تہ ڪوئي اچڻ جو اطلاع ڏئي. ان انتظار ۾ ڪافي وقت گذري ويو هو. پروين ڪنهن ڪم سان ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي هئي، ڇاڇهنس اڳواٽ ئي حُسينن وارن جي ڪاڏي تيار ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وئي هئي جيئن پهچن تہ ماني اچي کائن. جيتوڻيڪ صدا ۽ پروين وارن کي خبر هئي تہ ان ڏينهن تي هو فارغ ٿي ايندا. پرهنن ان جي بہ پوري پڪ پئي چاهي جو سندن سڄو ساهہ اوڏانهن ٽنگيو پيو هو.

... ۽ جڏهن فون جي گهنٽي وڳي هئي تہ پروين ٻاهران ڊوڙندي اندر آئي هئي، پر ان کان اڳ فون صدا کنئي هئي. تڏهن پروين ڏٺو تہ صدا ٻنا ڳالهائڻ جي رڳو فون ٻڌي رهي هئي، ۽ هن جي چهري جو رنگ بہ ساڳيو نہ رهيو هو ۽ پروين سمجهيو شايد ٻئي پاسي حسنين پيو ڳالهائي، جو صدا هميشہ جيان هڪ تہ ڪيس جواب نہ پئي ڏنو. پيو حسنين جو آواز ٻڌندي ئي صدا جي چهري جو رنگ مٽجي ويندو هو.پر هن وقت پروين صدا جي بدلجندڙ رنگ جو اندازو لڳائي نٿي سگهي، تنهنڪري پروين صدا جي هٿ مان رسيور ڪسي يڪدم پڇيو: "ادا!... بابا هاڻي ڪيئن آهي، اسان ساڄهر کان ويناهون!... توهان هاڻ....." هوءَ اڃان ڳالهائي ئي رهي هئي، هن پنهنجو جملو اڃان پورو ئي ڪونہ ڪيو هو جو صدا هنياءَ ڦاڙ رڙيون ڪندي ڪمري مان ٻاهر نڪري آئي هئي ۽ ورانڊي جي ٿل سان چنبڙي روئي پئي هئي.

اها فون صدا جي پيءُ ڪئي هئي، جنهن ڪيس ٻڌايو هو تہ واپسي تي شهر جي ميڊيڪل اسٽور تان پيءُ لاءِ دوائون وٺندي، حسنين دهشتگردن جي گولين جو ڪاچ ٿي ويو آهي. صدا جي پيءُ فون تي صدا کي سمجهائيندي چيو هو تہ هوءَ کين ان موقعي تي تسلي ڏئي ۽ کين ان بابت ڪهڙي بہ ريتا ٻڌائي ڇڏي ائين نہ جو اوچتو لاش کي ڏسي خود هنن جو درد کان هنياءُ ڦاٽي پئي.

پر ان حالت ۾ هوءَ کين ڇا تسلي ڏئي ها! ايڏي وڏي ڳالهہ جا هوءَ قبول نہ ڪري سگهي، سا هنن کي ڪيئن ٻڌائي ها؟ هن جي ائين روئڻ مان ۽ فون جي اوچتو بند ٿي وڃڻ مان، پروين کي اگر شڪ بہ ٿيو هو تہ پيءُ تي ٿيو هو، جو هن جو تازو آپريشن ٿيو هو. حسنين ڏي تہ ڪنهن جو خيال بہ نہ هو، هُو بہ ساٿس گڏ روئي پيون. ان ويل صدا کي کين پرچائڻ ۽ حسنين بابت ٻڌائڻ ڏاڍو مشڪل لڳو هو.

پر جڏهن روئڻ جو آواز ٻڌي صدا جي ماءُ آئي هئي. تنهن کي هوءَ الائي ڪيئن ٻڌائي سگهي هئي، پوءِ تہ ڇاڇهنس پٽ سان ٽڪر هڻي رت ڪڍي ڇڏي هئي. پروين زمين تي ويهي ڪٽ جي پائي سان پنهنجو مٿو پئي ڦاڙيوءِ هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هوءَ کين پرچائي يا پاڻ حسنين لاءِ روئي. ڪيس پنهنجا حواس پنهنجي قابو ۾ نہ پئي لڳا، صدا اتان اُٿي اچي گهرجي هڪ ڪنڊ ۾ ڪٽ جي پائي سان مٿو هڻي هڻي دل کولي روئي پئي هئي.اتي ئي هن نہ ڄاڻ ڪيڏا بي گناهہ لڙڪ لاڙيا هئا ۽ اتي ئي ويني هن ڄڻ صديون سورن جون ڪاٽيون هيون.

اڃان ڪلهہ ئي تہ سونارو در ڪڙڪائي مڱڻي جي تيار ٿيل منڊي ڏئي ويو هئس ۽ پروين مڱڻي واري منڊي صدا کي ڏيکاريندي چيو هو: "مڱڻي جي منڊي نهي وئي آ..."

"پوءِ..." صدا ٻنا ڏسڻ جي ڪُوڙي لاپرواهي منجهان چيو هو. تڏهن پروين چيو هئس: "الله پوءِ!... هاڻي ايڏي غريب نہ ٿي! ايڏي شريف نہ ٿي! مون کي خبر آهي ڪيڏي استاد آهين."

"ڇو مون ڇا ڪيو آ..."

چيو: "اٺي!... ڏنئہ!...دماغ ۾ ڪيڏا نشان آهن گولين جا؟ اڪيون ٿي ٻاهر نڪري آيون اٿس، ڏسندي ئي ڏپ ٿو ٿئي!..." صدا اهو سڀ برداشت نہ ڪري سگهي هوءَ چرين جيان ماين کي نڪري وڃڻ لاءِ دڙڪا ڏيندي رهي، مايون پٽڪنديون، ڪُڙڪنديون هليون ويون ۽ سندن پنيان صدا جي ماءُ بہ ٽڪل وکن سان ويندي رهي هئي.

حسنين وارن جو گهر سدا جي گهر ويجهوئي هو، ان ڪري ايندڙ سڏڪن ۽ پارن جا تيز ٿيندڙ آواز ان خطري جي گهنٽي هئا تہ حسنين جو بي جان وجود هميشہ لاءِ گهرجي چانوءَ مان نڪري مڻ مٽيءَ جي هيٺان دبجڻ لاءِ اُسري رهيو آهي، ٻئي طرف هن جا تنها سڏڪا ائين پئي لڳا جڻ ولر ڪان پري، وڇڙيل گهايل ڪونج جي ڪُڪ رڻ ۾ گونجندي هجي.

آخري لمحي جڏهن منهن ڏيکاريو پئي ويو. تڏهن وري پيءُ صدا کي وٺڻ آيو هو.

"صدا!... حسنين کي ڪڻ ٿا.... چون ٿا مُنهن ڏسي وڃ،... هو ڪيس گهڻو وقت نہ ٿا رکي سگهن."

"بابا!..." چئي هوءَ پيءُ جي سيني ۾ منهن وجهي روئي پئي.

"ڏاهي ٿيءُ!... پٽ!... (پٺس سمجهائيندي چيس): "مايون اجايون ڳالهيون ٿيون ناهن، سو سڻو نہ ٿو لڳي. هنن کي ڀلا ڪهڙي خبر تہ ثواب خاطر مُردي جو منهن ڏسڻ ۽ پنهنجن پيارن، عزيزن جو منهن ڏسڻ ۾ ڪيڏو فرق آ... بس!... اِها بہ رسم ٿي وئي آ... سو منهن ڏيئڻو آ... مان ڏس، مرد آهيان ني!... مون کي ئي همت نہ ٿي ٿئي تہ هن جو منهن ڏسان، جيڪو هن جو نہ آهي.... يا پنهنجن هنن جمُور ڪلهن سان اهڙي جوان کي ڪلهو ڏئي پورائي اچان... ۽ ائين تہ ڪرڻو ٿو پوي، ماڻهو سچ تہ ڪنهن جون مجبوريون ڪنهن جون دلي ڪيفيتون سمجهي نہ سگهندا، اهڙي ماڻهوءَ کي هو عمر ۾ ميارون ڏئي، معاف ناهن ڪندا. ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهڙن موقعن تي خود ماڻهو جي اندر ۾ پڇتاءُ رهجي ويندو آ. ۽ هو خود پاڻ کي معاف ناهي ڪري سگهندو. وڌيڪ تنهنجي مرضي آهي." پٺس ڪيس سالڪن جيان سمجهائيندي اوچتو چرين جيان ڳالهائڻ لڳو: "هل ني!.... حسنين سان ملڻ... هو تنهنجي انتظار ۾ اڃان ترسيل آهي، هن کي دير ٿي ٿئي، متان هو وکي ميار نہ ڏئي تہ تو هن جو مُنهن ڇو نہ ڏٺو..."

گهر جي در وٽ ڪنهن مائٽ پٺس کي سڏ ڪندي چيو: "جمن ... هليا دير ٿي وئي آ ڪافي، وڌيڪ دير لاش نہ ٿا ترسائين تہ متان خراب نہ ٿي وڃي... ۽ رت بہ بيهي ئي نہ ٿو."

هو پنهنجن نيڻن ۾ پرجي آيل لڙڪ بنا اگهڻ جي صدا کي اتي ئي ڇڏي پاڻ هليو ويو ۽ صدا جي ذهن ۾ پنهنجي مائٽ جا لفظ رهجي ويا: " خراب نہ ٿي وڃي ۽ رت بہ بيهي ئي نہ ٿو." ڪيس اڄ دنيا جي هر شيءِ خراب لڳي رهي هئي، هر لمحو خراب لڳي رهيو هو، ڪيس ائين لڳي رهيو هو جڻ حسنين جي لاش مان نہ، ڪائنات جي هر ذريءَ مان رت ڳڙي رهيو هو. آسمان، زمين، آرپار رت ئي رت هو، جنهن ۾ هن جو ساهہ، هن جي دل، هن جو پورو وجود ٻُڏي رهيو هو ۽ رت جي ٻوڏ ۾ هوءَ تارون تار ٻڏي وئي هئي پنهنجي سک، ڏک سوڌو."

فياض چند ڪليري

# رات، اڌ چنڊ جي قاتل آهي!

"زال مڙس جي هڪڙي ئي ڪمري ۾ هڪڙي ئي بيڊ تي سمهڻ جي باوجود جڏهن گهر ۾ چاهتن جو گواهه، ڪو گلاب نه ٽڙندو آهي ته پوءِ الائي ڇو بيوهه پڻي جو احساس اندر ۾ سلوپوائزن جيان ڦهلجڻ لڳندو آهي. سوچيان ٿي، انهيءَ احساس جو عذاب رڳو عورت جي دل جي ڪاتي ۾ ئي ڇو ويندو آهي...."

بيڊ روم ۾ ليمپ جي شفاف روشنيءَ ۾ ڊائري تي پنهنجين محرومين جا ڪومايل گلاب ٽاڪيندي هُن جون آڱريون ڏکڻ لڳيون ٿيون، اوجاڳيل اکيون ڪٽي، هوءَ پنهنجي اکين ۾ آيل اُداسي ڪمري ۾ موجود شين سان شيئر ڪرڻ چاهي ٿي، پر ڪمري ۾ موجود هر شيءِ رات جي پاڪر ۾ گم. سندس سامهون ٽي وي ڪيبن مٿان پيل خاموش ٽي وي. ڪيبن جي هيٺين خانن ۾ وي، سي، آر ۽ ڊيڪ به چپ، ديوارن تي لڳل سينريون ۽ پوٽريٽ به پنڪين ۾.... بوڪ شيلف ۾ رکيل ڪتاب به پنهنجن حرفن جي ٻانهن ۾ پڪوڙيل. رڳو هوءَ ۽ سندس ڊائري جاڳيل....

بيڊ تان اُٿي سليپنگ گائون کي ٺاهيندي، هوءَ ڊريسنگ ٽيبل جي پرسان اچي بيهي ٿي، ۽ سان ئي بورڊ تي هٿ رکي ٽيوب لائٽ آن ڪري، پاڻ کي سٽيٽي تي ڦٽو ٿي ڪري.

ڊريسنگ ٽيبل جو آئينو معمول جيان ڪيس رُنل لڳي ٿو. آئيني تي پنهنجا هٿ ڦيريندي، هوءَ ٽٽنڊڙ لهجي ۾ آئيني سان مخاطب ٿئي ٿي ڄڻ آئينو سندس هر ڳالهه ٻڌنڊڙ ۽ سمجهنڊڙ هجي....

"منهنجي اندر جي اڪيلائي، منهنجي محروميءَ جي ڪهڙي ڪهڙي شاهراهه کي ماپي... ڪنهن به راهه تي تڪميل جو ڪوبه سائين بورڊ نظر نٿو اچي... هر چونڪ تي ماڻهن جي ميلي ۾ پاڻ کي اجنبي محسوس ڪندي، پنهنجي پاڇولي سان گڏ ڪسڪي اچان ٿي ۽ منهنجي دل جي بي چين ڌڙڪن نانگ جي ڦڻ جيان منهنجي روح کي ڏنگيندي ٿي رهي... سوشل لائيف جون سموريون رنگينيون ۽ آسائشون مون کان گهبرائي لڪي وڃن ٿيون ۽ هاڻ تون به اکيون چورائڻ لڳو آهين... تون ئي ڏس! مان ڪاڏي وڃان.... ڪنهنجي ڪُلهي تي ڪنڌ لاڙي روئان ... ۽ ڪوئي مون کي ڳراٽڙي پائي.... منهنجا ڳوڙها اُگهي .... مون کي پيار سان سمجهائي... چوي، زيبو! ڇو ٿي پنهنجو پاڻ کي اڪيلو سمجهين... مان جو آهيان تنهنجو ۽ صرف تنهنجو"

هُن کي محسوس ٿيو ڄڻ، آئينو ساڻس گڏ روئڻ لڳو آهي. هُن کي آئيني جو لسو ته گهميل محسوس ٿيو. پل لاءِ ڪيس لڳو، ڄڻ آئينو پنهنجون ٻانهون ڦهلائي، ڪيس ڳراٽڙي پريندو... پر آئينو پنهنجي جاءِ تي قائم.... ڪمري جي هر شيءِ پنهنجي جاءِ تي ساڪن.... چڙو هوءَ، هُن جون اکيون ۽ دل متحرڪ .... پنهنجين اکين جي اُٻاٽڪائيءَ کي آئيني تان ميڙي، هوءَ اُٿي ٿي، ڪمري ۾ ڪجهه لمحا بي مقصد پسار ڪرڻ کان پوءِ، ڪمري جي ڪابي پاسي کان نهيل بالڪونيءَ ۾ اچي بيهي ٿي.... آسمان ۾ لٽڪيل پهرين تاريخن جو چنڊ ڪيس پنهنجي من جيان اُٻاٽڪو اُٻاٽڪو پاسي ٿو.... بالڪونيءَ جي سامهون هيٺ، ڪجهه فرلانگن تي موجود پارڪ ۾ نهيل جهولا ۽ ٻاراڻي گسڪڻ ڪيس ڪنهن ڏيادتي ٿيل عورت جيان گهوريندي محسوس ٿين ٿا. باغ جي وچ ۾ لڳل See Saw کي هوا تي خالي لڏندي ڏسي. ڪيس پنهنجي محروميءَ جو شديد احساس ٿئي ٿو.

هوءَ اکيون ٻوٽي تصور ئي تصور ۾ پنهنجو پاڻ کي See Saw جي هڪڙي ڇيڙي تي وينل ڏسي ٿي ۽ ٻئي ڇيڙي تي معصوم ٻارڙي کي وينل محسوس ڪري ٿي پر ٻئي پل هوا جو تيز جهوٽو سندس تصور جي نفيس پردي کي

چيري گذري ٿو وڃي. هوءَ باغيچي مان نظرون هٽائي، بنگلي جي مين گيٽ مٿان ٻرندڙ بلبن کي گهوري ڏسي ٿي... گيٽ ڀر سان اندرين پاسي، ڊيوٽيءَ تي موجود سپاهي ڪرسي تي ننڊ جي جهوٽن ۾.... هوءَ پنهنجي نهار جا ڪوليل ٽان ويڙهي، بالڪونيءَ مان ٻيهر ڪمري ۾ موٽي اچي ٿي... بالڪونيءَ ڏانهن کلندڙ در ۽ دريون نيڪ طرح سان بند ڪري، A-C آن ڪري، ٻيهر بيڊ تي سمهي. ليمپ جي شفاف روشنيءَ ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي... ڊبل بيڊ جي کاٻي پاسي خالي جاءِ، سندس مڙس جي غير موجودگيءَ جي احساس کي ڪُرڇڻ لڳي ٿي. جيڪو معمول مطابق پنهنجي رات، پنهنجي ڪلاس ۽ ڪليبر جي ماڻهن سان شيئر ڪندو هوندو. هوءَ ٻيهر ڊائريءَ جي ڪاغذن تي احساس جا ڪومائيل گلاب چنبڙائڻ لڳي ٿي. ”مون ته سمجهيو هيو، هُن جي سفر جون سڀ ڏسائون، منهنجي وجود جي شهر جي گهاٽ تائين ڇيهه ڪنديون... منهنجو انگ انگ هُن جي ڇهاءُ جي روشنيءَ سان سدائين روشن رهندو... پر هُو به وقت جي دلفريب چادر ۾ اچي ويو آهي.... منهنجن چپن مان نڪرندڙ پيار ڀرين لفظن بدران ايم. اين. ايز- ايم، پي، ايز ۽ ڪمشنر جا ٽيليفون تي مليل احڪام هن لاءِ ياد رکڻ جهڙا ٿي ويا آهن... هو بيورو ڪرسيءَ جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پيو آهي... ۽ مان اڃا به پاڻ کي سندس دل جي درياهه ۾ ٻوڙڻ جي طلبگار آهيان...“ هوءَ ڊائريءَ تان نظرون هٽائي، ڊبل بيڊ جي کاٻي پاسي جي خال ڏانهن ڏسي ٿي. بيڊ جي خالي پيل جاءِ ڪيس پهاڄ جيان ڏند ڪرٽيندي محسوس ٿي ٿي. پنهنجي بيورو ڪريٽ مڙس افتخار حسين بلوچ کي سارينديء، ڪيس يونيورسٽيءَ ۾ انگلش لٽريچر جي فائنل ايئر ۾ پڙهندڙ، رورل ڪلچرڊ، آدرشي ۽ جذباتي نوجوان ياد ٿو اچي. اڄ ڪيڏو بدلجي ويو آهي، اُهو افتخار حسين...! موٽن جي دڙي جي مٽيءَ جي خوشبو، مڪليءَ جي مينارن جي افاديت، ڪينجهر جي سونهن، شڪارپور جي تاريخي درن جي اهميت، ٿر جي وارياسي پٽن جي ٿڪ ۽ ڪراچيءَ جي بي پرواهه سمنڊ جي ڇڙواڳ ڇولين جي ڇڪ تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهائيندڙ اُهو لٽرري اورينٽيڊ شخص ته ڄامشوري ۾ ئي ڪٿي وڃائي ويو هو!

مئي ۽ جون جي تتل ڏينهن ۾ سينٽرل لائبريريءَ کان مارئي هاسٽل تائين، اڱهاڙن مٿن تي ڳرا ڪتاب رکي، ساٿس گڏ هلندي سماجي تبديلي ۽ طبقاتي نظام جي خاتمي جا خواب ڏسندڙ، زيبوءَ جي تعريف ۾ زمين آسمان جون خوبصورتيون ڳوليندڙ، سندس وجود جي تخليق تي تخليقڪار جي گمنام هٿن کي چمڻ جو تمنائي، زندگيءَ جون سموريون خوشيون ۽ مرڪون زيبوءَ جي جهوليءَ ۾ وجهي ڇڏڻ جا وچن ڪندڙ، افتخار حسين ايترو جلدي وقت جي واچوڙي ۾ گم ٿي ويندو. تڏهن ڪنهن به پل اهو انڪشاف نه ڪيو هئائين. يا شايد زيبوءَ ڪڏهن سوچيو ئي نه هو ته ڪڏهن ڪڏهن ڏينهن ٽيڻ کان پهرين ئي سج نيزي پاند تي اچي بيهندو آهي ۽ روح رجڻ لڳندو آهي، پوءِ ڪا به چانڊوڪي رات پنهجائپ جو احساس آڻي نه سگهندي آهي.

”... پر پنهنجائپ جون سڀ آرسيون ته اسان وقت کان اڳ ئي پور پور ڪري ڇڏيون... پر انهيءَ عمل ۾ مان اڪيلي ته نه هيس... هُن جون هر پل منهنجي وجود ۾ وچڙندڙ اکيون، هُن جا هر پل منهنجي وجود تي ترڪندڙ هٿ ۽ هُن جا هر پل منهنجي چپن سان ڇهندڙ چپ به ته برابر جا ڏوهاري هيا.... هونءَ اسان جهڙي ميل ڊامنيٽ سوسائٽيءَ ۾ عورت جيستائين عزت جو حوالو هوندي آهي ته پنهنجي چاهيندڙ لاءِ اَمر آيتن جيان هوندي آهي.... پر سندس وجود جي حرف حرف اڄارجڻ کانپوءِ هوءَ رديءَ جي ڪنهن بي ملهي ڪتاب جيان ٿي ويندي آهي... ۽ پوءِ گهر جي چوديواريءَ کان وٺي، فوٽ پاٿ جي سوڙهي رستي تائين، سندس پاڇولو به متشڪي بڻجي ويندو آهي. اسان جي سوشل سائيڪولوجي به ڪيڏي ون سائيڊيڊ آهي... گناهه جي هر راند ۾ عورت ۽ مرد جي محرومين جا ڪڙڪندڙ سڪا ته هڪجيترا هوندا آهن... پوءِ به آخر ۾ عورت ئي ازالي جي ٽياس تي ٽنگجي ٿي... ۽ مرد ڪيڏي بي نڪائي ۽ اک جي ٻڪائيءَ سان پانچا ڇنڊي، منهن تي معصوميت جا ليبل لڳائي گهمن ٿا....“ خيالن جا بي قابو گهوڙا سندس

"منهنجي دوست... کير ٿي، ٿي سگهي!؟" هوءَ ڪرسي تان اُٿي، پنهنجي منهن پٺڪي ٿي.

"هيلو مان زيب پئي ڳالهيان... اوهان ڪير"

"سڃاڻ... ڪير ٿي، ٿي سگهان" پٺي پاسي کان هڪ شناسا آواز سندس يادگيري جو ڪتاب کولڻ لڳي ٿو.

"ايترو جلدي وساري ڇڏيئي" آواز ۾ ميار جو تاثر. هوءَ خاموش، يادگيريءَ جي ڪتاب جا پنا اٿلائڻ ۾ مصروف "مان آهيان آشا. آشا عرف تنهنجي جنڙي" آواز ۾ انڪشاف جو رنگ نمايان

"OH. My God... that's you ashy..." هوءَ ڪابو هٿ لونڊڙي تائين آڻيندي تيزيءَ سان ڪمزور ٿيندڙ پنهنجي ميموريءَ تي پڇتائي ٿي.

"جي جناب: تہ تون بہ هڪ بيورو ڪريٽ جي روايتي زال ثابت ٿينءَ نہ ....؟ مان تو بابت حيدرآباد کان الائي ڇا ڇا پئي سوچيندي آيس ۽ تون..." آواز ۾ سنجيدگي ۽ هلڪي شڪايت جو عنصر ظاهر

"نہ آشي Actually اڄ طبعيت نيڪ نہ هئي .... دماغ بنهہ موڳو لڳو پيو آهي، پنهنجو پاڻ ڪي بہ نہ ٿي سڃاڻي سگهان.. تون بہ تہ فون تي پهريون پيرو ڳالهايو آهي. ڪيترن سالن کان پوءِ. نہ تہ، تون وسارڻ جهڙي شيءِ آهين... ڪٿان پئي ڳالهائين.. اڄ تہ روبرو ٿيون."

"مان رات آئي آهيان. هت آنٽي جي گهر آهيان... تون ڪيڏي مهل ٿي فارغ ٿين تہ تنهنجي بنگلي تي حاضر ٿيان." آواز ۾ شوخي نمايان. "مان هينئر هتان نڪرڻ واري ئي آهيان. تون اڌ ڪلاڪ اندر اچ. تو سان الاهي ساريون ڳالهيون ڪرڻيون آهن، هت تہ ديوارن کان سواءِ ڪوبہ شيئر ڪرڻ وارو ڪونهي." نہ چاهيندي بہ هوءَ چئي ويهي ٿي.

"OK... I am Just Coming" فون بند ٿيڻ کان پوءِ پيهر خاموشي، هوءَ ڪجهہ پل رکي، گهر جو نمبر ڊائل ڪري، ڪار گهرائڻ لاءِ چوي ٿي. "آشيءَ سان مليي سال گذري ويا آهن. هاڻ تہ هوءَ بدلجي وئي هوندي، پر سندس آواز مان تہ ساڳي شوخي ۽ چنچلتا ظاهر ٿي رهي هئي." ڪار تي گهر ايندي هوءَ سوچيندي رهي.

گهر اچي پنهنجي ڪمري جي اي – سي آن ڪري باٿ روم ۾ فريش ٿيڻ لاءِ هلي وڃي ٿي. فريش ٿيڻ کان پوءِ بورچي کي ايندڙ مهمانن لاءِ ريفرشمنٽ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ چئي، هوءَ ڊائري کي وهاڻي هيٺان رکي، ڊيڪ تي سلو ميوزڪ هلائي، آشيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳي ٿي. ڪيس گهڻي وقت کان پوءِ ڪنهن سان ملندي اطمينان محسوس ٿي رهيو هو. اطمينان بہ ڇو نہ ٿيئس، آشي سندس يونيورسٽي لائيف جي عزيز ترين دوست هئي، جنهن سان گڏ سمينار. لائبريءَ جي خاموش ڪنڊن ۽ فيڪلٽي جي آخري فلور جي ڏاڪڻين تي ويهي هن افتخار ڏانهن طويل خط لکيا هيا. يونيورسٽي فنڪشنز ۽ ٽوئر پروگرامز ۾ بہ آشي ئي سندس ساٿي هوندي هئي. آشي هر موڙ تي ڪيس اُٿت ۽ پيار ڏنو هيو ۽ اڄ ڪيترن سالن کان پوءِ هوءَ ساڻس ملڻ لاءِ اچي رهي آهي. سوچي ٿي، "اڄ آشي سان ڳرانڙي پائي خوب روئنيديس... دل جو سمورو بار هلڪو ڪنديس... ڪيس زندگيءَ جي پل پل جي عذاب کان آگاهہ ڪنديس.

"افلاطون جي اولاد مان ڪيترن منٽن کان دروازي جي چائنٽ تي بيٺي آهيان ۽ تون اڃا تائين گوتم واري گيان مان جان ڇڏائي نہ سگهي آهين." آشي جو آواز ٻڌي هوءَ پاڻ سنڀاليندي تڪڙ ۾ بيڊ تان اُٿي سندس ٻانهن ۾ هلي ٿي اچي. هڪٻئي کي ڀاڪر ۾ ڀري، هو بنهہ يونيورسٽي واري اسٽائيل ۾ هڪٻئي کي ڪِس ڪن ٿيون. هوءَ آشيءَ جي ٻانهن ۾ سُڏڪي پوي ٿي. بي اختيار روئي پوي ٿي، ڪيترن لمحن تائين ڪمري ۾ سلو ميوزڪ سان گڏ هن جي سڏڪن جو سرگم بہ گونجندو ٿو رهي.

"ڇري ڪٿان جي! بلڪل نہ بدلي آهين. اڃا تائين تنهنجي اندر مان شيڪسپيئر واري ٽريجڪ فلاسافي ۽ ڪاميو واري ويڳاڻپ نہ نڪري سگهي آهي.. ٻار جي ٻار ئي رهينءَ..." آشي سندس ڳوڙها اگهندي ڪيس بيڊ تي

ويهاريندي چوي ٿي.

"مون تہ سمجهيو هو، هڪ بيورو ڪريٽ عاشق جي بلوڊ وائيف ڏاڍي عيش ۾ هوندي، پر تون تہ اڳي کان بہ عاجز ٿي وئي آهين. ڇا ٿيو رومانس جي ڦوڪڻي مان هوا نڪري وئي ڇا... افتخار صاحب جي ڊريم گرل...." آشي پنهنجي روايتي انداز ۾ ڳالهائيندي. سندس ڏڪندڙ رڳُن کي ڇهي ٿي وجهي.

"ها يار! تون ٺيڪ چوندي هئينءَ، اسان جهڙن معاشرن ۾ رومانس بہ سوشل فرسٽريشن جو حصو آهي، پري کان هر شيءِ ڏاڍو موهيندڙ ۽ وڻندڙ... فاصلن جاخال پرجڻ کان پوءِ، دلين ۾ خال وڌندا ويندا آهن ۽ پوءِ هٿ، پيچتاءَ جا پٿر ميڙيندي ميڙيندي زخمي ٿيندا رهندا آهن." هوءَ آشيءَ جي هٿ ترڻ تي پنهنجون آڱريون ڦيريندي چوي ٿي: "يار But Iftkhar was so different. هو تہ ڏاڍو انٽل ايڪٽ رکندڙ نوجوان هيو.. ان کي تو سان ائين Behave نہ ڪرڻ گهرجي ها." "آشي، پري رهندڙ ماڻهن کي ويجهو ڪرڻ لاءِ دانشوري ڪرڻي پوندي آهي پر هڪڙي ئي روم ۽ هڪڙي ئي بيڊ تي پاسا بدلائڻ کان پوءِ لائف جي سڄي فلاسافي ئي ڇڻنج ٿي ويندي آهي "And it's called nature هن جي اکين ۾ جميل برف هوريان هوريان ڳرڻ لڳي ٿي.

"يار... پر افتخار. جنهن رڳو توکي حاصل ڪرڻ لاءِ مڊل ڪلاس مان جمپ هڻي، بيورو ڪريسيءَ جي قافلي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيا. اهو افتخار ائين بدلجي ويندو...! مون کي ياد آهي تنهنجي فادر ڪيس ڪلاس ڪامپليڪس ڏئي تنهنجي رشتي ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو، تڏهن فائنل ايئر جي رزلٽ وٺڻ کان پوءِ اي - سي - ٽو کان موٽندي، هن پٿريلي رستي تي سڄي ڪمپنيءَ آڏو وڏي واڪي اعلان ڪيو هو تہ، مان هن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهو ڪجهہ ٿي ڏيکاريندس جيڪو هر امير ۽ خوبصورت ڇوڪريءَ جو خواب هوندو آهي." آشي ماضيءَ جون ڪڙيون ملائيندي چيو.

"ڊيئر! اها خبر دير سان پئي تہ، افتخار جو اهو جنون، منهنجي حاصلات کان وڌيڪ، سندس انا جي تڪميل جو جنون هيو.. پنهنجي ڪامپليڪس رديوس ڪرڻ جو جنون هيو، مان تہ هڪ جواز هُئس ۽ بس..." هُن بيڊ جي سيراندي کان وهاڻو کڻي، ٺونٺن هيٺان ڏئي، آشيءَ جي جهوليءَ ۾ ڪنڌ رکندي چيو.

"پر يار! تو اُن شخص جون محروميون گهٽائڻ لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو. تو هن سان اهو ڪجهہ بہ شيئر ڪيو، جيڪو شاديءَ کان پوءِ ئي سونهندو آهي. پرگنينسي ۽ ائبارشن.. تنهنجي سچائي ۽ ڪمٽمينٽ لاءِ اهو ڪافي نہ هيو ڇا..."

هن جي اکين مان ٻيهر آبشار اُٿلي پيو، "مون اهائي تہ زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي غلطي ڪئي، هُن کي محروميءَ جي ذہڻ مان ڪيندي، مون اهو بہ نہ سوچيو تہ، ڪجهہ پردا اهڙا بہ هوندا آهن، جيڪي شاديءَ کان پهريان، هٽائڻ سان، ماڻهو پنهنجي ويليوئي ڪيرائي ڇڏيندو آهي، عجيب ڪرائيٽ ايريا آهي... اسان جي سوسائٽيءَ جو..."

"ها يار! تون ٺيڪ ٿي چوين. هوءَ پاڻ واري دوست هُئي نہ، فلاسافيءَ واري اڌ ڇري. امبرين... جنهن ڪمپيوٽر سائنس جي هڪ ڇوڪري سان ڪورٽ ميرج ڪئي هئي... انهيءَ جي بہ ڪجهہ هفتا اڳ ڊائيورس ٿي وئي... انهيءَ ڪري مان چوندي آهيان تہ پڙهيل لکيل ڇوڪريءَ کي لو ميرج ڪرڻ ئي نہ گهرجي... بلڪ ميرج ئي نہ ڪرڻ گهرجي. زندگي ڊبل بيڊ تي سمهڻ کان سواءِ بہ تہ گذاري سگهجي ٿي، هرو ڀرو ڇو مٿي ۾ سور وجهجي...خير تون ٻڌاءِ اولاد وغيره ٿيو يا...؟" آشي، پنهنجي اکين ۾ چمڪ آڻيندي پڇيو،

هن سامهون ديوار تي لڳل معصوم ٻارڙي جي پورٽريٽ ڏسندي، سرد آهہ ڀريندي چيو: "ڪاٿي يار! هڪ بيگناهہ حياتيءَ کي موت جي حوالي ڪرڻ کان پوءِ لڳي ٿو قدرت اسان تي رحمت جا درواز بند ڪري ڇڏيا آهن."

"چيڪ آپس وغيره ڪرايو. مٿان ڪا ڳُڙ ٻڙ هجي." "هر شيءِ نارمل آهي، پر مٿي رکيل رجسٽر ۾ لڳي ٿو،

اسان لاءِ ٿئين وجود جي انٽري هميشه لاءِ بند ڪئي وئي آهي. مان تہ سوچي سوچي چري ٿي وئي آهيان. هاڻ تہ هن وٽ بہ مون کي ڏيڻ لاءِ وقت ڪونهي. گل جهڙو ٻارڙو هجي تہ من وندريو پيو هجي." پڇتاءَ جو احساس سندس انگ انگ ۾ ڪيو لين جيان سرڻ لڳي ٿو. "وندر ڪيي تہ ڪاٿان ڪوئي ٻارڙو ايڊاپٽ ڪيو" آشي جي صلاح ٻڌي هوءَ ٺٺو ساهہ ڀري چوي ٿي: "هو راضي ناهي"

آشي شام تائين ساڻس ڳالهيون ڪندي رهي ٿي. هلڪي اوندهہ ڇانئجڻ کان پوءِ آشي ساڻس ٻيهر ملڻ جو واعدو ڪري ٿي وڃي.

هوءَ ٻيهر ساڳي اداسيءَ جي ور چڙهي ٿي وڃي! اڪيلائيءَ جو ساڳيو ڏک ڪيس چهنڊڙيون پائڻ لڳي ٿو.

ٻاهر هلڪي هلڪي اوندهہ وڌڻ لڳي آهي. هوءَ بيڊ تان اُٿي اي – سي آف ڪري ڪمري جي درين تان پردا هٽائي دريون ۽ بالڪونيءَ ڏانهن کلندڙ دروازو کولي ٿي. سندس نظرن جي سامهون ساڳيو اُداس، اُباڻڪو ۽ ويران باغيچو، ساڳيا خالي خالي پينگها... ساڳيون پکين جون گُنڀير ٻوليون. ڪمري ۾ ڪنهنجي قدمن جا آواز ٻڌي، هوءَ مڙي دروازي ڏانهن ڏسي ٿي، نوڪرياڻي دروازي جي پردي کي پڪڙي هيٺ نظرون ڪري ڪيس چوي ٿي: "بيگم صاحبہ! صاحب فون تي ٻڌايو هو تہ پاڻ ڪنهن پارٽيءَ ۾ ويندو، انهيءَ ڪري رات دير سان گهر موٽندو".

"نيڪ آ... تون وڃ چانهہ جو ڪوپ ناهي ڪٺي اچ..." هوءَ بالڪونيءَ مان موٽي، ڪمري ۾ پسار ڪرڻ لڳي ٿي. ڊيڪ تي سلو ميوزڪ هلائي اچي بيڊ تي ويهي ٿي رهي. نوڪرياڻي ڪيس چانهہ پيش ڪري هلي ٿي وڃي. ڊيڪ تي هلندڙ سلو ميوزڪ ڪيس مزو نہ ٿي ڏني، هوءَ ڊيڪ آف ڪري، وهاڻي هيٺان رکيل ڊائري ڪڍي، پنا اٿلائيندي چانهہ جا سپ ڀريندي ٿي رهي.

چانهہ پيئڻ کان پوءِ، ڊائري ۽ پين کڻي، بالڪونيءَ ۾ اچي ويهي ٿي آسمان تي شروعاتي تاريخن جو چنڊ ۽ تارا چمڪي رهيا هيا. هوءَ اجوڪي تاريخ جي پيج تي لکي ٿي.

"آسمان تي چمڪندڙ تارا، اُهي معصوم ٻارڙا آهن، جيڪي اسان جهڙن بدنصيب ماڻهن جي اڱڻ ۾ لهڻ بدران، آسمان جي پاڪ آغوش ۾ مرڪي رهيا آهن ۽ اسان جو جهوليون خالي آهن، سٽون لکندي ڪيس لڳو ڄڻ سندس دماغ جي رڳ نڪاءَ ڏنيءَ ڦاٽي پئي آهي. ڪيس ڪجهہ ڏينهن اڳ ڏنل ڊاڪٽر جي ايڊوائز، ياد ٿي اچي: "اوهان گهڻو پريشان نہ رهندا ڪريو، گهڻو سوچيندا بہ نہ ڪريو. گهڻو سوچڻ هائيپر ٽينشن جو سبب بڻجي ٿو. جيڪو اوهان لاءِ هاڃيڪار آهي."

"يا خدا... هي مون کي ڇا پيو ٿئي. برين هيمرج..." هوءَ لوندڙين کي ٻنهي هٿن سان دٻائيندي ڪمري ڏانهن هلي ٿي اچي. پرس مان XANX جون گوريون ڪڍي پاڻي سان وٺي ٿي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ هلڪي رليڪس ٿئي ٿي پر سندس ذهن هاڻ مڪمل ڪانشس نہ هيو. ڏڙڪندڙ هٿن سان ڊائري ڪڻي بي ربط لفظن ۾ لکڻ لڳي ٿي.

"زندگي... رات سان ناهہ ڪري... ڇڏيو... مان اڌ چنڊ ٿي رهيس... تون.. جيڪو مون لاءِ اجرو صبح هئين.. منهنجو نہ رهين.. نہ رهين... نہ... نہ..." ڪيس لڳو سندس دماغ ڦاٽي پوندو. هوءَ بي ترتيب هٿن سان پرس ۾ پيل سموريون ٽرنڪو لائيزر ڪڍي، ٻڪ ڀري وات ۾ وجهي ٿي. پاڻيءَ جو گلاس خالي ڏسي... ٿڙندي ٿاٻڙجندي باٿ روم ڏانهن وڌي ٿي ۽ ڏڪندڙ هٿن سان واش بيسن کولي ٿي.

آڌيءَ رات جو افتخار جهومندو، جهونگاريندو ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو... سڄو ڪمرو... باٿ روم جيان وهندڙ پاڻيءَ سان ڀريو پيو آهي. هو بيڊ تان کليل ڊائري کڻي پڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ٻئي لمحي ٽڪ ٻڌي باٿ روم ڏانهن ڏسندو رهجي ٿو وڃي.

*

مگر ڏونگر جي محبت ڀري نظر پنهنجي طرف نہ ڏسندي، هُن ڪجھہ سوچيو تہ پالي جا اُهي لفظ ذهن تي آيا ۽ هُن ڪارُونجهر کي ماءُ وانگي معيار ڏيندي چيو.

"ڏُونگريا ڏور ڀلا، آگڙ جائو تو پاٽا."

"ڪارُونجهر تُون ٻري ڪان سنو لڳندو آهين، پر تُنهنجي ويجهو وڃبو تہ تُنهنجي ئي وجود ۾ رڳو پٿر ڀريل آهن."

# ڏکيا لفظ

کهراڻ = لسو نہ هجڻ.

مٺرا = مٺا.

ڪڙلا، ڪاٻيا، هاڙلا ۽ واڙلا = اهي سڀ هٿن ۽ پيرن لاءِ چانديءَ جا ٺاهيل زيور هوندا آهن، جيڪي پارڪر ۾ عورتون پائين ٿيون.

اُمر چوڙو = اهو چوڙو رٻارين کان سواءِ ڪوبہ پارڪر جو قبيلو نٿو پائي،اهو چوڙو هاٿي جي ڏندن کي گارڻ کان پوءِ ٺاهيو ويندو آهي.

وانڍيو = ننڍو ڳوٺ، جنهن کي پارڪر ۾ وانڍيو چون ٿا.

پٽيل = چڱو مڙس.

ڪڙپيل = تمام گهڻو پوڙهو، گهڻو ڳالهائڻ واري کي چون ٿا.

تاجوڻا = قديم، رسم، جيڪا اڪثر ڪري، رٻاري ۽ ڪولهي عورتون ۽ مرد پنهنجن هٿن ٻانهن، ڪلهن تي سينگار لاءِ چمڙي کي ٽنبي، انهي ۾ ڪوئلي جو ٻورو ڀري چڙهيندا آهن، اُهي نشان پڪا ٿيندا آهن، تہ ڳوڙهو سائو رنگ اختيار ڪندا آهن، تن کي تاجوڻا چون ٿا، اُهي نشان اُٺ، وڇون، گل ۽ ٽڪنديءَ جي صورت ۾ ڪنيا ويندا آهن.

ڏُونگر = جبل.

آگڙ = ويجهو.

پاٽا = پٿر/پهاڻ.

ڪنني = رٻاري ۽ ڪولهي عورتون ڳچي ۾ پائن ٿيون، جيڪا رنگين مٽين جي ٺهيل هوندي آهي.

پنارڪ = وزن واري هڙ، جيڪا پنن تي ڪٽبي آهي.

ڪلڪوڙا =بار بار ڪلڻ.

ڪارئي آن ڇڇي = ٿر جي چوٽي، جيڪا مينهن وسڻ يا زوردار هوا تي واري اڏامي تنهن لاءِ استعمال ڪن ٿا، انهي جو مطلب اهو بہ آهي تہ تمام ڪا شيءِ گهٽي ٿي پوڻ.

پولڪو = رٻاري ۽ ڪولهي ڪنواريون ڇوڪريون چوليءَ طور استعمال ڪن ٿيون.

اَرٽي حو گُل = ٿر جو اَڇو خوبصورت گل، جنهن ۾ هلڪي خوشبوءِ بہ هوندي آهي، اهو ٻوٽو پارڪر ۾ تمام گهڻو ٿئي ٿو، انهي جي سنهي ڏانڊي چونٽرن ۾ استعمال ڪئي ويندي آهي. انهي گُل جي سڪڻ کان پوءِ، انهي گُل مان ننڍي مُک جنم وٺندي آهي، جيڪا "ٻگ" جي نالي سان مشهور آهي. اُها مک اڪثر جانورن تي وهندي آهي.

اَليو يمر = سنو ٿي پوڻ/ڪنهن ڳالهہ جو جواب ملڻ ڪانپوءِ هليو وڃڻ.

ڳنات ڪرجي جاٽيو، ڀاٽي پنجي ڇاٽيو = ٿر جي چوٽي، چوندا آهن، نياٽي جو مگٽو ڪرڻ مهل ڇوڪر جا مائٽ پرکڻ

ضروري آهن، پاڻي پيئڻ وقت ڇاڻڻ ضروري آهي.

ڀڙڪ = هُل هنگامو.

پوئنچال = ڪنهن ڳالهه تي زور وٺرائڻ لاءِ گهڻي پرچار ڪرڻ.

سارس = خوبصورت پکي جو نالو.

ٽوپا =پاڻي جا دُبا.

چوئنرو = ٽڙ جو ڪڪائون گهر.

وارتا = ڳالهه.

پنچات = راڄ جا ماڻهو.

سرنگهو ۽ ڪُونيٽ = ٻني ٽڙ جا وڻ.

اليڪرا سليڪرا = ميرا ۽ صاف ماڻهو.

زوراور = طاقتور ماڻهو.

وچڙيل = واضح نه ٿيڻ.

نيناڻيٽ = مڪمل ڪنهن شيءِ جو جواب.

سيلرو = پٽڪنوار جو گُل، جنهن جي ڍگهي ڏانڊي ٿيندي آهي ۽ گُل گلابي رنگن جا ٿين ٿا.

ڇڪين جو ڇيهه = ڳالهه جو ختم ٿيڻ.

پانت پانت = مختلف قسمن جا ماڻهو.

ڪوٺيون ۽ ٺوسيا= چاندي جا زيور جيڪي مرد پائين ٿا، خاص ڪري رباري قوم ۾ رسم طور استعمال ڪيا وڃن ٿا.

ڪڙيا = سفيد ڪپڙي جي سنڌري، جيڪا ربارين جي ڊريس طور استعمال ٿئي ٿي.

جهوڪ جماڻي ويهڻ = ٿانيڪو ٿي ويهڻ.

ڪُڏڻي ڪي گهنڊي ٻڌڻ = چوٽي، عام طور تي ڳئون جيڪا ڪڍيندي آهي، انهي جي ڪنڌ ۾ گهنڊي ٻڌڻ، وڏيڪ ٻيڙائڻ جي برابر هوندو آهي.

## اڪبر لغاري

# آئون انسان آهيان

مون کي ڪجهہ خبر نہ آهي تہ آئون ڇا آهيان، ڪٿان آيو آهيان، ڪير آهيان، ڪهڙي مذهب، ملڪ ۽ قوم سان واسطو رکان ٿو، مون کي ڪجهہ خبرناهي.

مون جڏهن هوش سنڀاليو هو تہ پنهنجو پاڻ کي درياءَ جي ڪناري تي ننڍڙي هڪ جهوپڙي ۾ ڏٺو. جتي مون کي پالڻ وارو هڪ پوڙهو ماڻهو هو، جنهن جي چهري تي گهاٽي اڇي ڏاڙهي هئي. هو منهنجي چڱي طرح سار سنڀال لهندو هو. منهنجي ۽ پنهنجي بک مٽائڻ لاءِ جهنگ مان شڪار ڪري ايندو هو؟ اسان ٻئي ان کي پچائي کائيندا هئاسين.

جڏهن آئون ڪجهہ وڏو ٿيس تہ پاڻ بہ شڪار ڪرڻ لڳس ۽ شڪار ڪرڻ لاءِ پري پري تائين وڃڻ لڳس. مون ڏٺو تہ اُها هڪ سرسبز وادي هئي، جنهن ۾ جبل هئا، وڻ هئا، گل ٻوٽا هئا، نديون هيون ۽ ڪوڙ سارا جانور ۽ پکي هئا، جيڪي سڀ منهنجا دوست هئا. آئون جنهن پوڙهي ماڻهو وٽ رهندو هوس، سو گونگو هو. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو جوان ٿيڻ تائين مون ڪوبہ لفظ نہ ٻڌو، جنهن ڪري آئون بہ گونگو ٿي هوندو هوس. جيتوڻيڪ آئون مختلف آواز ڪڍي سگهندو هوس، پر اهي ڪنهن بہ انساني ٻولي جا لفظ نہ هئا. ان دور ۾ آئون ڏاڍو رليو هوس ۽ پري پري تائين گهميو هوس، پر مون کي مون جهڙي مخلوق ڪٿي بہ نظر نہ آئي هئي. اهو پوڙهو مون کي اشارن ئي اشارن ۾ سمجهائيندو هو تہ اسان جهڙي مخلوق ٻي بہ آهي، جيڪا تمام پري رهي ٿي.

سردين ۾ اسان هڪ ويجهڙي غار ۾ رهندا هئاسين ۽ جانورن جوکلون پائيندا هئاسين. ان پوڙهي جي انداز مان لڳندو هو تہ هو مون سان تمام گهڻو پيار ڪندو هو.

هڪ ڏينهن آئون جيئن ننڊ مان اٿيس تہ مون ان پوڙهي کي مئل ڏٺو. مون کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڪريان. نيٺ آئون ان کي غار ۾ ڪٺي ويس، جنهن ۾ اسان سياري ۾ رهندا هئاسين. لاش کي اتي ڇڏي آئون پنهنجي جهوپڙي ۾ موٽي آيس.

وقت پنهنجي رفتار سان گذرندو رهيو، پر ان پوڙهي جي ياد من کي ڏاڍو ستائيندي هئي. آئون اڪثر سندس اشارن ۾ چيل ڳالهين کي ورجائيندو هوس. هُنَ اشارن ۾ چيو هو تہ اسان جهڙي مخلوق ٻي بہ آهي، جيڪا تمام پري رهي ٿي. منهنجي دل ۾ خواهش ٿي تہ ڇو نہ آئون پاڻ جهڙي مخلوق کي ڳولي لهان. ان خواهش جي تڪميل لاءِ مون سفر جو آغاز ڪيو. خبر نہ آهي تہ ڪيترا ڏينهن، مهينا گذري چڪا هئا، پر آئون مسلسل پنڌ ڪري رهيو هوس. هڪ ڏينهن آئون تمام گهڻو ٿڪجي پيس. شڪار ڪيل گوشت جوٽڪر کائي، ندي مان پاڻي پي، سمهي پيس.

خبر ناهي تہ آئون ڪيتري دير ستو رهيس. منهنجي اک ڪِن آوازن تي کلي. آئون يڪدم اٿي ويهي رهيس. مون ڏٺو تہ منهنجي چوڌاري مون جهڙي مخلوق بيٺل هئي. اهي پاڻ ۾ ۽ مون ڏي ڏسي ڪجهہ آواز ڪڍي رهيا هئا. آئون حيران هوس، اهو ڏسي تہ هو ڪيترن ئي قسمن جا آواز ڪڍي رهيا هئا ۽ مون ڏي اشارا بہ ڪري رهيا هئا. اهي منهنجي جسم تي صرف ڪل ويڙهيل ڏسي، ڪافي حيران نظر اچي رهيا هئا.

نيٺ هو مون کي ٻانهن کان جهلي هڪ عمارت ڏانهن وٺي ويا، جنهن جي مون کي پوءِ خبر پئي تہ ان جو

نالو "گرجا" هو. ان گرجا ۾ ڪيترائي ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا، جيڪي هڪ ماڻهو جي تمام گهڻي عزت ڪري رهيا هئا ۽ ان کي "فادر" چئي رهيا هئا. فادر جي مٿي تي اڇا وار هئا ۽ ان کي ڳاڙهي رنگ جو جُبو پاتل هو.

*

فادر مون کي انسانن جي ٻولي سيکاري ۽ ٻڌايو ته جنهن جاءِ ۾ اسان روز ويندا آهيون، اها "گرجا گهر" آهي. هن پوري ڪائنات کي "خدا" ٺاهيو آهي ۽ يسوع مسيح خدا جو فرزند آهي.

فادر مون کي روزانه گرجا وٺي ويندو هو. هن مون کي ڪپڙا پائڻ به سيکاري ڇڏيا ۽ کائڻ پيئڻ جا آداب پڻ. اتي آئون آهستي آهستي شين ۽ انسانن بابت گهڻو ڪجهه سکي رهيو هوس. فادر مون کي بنيادي انساني جذبن ۽ جبلتن جي باري ۾ به ٻڌائيندو هو، يعني، بک جنسي خواهش، محبت، نفرت، خوشي، غم، اتحاد، نفاق ۽ انتقام وغيره.

فادر مون کي ٻڌايو ته سندس ڳوٺ وارن جو ڪجهه "فتني بازن" سان جهيڙو هلي رهيو آهي. اهي فتني باز پر واري ڳوٺ ۾ رهن ٿا. انهن کان هميشه هوشيار رهڻ گهرجي. جڏهن آئون "جهنگلي "مان " انسان ٿي رهيو هوس ته مون کي خبر پئي ته انسان اڪثر پيسي، زمين ۽ عورت جي ڪري هڪ ٻئي سان جهيڙو ڪندا آهن ۽ هڪٻئي کي ماري به ڇڏيندا آهن. جڏهن فادر ٻڌايو ته پر واري ڳوٺ وارن سان سندس "جهيڙو" هلي رهيو آهي ته مون فادر کان پڇيو:

"فادر ڇا هو اسان جو مال ملڪيت ڦٻائڻ چاهين ٿا؟"

"نه، مال ملڪيت جي ته هن کي پرواهه ئي نه آهي." فادر وراڻيون.

"ته پوءِ هو يقيناً اسان جي ٻنين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا؟"

"نو جيڪب نو." (فادر مون کي جيڪب سڏيندو هو).

"ته ڇا هو هن ڳوٺ جون عورتون اغوا ڪرڻ چاهين ٿا؟"

"نه جيڪب اسان جي عورتن کي ته هو هٿ به ڪونه لائيندا."

"ته پوءِ هو اسان سان ڇو جهيڙو ڪرڻ چاهين ٿا؟"

مون حيرت مان پڇيو.

"جيڪب اصل ڳالهه اها آهي ته اسان 'ڪيٿوليڪ' عيسائي آهيون ۽ هو 'پروٽيسٽنٽ' آهن. ۽ توکي خبر نه آهي ته پروٽيسٽنٽ ڪيڏا وڏا خطرناڪ هوندا آهن."

آئون فادر جي هر ڳالهه تي يقين ڪندو هوس ۽ سوچيندو هوس ته پروٽيسٽنٽ وڏا خطرناڪ هوندا ۽ اسان کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيندا.

هڪ ڏينهن اسان جي ڳوٺ وارا ۽ پاسي جي ڳوٺ وارا پاڻ ۾ وڙهي پيا. هڪٻئي سان شديد نفرت هئڻ ڪري ٻنهي ڌرين جا ڪيترائي ماڻهو قتل ٿي ويا. جهيڙي کان پوءِ اسان جا ڳوٺاڻا لاشن تي روئي رهيا هئا. مون کي به روئڻ اچي رهيو هو. فادر چئي رهيو هو: "ڏٺو توهان! آئون توهان کي هميشه چوندو هوس ته اهي پروٽيسٽنٽ بيحد انتها پسند آهن، هاڻي اسان انهن کي نيست و نابود ڪري ڇڏينداسين."

هونئن ته فادر مون کي هميشه سٺو لڳندو هو، پر ان وقت مون کي سٺو نه لڳي رهيو هو. منهنجي ڪچي سوچ اهو چئي رهي هئي ته اهو سڀ ڪجهه فادر جي ڪري ٿيو آهي. جنهن وقت مائرون پنهنجي پٽن جي لاشن تي پار ڪيدي رهيون هيون ۽ ڀينرون وار کولي روئي رهيون هيون ته مون کي انهن سان همدردي محسوس ٿي رهي هئي. فادر هر هر سيني تي ڪراس جو نشان ٺاهي رهيو هو ۽ ٻيون مذهبي رسمون ادا ڪري رهيو هو.

*

ان واقعي مون کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو تہ زر، زن، زمين کان علاوه بہ "جهيڙو" ٿي سگهي ٿو. جهيڙي جو ڪارڻ ڇا هو، اهو تہ منهنجو ننڍڙو ذهن سمجهي نہ سگهيو، پر اهو ضرور سمجهہ ۾ آيم تہ ان جهيڙي ڪرائڻ ۾ فادر جو وڏو هٿ هو. هو هر وقت "پروٽيسٽنٽ" گوناٿن جي خلاف ڳالهائيندو هو ۽ پڌڻ ۾ آيو تہ انهن پروٽيسٽنٽ گوناٿن ۾ بہ هڪ "فادر" هو، جيڪو هر وقت جهيڙي لاءِ ماحول تيار رکندو هو. ان واقعي کان پوءِ فادر مون کي ايترو سٺو نہ لڳندو هو.

*

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو. منهنجي زندگي جا معمولات مقرر هئا. صبح جو اٿي گهر جي ۽گرجا جي صفائي ڪندو هوس، درياءَ تان پاڻي ڀرڻ کان پوءِ فادر کان مذهبي تعليم وٺندو هوس. فادر ڪڏهن ڪڏهن مون کي ڀر واري شهر ۾ بہ وٺي ويندو هو، جتان اسان ڪافي سامان وٺي ايندا هئاسين. ان شهر جي رهواسين جي باري ۾ فادر ٻڌايو تہ انهن جو ايمان آهي تہ هن دنيا جا هزارين خدا آهن. اهي پٿر کي گهڙي انهن مان پنهنجا خدا ٺاهيندا آهن ۽ پوءِ انهن جي پوڄا ڪندا آهن. پر انهيءَ شهر ۾ خداوند يسوع مسيح جا پوئلڳ بہ جام هئا.

هڪ دفعي آئون ۽ فادر ڪنهن ڪم سان شهر وياسين. اوچتو گوڙ ٿيو. ڪجهہ ماڻهن جي هٿن ۾ ڏنڊا هئا، ۽ ڪن جي هٿن ۾ خنجر، "ماريو،.... ماريو، نہ ڇڏيو...." ڪجهہ ماڻهو ڊوڙندا اسان ڏي آيا ۽ فادر تي لٺين جو وسڪارو لائي ڏنائون. ڪنهن هڪ ڄڻي فادر کي پنيءَ ۾ خنجر هنيو ۽ فادر ڌانهن ڪري پيو. مون ڪيس بچائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيس. فادر منهنجي اکين جي اڳيان ڦٿڪي مري ويو.

حملو ڪندڙن مان ڪنهن پڇيو:

"ڪير آهين تون؟"

"آئون.... آئون جيڪب آهيان." مون ڏجندي ڏجندي جواب ڏنو. هڪ ڄڻو مون کي مارڻ لاءِ اڳتي وڌيو پر ٻئي ڄڻي جهلي ورتس ۽ چيائين:

"انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ ناهي تہ عيسائي وڏا چالاڪ آهن. ڀڳوان جي پوڄارين کي لالچون ڏيئي عيسائي بڻائيندا آهن. پر هي مون کي اصل عيسائي نٿو لڳي. يقيناً هي هندو آهي، پر هن کي عيسائي بڻايو ويو آهي."

هو مون کي هڪ ماڻهو وٽ وٺي آيا، جنهن جو سڄو منڍو ڪوڙيل هو، پر وارن جي هڪ ڊگهي چڳ، منڍي تي لڙڪي رهي هئي. ان ماڻهو منهنجو نالو جڳہ ڪمار رکيو، ۽ مون کي پنهنجي شاگردن جي حوالي ڪري ڇڏيو، جن کي "چيلو" پئي چيو ويو. انهن چيلن منهنجو منڍو ڪوڙي، مون کي بہ گرو جهڙو ڪري ڇڏيو ۽ پائڻ لاءِ هڪ ڌوتي ڏنائون.

اسان سڀئي چيلا پنهنجي گرو وٽ سبق سکندا هئاسين. گرو اسان کي ٻڌائيندو هو تہ جڏهن جڏهن ڌرتيءَ تي ظلم ۽ انڌوڪار وڌندي آهي تہ ڀڳوان پنهنجا اوتار موڪليندو آهي، جيڪي ڀڳوان جا ئي بدليل روپ هوندا آهن.

*

آئون ان ماحول جو حصو بڻجي ويو هوس. صبح جو سوير ندي تان سنان ڪري گڻيش ۽ ڪرشن جي مورتي کي پرنام ڪندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن اسان "ڪالي ماتا" جي مندر ۾ بہ ويندا هئاسين. جيڪو شهر کان ڪافي پري هو. اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ وقت مون سان منهنجو گرو ڀائي "موهن" بہ گڏ هوندو هو. موهن تمام سٺو دوست هو، هر وقت منهنجو خيال رکندو هو. ڪڏهن ڪڏهن آئون موهن جي گهر بہ ويندو هوس، جتي سندس ڀيڻ منهنجي ڪرائي تي "راکي" ٻڌي، مون کي بہ پنهنجو ڀاءُ ناهي ڇڏيو هو. هوءَ موهن کان وڌيڪ منهنجو خيال رکندي هئي، ۽ آئون بہ موهن ۽ شانتي کي تمام گهڻو پيار ڏيندو هوس.

ڪجھ وقت کان پوءِ شانتي جي شادي ٿي وئي، هوءِ پنهنجي "پتيءَ" سان گڏ ٻئي شهر ۾ رهڻ لڳي. آئون ۽ موهن ڪڏهن ڪڏهن شانتي سان ملڻ لاءِ سندس گهر بہ ويندا هئاسين.

*

هڪ دفعي اسان آشرم ۾ ويٺا هئاسين تہ اسان کي گرو حڪم ڏنو: "ڪالي ماتا جي مندر پهچو."

ڪالي ماتا جو نالو ٻڌڻ سان چيلن جي چهرن تي خاص تاثر اچي ويو. مون پهريون دفعو سندن اکين ۾ وحشياڻي چمڪ ڏٺي.

اسان سڀئي ڪالي ماتا جي مندر پهتاسين. اتي ڪجھ ٻيا ڳوناٿا بہ هئا. گرو اسان کان اڳ ئي پهچي چڪو هو، مندر ۾ مون هڪ حيرت انگيز منظر ڏٺو. اتي هڪ نوجوان ڇوڪري رسن سان ٻڌل هئي. سندس مٿو هڪ ڪاٺ جي اڏي تي رکيل هو، جيڪا ڪالي ماتا جي پيرن تي پيل هئي. گرو ۽ اسان سڀني گڏجي ڪالي ماتا جي پوڄا ڪئي، لوبان سان ان جي آرتي لاٿي. موهن گينديءَ جا پيلا گل ڪٺي آيو هو جيڪي هن ڪالي ماتا جي چرنن ۾ رکيا.

گرو جو آواز اڀريو:

"ڪالي ماتا اسان تي رحم ڪر.
پنهنجي ٻچڙن تي ڪرم ڪر،
اسان سڀني جو وجود هن ڌرتي تي پاپ آهي،
تون پنهنجي پاپي پوڄارين تي ديا ڪر،
ڪجھ ماڻهو جي پاپن جي ڪري،
تون اسان کان ناراض ٿي وئي آهين،
تنهنجو ناراضپو اسان لاءِ بيماريون آڻي ٿو،
تنهنجو ناراضپو ڏڪر آهي، وبا آهي، موت آهي،
اڄ اسان تنهنجي قدمن ۾ تازو خون وهايون ٿا،
توکي راضي ڪرڻ لاءِ ڪنواري ڪنيا جو بليدان ڏيون ٿا.
تون اسان جو بليدان قبول ڪر.
پنهنجي پاپي پوڄارين جو بليدان قبول ڪر،
ڪالي ماتا اسان تي رحم ڪر."

اهو چئي گرو چمڪندڙ ڪاتي ڪڍي، رسين ۾ جڪڙيل ڇوڪريءَ ڏانهن وڌيو. ڇوڪريءَ جو رنگ خوف وچان پيلو ٿي چڪو هو. ماحول ۾ هيبتناڪ سانت ڇانئجي چڪي هئي ۽ منهنجا وار ڪانڊارجي ويا هئا.

اُمالڪ ڪاتي اڀو ٿيو، ڪنوڻ وانگر چمڪيو ۽ وڄ وانگر وراڪو ڪري ڇوڪري جي سسي تي ڪريو. سسي ڌڙ کان ڌار ٿي پري وڃي پئي. ڪٽيل ڌڙ مان رت جا تيز ڦوهارا ڪالي ماتا جي قدمن تي ڪري رهيا هئا. ماحول ۾ "ڪالي ماتا جي جئہ جئہ ڪار" ٿي رهي هئي. مون موهن کي ٻانهن کان ڇڪيو ۽ مندر کان ٻاهر اچي ويس. زندگي ۾ اهو منظر پهريون دفعو ڏٺو هوم جنهن منهنجي اندر ۾ ڏهڪاءُ وجهي ڇڏيو.

*

وقت وڏو ظالم آهي. هو زخم بہ ڏئي ٿو تہ انهن تي مرهم بہ لڳائي ٿو. وقت جو طوفان هر قسم جي جذبي جي شدت کي پنهنجي دز سان لٽيو ڇڏي. وقت منهنجي دل مان بہ ڪالي ماتا جي مندر وارو واقعو ڌنڌلو ڪري ڇڏيو ۽

زندگي جا معمولات وري ساڳيا بڻجي ويا.

هڪ ڏينهن خبر آئي تہ، شانتي جو 'پتي' ڪنهن بيماري جو شڪار ٿي مري ويو آهي. اها خبر موهن ۽ منهنجي لاءِ تمام گهڻي ڏک جو باعث هئي. اسان موهن جي والدين سميت شانتي جي گهر پهتاسين ۽ شانتي جي پتي جي مڙهہ کي ڪلهو ڏيئي، "رام نام ست هئہ، رام نام ست هئہ" چوندا، شمشان گهر پهتاسين ۽ مڙهہ کي هڪ ڪاٺين جي ڍڳ تي رکيوسين، ڪجهہ وقت کان پوءِ مون ڏٺو تہ ڪجهہ عورتون شانتي کي وٺي اچي رهيون هيون. هي ڇا! شانتي نوان ڪپڙا پاتي، هار سينگار ڪري آئي هئي ۽ ائين هلي رهي هئي، ڄڻ خواب ۾ هجي. هن ڪنهن طرف بہ نہ ڏٺو ۽ ڪاٺ جي ڍڳ تي چڙهي پنهنجي پتي جو مٿو، پنهنجي گود ۾ رکي ويهي رهي. ڪنهن، ڪاٺين تي تيل هاري باهہ ڏني ۽ آئون ڄڻ تہ ننڊ مان ڇرڪ پري اٿيس.موهن کي ٻانهن مان جهلي چيم: "موهن، شانتي کي تہ اتان هٽايو، باهہ تيز ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي شانتي کي هٽايو، موهن شانتي کي هٽايو ...." پر موهن چپ چاپ بيٺو رهيو. باهہ جا شعلا تيز ٿي رهيا هئا. مون يڪدم ڊوڙ پاتي ۽ چڪيا تي چڙهي، شانتي کي لاهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس، پر ڪجهہ پنڊت مون کي زبردستي پوئتي ڇڪي آيا.

باهہ جي شعلن سان گڏ، منهنجون رڙيون بہ آسمان تي پهچڻ لڳيون ... "شانتي .... شانتي .... موهن شانتي کي بچاءِ ... موهن شانتي ... شانتي ...." ليڪن منهنجون رڙيون رائگان ويون. ماحول ۾ گوشت سڙڻ جي تيز بوءِ، آهستي آهستي سوڳوار خاموشي ۾ تبديل ٿي ويئي.

ان رات مون اهو شهر ڇڏيو، موهن جيڪو منهنجو پيارو دوست هو، ان کي بہ ڇڏيم. موهن خوبين سان ڀرپور جوان هو، پر شانتي کي سڙڻ کان نہ بچائي سگهيو، آخر ڇو؟! ڇا شانتي کي سڙڻ مهل تڪليف نہ ٿي هوندي؟ مون تہ ان جون رڙيون ٻڌيون هيون. سڀني ٻڌيون هونديون. پوءِ ان کي بچايائون ڇو نہ؟ ڇو ان کي جيئري سڙڻ لاءِ ڇڏي ڏنائون. انهن ڳالهين مون کي بدظن ڪري ڇڏيو. رات جي خاموشي ۾ اهو شهر ڇڏيم، الائي ڪيترا ڏينهن يا مهينا سفر ڪيم،خبر نہ آهي تہ ڪيترو وقت گذري ويو. منهنجي ڪوشش هئي تہ وڌ کان وڌ ان شهر کان پري هليو وڃان. آخر گهڻي سفر کان پوءِ وڏي شهر پهتس.

هي وڏو شهر هو. هيترا سارا ماڻهو، مون اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺا هئا. بيشمار گاڏيون ۽ وڏيون وڏيون عمارتون هيون. هر ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ مگن هو. ڪنهن کي بہ ڪنهن سان ڪو سروڪار نہ هو.

گذرسفرلاءِ مزدوري جي تلاش ڪيم، جيڪا ٿوري ڀڄ ڊڪ کان پوءِ ملي ويئي. هن کان پهرين منهنجو وقت مذهبي ڪمن ڪارين ۾ ئي گذريو هو، جنهن ڪري ڪوبہ هنر وغيره نہ سکي سگهيو هوس، نتيجي ۾ ٿوري ئي وقت ۾ مون کي ڪيترين جڳهن تان ملازمت کان جواب مليو. نيٺ آخر عبدالله نالي هڪ خدا ترس شخص مليو، جنهن مون کي پنهنجي دڪان تي ملازم ڪري رکيو.

عبدالله سچ پچ تہ نيڪ ۽ ايماندار ماڻهو هو. سندس صحبت ۾ رهڻ ڪري، آهستي آهستي ڪانئس متاثر ٿي رهيو هوس. عبدالله چوندو هو: "هن دنيا کي تخليق ڪرڻ واري صرف هڪ خدا جي ذات آهي، ۽ اسان سڀني کي بہ انهيءَ واحد ذات خلقيو آهي. سندس ڏ ڏين، اسلام آهي. جيڪو امن، سلامتي، ۽ ڀائيچاري جو دين آهي. سڀ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن ۽ ڪير بہ ڪنهن کان گهٽ يا وڌ نہ آهي.

ٽن سالن جي مختصر عرصي ۾ مون عبدالله جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو.

هن شهر ۾ رهي آئون گهڻو ڪجهه سکي رهيو هوس، عبدالله ٻڌايو: "جنهن ملڪ ۾ اسان رهون ٿا، سو هڪ اسلامي ملڪ آهي. هي ملڪ وڏين قربانين کان پوءِ مليو. اسان کي انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي جانين جو نذرانو ڏيڻو پيو هو. هينئر اسان الحمدالله "آزاد" آهيون. اسان جي هن مقدس ملڪ ۾ هر ماڻهو هڪ جيترا حق رکي ٿو...."

عبدالله مون کي روزانو نماز پڙهڻ لاءِ مدينه مسجد ۾ وٺي ويندو هو، جتي جو خطيب اسان کي هر روز دين اسلام بابت ڪيتريون ئي ڳالهيون ٻڌائيندو هو.

هڪ دفعي عبدالله ٻڌايو ته شهر ۾ هڪ تمام وڏو عالم سڳورو اچي رهيو آهي، جيڪو جمع نماز کان پوءِ شهر جي وڏي باغ ۾ خطاب فرمائيندو. اسان ٻئي به خطاب ٻڌڻ لاءِ باغ پهچي وياسين، جتي بيشمار ماڻهو آيل هئا سڀئي ٻڌڻ لاءِ آتا هئا.

عالم سڳورو ڪجهه دير ته امن ۽ سلامتي جون ڳالهيون ڪندو رهيو، پر پوءِ اوچتو ڪاوڙ ۾ اچي، هڪ خاص فرقي جي خلاف ڳالهائڻ لڳو ۽ انهن کي "مشرڪ" ۽ "ڪافر" جا لقب ڏيڻ لڳو. عالم سڳوري سان گڏ، ماڻهو به مشتعل ٿي ويا.

عالم سڳوري جي خطاب کان پوءِ، شهر ۾ ڪيترين ئي جڳهين تي فرقه وارانه فساد شروع ٿي ويا. ڪيترين ئي عبادتگاهن تي به حملا ڪيا ويا ۽ مسجد ۾ موجود نمازين کي به سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو.

حالات روز بروز بگڙندا ويا. ٻئي فرقي جا عالم به هن فرقي کي ڪافر ڪوٺڻ لڳا ۽ نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو شهيد ٿي ويا. انهن شهيد ٿيندڙن ۾ عبدالله به هڪ هو.

عبدالله جو قتل، منهنجي لاءِ تمام وڏو صدمو هو. هو نه صرف هڪ شفيق انسان هو پر هن منهنجي لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو. روزگار ڏيڻ سان گڏ، هن منهنجي ذهني نشونما ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

عبدالله جي موت مون کي گهڻو ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن اسلام امن ۽ سلامتي جو مذهب آهي، ته پوءِ هي هيترا سارا ماڻهو قتل ڇو ڪيا ويا ....؟ ٻنهي فرقن وارا پنهنجو پاڻ کي "مجاهد" چئي "جهاد" جي تيارين ۾ مصروف هئا.

حالات روز بروز خراب ٿي رهيا هئا. روز روز ڪرفيو لڳڻ لڳا، ڪاروبار تباه ٿيڻ لڳو ۽ موت جو راڪاس پنهنجا خوني ڏند ڪڍي، وحشياڻي رقص ڪرڻ لڳو. ڪنهنجي به جان ۽ عزت سلامت نه هئي. ڀرين بازارن ۾ بم ڦاٽڻ لڳا، گاڏين ۾ سوار ڪي جٿا ايندا هئا، معصوم شهرين تي گولين جو مينهن وسائي غائب ٿي ويندا هئا. هر طرف خوف ۽ دهشت جو راڄ هو.

هڪ دفعي آئون دڪان بند ڪري گهر اچي رهيو هوس ته ڪجهه نوجوان، جن جي هٿن ۾ خطرناڪ هٿيار هئا، مون کي ڦري آيا ۽ پڇيائون:

"ڪير آهين تون؟"

"جه.... جه.... جي.... منهنجو نالو يعقوب آهي."

مون ڊڄندي ڊڄندي وراڻيو.

"اڙي نالو ڪونہ ٿا پڇون، ٻڌاءِ ڪير آهين تون؟"

آئون وائڙو ٿي ويس تہ ڪهڙو جواب ڏيان. ڏڪندي ڏڪندي جواب ڏنم:

"مسلمان."

"وڏو ڪو بيوقوف آهين." هڪڙي ڪاوڙ ۾ چيو، "اسان پڇون پيا ڪير آهين، تون آڏا ابتا جواب پيو ڏين، سچ سچ ٻڌاءِ تون ڪير آهين؟"

آئون سچ پچ منجهي پيس تہ ڪهڙو جواب ڏيان.

نيٺ مون چيو،

آئون هن ديس جو رهواسي آهيان."

"اڙي اهو تہ اسين بہ ڏسون پيا. پر تون انين ڪونہ ٻڌائيندين...." ائين چئي هن پستول جو دستو، منهنجي مٿي تي هنيو، آئون چڪرائجي ڪري پيس . انهن مان هڪ چٽي، پنهنجي ساٿي کي چيو،

"هي ڳالهائي تہ بيشڪ اسان جي ٻولي پيو، پر لهجي مان لڳي ٿو تہ هي اسان مان نہ آهي، هن کي ختم ڪريو، دير نہ ڪريو متان پوليس اچي وڃي..."

هڪ چٽي هٿيار جو رخ مون ڏانهن ڪيو ۽ ٻئي لمحي مون محسوس ڪيو تہ منهنجي پيٽ ۾ ڪنهن ٻرندڙ لوهي شيخ ٽنبي ڇڏي آهي.

*

جڏهن هوش ۾ آيس تہ پاڻ کي اسپتال ۾ ڏٺم. نرس ٻڌايو تہ ڏکيي آپريشن کان پوءِ گولي منهنجي پيٽ مان ڪڍي وئي آهي. هاڻي منهنجي حالت خطري کان ٻاهر آهي.

ڪجھ وقت کان پوءِ ڊاڪٽر، هڪ پوليس انسپيڪٽر سان گڏ آيو ۽ چوڻ لڳو:

"نوجوان پنهنجي سڃاڻپ ڪراءِ."

"سڃاڻپ!؟ آئون توهان جي ڳالھ سمجهيس ڪونہ ڊاڪٽر صاحب!"

"منهنجو مطلب آهي تہ تون ڪير آهين، ڪٿي رهندو آهين، ۽ ڇا ڪندو آهين؟" ڊاڪٽر پڇيو.

"آئون ڪير آهيان؟ ڊاڪٽر انهيءَ ڳالھ جي تہ خبر نہ اٿم تہ آئون تہ ڪير آهيان. جڏهن آئون جهنگلي هوندو هوس تہ ڪنهن بہ مون کان اهو نہ پڇيو تہ آئون ڪير آهيان!؟ پر ڊاڪٽر جڏهن کان مون توهان جي نالي ماتر مهذب سماج ۾ قدم رکيو آهي تہ وک وک تي مون کان پنهنجن ور ور ڏئي پڇيو آهي تہ آئون ڪير آهيان؟ ۽ مان جنهن کي، ڪڏهن جيڪب، ڪڏهن جئہ ڪمار تہ ڪڏهن يعقوب سڏيو ويو آهي." توهان جي مهذب سماج ۾ هميشہ انسان جو رت وهندي ڏٺو آهي ۽ مهذب ماڻهن کي هميشہ مذهب، فرقي، قوميت، زبان ۽ نسل جي بنياد تي خون وهائيندي ڏٺو آهي. توهان جي تهذيب مون کي ڪڏهن عيسائي، ڪڏهن هندو تہ ڪڏهن مسلمان ناهيو آهي، پر مون کي "انسان" ڪنهن بہ نہ ناهيو آهي. اڄ توهان مون کان منهنجي سڃاڻپ پڇو ٿا تہ ٻڌو، ڊاڪٽر آئون انسان آهيان، صرف ۽ صرف انسان.

*

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ، آئون سپتال مان رخصت ٿيس. سمجھ ۾ نہ آيم تہ ڪيڏانهن وڃان. نيٺ گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ، آئون انهيءَ جڳھ تي پهتس، جتي هڪ گونگي انسان مون کي پالي وڏو ڪيو هو، هت پرسڪون سرسبز شاداب واديءَ ۾ ڪير بہ مون کان اهوسوال پڇڻ وارو ڪونہ هو:

"تون ڪير آهين؟"

•

ضراب حيدر

# ڪارا ناسي ڪنگڻ

ننڊپڻ ۾ بابا ميلن تي وٺي ويندو هو. انهن ميلن ۾ زندگيءَ جي هاٺوڪن ميلن ۾ ڪيڏو نه ويڇو پيو پائنجي!؟ موت جي کوھ ۾ موٽر سائيڪل هلائيندڙ سوار کي پنهنجيءَ همت ۾ جرئت جو مظاهرو ڪندي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويندو هئس. ڪيس دل ئي دل ۾ ڏاڍو داد ڏيندو هئس، جيڪو پنهنجيءَ جان جي پرواھ نه ڪندي موت جي مُنهن ۾ ڦيريون پائيندو هو...۽ اڄ پاڻ تي بنهه حيرت ٿيو ٿو اٿم، جو زندگيءَ ۾ موت جي وچ واري کوھ ۾ ڦيريون پائي رهيو آهيان، نه چاهيندي به مُرڪان پيو، کلان پيو، جيئان پيو، سرڪس جي اُن جوڪر وانگي، جنهن جي منهن تي مزاق جا ڪيئي رَنگ هوندا آهن... مان به ته پنهنجي وجود سان شڪستن جون ڪيئي مشڪريون سانڍيو، مُرڪندو وتان.

اڄ پنهنجي ڪمري جي اڪيلائيءَ ۾ پاڻ کي ائين پيو ڦٿڪندو پائنيان جيئن ميلي ۾ آنڊل جانورن جي پنجري مان هڪ پڃري ۾ بند ٿيل رڇ جو ٻچڙو، جنهن جي ٻي چيڀيءَ جو ڪاٿو ڪوئي به نه ٿو لڳائي سگهي، جيڪو پنجري جي هڪ ڪُنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين پيو ڦيريون پائيندو آهي. "قيد به ڪيڏو نه وڏو عذاب آهي! ۽ مان پڻ زندگيءَ جي پنجري ۾ قيد ٿي پيو ڦٿڪان، ائين محسوس ٿيندو اٿم ته جڻ مان اُن ميلي ۾ آنڊل جادوءَ واري دنيا جي حسين ڇوڪريءَ جيان آهيان جيڪا پنهنجي ڳچي ڪاٺ جي ٽيبل جي گول خال ۾ ڦاسائي ويٺي هوندي آهي. جنهنجو ڌڙ دوکي ۽ منافقت وارو روپ هوندو آهي ۽ سندس وات ۾ پيل ڪُنڊيءَ دار زبان سوالن جا جواب ڏيندي رهندي آهي، صرف اُن همراہ جي سوالن جا جواب، جيڪو لَٽ ڪنيو بيٺو هوندو آهي.... مان به معاشي مسئلن ۾ ڳچي ڦاسائي ويٺو آهيان، منهنجي وات ۾ رڪيل زبان صرف گهرو خسارن جي پورائي لاءِ جواب ڏيندي آهي ۽ منهنجو ڌڙ منافقت ۽ دوکي جو روپ ڌاري ڪوڙيون محبتون تلاش ڪندوآهي. مون کي وقت جو چرخو ان همراھ وانگي لڳندو آهي، جيڪو ان جادوءَ واريءَ دنيا جي شو ٻاهران دَخل تي ويٺو ٻئين رپئي واري ٽڪيٽ جو هوڪو ڏيندو آهي ۽ انساني محرومين سان مذاق ڪندو آهي.

اڄ پنهنجي خيالن ۾ سپنن کي به اُن ميلي ۾ ڊوڙون پائيندڙ اُنن ۾ گهوڙن جيان پيو پائنيان جيڪي ساپيا ماڻڻ لاءِ وڏيون وڏيون ٻرانگهون پائيندا، سهڪندا ڊوڙندا ويندا آهن ۽ ميلي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ اُتي صرف سُڪل پلال نظر ايندو آهي، جيڪو هڪ ئي تيليءَ سان جلي رک ٿي ويندو آهي.

منهنجي زندگيءَ ۾ ميلا ان ڪري به اهميت رکن ٿا، جو مون ميلن ۾ پنهنجو پاڻ کي وڃايل پاتيو آهي....! پوءِ اُهي ڇو نه محبتن جا ميلا هجن.

هفتو اڳ سيما، خبر ناهي ڪيئن مون وٽ اچي نڪتي هئي.... سيما منهنجي محبوبا آهي، سچي چاهيندڙ. سندس سچائي ۾ اُڪير ڏسي، محبتن جا سمورا فلسفا وسري ويندا اٿم. هوءَ اهو ڄاڻيندي به مون وٽ اچي نڪرندي آهي ته مان شادي شده آهيان، شاديءَ جي بنڌڻ ۾ ٻڌجڻ کان پوءِ هڪ پٽ جو پيءُ به بڻجي چڪو آهيان، منهنجي زندگيءَ ۾ جڏهن منهنجي شاديءَ جو ميلو مَتو هو، ته سيما جي محبت جو ميلو پنهنجون ڏمالون پوريون ڪري ختم ٿي چڪو هو، اُن سمي سندس زندگيءَ جي حيرت جوڳي سرڪس پنهنجون سموريون نمائشون وڃائي مچريل هاٿيءَ جي سونڊ ۾ اچي ويٺي هئي.... اُهو مچريل هاٿي منهنجي شاديءَ جو ڪارڊ هو، جنهن پنهنجي سونڊ جهڙي حقيقت سان سندس جذبن ۾ سپنن کي ڦيرائي ڦيرائي زمين تي سٽيو هو..... پر پوءِ به هوءَ ٽُٽي ناهي، وکري ناهي، هوءَ اڄ به مون

"سمن سائين مان تہ گولي غلام تنهنجي در جي."

هن جي چهري تي اطمنان هو ۽ اکين ۾ حسرتون...

سمن سائين جي درگاهہ تي پهتاسين، ڪُکڙ درگاهہ جي ايوان ۾ ڇڏي ڏنوسين، پڙ وجهي، دعا گهري ٻاهر نڪتاسين، ڪجهہ گهڙيون ايوان ۾ لڳل الم هيٺان ويهي رهياسين، ڳالهايوسين پئي، کلياسين پئي... هوءَ اوچتو اٿي هلي.

"ڪيڏانهن سيما!؟"

"تون ويهہ مان اچان ٿي." ڪجهہ دير هلي وئي، آئي تہ سندس هٿن ۾ هڪ وڏو لفافو هو، جنهن مان نقل ورهائڻ شروع ڪيائين.

"سيما! هيءَ ڪهڙي باس اوچتو ياد اچي ويئہ؟"

"توکي اولاد نٿي ٿيو نہ!؟ اُن ڪري باسيو هئم تہ توکي پٽ ڄمندو تہ مان سمن سرڪار تي نقل ورهائيندس."

هوءَ نقل ورهائيندي رهي، مون سندس پويان هلندي چيو:

"پر ڇو...؟ تو ڇا لاءِ باسيو هو."

"امبر کي شايد اهو خوف هو تہ تون اِهو بهانو وٺي مون سان شادي نہ ڪرين.... ان ڪري شايد هوءَ پريشان رهندي هئي.... ۽ تو بہ شايد ائين سوچيو هجي... پر اُهو سڀ ڪجهہ ڪڏهن بہ نہ ٿيڻو هو،... نہ ٿئي ها.... نہ ٿيندو." ائين چئي هوءَ ڪار ڏانهن وڌي، مون ڪار جا لاڪ کوليا هوءَ ويٺي، سندس منهن ۾ نهاريم، جنهن تي ساڳيا ٻول نقش هئا:

"سمن سائين مان تہ گولي غلام تنهنجي در جي."

ڪار هلايم، رستي ۾ سيما مون کي هڪ ننڍڙو لفافو ڏنو.

"هي وري ڇاهي؟"

"تنهنجي پٽ وشال لاءِ سوکڙي ورتي اٿم، هت نہ کولجانءِ اُتي هلي کولجانءِ."

لفافو کيسي ۾ رکي ڇڏيم، گهر پهتاسين، امبر مُرڪي آجيان ڪئي، وشال بہ ڏاڍو پُرسڪون هو، شام پنهنجو وجود رات حوالي ڪيو... هر ڪوئي سمهي پيو، گهر وارا، امبر، وشال، سيما.... مون کي ننڊ نہ آئي، کيسي ۾ رکيل لفافو ياد آيم، لفافو ڪڍي کوليم، جنهن ۾ بہ ننڍڙا ڪنگڻ هئا، ڪنگڻ وشال جي ٻانهن ۾ پارايم، وشال جي پيشاني چُميم. سندس پرسان ستل امبر جي پيشاني چميم، امان جي ڪمري ۾ آيس سيما سڪون ۾ سُتل هئي، سندس پيشاني چُميم. واپس وشال وٽ آيس، وشال جي ٻانهن ۾ پيل ڪنگڻ چُميم... غور ڪيم تہ ڪنگڻن جو رنگ ڪارو ناسي هو- ڪارا نيڻ امبر جا، ناسي نيڻ سيما جا، ۽ ٻئي مون جهڙي وشال جي پتڪڙين ٻانهن ۾ وڪوڙيا پيا هئا. پاڻ کي ڪنگڻن جي وچين اچي خال ۾ قيد ٿيل پاسيم. ڪنگڻن کي هڪ ڀيرو وري چُميم، ڪين ڏيان سان ڏٺم، ڪارا ۽ ناسي نيڻ ڄڻ تہ ڪنگڻن ۾ ورجائي رهيا هئا. "سمن سائين مان تہ گولي غلام تنهنجي در جي."

## حبيب الله مرزا

# ڪرشمو

هُن جا افسانا ۽ اشعار اڪثر ڪري رسالن ۽ مخزن ۾ شايع ٿيندا هئا. هي افسانو نہ مگر حقيقت آهي۽ جنهن ڪي Barrets of wimpale street تان ترجمو ڪري لکيو ويو آهي.

ڪيترا ماڻهو سندس شعر کي ڏاڍو پسند ڪندا هئا. پر عام ماڻهو هن کي هڪ "منجهيل شاعر" ڪري سڏيندا هئا؛ شايد سندس ڪلام کي سمجهڻ کان قاصر هوندا هئا. يا تہ واقعي هو هڪ "منجهيل شاعر" هو، بحر حال سندس شائقن جو دائرو وسيع نہ هئو؛ مگر پنهنجو هر هڪ خيال، جو هُو مس ۽ قلم سان ڪاغذ تي چِٽيندو هو. بلڪ سندس هر هڪ لفظ جنهن کي هُو نظم جي لڙهيءَ ۾ پوئيندو هو، سو سندس دل جي گهراين مان ائين ڇٽڪندو هئو جئن ڪنهن چشمي جو پاڻي ڪنهن پهاڙ جي سخت تهن کي چيري نڪري. پر سندس شعر کي سمجهڻ وارو هڪ انسان آخرڪار نڪري نروار ٿيو. جا هڪ خوبصورت دوشيزه هئي. جنهن هن منجهيل شاعر جو شعر سمجهيو، خوب سمجهيو سندس دل مان نڪتل آواز کي دل جي ئي ڪنن سان ٻڌو. جا خود هڪ اعليٰ شاعره هئي.

اهي ٻہ انسان آهن، انگلستان جو مشهور شاعر رابرٽ برائوننگ ۽ مس ايليز بيٿ بئريٽ. ايليز بيٿ بہ هڪ چڱي شاعر هئي پر برائوننگ جو شعر تہ اصل مسحور ڪُن هوندو هئو. هوءَ ان کي ڏاڍي چاهہ سان پڙهندي هئي؛ ان جو داد ڏيندي هئي؛ جواب ۾ برائوننگ بہ سندس شعر کي ساراهيندو هو. اهڙيءَ طرح هڪ عرصي تائين هنن ٻنهي جي خط و ڪتابت جو سلسلو جاري رهيو. بلڪ ائين چئجي تہ انهيءَ سلسلي مان خطن جو هڪ اهڙو مجموعو پيدا ٿي پيو جو انگلستان جو اعليٰ کان اعليٰ ساهت سڏجي ٿو. برائوننگ جا خط انگريزي انشا ۾ هڪ ممتاز حيثيت رکن ٿا.

اهڙيءَ طرح گهڻ وقت تائين، هنن جي خط و ڪتابت هلندي رهي. نہ هڪ ٻئي کي ڏٺو هئائون ۽ نہ هڪ ٻئي کي ڏسڻ جي شايد سَڌ هئن؛ تاهم هڪڙي جو شعر ٻئي کي متاثر ڪندو هو.

آخر ڪار هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو هو ٻئي هڪ ٻئي سان مليا. ايليز بيٿ نينڊ ڏيئي برائوننگ کي پنهنجي دولت خاني تي سڏايو هو. هوءَ هڪ تونگر شخص جي ڌيءَ هئي سندس والد جو ڪاروبار يورپ ۽ آفريڪا جي ڪنڊن ۾ هوندو هو، سندس جڳهہ. بئريٽ مئنشن - هڪ شاندار عمارت هئي. هو هڪ دولت پرور ماڻهو هئو، مگر سندس نورِ نظر ايليز بيٿ، جا جيئوٽيڪ هڪ حسين ۽ جميل دوشيزه هئي. پر جسماني طرح سان هڪ جڏو جيءُ هئي. اٿڻ ويهڻ کان لاچار هئي، اهو بہ سبب هئو جو سندس هن ڌيءُ سان دل هوندي هئي، هن شخص کي هڪ ٻي بہ دختر هئي. هيزيٿا- جا بلڪل تندرست ۽ خوبرو دوشيزه هئي، مگر پنهنجي پيءُ کي هوءَ ايترو نہ وڻندي هئي جيترو ايليز بيٿ. شايد ان جو سبب اهو بہ هئو جو ايليز بيٿ پنهنجي والد جي اجازت کان سواءِ ۽ ان جي عدم موجودگيءَ ۾ ڪوبہ ڪم نہ ڪندي هئي. هوءَ ڏاڍي پڙهيل، قابل ۽ عقلمند هئي. مگر منجهس جا وڏي وڏ هئي، سا اها جو هوءَ نندڻ کان ئي بيمار گذاريندي پئي آئي؛ يعني سندس ٻئي ٽنگون بيڪار هيون. هن وقت جيئوٽڪ سندس عمر بہ ڪافي وڏي هئي ۽ هوءَ پڙهيل، قابل ۽ خوبصورت دوشيزه بہ هئي، تاهم ساڻس شادي ڪرڻ جي لاءِ ڪوبہ تيار نہ هئو نہ وري ايليز بيٿ ئي شاديءَ جي خواهان هئي. ايليز بيٿ جا جذبات ختم ٿي چڪا هئا. سندس سونهن ۽ سوڀيا پڻ ختم ٿي چڪي هئي؛ جنهن ڪري هن پنهنجي زندگي فقط شعر ۽ شاعريءَ جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي.

اوچتو ئي اوچتو، سندس خاموش زندگيءَ ۾ هڪ طوفان آيو. هن محسوس ڪيو ته سندس ستل جذبات جاڳي پيا هئا. زندگي، جا هن جي لاءِ نراسائي ۽ نا اميديءَ جي پيمبر هئي، ان ۾ اميد ۽ آس جو هڪ ڪرڻو نظر آيس. سندس جواني ڪيس پيهر موٽندي ڏسڻ ۾ آئي. اهو تڏهين ٿيو جڏهين رابرٽ براوننگ کي هن نينڌ ڏئي پنهنجي گهر ۾ گهرايو هو. ڪيس خبر نه هئي ته براوننگ جي وجود سان وابستہ ڪا اهڙي ڪشش هوندي، جا سندس خوابيده حسرتن کي جاڳائيندي! ڪيس اهڙو و هم وگمان ئي نه هو ته هن وهيءَ ۾. جڏهين هوءَ ذري گهٽ چاليهين ورهين جي عمر کي اچي رسي هئي. ڪيس ڪو محبت ڪندو! براوننگ. بيشڪ براوننگ. ڪيس ڏسڻ سان مٿس موهت ٿيو. هن نوجوان شاعر کي ائين محسوس ٿيو. چڻ ته هو ڪيس ورهين ڪان سڃاڻندو هئو، اليز بيٽ بہ ائين محسوس ڪيو، پاڻ ته هو ڪي ڌاريا هرگز نه هئا؛ جيتوڻڪ عمر جي لحاظ کان براوننگ کانئس سچا سارا پندرهن سال ننڍو هئو، ليڪن جيسين محبت جو تعلق آهي، تيسين هنن ٻنهي ڄڻن کي پڪ هئي ته هو هن دنيا ۾ هڪ ٻئي جي لاءِ پيدا ٿيا هئا.

"بئريٽ مئنشن" ۾ براوننگ قدم رکيو. هتي ڪنهن بہ مڙس ماڻهوءَ کي قدم رکڻ جي اجازت نه هئي؛ مسٽر بئريٽ هڪ ضدي ۽ قدامت پسندُ شخص هئو؛ پنهنجين ڌيئن تي هميشه ڪڙي نظر هوندي هئس، تاهم هڪ شاعر کي، ۽ سو بہ براوننگ جهڙي با اخلاق ۽ رڄ مڙس کي، پنهنجي گهر سڏائڻ ۾ ڪيس ڪو بہ عيب ڏسڻ ۾ نه آيو. سو ان سڀاڳي ڏينهن جڏهين سندس ڌيءَ اليز بيٽ جو نصيب جاڳڻ وارو هو، شاعر براوننگ بئريٽ مئنشن ۾ قدم رکيو.

اليز بيٽ جي اڳيان هڪ قداور نوجوان، جنهنجي هٿ ۾ هڪ ڇڙي، مٿي تي هيٽ ۽ چپن تي مسڪراهٽ هئي، هڪ انداز سان اچي بيٺو ۽ ساڻس نئڙي مليو. حسين دوشيزه اينترو ته خوش ٿي جو ڪيس ڪا جاءِ نٿي سُجهي جتي براوننگ کي ويهاري. هيءَ پهرين ملاقات هئي ملاقات ته هڪ يا ٻہ گهمرا پوءِ بہ ٿي پر هنن ملاقاتن ۾ ڪو جادوءَ جو اثر هئو. هائو بيشڪ جادوءَ جو اثر هئو، ڇو جو براوننگ جي اچڻ جي ٻئي ڏينهن اليز بيٽ. جا انگلستان جي سڀني ڊاڪٽرن جي لاءِ هڪ پنگلي عورت هئي ۽ اٿڻ ويهڻ کان عاجز هئي، سا هلڻ چلڻ لڳي. براوننگ هن جي لاءِ مسيحا ٿي آيو هئو جنهن جي محض ديدار سان مريض اڌ تندرست ٿي ويو! بس پوءِ ته براوننگ هر روز اچڻ لڳو. ڪيس يقين هو ته سندس اچڻ ڪري هڪ ڏينهن اليز بيٽ بلڪل چاق ٿي ويندي. ٿيو بہ ائين. رفته رفته هوءَ پنهنجي گهر کان وٺي باغ تائين پنڌ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي. براوننگ ڪيس هٿ کان وٺي پنڌ ڪرائيندو هو. سڀني کي تعجب لڳو ته هيءَ ڪهڙو ڪمال آهي جو بغير ڪنهن دوا جي بلڪ بغير ڪنهن ڊاڪٽر جي مريض شفا پائيندو ٿو وڃي!

آخرڪار هوءَ بلڪل نيڪ ٿي وئي، سندس جسم تندرست ۽ توانو ٿي ويو. ڳلن ۾ ڦڪاڻ جي بدران لالاڻ اچي وئي، نئون خون رڳن ۾ ڊوڙڻ لڳو. هيءَ سڀڪجهہ براوننگ کي پڻ تعجب هو ته ڪيئن ٿيو! خود اليز بيٽ کي بہ تعجب هو، هيءَ ڳالهہ قدرت جو هڪ ڪرشمو هئي، آخرڪار هو سمجهي ويا ته ان جو سبب ڇا هئو. اها ڪهڙي شيءِ هئي جنهن جادوءَ جهڙو اثر ڪيو. اها هئي سچي محبت، جا هنن ٻنهي جي درميان هئي.

جلد ئي پوءِ براوننگ، مسٽر بئريٽ کان سندس دختر جي سڱَ جي گهر ڪئي. مسٽر بئريٽ هڪ ضدي ۽ مغرور ماڻهو هئو، پر هيئنر اهو بہ سمجهي ويو ته سندس ڌيءَ ۽ براوننگ جي محبت ڪا عام محبت نه هئي: جو سندن درخواست کي هو رد ڪري. تنهنڪري شاديءَ جي اجازت ڏنائين: پڻ پنهنجي ملڪيت جو هڪ حصو پنهنجي پياري ڌيءَ اليز بيٽ جي نالي بہ ڪري ڇڏيو هئائين. هن ملڪيت مان هر سال هن نئين شادي شده جوڙي کي اينترو ته ملي ويندو هئو جو سندن گذران کان بہ وڌيڪ هئو؛ تنهن ڪري هتي ٻنهي پريمين هاڻي پنهنجي آباڻي وطن انگليند کي خيرباد چئي، اٽليءَ کي آباد ڪرڻ جو عزم ڪيو. اٽلي، خوش نصيب پريمين جو بهشت ۽ هڪ خوشنما ملڪ سڏبو آهي. هتي نه گهڻي گرمي ٿئي ۽ نه گهڻي سردي. هتي انجيرن، انارن، شهہ توتن جون ڪوهن ۾ قطارون ڏسبيون آهن.

هتي سرسبز چراگاه آهن. هتي وسندڙ ۽ آباد ماڻريون آهن.

سچا سارا پندرهن سال هيءُ خوشنصيب جوڙو اهڙي بهشت برين ۾ رهيو هئو. پاءِ تہ باغ عدن ۾ آدم ۽ حوا جو جوڙو هئو جنهن کي نہ ڏکار جي ڳڻتي هئي ۽ نہ سڪار جي خوشي. جتي هنن ٻنهي لاءِ سواءِ محبت ۽ شاعريءَ جي ٻيو شغل ئي نہ هئو: جتي برائوننگ پنهنجي بهترين شاعري قلمبند ڪئي

يڪا يڪ هن خوش جوڙي جي زندگيءَ ۾ هڪ طوفان آيو، بربادي جو طوفان: جنهن هنن جي محبت جي شجر کي اصل پاڙ کان پٽي اڇلائي ڦٽو ڪيو. جلدئي ايليز بيٿ گذاري وئي. نوجوان شاعر تي ان جي موت ڪري جا چوٽ لڳي ان جو بيان لکڻ کان بيحد آهي، مگر اها حقيقت آهي تہ پوءِ رابرٽ برائوننگ بہ گذاري ويو، ايليز بيٿ کان سواءِ هن لاءِ سڄي دنيا بلڪل غيرآباد ۽ سنسان ٿي پئي هئي، سو ڪيئن ٿي زنده رهي سگهيو: آخر هو بہ وڃي پنهنجي محبوب سان مليو

مُنڌ نہ منجهـــان تَنِ، پَسي لَڪَ لڏن جي،
جــا پَرِ ڪــاهوڙِيَنِ، ســا پَرِ سِڪي سَــسُــئِي.

## خزغيل آو شالوموف

### سنڌيڪار: محمد امين بلوچ

# پُٽ

هي زال مڙس هاڻي جڏهين بہ گهمڻ ڦرڻ لاءِ ويندا هئا، تہ اڪثر ڪري گڏ ويندا هئا. هو خاموشي سان ۽ آهستي آهستي هلندا رهندا هئا. هنن جون پنهنجون سنڌن عمر جي لحاظ سان مڙيل هيون.

پوڙهو شخص قداور مضبوط سڌي ڪاٺي وارو هو هن جي گهنجن واري ڪٽڪ رنگي چهري تي ٿُلهيون ۽ ڀوري رنگ جون مُڇون هيون. هو نهايت خبرداريءَ سان پنهنجي پوڙهي زال جو هٿ، هٿ ۾ جهلي وٺي ويندو هو. جڏهين بہ ڪنهن راهگير جي نظر هِنن تي ٽي پيئي تہ هو ڪجهہ خفگي محسوس ڪري مشڪي هليو ويندو هو.

پوڙهي زال ننڍي قد واري، ڏٻري ۽ ضعيف عورت هئي جيڪا هلڻ کان لاچار هئي، پر پنهنجي اعتماد ۽ ڀروسي واري ساٿي جي ٻانهن جي سهاري تي جهُڪي، ڪرڻ جي ڊپ کان هر وقت نظرون زمين ۾ کُپائي هلندي رهندي هئي. جڏهين بہ ڪو هن ٻيڙي جوڙي سان ملندو هو تہ اُنهن جي دلين ۾ هِنن لاءِ همدردي ۽ رحم پيدا ٿيڻ قدرتي هو ۽ هي اُهو محسوس ڪندو هو. هن جي دل ۾ عجيب قسم جو احساس ۽ جذبا پيدا ٿيندا هئا. ٿوري دير لاءِ هي ماضي ۾ گم ٿي ويندو هو،۽ پوءِ مشڪي ڪلي ڳالهہ ٽاري هليو ويندو هو.

هي اڳ ڪڏهين بہ اهڙي طرح پنهنجي زال جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي ڪونہ هلندو هو. ڇاڪاڻ تہ پهاڙي علائقن جا ماڻهو ان ڳالهہ کي خراب سمجهندا هئا پر هاڻي جيئن تہ پوڙهي زال هلڻ کان لاچار هئي تہ هن انهن رسمن رواجن کي پاسيرو ڪري ڇڏيو هو، پر تنهن هوندي بہ جڏهين بہ ڪيس ڪو ملندو هو تہ هي ان لحاظ سان ڏکيائي محسوس ڪندو هو.

هن کا اڳ هنن کي ورلي ڪو ٻاهر نڪرڻ جو موقعو مليو هوندو. هو هڪ گهڻ ڪٽنبي بلڊنگ جي هڪ فليٽ ۾ ٽئين منزل تي رهندا هئا. هوءَ دم جي مريض هئي ۽ هن جون ٽنگون تمام ڪمزور هيون، تنهنڪري ٽئين منزل جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ ۽ لهڻ هن جي لاءِ تمام ڏکيو هو. اٽڪل مهينو اڳ هنن پنهنجو ٻن ڪمرن وارو فليٽ ساڳئي بلڊنگ جي گرائونڊ فلور جي هڪ ڪمري واري فليٽ سان تبديل ڪرايو هو، اُن ڪري هاڻي هي روزانو تازي هوا کائڻ لاءِ سمنڊ جي پرواري پارڪ ۾ اچي ويهندا هئا.

هو اڪثر ڪري پنهنجي پسند واري بئنچ ڳولي هٿ ڪندا هئا ۽ اُن تي ويهي قدرتي نظارن مان لطف اندوز ٿي، پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيندڙ خواهشن تي مُرڪندي نوجوان جوڙن کي خوبصورتي سان هيڏانهن هوڏانهن گهمندي ڦرندي ۽ ننڍن ٻارن کي گوڙ شور سان ڪنلدي ڪُڏندي راند روند ڪندي، مطلب تہ بهار جي موسم ۾ هنن جي پسگردائي ۾ ٿيندڙ هر ڳالهہ کين موهي رهي هئي، ٻئي طرف پوڙهي زال پنهنجي پسگردائي ۾ ٿيندڙ هرڳالهہ کان بي نياز، سجو وقت چپ چاپ، سيني خوشين کان بالاتر ٿي خاموش ويٺي هوندي هئي، اُن بعد ڪلاڪ بہ تازي هوا ۾ ويهڻ بعد جڏهين پارڪ جي سخت بئنچ تي ويهي ٿڪي پوندا هئا تہ هو گهر جو رخ ڪندا هئا ۽ رستي تان ڪاڌ خوراڪ جو سامان پڻ وٺيو ايندا هئا. هوءَ هڪ گهٽ ڳالهائڻ واري عورت هئي پر هڪ ڀيري گهر ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندي هن ڳالهہ ڇيڙي.

"غازي تو منهنجي ڳالهہ ٻُڌي! توکي اسان جو فليٽ تبديل نہ ڪرائڻ گهرجي ها. خدا جو قسم" هُن پنهنجي مڙس تي هڪ ڀرپور نگاهہ وجهندي ۽ ڏوراپو ڏيندي چيو.

"ان وقت ڇا ٿيندو جڏهن خدا جي مهرباني سان اسان جو پٽ موٽي ايندو. هن جي شادي ٿيندي اسان کي پوٽا ۽ پوٽيون ٿينديون ته پوءِ اسان جو هڪ ڪمري واري فليٽ ۾ ڪيئن گذر ٿيندو؟"

غازي ٿورو هٻڪي دم پٽي ٿو. هن کي خبر هئي ته هميشه وانگر فليٽ متاثڻ واري ڳالهه جو مقصد پنهنجي پٽ جي باري ۾ ڳالهائڻ هو. ٻي صورت ۾ اهو ائين ڏسڻ ۾ اچي ها ته هُن پنهنجي پٽ کي وساري ڇڏيو آهي. الله ائين نه ڪري مگر هن کي خبر هئي ته هو جيئرو نه آهي. هن آهستگيءَ سان ٽيبل تي رکيل سگريٽ جي پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي پنهنجي مُڙيل ۽ ڳنڍيون ڳنڍيون ٿيل آڱرين ۾ ڦيرائيندي چيو. "شيڪر تون ڇاجي لاءِ پيئي پريشان ٿين. اسان فليٽ متائي صحيح ڪم ڪيو آهي. اهو اسان جي لاءِ تمام سنو ۽ سهوليتن وارو آهي. اسان جو پٽ واپس گهر ايندو ته اسان ٻيو فليٽ به هٿ ڪري وٺنداسين. جيڪڏهن انسان جو مٿو آهي ته اُن لاءِ ٽوپلو به ملي ويندو." هن پنهنجو خيال ظاهر ڪندي چيو.

هوءَ ڪاوڙ ۾ ٻُڏي ويئي ۽ هن کي جواب ڏيندي چيائين "اسان ٻيو فليٽ هٿ ڪري وٺنداسين!" توکي خبر آهي ته فليٽ هٿ ڪرڻ اهڙوآسان نه آهي. مون کي اُميد آهي ته منهنجي اکين جو تارو جلد ايندو. هو هاڻي ڪنهن به ڏينهن تي ڪنهن به وقت اچي ويندو. آءٌ خاطري سان چوان ٿي. منهنجي دل ۽ منهنجا هڏا به اها ڳالهه محسوس ڪري رهيا آهن. توکي خبر آهي ته هڪ ماءُ جيڪا ڳالهه محسوس ڪري ٿي اُهو سدائين سچ ثابت ٿيندو آهي.

غازي ۽ سندس زال جي وچ ۾ سندن پٽ جي باري ۾ اڳ به ڪافي ڀيرا ڳالهه ٻولهه ٿي هئي ۽ هينئر ان باري ۾ وڌيڪ ٻُڌڻ هن جي لاءِ آسان نه هو. پر تنهن هوندي به هو هر وقت هن جي ڳالهه رکڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ ڪڏهن به هن کي رد ڪرڻ يا هن جي دل آزاري ڪرڻ جو بهانو نه بڻائيندو هو. پر اڄ جنهن طريقي سان ۽ جنهن انداز ۾ هُن پنهنجي پٽ جي باري ۾ ڳالهايو هو اهڙي طريقي سان هن اڳ ڪڏهن به نه ڳالهايو هو. جنهن ڳالهه هِن پوڙهي مڙس کي منجهائي ڇڏيو.

هِن پنهنجو دکايل سگريٽ اڌ ۾ ايشٽري ۾ رکندي نهايت خبرداري سان پنهنجي پر جي ويل گلي ۽ ڏک ڀري آواز ۾ پڇيو.

"توکي اها خاطري ڪيئن ٿي آهي؟"

"خاطري ڪيئن ٿي آهي؟ اهو مون گذريل رات خواب ۾ ڏٺو هو." هن جي چهري تي قدرتي چمڪ اچي ويئي هئي ۽ هن جو گهنجن وارو چهرو خوشي وچان ٻهڪي رهيو هو. "مون خواب ۾ ڏٺو ته اسان ستا پيا آهيون ته اوچتو در ڪڙڪڻ جو آواز ٿيو.

اَمان! اَمان! آءٌ اچي ويو آهيان دروازو کول!"

هن جا چپ ڏڪي رهيا هئا. هو خاموش ٿي ويئي ۽ وڌيڪ ڪجهه به نه ڳالهائي سگهي. هن پنهنجي اک جي هڪ ڳوڙهي کي مٿي تي ٻيل پنهنجي گرم شال جي هڪ ڪنڊ سان اُگهيو مگر هن جون اکيون خوشي وچان، ساڳي طرح چمڪي رهيون هيون.

غازي ٻُڌ تر ۾ پئجي ويو هو. هُن پنهنجو مٿو جهڪائي ڇڏيو. هو ڪجهه به نه ڳالهائي رهيو هو ۽ پنهنجي جذبن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هن کي خوابن تي ڪڏهن به يقين نه هوندو هو ۽ هن کي اهو به يقين نه هو ته ڪو سندن پٽ خيريت سان آهي ۽ جيئرو آهي ڪڏهن نه ڪڏهن واپس ورندو. پر اها ڳالهه هو پنهنجي زال کي ڪيئن سمجهائي. جنگ کي ختم ٿئي ٣٠ سالن جو عرصو گذري چڪو هو ۽ هن کي سندس پٽ جي جيئري هئڻ جي ڪا به ثابتي نه ملي هئي. هاڻي خبر نه آهي ته ڪيئن هن جي مغز ۾ اها ڳالهه اچي ويئي آهي ته هو اچڻ وارو آهي.

غازي پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ سوچيندي پنهنجي زال ڏانهن نهاريندي چيو.

"شيڪر توکي خبر آهي" جيڪي ڪجهه هي سوچي رهيو هو، اُن جي برعڪس هن چيو. "ڪڏهن ڪڏهن

خواب بہ سچا ثابت ٿيندا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ تنهنجو خواب بہ سچو ثابت ٿئي."

هُن جي اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها تري آيا. هِن پنهنجو ڪنڌ لوڏي جڻ تہ هن جو احسان مند ٿيندي چيو تہ "اهو تمام سٺو ٿيو جو توکي بہ يقين اچي ويو تہ هو جلد واپس اچي ويندو."

اونداهي رات ٿي وئي هئي. هر طرف سناٽو ڇانيل هو ۽ سڄو شهر ننڊ ۾ سُتل هو. پوڙهي شخص غازي جو منهن وهاڻي ۾ ڍڪيل هو ۽ هو ننڊ اکڙو هو پر ٻئي طرف هِن پوڙهي عورت کي ننڊ نہ اچي رهي هئي. هن پنهنجي دل اندر جهاتي پاتي ۽ ماضيءَ ۾ ٽٻي هنئي تہ هن کي سڄي زندگيءَ جي فلم اکين اڳيان اچي وئي. هن کي گذريل وقت ياد اچي ويو خاص ڪري اهو يادگار ڏينهن. جڏهين هو ١٨ سالن جي نوجوان ڇوڪري هئي پنهنجي ڳوٺ ۾ مائٽن جوگهرچڙيءَ پنهنجي چاهيندڙ غازيءَ سان گڏ شهر ۾ اچي رهي.

هن جي مائٽن هن جي شادي پنهنجي پريءَ جي عزيزن ۾ ڪرائڻ جو انتظام بہ ڪري ڇڏيو هو. پر هن جو پيار غازيءَ سان هو. هن جا مائٽ هاڻي ڪنهن بہ شڪ شبهي کان بچڻ خاطر. هن جي شادي ڪرڻ جي تياري ڪري رهيا هئا.

شيڪر هڪ ڏينهن صبح سوير عام رواجي طور هار سينگار ڪري پاڻ، جو جڳ هٽ ۾ ڪٿي چشمي مان پرڻ لاءِ پنهنجي ٻيءَ جي گهران نڪتي، ٿورو ئي اڳيان گهاٽن وڻن ٻوٽن ۽ جهڳٽن ۾ لڪل غازي، جنهنجي ڪلهن تي ويڪرو ۽ پشم وارو ڊگهو چوغو پاتل هو ۽ هوهڪ تيار ۽ سنجيل گهوڙيءَ تي هِن جو انتظار ڪري رهيو هو. غازيءَ کي سندس هِن گستاخيءَ واري عمل تي گهڻو ڪجھ ڀوڳڻو پوي ها ۽ هن جي زندگيءَ کي بہ خطرو هو پر خوشقسمتيءَ سان ڪو اڻ وڻندڙ واقعو پيش نہ آيو.

هن جي مائٽن جڏهن اهومحسوس ڪيو تہ فرار ٿي ويل جوڙي جو هڪٻئي سان سچو پيار هو، تنهنڪري هِنن هِن نہ چاهيندڙ ناتي کان ڪنهن بہ قسم جي انتقام وٺڻ جو خيال لاهي ڇڏيو. پر ساڳئي وقت سندن ڏيءَ جي هِن قدم تي ڪين ڏڪ رسيو هو جنهنڪري هو هِن کان لاتعلق ٿي ويا.

شروع شروع ۾ هن فرار ٿي ويل جوڙي لاءِ هڪ اجنبي شهر ۾ رهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو. ڇاڪاڻ تہ ان شهر ۾ ڪين رهڻ لاءِ ڪا بہ جاءِ نہ هئي ۽ ڪين سڃاڻڻ وارو ڪير بہ نہ هو.پر جيئن تہ هي ٻئي نوجوان هئا ۽ سندن هڪٻئي سان تمام گهڻو پيار هو. تنهنڪري سڀ تڪليفون ۽ مصيبتون هنن خوشيءَ سان برداشت ڪيون. ڪجھ وقت ائين رهڻ بعد غازي هڪ ڪارخاني ۾ هيلپر طور وڃي ڪم ڪرڻ لڳو هو ۽ شيڪر هڪ ٽيڪسٽائيل مل ۾ وڃي ملازمت اختيار ڪئي هئي.

اُن بعد گهڻين تبديلين اچڻ سبب ملڪ لوڏي ۾ اچي ويو هو ۽ هڪ اهڙو انقلاب آيو جيڪو عالمي جنگ ۾ تبديل ٿي ويو. جنهن ۾ روس جي فتح ٿي. اهي نيون تبديليون ۽ روشن مستقبل بہ هِن نوجوان جوڙيءَ جي ذاتي زندگيءَ تي ڪي اثر ظاهر نہ ڪري سگهيا هئا پر تنهن هوندي بہ پورهيت طبقو اڳي کان وڌيڪ خوش نظر اچي رهيو هو.

پر جيئن تہ خوشيون جٽاءَ دار نہ هونديون آهن ۽ خوشين پٺيان ڏک بہ ايندا آهن. ڪيترائي سال گذري ويا هئا مگر ڪين ڪوبہ اولاد نہ ٿيو. شيڪر ڪجھ ائين محسوس ڪري رهي هئي تہ هن جو مڙس هاڻي هن مان خوش نہ آهي، جنهنڪري هو احساس ڪمتريءَ جو شڪار هئي، جنهن جو ڀوت هر وقت هن تي سوار هو. جنهنڪري هو گوشہ نشينيءَ ۾ رهڻ لڳي ۽ عجيب قسم جا سوال هن جي ذهن ۾ اُڀري ٿي آيا.

ڇا، غازي، ڪنهن ٻئي خاطر هن کي ڇڏي ڏيندو؟ ڇا هي اُهو بہ وساري ڇڏيندو تہ ڪيئن ۽ ڪهڙي ماحول ۾ مون صرف هن جي پيار خاطر مائٽن جو آشيانو ڇڏيو ۽ هُنن جون دُعائون ۽ نيڪ تمنائون بہ حاصل نہ ڪري سگهيس. ڇا هي اهو بہ وساري ڇڏيندو تہ مون سان پيار خاطر هن پنهنجي جان بہ جوکي ۾ وڌي هئي؟

شيڪر کي اهو غم کائي رهيو هو تہ جيڪڏهن ڪيس ٻار نہ ٿيو تہ اهو بدبخت ڏينهن بہ شايد اچي وڃي: هو

اذيت محسوس ڪري رهي هئي، پر هن جي قسمت چڱي هئي جو شادي کان پوءِ ستن سالن بعد هن کي پٽ ڄائو، جنهن جو نالو هن پيءُ جي نالي سان يوسف رکيو، جيتوڻيڪ سندس پيءُ جو پنهنجي ڌيءُ سان اڃان ڪو راضي نامو نه ٿيو هو.

پر جڏهن هن جي پيءُ کي خبر پيئي ته سندس ڌيءُ کي هڪ خوبصورت پٽ ڄائو آهي ۽ هن جو نالو به سندس نالي سان رکيو ويو آهي ته هن جي دل ۾ سندس ڌيءُ لاءِ رحم ۽ پيار جاڳيو. هن يڪدم ڪجهه سوکڙيون پاکڙيون خريد ڪيون ۽ تيار ٿي پنهنجي زال کي ساڻ ڪري پنهنجي ڌيءُ ۽ ناني سان صلح ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو.

شيڪر کي پنهنجي ننڍڙي پُٽ جي اُها پهرين مُشڪ ياد اچي ويئي جيڪا هن سندس معصوم ۽ ڀڪندڙ چهري تي ڏني هئي، شيڪر کي اهو ڏينهن به ياد اچي ويو، جڏهن هن خوشيءَ مان گدگد ٿي پنهنجا ننڍڙا خوبصورت گول مول هٿ هلڻ لاءِ پنهنجي ماءُ طرف وڌايا ۽ پنهنجي ڪمزور ۽ ٿڙڪندڙ ٽنگن تي بيهڻ جي ۽ وک وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي، شيڪر کي ان کان به وڌيڪ اهو ڏينهن چمڪندڙ انڊلٺ وانگي هن جي ذهن تي نقش ٿي ويو هو ۽ هن کي ياد آيو ته اها جڻ ڪا تازي ڳالهه هئي، جو ڪيئن هڪ نوجوان عورت، گلاب جي گلن جو گلدستو هٿ ۾ ڪڻي فخر ۽ خوشي وچان پنهنجي پٽ کي پهرين ڏينهن اسڪول وٺي ويئي هئي.

غازي جي دل جي خواهش هئي ته ننڍڙي يوسف کي ڪو ڀاءُ يا ڀيڻ هجي، مگر جيڪي ڪجهه انسان چاهيندو آهي اهو پورو ٿيڻ ناممڪن هوندو آهي ۽ صرف ننڍڙو يوسف ئي هنن جو اڪيلو پٽ رهجي ويو. يوسف اڃان ۱۵ سالن جو مَس هو ته جنگ شروع ٿي ويئي هئي، ڪيترن مائرن جا نوجوان پُٽ انهي جنگ ۾ قربان ٿي ويا هئا مگر جنگ اڃان تائين ختم نه ٿي هئي، ۽ اهو وقت اچي ويو هو جو هن کي به سپاهين واري پوشاڪ پائڻي پيئي ۽ هي رضاڪارانه طور تي اڳين صفن ۾ بيهڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو. ان وقت شيڪر کي اهو به حق نه هو جو هو پنهنجي پٽ کي اوڏانهن وڃڻ کان روڪي جيتوڻيڪ هي صرف هن جو اڪيلو ئي پُٽ هو.

جنگ اڃان هلي رهي هئي ۽ ڪيترين ئي مائرون اڳ ئي پنهنجي جوان پٽن جي موت تي ماتم ڪري رهيون هيون، ڌرتيءَ ماءُ جي بچاءَ خاطر ۽ دشمن کي تڙي ڪڍڻ لاءِ هر ڪرندڙ سپاهي جي جاءِ ٻئي سپاهي وچي ٿي والاري.

جڏهن هن پنهنجي پُٽ کي جنگ تي وڃڻ لاءِ رخصت ڪيو ان وقت بهار جي موسم ۾هو ۴۴ ورهين جو هو، هن کي پوري طرح خاطري هئي ۽ هن کي اهو به يقين هو ته سندس پٽ صحيح سلامت ۽ خير خوبيءَ سان واپس ايندو. پر ان بعد ٻئي بهار جي موسم ۾ جڏهن روسي فوجين نازين کي سندن ملڪ جرمني ڏانهن ڌِڪي ڇڏيو هو، ان ريجمنٽ کان جنهن هي ڪم ڪري رهيو هو ڪيس هڪ خط مليو ته يوسف جي ڪابه خبر نه آهي ۽ هو گم ٿي ويو آهي ته ان وقت کان وٺي سندس واپس اچڻ لاءِ آسرو رکيو ويني هئي ته هڪ نه هڪ ڏينهن سندس پٽ ضرورموٽندو.

پر پوءِ ڪجهه ائين ٿيو جو ڪافي سال گذرڻ بعد به هن جو پٽ نه موٽيو ته هُن پنهنجي دل ۾ اُن سبب جو اندازو لڳايوته ٿي سگهي ٿو ته دشمن ڪيس قيد ڪري رکيو هجي، جهڙي طرح ڏند ڪٿائن موجب ظالم ديو ۽ راڪاس پنهنجي دشمنن (شڪار) کي زنجيرن ۾ جڪڙي محلاتن ۾ قيد ڪري رکندا هئا. هن جي من جو عقاب هن کي ڪڏهن به وسارڻ لاءِ تيار نه هو، ۽ هو آس لڳايو ويني هئي ته ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ضرور موٽندو، خاص ڪري گذريل رات جي خواب کان پوءِ هن کي هاڻي يقين ٿي ويو ته هُن جو پٽ هاڻي پنهنجا سڀ بند ٽوڙي هينئر جو هينئر جڻ ته پنهنجي ڪنين تي اُڏامي به پنهنجي بيقرار ۽ ضعيف ماءُ پٽ پهچندو.

هُن کي سندس پٽ جون ڳالهيون ياد اچڻ ڪري سندس ننڊ ڦِٽي پيئي هئي ۽ ڪيتري عرصي کان وٺي ڪيس ننڊ نه اچي رهي هئي، مگر ان وقت هن جي خبرداري ۽ هوشياري ظاهر ڪري رهي هئي ته هوءَ ننڊ اکڙي آهي. ان ئي وقت جهوٽا ڪائيندي اوچتو هن ڳرن قدمن جا آواز ٻُڌا جيڪي يڪايڪ هن جي فليٽ تي اچي بيٺا. هن يڪدم پنهنجون اکيون کوليون، بستري تي اُٿي ويٺي ۽ ٻاهر قدمن جو آواز ٻڌڻ لڳي. هڪ منٽ بعد ٻئي قدم جو آواز ۽ ان بعد ٽيون

۽بلڪل چپ چاپ ۽ خاموشي سان ٻاهر اُن پيچري تي ساڳي طرح سان آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا. شيڪر ان مان اهو اندازو لڳايو ته اهو سڀ ڪجهه هوأن ڪري خاموشي سان ڪري رهيو هو جيئن اندر سنئل زال ۽ مڙس ڪنهن قسم جو خوف محسوس نه ڪن.

ٻاهر ڪنهن ٿي پيرا درڪڙڪايو بلڪل اهڙي طرح جهڙي طرح پهرين هن خواب ۾ ٿي پيرا در ڪڙڪڻ جو آواز ٻڌو هو. شيڪر اُن جوان جو آواز ٻڌو ڪيس ائين لڳي رهيو هو، ڄڻ ته اهو آواز سندس پياري پٽ جو منڙو آواز هُجي جيڪو چئي رهيو هو، "امان! منهنجي پياري امان! آءُ اچي ويو آهيان!". "منهنجا پيارا منڙا پٽ!" ڄڻ ته اهو سهڪندي ڏکهو ساهه کڻندي نه ٻڌڻ جهڙي آواز ۾ هُن پُڪاريو هو، هن جو آواز بند ٿي ويو هو.

هي بي انتها خوشي مان تڙ تڪڙ ۾ پنهنجي هنڌ مان ٽپ ڏيئي اُٿي. هن حي ڏکهي رات جي پوشاڪ ۾ هن جا اڇا وار هيڏانهن هوڏانهن کُلي ويا هئا. هُن پنهنجي پُٽ جي آجيان ڪرڻ لاءِ پنهنجون ٻئي ٻانهون کوليون، مگر هن کي يڪدم ڏڪٽي وٺي ويئي خوف ۽ وسوسا ورائڻ لڳا، جيئن هو نشي ۾بيهوش هجي، هوءَ دروازي ڏانهن وڌڻ لڳي اجان هن ٻه قدم به نه کنيا هئا ته هن جي ٽنگن جواب ڏيئي ڇڏيو ۽ هوءَ خالي فرش تي ڪري پيئي.

"امان! منهنجي پياري امان! ڇا ٿيو آهي؟ بابا!" دروازي جي ٻئي طرف کان خبردار ڪرڻ لاءِ زور سان آواز اچي رهيو هو.

غازي دروازي ڏانهن ڊوڙيو، هن جا حواس خطا ٿي ويا، هُن ڏڪندڙ هٿن سان دروازو کوليو، هي عجيب ۾ پئجي ويو ۽ ڄڻ ته اُتي ڄمي ويو هجي؛ هن ڏٺو ته در جي پرسان جهڪي روشني ۾ هڪ ڏکهو ۽ ڪمزور نوجوان فوجي وردي سان هڪ ننڍڙو سوٽ ڪيس کنيو بيٺو هو، اهو هڪ پاڙيسري جو پُٽ هو جيڪو موڪلن تي واپس گهر آيو هو ۽ هن کي خبر نه هئي ته هن جا مائٽ هتان لڏي ويا هئا.

هاڻي هي پوڙهو شخص اڪيلو رهجي ويو آهي، پنهنجي هٿ ۾ لٺ جهلي اڪيلو هلندو رهي ٿو هن وٽ هاڻي ڪابه خوشي نه رهي آهي، هوءَ اڳ جيان نه ڪنهن سان پاڪر پائي ملي ٿو ۽ نه کلي ۽ مشڪي ٿو ۽ نه ڳالهائي ٿو جيئن اڳ پنهنجي زال جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي هلڻ وقت ڏسڻ ۾ ايندو هو.

ڪجهه وقت اڳ جي ڳالهه آهي ته آءُ ان پارڪ ۾ ويو هوس مون ڏٺو ته هي پوڙهو شخص به اُن ساڳي بئنچ تي ويٺو هو جتي هو اڳ پنهنجي زال سان گڏ اچي ويهندو هو.

بهار پنهنجي جوبن تي هو، وڻ ٽڻ گل ۽ ڦل سڀ ڇهڇ ساوا نظر اچي رهيا هئا. سائو سائو گاهه جهڳٽن جي پاسن کان اڀري رهيو هو. قسمين قسمين وڻندڙ رنگ برنگي گل مکڙين ۾ ٽڙي رهيا هئا، اُن وقت مانيٽي سمنڊ جو مٺاڇرو گهرو نيرو ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو.

هن کان اڳ غازي پنهنجي زال سان گڏ هتي ويٺل هو، نوجوان جوڙا ۽ ٻار وڻندڙ وارياسي فوٽ پاٿ تي گهمي ڦري رهيا هئا، خوشي ۾ پريل ٻارن جي ٽهڪن، کل ۽ ٻوڳ ماحول کي ڏاڍو خوبصورت بنائي ڇڏيو هو، ۽ هاڻي پنهنجي لٺ سان جڪڙيل ٻانهن تي پنهنجي وڌيل ڏاڙهي رکي هي پوڙهو شخص پنهنجي سامهون هيڏانهن هوڏانهن ٽڪل ۽ اُداس نظرن سان تمام گهري سوچ ۾ هو ۽ ڪنهن کي ڳولهي رهيو هو.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

# اترادي ٻولي جو مطالعو

ڊاڪٽر هدايت پريم جو ڪتاب "اترادي ٻولي" ، سنڌي ٻولي جي با اختيار اداري حيدرآباد پاران ۱۹۹۵ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي. هن اداري طرفان سنڌي ٻولي جي جاگرافيائي محاورن جي سلسلي جوهي ڇهون ڪتاب آهي. ڪتاب ۾ مهاڳ کان سواءِ ڪل اٺ باب آهن. ان سان گڏ اداري جي تنهن وقت واري چيئرمين ڊاڪٽر نواز علي شوق پاران ٻه اکر به لکيل آهن.

– هن ڪتاب ۾ جئين ته سنڌي ٻولي جي هڪ مخصوص ۽ وڏي محاوري يعني "اترادي محاوري" تي بحث ٿيل آهي تنهن ڪري سڀ کان اڳ ۾ ڏسڻو اهو آهي ته ڪتاب جو عنوان فني لحاظ کان ڪيتري قدر درست آهي ۽ اهو به ڏسڻو آهي ته هن کان اڳ ۾ جيڪي پنج ڪتاب اداري پاران ڇپرايا ويا آهن انهن مان ڪهڙا عنوان تنقيد جي زمري ۾ اچن ٿا.

جيئن ته محاورو هڪ مخصوص ٻولي ۾ مفاصلي جي بنياد تي پيدا ٿيل لساني فرق موجب مقرر ٿئي ٿو. جينوٽيڪ ٻولي جي محاوراتي ايڪائي کي مقرر ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه آهي جو ته اهو تجربي هيٺ آيو آهي ته هڪ ئي گهر ۾ رهندڙ سڀ فرد به اُچارن ۾ فرق رکن ٿا. ان ڪري لساني ماهر ٻولي جي اهڙي فرق کي سمجهڻ لاءِ لساني جاگرافي جي اصولن کي سامهون رکي بحث ڪندا آهن. اڪثر ٻولي سان واسطو رکندڙ محقق محاوري کي لهجو به چون ٿا، پر ٻولي جي گهڻن ماهرن هن کي محاورو ئي سڏيو آهي.

هن ڪتاب جو عنوان "اترادي ٻولي" منهنجي خيال ۾ هن لحاظ کان درست ناهي جو معنيٰ جي فرق کي ذهن ۾ رکي ڏسبو ته محاورو (Dialect) لهجو (Accent) به جدا اصطلاح معلوم ٿيندا.

ڊاڪٽر هدايت پريم ڪتاب جي ص-۱۴ تي پوپٽي هيرانندائي جو حوالو ڏيندي ٻولي، محاوري ۽ لهجي ۾ فرق واضح ڪيو آهي. لکي ٿو ته:

۱. ڀاشا: اها ٻولي جنهن کي پڙهيل ماڻهو گهڻيو مڙهيو آهي (Standard dialect).

۲. ورڀاشا: اها ٻولي جا هڪ گهيري ۾ رهندڙ رواجي ماڻهو ڳالهائين ٿا يعني (Dialect).

۳. ٻولي: اها ٻولي جا گهر جا ڀاتي گهرن ۾ ڳالهائين ٿا جنهن ۾ ڪابناوٽ يا ڏيکاءُ نه آهي (Provincial dialect).

شريمتي پوپٽي اڳتي هلي لکي ٿي ته ورڀاشا کي انگريزي ۾ ڊائليڪٽ ۽ هندي ۾ اپڀاشا چئبو آهي. اهڙي ٻولي ڌرتي جي هڪ گهيري ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ ڪم اچي ٿي. ڀاشا؛ ورڀاشا ئي آهي پر اها پڙهيل لکيل ماڻهن جي هٿ ۾ اچي تمام پڪي پختي ۽ پالش ٿيل بڻجي پوي ٿي، ٻوءِ ورڀاشائون ان کي پنهنجي راتي ڪري مڃين ٿيون. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ٽماهي مهراڻ ۱۹۹۲/۳ جي صفحي ۱۴۳ تي لکي ٿو ته ذاتي محاورو (Idiolect)، محاوري جو اهم شعبو آهي. ان ڪري ان جي وصف ذهن ۾ واضح هجڻ کپي. ڊاڪٽر حيدر سنڌي لکي ٿو ته لهجا، لغوي ۽ گرامري خاصيتن کان سواءِ لساني خوبين ۾ به اڪثر يڪسانيت رکن ٿا. پر ٻوءِ به هڪڙو لهجو ٻي لهجي کان ڪي قدر نرالو ٿيندو آهي، جنهن ۾ ڳالهائڻ جو جهيلاڙ (Tone)' لفظن جو اچار، آوازن جا لاها چاڙها، لفظن تي ادائگي ۽ لفظن جو معنوي انداز وغيره شامل هوندو آهي. ( "ٻولين جا سرچشما" : اتماس پبليڪيشن ڪنڊيارو ۱۹۸۵ع ص -۳-۱۰)

محترم فاضل شيخ ڪتاب "ماٺيلي ۽ اباوڙي جي ٻولي" ۾ لکي ٿو تہ اپڀاشائن ڪي عام طرح محاورا سڏيو ويندو آهي. اسان جو خيال آهي تہ محاورو ڪنهن بہ ٻولي جي مخصوص ۽ وڏي گهيري ۾ ڳالهايو وڃي ٿو جنهن کي وڀاشا (Dialect) چئجي ٿو. مٿي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو بہ ساڳي ڳالهہ ڪري آيو آهي. لهجو يا ٻولي (Accent) گهرَجي ڀاتين يا هڪ ننڍي خطي ۾ رهندڙ سيني ماڻهن جي ٻولي کي چئي سگهجي ٿو. ان کي مقامي ٻولي بہ چئجي تہ درست ٿيندو. جهڙوڪ. شڪارپوري ٻولي، سبي جي ٻولي ۽ جيڪب آبادي ٻولي وغيره.

جيئن ٿري سنڌي ٻولي جو محاورو آهي، جيڪو ٻولي جي هڪ وڏي گهيري اندر ڳالهايو وڃي ٿو تنهن ڪري ان محاوري تي لکيل ڪتاب کي "ٿري ٻولي" بجاءِ "ٿري محاورو" چئجي ها تہ بهتر هو. سنڌي ٻولي جي با اختيار اداري پاران "شڪارپوري ٻولي" "ماٺيلي ۽ اباوڙي جي ٻولي" ۽ "سبي جي ٻولي" وغيره ڪتاب عنوان جي لحاظ کان درست ڇپرايا آهن. ڊاڪٽر عبدالمجيد اسان جي ڳالهہ جي تائيد ڪندي ڪتاب "شڪارپوري ٻولي" ۾ لکيو آهي تہ هي لهجو "سريلي محاوري" جو هڪ لهجو آهي جنهن جون ڪجهہ قدر خصوصيتون سريلي محاوري جي ٻين لهجن جهڙيون آهن. (ص-١٢-١٣). اصل ۾ شڪارپوري ٻولي يا لهجو ۽ ماٺيلي يا اباوڙي جي ٻولي يا لهجو ٻئي "اترادي محاوري" جون ٻوليون يا لهجا آهن.

ڪاڪو ڀيرومل (ڪتاب "سنڌي ٻولي جي تاريخ" ١٩٧٢ع ص -٩١) محاوري جي تعريف هن طرح ڪري ٿو: ڀاشا معنيٰ ٻولي ۽ اپڀاشا معنيٰ ٻولي جو ننڍو ايڪو Dialect

انهي سلسلي ۾ ڊاڪٽر هدايت پريم، پوپٽي جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ سنڌ ۾ حيدآباد جي سنڌي ڀاشا ئي ڪم ايندي آهي. سنڌي ڀاشا جو ڪيتر سچو ئي سنڌ پرڳٹو آهي. شڪارپوري، سرائڪي، لاڙڪاڻائي وغيره وڀاشائون آهن جي جدا جدا ضلعن ۾ ڪتب ايندڀون هيون. وڀاشا جي حد جاگرافي مقرر ڪري ٿي پر ڀاشا جي حد سڀيتا مقرر ڪري ٿي، يعني (Standard language). اڳتي هلي پوپٽي لکي ٿي تہ ڀاشا هڪ قسم جي پرماٹڪ ٻولي آهي جنهن کي ساڳي علائقي يا قوم جا ماڻهو ساهتڪ ٻولي سمجهن. ان ۾ لکڻ پڙهڻ ۽ راڄ ڪاروبار جو ڪم هلائين ٿا. (ص-١٤-١٥-١٦)

سڄي باب ۾ پوپٽي هيراننداڻي جي محاوراتي نڪتہ تي ڊاڪٽر هدايت پريم ڪو رايو ڪونہ ڏنو آهي جيڪو ڏيڻ تمام ضروري هو ڇو تہ هيل تائين جيڪي بہ لساني ماهرن جا رايا اسان تائين پهتا آهن انهن جي روشني ۾ ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهجي ها.

اسان ڏسون ٿا تہ پوپٽي هيراننداڻي جي خيال موجب ڀاشا معياري محاوري (Standard dialect) کي ۽ وڀاشا يا اپڀاشا لهجي يا ڊائليڪٽ کي چئجي ٿو. حيدرآبادي ٻولي کي معياري محاورو چيو اٿس ۽ ساڳي طرح شڪارپوري ۽ لاڙڪاڻا ئي ٻولين کي بہ محاورو يا وڀاشائون ڪوٺيو اٿس.

اصل ۾ اسان مٿي اهو ثابت ڪري آيا آهيون ۽ اهو طئي ٿيڻ لسانيات جي شاگردن لاءِ ضروري آهي تہ Dia-lect کي محاورو مڃجي ۽ Accent کي لهجو يا مقامي ٻولي چئجي، ٻولي يا ڀاشا ان کي چئجي جنهن کي ننڍو ڳالهائي تہ وڏو سمجهي، هندو ڳالهائي تہ مسلم سمجهي ۽ پڙهيل ڳالهائي تہ اڻ پڙهيل سمجهي، اها ڳالهہ بہ طئي ٿيڻ گهرجي تہ معياري محاورو (Standard dialect) بہ هڪ مخصوص گهيري ۾ ڳالهايو وڃي ٿو، يعني اهو محاورو پڙهڻ لکڻ ۽ ڪاروبار هلائڻ لاءِ اُهي ماڻهو استعمال ڪندا آهن، جيڪي پڙهيل لکيل هجن يا جتان جي مقامي ٻولي کي انهي مقصد (معياري محاوري) لاءِ استعمال هيٺ آندو ويو هجي.

هتي،اها ڳالهہ بہ وضاحت طلب آهي تہ معياري محاورو بہ هرڪو ماڻهو نٿو ڳالهائي پر اهو بہ هڪ لساني گهيري

اندر يعني پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن ۽ رياست جو ڪاروبار هلائيندڙن جو محاورو آهي، ان ڪري معياري محاوري ڪي وياشائن (محاورن) جي راڻي ته ڪري مڃي سگهجي ٿو. پر پوري ملڪ جي بولي ڪري مڃڻ درست نٿو لڳي، ٻولي (ڀاشا) ته اها ڳڻبي، جيڪا علائقائي فرقن جي باوجود به هرڪو ماڻهو (ان ٻولي جو ڳالهائيندڙ) سمجهي ۽ پنهنجو مقصد حاصل ڪري. جهڙي طرح سنڌي ٻولي جو ملڪ ته سنڌ آهي پر هن ٻولي جا ڳالهائيندڙ نقل مڪاني ڪري ڪيترن ٻين ملڪن ۾ وڃي وسيا آهن، ٻولي انهن جي اڄ به ساڳي آهي، صرف انهن جي مقامي ٻولي يعني لهجي ۽ محاوري ۾ لازمي ڪي قدر فرق پيدا ٿيو هوندو. ان ڪري ٻولي يا ڀاشا جو درجو اهڙي ٻولي کي ڏئي سگهجي ٿو، نڪي ڪنهن مخصوص محاوري کي ( چو نه اُهو معياري محاورو -Standard dialect ٿي هجي) ايڏو درجو ڏئي سگهبو.

"حيدرآبادي سنڌي" کي معياري محاورو يا ڀاشا چوڻ درست ناهي، دراصل حيدرآبادي ٻولي، وچولي جو لهجو Accent آهي. اهڙي طرح شڪارپوري، لاڙڪاڻائي ٻوليون، اترادي يا سري جي محاوري جون مقامي ٻوليون يا لهجا آهن. ڊاڪٽر هدايت انهي نڪتي کي ظاهر ته ڪيو آهي پر ان کي اڳتي وڌائي ڪنهن حتمي فيصلي تي پهچي ڪونه سگهيو آهي. ڪتاب جي مهاڳ (ص-۷) ۾ اهڙو بحث ڪيو اٿس. ڪتاب جو عنوان اترادي ٻولي" لکڻ جي باوجود به ڪتاب ۾ هر هنڌ "اترادي لهجو" (محاورو) ڪري لکيو اٿس. (نوٽ): اسان جي بحث کي سامهون رکي اداري کي انهي سلسلي ۾ وضاحت ڪرڻ گهرجي)

اترادي ٻولي جي حدن کي سمجهڻ لاءِ به اسان کي محاورن جو اڀياس ڪرڻو پوندو.

ڪاڪي ڀيرومل صرف ڇهه محاورا ڪتاب سنڌي ٻولي جي تاريخ ۾ ڳڻايا آهن. ارنيسٽ ٽرمپ ٽي محاورا لکيا آهن. ۱- لاڙي ۲- سري ۽ ۳- ٿري. ٿري کي به نج محاورو نٿو سمجهي. ابراهيم گريئرسن سنڌي ٻولي جا ڇهه محاورا مڃي ٿو پر اترادي کي پوءِ به محاورو تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. سنڌس ڇهه محاورا هن طرح آهن. وچولي، سرائڪي، لاسي، لاڙي، ٿريلي ۽ ڪڇي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي سنڌ کي ٽن طبعي حصن ۾ ورهائي، اتر پاسي کي سرو ۽ ڏاکڻي کي لاڙ سڏيو آهي. وچولي جي اوپرين پاسي کي ساهتي سڏيو آهي، وچولي سنڌ جون حدون گهٽو ڪري لاڙڪاڻي ۽ ان جي آس پاس ڪان وٺي حيدرآباد ۽ ان جي ويجهي پسگردائي تائين ڄاڻايون آهن. ( "آفتاب ادب" ۱۹۷۴ع ص-۱۱٦) ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي، ڪتاب "سبي ٻولي" ۾ ٻارنهن محاورا لکيا آهن. معياري، اترادي، ماڇڪي، جغدالي، فراڪي، ڪيتراڻي، ڪوهستاني، لاسي، جدگالي، لاڙي، ڪڇي ۽ ٿري. ابراهيم گريئرسن جو اترادي محاوري کي محاوراتي درجو نه ڏيڻ واري صورتحال تي سندس ئي حوالن مان ڊاڪٽر هدايت اهو ثابت ڪيو آهي ته اترادي هڪ وڏو محاورو آهي ۽ جيڪو هڪ لساني علائقي ۾ ڳالهايو وڃي ٿو.

اسان جي خيال ۾ ڊاڪٽر هدايت پريم کي هن ئي باب ۾ محاورن جي چند ڄاڻ سان گڏ، انهن جي علائقائي بيهڪ مطابق ورڇ به ڪرڻ گهربي هئي.

انهي بحث کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ لساني حد بنديَ ڪري، محاورن جي ڳڻپ ڪري سگهجي ٿي. انهي لحاظ سان ڏسبو ته ڀيرومل، ٽرمپ، گريئرسن ۽ فتح محمد سيوهاڻي محاورن جي حد بندي ڪندي، ٻولي جي وسيع تر ڪينواس کي سامهون رکيو آهي. جڏهن ته ڊاڪٽر داد محمد وري محاوراتي حد بندي جي گهيري کي گهٽائي، مقامي ٻولين کي به محاورو ڪوٺيو آهي. جهڙي طرح هن جغدالي، ڪيتراڻي ۽ فراڪي (جيڪي مقامي ٻوليون آهن) کي محاورا سڏيو آهي. پر حقيقت ۾ اهي "جدگالي محاوري" جا ننڍا لهجا يا ٻوليون آهن.

ڊاڪٽر هدايت پريم اترادي محاوري جي حد بندي ڪندي محترم فاضل شيخ جي ڪتاب "ماٺيلي - اباوڙي جي

ٻوليءِ" مان حوالو ورتو آهي ۽ ان جي راءِ کي درست تسليم ڪيو اٿس. مان شيخ صاحب جي راءِ ۾ ڪجھ تبديليون پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ اها ٻولي جي واڌاري لاءِ ضروري به آهي. شيخ فاضل صاحب لکي ٿو ته "خيرپور ضلعي جي اوپر واري وسيع ايراضي، توڙي روهڙي ميرپور ماٿيلي ۽ اٻاوڙي تعلقي جي اوپرندي طرف واري وڏي پٽي ۾ سنڌي جي سنئون سڌو ٿري محاورو ڳالهايو وڃي ٿو. ٻئي طرف جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي اولهندي پاسي بلوچستان جي شورڻ ۽ سبي وارن علائقن ۾ به اترادي محاورو رائج آهي. اٻاوڙي تعلقي جي اتر ۾ وري ماڇڪي ٻولي جو گھٽو اثر آهي. اتان جي ٻولي کي سرائڪي سنڌي ته چئي سگھجي ٿو پر ان کي اترادي ٻولي يا سريلي ٻولي ۾ شمار ڪري نه سگھبو" (ص-١١)

محترم فاضل شيخ جو اهو رايو ته مڃي سگھجي ٿو ته ماڇڪي ٻولي هڪ جدا محاوري جي پد تي پهتل آهي. پر اهو چوڻ ته ماٿيلي ۽ اٻاوڙي جي ٻولي، لهجو نه بلڪ محاورو آهي، مڃڻ جي قابل ناهي. اڳتي هلي شيخ فاضل صاحب پنهنجي راءِ کي حتمي ڪونه ٿو سمجھي پر صرف انهي ڳالھ تي زور ڏي ٿو ته ماٿيلي ۽ اٻاوڙي جي ٻولي تي ٿري محاوري جو اثر آهي. سندس انهي راءِ کي درست مڃي سگھجي ٿو.

محترم فاضل شيخ جي انهي راءِ سان به سهمت ناهيون ته بلوچستان جي شورڻ ۽ سبي واري علائقي ۾ "اترادي محاورو" رائج آهي. ڊاڪٽر داد محمد بروهي ان علائقي جي محاوري کي فراڪي، وطني، ڄتڪي، ڄتڪي ۽ ملڪي سڏيو آهي (ڏسو "سبي جي ٻولي" ص-٢٩-٣٠) محترم ڊاڪٽر هدايت پريم مٿين نڪتي تي به ڪنهن قسم جو بحث ڪونه ڪيو آهي جيڪو ٿيڻ گھربو هو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سبي پاسي رائج لهجي کي ٽن ننڍن لهجن ۾ ورهايو آهي، فڙڪي، پٽڪي ۽ حسڪٽي. ڊاڪٽر داد محمد انهن ٽنهي لهجن کي فِراڪي محاوري جا ننڍا ايڪا يا لهجا ڪري مڃي ٿو. (ڏسو سِبي جي ٻولي" ص-٣١)

ڊاڪٽر داد محمد، جغدالي، فراڪي ۽ ڪيتراڻي کي به سنڌي ٻولي جا محاورا ڪوٺيو آهي. اصل ۾ اهي ٽئي "جدگالي محاوري" جا لهجا آهن، انهي سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ ڪافي وزندار آهي. هو لکي ٿو: معياري سنڌي جي اثر واري دائري کان ٻاهر، اندروني بلوچستان وارن ڇڙوڇڙ سنڌي ٻاشندن جي ٻولي ڪڇي رهي جيڪا اڄ تائين سنڌن خاص بستين ۾ خام "جدگالي محاوري" جي صورت ۾ رائج آهي. انهي طرف سنڌ جي پکيڙ سان "مغربي بلوچي" ۽ سنڌي جو هڪ ٻئي جي لغات تي اثر پيو. سنڌ جي طاقت وڌڻ ڪري جيڪب آباد، سبي ۽ ڪڇي ضلعن وارا علائقا سنڌ جي سياسي اثر هيٺ آيا، جنهن ڪري انهن علائقن ۾ سنڌي ٻولي رائج ٿي. سنڌي قبيلن جو اثر (سبي) توڙي اولھ طرف (مڪران) بلوچستان ۾ وڃي ويهڻ واري صدين دوران مسلسل عمل سان بلوچي زبان جا ڪيترا لفظ سنڌي جو جز بڻيا. "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" ص-١٦٠)

ڊاڪٽر بلوچ ساڳي ڪتاب ۾ اڳتي هلي لکي ٿو ته "ستين صدي ۾ جت قبيلا سنڌ مان وري مڪران، ايران ۽ مغرب طرف ويا ۽ سنڌي ٻولي پاڻ سان اتي کڻي ويا. بلوچستان ۽ ايران جي حدن ۾ ان ٻولي کي جدگالي (جتن جي ڳالھ- ٻولي) سڏيائون، صديون پوءِ سڀ جدگالي ڳالهائيندڙ پڻ اتي جدگال سڏجڻ لڳا.

انهي بحث جو مقصد اهو ثابت ڪرڻ هو ته سبي، ڪڇي ۽ مڪران ضلعن وارن علائقن ۾ جيڪي ٻوليون مستعمل آهن، اهي سڀ لهجا "جدگالي محاوري" جي دائري اندر ڳالهايا وڃن ٿا.

اسان جي خيال ۾ انهيءَ محاوراتي تفصيلي بحث کان پوءِ سنڌي زبان جا ڏھ محاورا ڳڻي سگھجن ٿا، جيڪي سنڌ جيّ جاگرافيائي حدن اندر يا پرپاسي ۾ مروج آهن. انهن جو وچور هي آهي:

معياري محاورو، اترادي محاورو، ماڇڪي محاورو، ڪوهستاني محاورو، لاسي محاورو، جدگالي محاورو، لاڙي محاورو، ڪڇي محاورو، ٿري محاورو ۽ ڪاٺياواڙي يا ميمڻڪي محاورو(١).

انهي سڄي لساني بحث مان جيڪي اهم نتيجا سامهون آيا، اهي هن طرح آهن.

١. اهو معلوم ٿيو تہ ٻولي (ڀاشا) ۽ معياري محاورو ٻہ جدا جدا ٻولي جا اصطلاح آهن. هيئن چوڻ بهتر ٿيندو تہ ڀاشا عوامي ٻولي آهي ۽ معياري محاورو ادبي ٻولي.

٢ معلوم ٿيو تہ لهجي ۽ محاوري ۾ واضع فرق آهي، پهرين کي Accent ۽ ٻئي کي Dialectچئجي ٿو.

٣. لهجي ۽ محاوري جي جدا حيثيت کي سمجهندي اها بہ ڄاڻ ملي تہ اترادي محاوري جون حدون ڪيتريون وسيع آهن.

٤. اهو بہ ظاهر ٿيو تہ سنڌي ٻولي (ڀاشا) جا هن وقت ڏهہ محاورا مستعمل آهن.

٥. اهو بہ ظاهر ٿيو تہ بحث هيٺ آيل ڪتاب جو نالو "اترادي ٻولي" بدران "اترادي محاورو" وغيره هجڻ گهربو هو.

مذڪوره ڪتاب جو باب ٻيو "اترادي لهجي جي صوتياتي ڇنڊڇاڻ" جي عنوان هيٺ آهي: جنهن ۾ ڊاڪٽر هدايت پريم نهايت باريڪ بيني سان اترادي محاوري جي صوتياتي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. اها ڇنڊڇاڻ مناسب موقعن تي مناسب مثالن ذريعي ڪيل آهي. هن باب ۾ مون کي جتي اختلاف نظر آيو آهي، ان جي وضاحت ڪئي اٿم. جهڙي طرح ڊاڪٽر هدايت لکي ٿو تہ اترادي لهجي ۽ معياري لهجي جي سرن ۾، وسرگاني ۾ ۽ گهٽائپ ۾ ياغنائپ ۾ ڪٿي ڪٿي فرق موجود آهي ۽ ان جا مثال ڏنا اٿس:

معياري لهجو (محاورو): منهنجو تنهنجو ڪنهنجو

اترادي لهجو (محاورو): مانجو تون جو ڪينجو (ص-٣٣)

ڊاڪٽر هدايت لکي ٿو تہ اترادي محاوري ۾ 'هہ' آواز حذف ڪيل آهي. پر اسان جي خيال ۾ اها تبديلي هن طرح ٿيڻ گهرجي چو تہ هتي صرف "هہ" حذف ٿيل ناهي ۽ نڪي اهو قاعدي مطابق اترادي محاوري جو تلفظ آهي. مثال ڏسو:

معياري محاورو: منهنجو تنهنجو ڪنهنجو

اترادي محاورو: مهنجو تهنجو ڪهنجو

اسان اترادي محاوري موجب پهريون 'ن' حذف ڪيو آهي. ڪاڪي پيرومل بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي آهي. هو انهي سلسلي ۾ لکي ٿو تہ حقيقتون اتر وارا صحيح آهن، جو اصل ۾ اهو نڪ جو اچار آهي ني ڪونہ. اترادي 'پٺهس' بدران عام طرح چون 'پٺس' (سنڌي ٻولي جي تاريخ ص-١١٦) هتي جو اچار حذف ڪيل آهي جيڪو بلڪل درست طريقو آهي.

مٿي ڊاڪٽر هدايت جيڪا ڦير گهير اترادي محاوري ۾ ڪئي آهي اها سڀي جي علائقي ۾ ڳالهائيندڙ ٻولي جو نمونو آهي جنهنجو جو واسطو جدگالي محاوري سان آهي.

باب ٽين ۾ صرفياتي ڇنڊ ڇاڻ ڪيل آهي. هن باب ۾ بہ ڪافي وزندار حوالاتي بحث ڪيل آهي. اهڙي بحث

---

(١) ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ پنهنجي مقالي ۾ لکيو آهي تہ ڪاٺياواڙي ميمڻ پاڻ ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائيندا آهن ان کي ڪاٺياواڙي يا ميمڻي سڏبو آهي. هي ڪا جدا ٻولي نہ آهي، پر اصل ۾ سنڌي زبان جو هڪ محاورو آهي جنهن تي گجراتي زبان ۽ ٻين ٻولين جو گهرو اثر آهي. (مقالا ادبي بورڊ، ١٩٨٨ع ص-١١).

ذريعي سيني عالمن جا رايا سامهون اچن ٿا ۽ ڪنهن حقيقي راءِ تي پهچڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي.

هن باب ۾ مون کي صرف اها ڳالهہ وڻائيتي آهي تہ بقول ڊاڪٽر هدايت پريم 'س' پڇاڙي معياري لهجي ۾ ضمير غائب واحد لاءِ ڪم اچي ٿي. ان جي جاءِ تي اترادي ۾ 'هنس' پڇاڙي ڪم اچي ٿي. (ص-٥٤) اهڙو مثال ڏيندي لکي ٿو.

| | |
|---|---|
| معياري لهجو (محاورو) | اترادي لهجو (محاورو) |
| پٽس | پٽهنس |
| چاٽس | چاٽهنس |

اصل ۾ اترادي محاوري ۾ ٽ (ٽر) جي اچار مطابق اها تبديلي هن طرح ٿيندي.

| | |
|---|---|
| معياري محاورو | اترادي محاورو |
| پٽس | پٽنس (پٽرنس) |
| چاٽس | چاٽنس (چاٽرنس) |

اترادي محاوري موجب اهڙن الفاظن ۾ اچارن مان 'هہ' حذف ٿيل هوندي آهي ۽ نئين 'ر' جو اضافو ٿيل هوندو آهي.

باب چوٿين ۾ هدايت پريم اترادي لهجي جي نحوياتي تڪيڙ ڪئي آهي. هن باب ۾ نحو جي وصف لاءِ انسائيڪلو پيڊيا امريڪانا مان حوالو ورتو ويو آهي، شريمتي پوپٽي جي خيالن کي بہ وڏي وقعت ڏني اٿس. مختلف لساني ماهرن جارايا ڏئي، سنڌي زبان جي مختلف محاورن مان جملن جا مثال ڏيئي عالمانہ بحث ڪيو ويو آهي. انهي لحاظ سان هي باب نهايت جامع ۽ پربور آهي.

ڪتاب جو پنجون باب سرائڪي، بلوچي ۽ براهوي ٻولين جي اثر قبولڻ متعلق آهي. هن باب ۾ هر هڪ ٻولي تي جدا جدا بحث ڪري، اترادي محاوري تي سرائڪي جي اثر کي قبوليندي شريمان پيرومل، محترم مهرعبدالحق، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ابراهيم گريئرسن ۽ ڊاڪٽر داد محمد جي ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. دراصل هن موضوع تي اجا بہ وڌيڪ تفصيل سان بحث ٿي پئي سگهيو. مسٽر ظامي جي ڪتابن جا حوالا بہ وٺڻ گهربا هئا.

ٻين ٻولين ۽ بلوچي ۽ براهوي ٻولين جو اترادي محاوري تي ڪافي اثر آهي. انهي سلسلي ۾ پيرومل جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ ويدن واري زماني کان وٺي سنڌ ۽ قنڌار جي ماڻهن جي پاڻ ۾ گهڻي لهہ وچڙ هئي. انهي کان پوءِ بہ هندن جي صاحبي ۾ افغانستان ۽ بلوچستان جا ڪجهہ ڀاڱا سنڌ جي حڪومت هيٺ هئا. انهن سببن ڪري سنڌي تي بلوچي ۽ پشتو جو گهڻو اثر پيو (ص-٨٩) گرئيرسن جي حوالي سان بلوچي جا ٻہ مکيہ لهجا مغربي ۽ مشرقي ڳڻايا اٿس. بلوچي سان گڏ سرائڪي ۽ ملتاني ٻولين جا اترادي محاوري تي جيڪي اثرات پيا آهن، انهن جا مثال لفظن جي هڪ جهڙائي آهي. ڊاڪٽر مهر عبدالحق اهڙن لفظن جو وچور ڏيندي لکي ٿو تہ اهڙا لفظ ٻين هند آريائي ٻولين ۾ ڪونهن (ص-٩) ڊاڪٽر هدايت پريم اترادي محاوري تي براهوي جي اثر جي حوالي سان بہ پرپور بحث ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ سنڌي زبان جي صورتخطي ۽ براهوي زبان جي الف- بي ۾ ڪافي هڪ جهڙايون آهن. اهڙا مثال ڊاڪٽر عبدالرحمٰن براهوي جي ترتيب ڏنل الفابيٽ مان ڏنا اٿس. سنڌي ۽ براهوي جي سُرن جي هڪ جهڙائي متعلق بہ لفظن جي لڙهي ڏني، اترادي محاوري ۽ معياري محاوري تي انهن جا اثر ڏيکاريا ٿس. ڊاڪٽر هدايت انهي سلسلي ۾ جتي ٻولين جي هڪجهڙائي متعلق پنهنجا وزندار مثال ڏنا آهن اتي ساڳي وقت ٻولي ماهرن جا حوالا بہ ڏنا آهن. ڊاڪٽر بلوچ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو: قديم دور جي مُنڊا دراوڙي ٻولين توڙي موجوده دور جي پاڙيسري ٻولي بروهڪي جا

ڪي الفاظ سنڌي ۾ رائج ٿي چڪا آهن (ص-٩٥) بهرحال ڪتاب جو هي باب نهايت مثالي ۽ قابل ستائش آهي.

باب ڇهين ۾ ڊاڪٽر هدايت پريم اترادي محاوري ۾ لوڪ ادب جي حصي جي باري ۾ پنهنجا رايا ڏنا آهن. اهڙن عالمن ۽ سگهڙن جي نالن جي لسٽ بہ ڏني اٿس جن صاحبن هن فن تي تحقيق ۽ جستجو ڪئي آهي. هن علائقي جي لوڪ ادب ۽ پهاڪن وغيره تي ٻين ٻولين سان گڏ بلوچي، براهوي جو بہ ٿورو گهڻو اثر آهي. پر خاص طور تي سرائڪي جو اثر وڌيڪ آهي. ان جا مثال ڏيندي ڊاڪٽر هدايت پريم 'سرور' ، ڏور، ڇلڙو ۽ لولي (ليلڙي) جا سرائڪي نمونا بہ ڏنا آهن. اترادي شاعرن ۾ واقعاتي لولي، ليڪو ۽ رومال اهڙا گيت آهن جنهن ۾ وڇوڙي ۽ بيقراري سان گڏ محبوب جي تعريف ۽ گڻ رس جا بہ مضمون شامل آهن. اهي صنفون بہ ڏنل آهن.

ستين باب ۾ اترادي محاوري جي خاص لفظن جي لڙهي الف- ب وار ڏني اٿس. جنهن ۾ تقريبن ٢٩٠ لفظ ۽ انهن جون معنائون ڏنيون اٿس.

باب اٺين ۾ ١٩٦ اترادي محاوري جون چوٽيون ۽ پهاڪن جي ميڙا چوندي ڪئي اٿس. هي هڪ بهترين تحقيقي ڪم آهي.

باب ستين جي شروعات ۾ جيڪڏهن خاص لفظن جي اهميت ۽ ڏاتو متعلق ڄاڻ ڏني وڃي ها تہ هي باب وڌيڪ جامع ۽ ڪارائتو ٿئي ها.

باب اٺين ۾ بہ ساڳي طرح پهاڪن ۽ چوٽين جو پس منظر بيان ڪيو وڃي ها تہ ڪتاب ۾ وڌيڪ بهتري پيدا ٿئي ها ۽ چوٽين وغيره ڪي سمجهڻ ۾ وڌيڪ سولائي ٿي ها.

ڪتاب جي لوڪ ادب واري باب ۾ جيڪڏهن اترادي محاوري جا 'ٻاراٺا ٻول" ۽ انهن جا مثال ڏجن ها تہ اهو باب پاڻ وڌيڪ جامع ٿي پوي ها. ٻاراٺا ٻول خاص طور تي ٻار راند روند جي موقعي تي استعمال ڪندا آهن. رات جو سمهڻ مهل گهرن جون وڏيون، ٻارن کي ريجهائڻ لاءِ ٻاراٺا ٻول ٻڌائينديون آهن. اهڙا اضافا ڪتاب جي جامعيت ۽ رونق لاءِ اهم ثابت ٿين ها.

حاصل ڪلام تہ هي ڪتاب اٺن بابن ۽ ١٤٣ صفحن تي مشتمل ڊيمي سائيز ۾ ڇپيل ۽ بهترين ٽائيٽل سان سنواريل آهي. مضمون جي لحاظ کان مجموعي طور اترادي محاوري تي تمام سٺو، پيرانتو ۽ لساني اصولن تي صوتي، صرفي ۽ نحوي قاعدن پٽاندڙ بحث ڪيو ويو آهي. محاوراتي بحث ايترو آسان بہ ناهي ڇاڪاڻ جو صرف اترادي محاوري جي چنڊڇاڻ ڪرڻ وقت ليکڪ کي تمام گهڻين ٽيڪنيڪل پيچيدگين سان منهن ڏيڻو پيو هوندو. ڇو تہ اترادي محاوري جي اردگرد ٻيا محاورا ۽ ٻوليون مستعمل آهن. جيئن تہ خيرپور ضلعي جي اوڀرين پاسي جي وڏي ايراضي ۾ روهڙي ميرپور ماٿيلي ۽ اباوڙي تعلقن جي اوڀرندي پاسي هڪ وڏي گهيري ۾، 'ٿري محاورو' رائج آهي. اولهندي پاسي کان وري سبي، نصيرآباد ۽ جعفرآباد ضلعن ۾ جدگالي محاورو، ڳالهايو وڃي ٿو. سکر ضلعي جي اتر ۾، ۽ جيڪب آباد ضلعي جي اوپر يعني ڪشمور لڳ 'ماڇڪي جي ٻولي' ۽ اُپي جي ٻولي جو اثر آهي.

اهي سڀ پيچيدگيون، لساني ميل ميلاپ ۽ ماڻهن جي لڏپلاڻ جي ڪري مقامي ٻولين جو ٽڪراءُ ٿيندو رهي ٿو ۽ ان جي نتيجي ۾ هر ڏهن سالن کان پوءِ مقامي ٻولي جي ذاتي اچار ۾ ڪافي فرق پيدا ٿيندو رهي ٿو اهڙو فرق صرف ڪو لساني ماهر Isoglasses ذريعي پرکي سگهي ٿو. بهرحال محاوري جي لساني حد بندي ڪرڻ نهايت ٽيڪنيڪل ڪم آهي جنهن کي ڊاڪٽر هدايت پريم بخوبي نڀايو آهي. ڊاڪٽر هدايت مٿين سڀني حقيقتن کي سامهون رکي اڳتي وڌيو آهي. مون کي يقين آهي تہ سندس اها سوچ ۽ تحقيق سنڌي ٻولي جي وڌاري جو سبب بڻبي ۽ هي ڪتاب اترادي محاوري کي سمجهڻ لاءِ سنڌي ادب ۽ ٻولي جي حوالي سان اهم جاءِ والاريندو.

ڊاڪٽر الياس عشقي

# شاهه لطيف جي بيتن جو وزن ۽ سنڌي اُچار جا مسئلا

## (علمي خط)

سن ١٩٩١ع جي آخر ڌاري پنجابي زبان جي ٻرک ليکڪ، ناقد ۽ محقق محترم دوست محمد آصف خان، ايڊيٽر ٽماهي 'پنجابي ادب' لاهور، مون کي هڪ خط ۾ لکيو هو ته "اوهان جي مضمونن مان مون کي معلوم ٿيو آهي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن جو وزن دوهي تي ٻڌل آهي ۽ انهن جي جوڙجڪ دوهي ۽ سورٺي جي ميلاپ سان ٺهي آهي. پر مون کي بيتن جي ڪن مصراعن ۾ وزن گهٽ وڌ نظر آيو آهي. تنهن ڪري مون ڪن سنڌي شاعر ۽ اديب دوستن کان ان باري ۾ پڇاڪئي هئي، پر ڪنهن به مون کي خاطري جوڳو جواب نه ڏنو. هاڻي مهرباني ڪري اوهين ٻڌايو ته شاهه جي مصراعن جي وزن ۾ اها گهٽ وڌ ڇو آهي. جيڪڏهن اوهين مثال ڏئي ۽ تقطيع ڪري ان فرق کي واضح ڪندا ته شڪرگذار رهندس. اهو مسئلو مون کي پريشان ڪري رهيو آهي."

ان زماني ۾ مون شاهه لطيف جي شاعريءَ جي فن تي هڪ مضمون پئي لکيو، جنهن ۾ شاهه جي بيتن جو وزن به ويچار هيٺ هو. تنهنڪري ان موقعي مان فائدو وٺندي مون شاهه لطيف جي ڪن بيتن جي تقطيع ڪري پنهنجي دوست کي سندس سوال جو جواب لکي موڪليو. منهنجو اهو جوابُ پوءِ هڪ مضمون جي صورت ۾ "شاهه جي شاعري ۾ فن جي اُپٽار" جي سري هيٺ ٽماهي مهراڻ جنوري - جون ١٩٩٢ع ۾ ڇپيو. بعد ۾ مهراڻ جولائي - سيپٽمبر ١٩٩٢ع ۾ برادر محترم ڊاڪٽر تنوير عباسي جو هڪ مختصر خط شايع ٿيو، جنهن ۾ موصوف لکيو ته "عشقيءَ جو مضمون پڙهيم. ان ۾ شاهه لطيف جي شاعريءَ جو ڇيد (تقطيع) غلط ڪيو اٿائين، انڪري بيت جي سٽن ۾ ڇهن ماترائن جو فرق آهي. ان باري ۾ مضمون لکان پيو جلد موڪليندس." مون کي ان مضمون جو انتظار رهيو، جيڪو پوءِ ٽماهي 'مهراڻ' آڪٽوبر - ڊسمبر ١٩٩٢ع ۾ شايع ٿيو.

اهو مضمون پڙهڻ کان پوءِ مون محسوس ڪيو ته ان جي ڪري بيت جي وزن بابت ادب دوستن ۾ غلط فهميون پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي. تنهنڪري مون پنهنجن خيالن کي هڪ مختصر خط ۾ لکي ايڊيٽر "مهراڻ" ڏانهن موڪليو. پر انهن ڏينهن ۾ 'مهراڻ' جي عملي جي تبديليءَ جي ڪري منهنجو اهو خط ڇپجي نه سگهيو. مان وري ٻين ڪمن ۾ مصروف ٿي ويس، پر ٿورا ڏينهن ٿيا ته ڊاڪٽر تنوير جو ان موضوع تي لکيل مضمون نظر آيو. مون اهو غور سان پڙهيو ۽ آئون وري به ان نتيجي تي پهتس ته ان مضمون جي ڪري شاهه لطيف جي بيتن جي وزن بابت غلط فهمي پيدا ٿيندي ۽ ضروري سمجهيم ته ان سلسلي ۾ هڪ مختصر مضمون لکان.

حقيقت ۾ ڇند وديا (پنگل) جو معاملو ايترو سولو ڪونهي، جو ڇينمل پاوناڻي جو ڪتاب 'سنڌي شعر' يا ڪو ٻيو ڪتاب پڙهي وزن جو صحيح اڀياس ڪري سگهجي. وزن ۾ بنيادي ڳالهه ته ماترائن جي ڳڻپ جي آهي، پر اهڙي ڳڻپ ڪرڻ وقت ڪن ٻين ضروري ڳالهين جو خيال رکڻ به ضروري هوندو آهي، جن جي مفصل بيان جو هيءُ موقعو نه آهي. منهنجي مضمون ۾ وزن جي بنياد بابت غور ڪندي Prosody جي اصطلاح 'Vowel Sounds'

جو ذڪر ڪرڻ ضروري هو، ڇاڪاڻ تہ عروض ۾ سبب، وتر ۽ فاصلا ۽ پنگل ۾ ننڍيون وڏيون ماترائون 'واول سائونڊز' ئي تہ آهن، جن کي اسين حرڪات (زير، زبر، پيش ۽ يِ، الف ۽ واءُ جو آواز) چئون ٿا. ننڍيون وڏيون ماترائون ۽ 'واول سائونڊز' مختلف زبانن جا اصطلاح آهن، پر ڳالهہ ساڳي آهي. هر زبان ۾ شاعري ۽ موسيقيءَ جو بنياد انهن 'واول سائونڊز' تي هوندو آهي. اهي آواز جا ننڍي ۾ ننڍا ماپا هوندا آهن. منهنجي ان مضمون ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي هڪ مضمون جي حوالي سان تلفظ جو مسئلو بہ زيرِ بحث آندو ويو هو. انهن ٻنهي ڳالهين جي فرق جو خيال شايد برادر محترم تنوير عباسي کي نہ هو، جنهن سبب هن Prosody جي هڪ اصطلاح Syllable جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو سنئون سڌو اُچار سان تعلق نہ آهي. ساڳئي وقت ان علم جي ٻين اصطلاحن جهڙوڪ: 'Iambus'، 'Anapest' ۽ 'Trochee' جو اُچار سان تعلق سمجهي، انهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

ظاهر ۾ تہ عروض، پنگل ۽ Prosody ۾ ڪو فرق نظر نہ ٿو اچي، پر زبانن جو فرق هڪ وڏو فرق آهي. انگريزي ۽ ٻيون مغربي زبانون جن جي موزونيت جو فن Prosody آهي Short, long واولز ۽ Stress جون زبانون آهن، جڏهن تہ مشرقي (خاص ڪري ننڍي کنڊ جون ٻوليون) اهڙيون زبانون نہ آهن. مغربي زبانن ۾ لفظن جي ڪن سليبلز تي Stress يا Accent مقرر هوندا آهن ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ تبديل ٿي نہ ٿا سگهن. پر اسان جي ٻولين ۾ زور يا Stress (accent) لفظ جي ڪنهن مقرر حصي تي نہ هوندو آهي. ان جو مدار ڳالهائڻ واري جي موڊ يا جذباتي ڪيفيت تي هوندو آهي. ان ڪري ئي اسان جي ٻولين ۽ انگريزي ۽ ٻين مغربي ٻولين جي Rythm ۾ فرق آهي، جيڪو انهن زبانن جي موزونيت ۽ وزن ۾ ظاهر ٿئي ٿو. اهوئي سبب آهي جو بہ اڍائي سؤ سالن تائين انگريزي ادب ۽ شاعري پڙهڻ کان پوءِ بہ اسين اڄ تائين نہ انگريزي شاعريءَ جي وزن کي محسوس ڪري سگهون ٿا نہ انگريزي شاعريءَ کي موزون پڙهي سگهون ٿا. مطلب تہ اسان کي موزونيت جي سلسلي ۾ Prosody جي انهن اصطلاحن تي اکيون ٻوٽي ڀروسو نہ ڪرڻ گهرجي. اُچار جي ڳالهہ تہ Short, long واولز ۽ (Stressed) accented ۽ †non-accented (un-stressed) سليبلز جي نوعيت مان ظاهر ٿي چڪي آهي.

اُچار جو تعلق علم لغت (Lexicography) سان آهي. ان ڪري وزن جي علم (Prosody) جي اصطلاحن 'Iambus'، 'Anapest' ۽ 'Trochee' سان اُچار جو ڪوبہ واسطو ڪونهي جيڪڏهن وزن جي چونڊ صحيح آهي تہ بحر ۾ اچار ايندو. اچار صحيح جو مسئلو زبان ۽ لغت جو آهي وزن جي فن جو ڪونهي.

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ وزن (metre) ڇا آهي.

"It is a regular rythmic unit determined by the relation of stronger and weaker stresses or accents in the component syllables. A combination of accented and unaccented syllables constitutes a foot. The feet commonby distinguished in English verse are:-

(١) Iambic، جنهن ۾ هڪ un-accentedسليبل کان پوءِ هڪ accentedسليبل هوندو آهي.

(٢) Anapestic، جنهن ۾ ٻن un-accented سليبلز کان پوءِ هڪ accented سليبل اچي ٿو.

(٣) Trochaic، جنهن ۾ هڪ accented سليبل کان پوءِ هڪ un-accentedسليبل ايندو آهي.

(٤) Dactylic، جنهن ۾ هڪ accentedسليبل کان پوءِ بہ un-accentedسليبلز هوندا آهن.

(٥) Spondiac، جنهن ۾ هڪ کان پوءِ ٻيو accentedسليبل ايندو آهي.

حقيقت ۾ اهي عروض جي .ارڪان - افاعيل، جا خاص هنڌ آهن، جن جو وزن سان تعلق هوندو آهي ۽ اچار سان انهن جو ڪوبہ سنئون سڌو تعلق نہ هوندو آهي.

هاڻي اُچار جي مسئلي تي غور ڪرڻ گهرجي.

سنڌيءَ ۾ اچار جي مسئلي تي لغت مرتب ڪرڻ وارن گهڻ غور ڪيو آهي. ان اهم معاملي سان منهنجو تعلق منهنجي ملازمت واري زماني ۾ رهيو آهي. آئون ان معاملي تي ويهن ايڪيهن ورهين کان غور ڪندو رهيو آهيان. موسيقيءَ جي فنڪارن جو اُچار صحيح ڪرڻ لاءِ اسان سنڌيءَ جي ناميارن اديبن ۽ شاعرن جهڙوڪ، سيد منظور نقوي، محمد خان غني، مظفر حسين جوش، زيب عاقلي ۽ ٻين کي مقرر ڪيو هو جيڪي فنڪارن جو اُچار صحيح ڪرائيندا هئا. ڪيترن ئي اُچارن تي انهن دوستن ۾ به اختلاف ٿيندو هو. ان ڪري ڪنهن ڪنهن لفظ جي اُچار ۾ فرق ٿي ويندو هو. ۽ اسين پاڻ ۾ بحث مباحثو ڪري ڪنهن نتيجي تي پهچندا هئاسين. سنڌي لفظ جي پڇاڙيءَ واري حرف تي زير زبر ۽ پيش ڪي چٽي نموني ۾ اُچارڻ سان سنڌي لفظ جو تلفظ صحيح سمجهيو ويندو آهي. ان کان اڳ واري اعراب جي فرق سان تلفظ ۾ فرق نٿو پوي.

اصول اهو قائم ڪيو ويو هو ته هڪ لفظ جو اچار هڪ هنڌ ساڳيوئي ٿيڻ گهرجي. پاڻ ۾ اختلاف جي هوندي به اسين ان اصول تي متفق رهياسين، (پر هرڪو پنهنجي پنهنجي اچار کي صحيح سمجهندو هو). اچار جو اهو فرق اسان کي ۽ ڪتابن کان سواءِ سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن ۽ سگهڙن جي گفتگو ۾ پڻ محسوس ٿيندو هو. اُچار جي معاملي ۾ آئون ذاتي طرح ان نتيجي تي پهتو آهيان ته هر ٻوليءَ ۾ ڏارين ٻولين جا لفظ اچي پنهنجو اُچار ڦيرائيندا آهن. ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي بدليل اچار جي هڪ کان وڌيڪ صورت ملي ٿي. مثال لاءِ عربي لفظ مُحّبت، کي ڏسو. سنڌيءَ ۾ ان جو اچار ڪڏهن محبتُ هوندو آهي، ڪڏهن مُحبَتُ ۽ ڪڏهن مُحّبتُ. ۽ منهنجي خيال ۾ اهي ٽئي اُچار صحيح آهن. عربي تلفظ مُحَّبَتُ غلط آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌيءَ ۾ لفظ جي وچ ۾ .شد، نه ايندي آهي، بلڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ شد آهي ئي ڪونه. سنڌي ٻوليءَ ۾ شد جي مسئلي تي ڪنهن غور ئي نه ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ شد رڳو ٻه حرفي لفظن تي ايندي آهي يا تمام گهڻ صورتن ۾ لفظن جي آخري ٻن حرفن تي هوندي آهي، جيئن مصري شاهه جي مشهور ڪافي جي مصراعن ۾ اچي ٿي:- ديدن ڪيو درسّ - موج ڪري پيو من.

هاڻي انهيءَ شد جا مثال (جنهن کي اصل سنڌي ٻوليءَ جي شد چئجي) شاهه عنايت رضوي، خليفي نبي بخش ۽ شاهه لطيف جي ڪلام ۾ به ملن ٿا. مثال طور:

شاهه عنايت - اج اڏيـــائـــون اڏ ؏ ، دل ۾ ديـــواريـــون ڪـــري،
سـجـڻ سـاهـه پـسـاهـه جـيـن، مـون سـيـن آهـينِ گـڏ،
ڪـهـڙا ڪـريـن سـڏ، هـِمـڙن هـيــڪــانـدن ڪـي. (ص ١١٧)

شاهه عنايت - گـــيـــلانـــي غـم ڪـٽ، آهــي ابــوجـــهـن جـــو،
ڏي اُپــتــي ڏانــئــيــين، هـيـــري مـــائــڪ هـــٽ
جـــن ويـلـو نـــه وٽ، پـيـــرُ پـرهـائـي تـن ڪـي. (ص ٨٧)

خليفو نبي بخش - لـوچـي جـان نـه لـهـنّ، تـان سُـک نـه سـامـيـڙيـن کـي،
جـــت پــڳـــانـــو ڏيـــنـــهـــن ڪـــي، اُت نـــه رات رهـــنّ،
آيـــل! آديـــسـين، مـَــــڙهـي اَڏنُ مــيـــهـــــٽــــو. (ص ١٨٩)

# علمي خط

محترم ايڊيٽر صاحب!

السلام عليڪم!

احوال ته رسالي "مهراڻ" ١٩٩٦ع جو پهريون پرچو، اوهان جي طرفان موصول ٿيو. هن تازي اشاعت جي ص ١١١ تي ناميارو ليکڪ ۽ نقاد، سيد خضر نوشاهيءَ جو مضمون، "رسالہ عبدالرئوف - اپياس جو هڪ پيو رُخ" جي عنوان سان مطالعي مان گذريو. هن کان اڳ ۾، "مهراڻ" ١٩٩٥ع جي ٽئين پرچي ۾، راقم جو مقالو، "جنگ نامہ منظوم فارسي" جي عنوان سان شايع ٿيو هو. سيد خضر نوشاهيءَ، پنهنجي مٿئين مضمون ۾، منهنجي ان مذڪور مضمون ۾ شامل مخطوطي بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾، آءٌ پنهنجي طرفان سيد خضرنوشاهيءَ جي بيان ڪيل راين بابت ڪجهہ گذارش عرض رکان ٿو.

"جنگ نامہ" واري مخطوطي جو اصل عڪس ۽ ان سان گڏ متن جو نقل اسان ان ڪري مقالي سان شامل ڪيو هو، ته جيئن ان جي باري ۾ ڪي به شڪ شبها پيدا نه ٿين. اها راقم جي ادبي ديانتداري سمجهڻ گهرجي. سيد خضر نوشاهيءَ، سموري متن جو اپياس ڪري املا جي رهجي ويل غلطين کي درست ڪيو آهي، ۽ ان باري ۾ نهايت ئي عالمانہ انداز ۾ پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو آهي. دراصل، سندس تنقيد ڪرڻ جي انهيءَ طريقہ ڪار ڪي ڏسي، نهايت ئي خوشي ٿي آهي. هونئن به هڪ نقاد جو اهوئي فرض آهي، ته پنهنجي راين کي درست ڪرڻ لاءِ علمي ۽ ادبي دائرو استعمال ڪجي. سيد خضرنوشاهيءَ جي انهيءَ اصلاحي قدم جي ڪري، متن ۾ جيڪي به ڪي غلطيون رهجي ويون هيون، تن کي ڪنهن حد تائين درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

سيد خضرنوشاهيءَ پنهنجي مضمون جي آخر ۾، منهنجي شايع ٿيل مقالي ۾ آيل مواد بابت ڪن ڳالهين تي اعتراض اُٿاريو آهي. سڀ کان پهريائين، مذڪور "جنگ نامہ" جي پُڇاڙيءَ تي بقول فاضل مضمون نگار جي ته، "شاعر، پنهنجو نالو، اختر عبدالرئوف ولد خواجہ فتح علي لکيو آهي،" ۽ ائين لکندي سيد خضرنوشاهيءَ، "خواجہ" لفظ جي باري ۾ اعتراض اُٿاريو آهي. انهيءَ ڳالہ ۾ ڪو به شڪ نہ آهي، تہ "خواجہ" هڪ عزت ۽ احترام وارو لفظ آهي. ليڪن، مذڪور مقالي لکڻ وقت راقم کي ميان عبدالرئوف ۽ سندس خاندان جي باري ۾، روهڙيءَ جي ڪتبخانن مان دستياب ٿيل مواد مان اهو معلوم ٿيو، تہ ميان عبدالرئوف جي خاندان کي "خواجہ" ڪري سڏيندا هئا. سنڌ ۾، شيخ، خواجہ، مخدوم، قاضي وغيره برابر احترامُ جا لفظ آهن، ليڪن زماني گذرندي اهي اينترا تہ مانوس ٿي وڃن ٿا، جو اصل ذات يا قوم ڍڪجي وڃي ٿي. مون پنهنجي مقالي ۾، ميان عبدالرئوف جي خاندان جي باري ۾، مفصل نموني ۾ تذڪرو بيان ڪيو آهي. اينتري قدر، جو هن خاندان سان منسوب ڪيل مسجدن، جي اجا تائين ڪنهن نہ ڪنهن حالت ۾ موجود آهن، جي نشاندهي بہ ڪئي هئم. ٺٽي ۾ پڻ "خواجہ" خاندان موجود هو، جنهن جو مشهور مورخ ۽ تذڪري نگار، مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب "تحفة الڪرام" ۾ ذڪر ڪيو آهي. فاضل مضمون نگار، جيڪڏهن منهنجي مقالي جو ڳوڙهو اپياس ڪري ها، جنهن ۾ مون "خواجہ" خاندان تي تاريخي دليلن ۽ سَنَدُن سان لکيو آهي، تہ پوءِ شايد "خواجہ" لفظ تي اينترو اعتراض نہ ڪري ها!

سيد خضرنو شاهيءَ بيو نُڪتو اهو بيان ڪيو آهي تہ، "ميان عبدالرؤف پنهنجي نالي سان 'خواجہ' جي

عرفيت ڪانہ لڳائي آهي، ... ... ... پر پنهنجي والد محترم کي احترام طور 'خواجہ' لکيو اٿائين." دراصل ميان عبدالرئوف، بکر / روهڙيءَ جو باشندو هو. سندس والد، ميان فتح عليءَ جي باري ۾ وڌيڪ ڪجھہ معلوم ٿي نہ سگھيو آهي، تہ سندس شخصي حيثيت، علمي خواہ روحاني لحاظ کان ڪهڙي درجي واري هئي! ميان عبدالرئوف جا روهڙيءَ جي "ڪوٽائي سادات" سان گھرا تعلقات قائم هئا؛ انهن مان ڪن بزرگن جي وفات جون ماده تاريخون پڻ لکيون هئائين، جن ۾ ڪن هنڌن تي هن خود پاڻ کي خواجہ عبدالروئوف ڪري لکيو آهي. تنهن ڪري اسان جو گمان قوي آهي، تہ سندس خاندان "خواجہ" سڏبو هو.

سيد خضر نوشاهيءَ ٿيون اعتراض اهو اُٿاريو آهي تہ ، "ڪتاب جو نالو "جنگ نامہ منظوم فارسي" جي بجاءِ "رسالہ عبدالرئوف " رکيو وڃي ها." مانواري نقاد، مصنف جي اصل فارسي متن جي شروع ۽ آخر ۾، لفظ "رسالہ" لکيل ڏسي مذڪور مخطوطي جو نالو "رسالہ عبدالرئوف" تجويز ڪيو آهي. ليڪن، ان رسالي جو جيڪڏهن غور سان اڀياس ڪبو تہ اهو صاف طرح سان ظاهر ٿيني ٿو، تہ ان ۾ هڪ جنگي معرڪي جي احوال کي منظوم ڪيو ويو آهي. لغوي لحاظ کان لفظ "رسالہ" جون بہ ٽي معنائون نڪرن ٿيون. جن مان فاضل نقاد جي بحث هيٺ آيل لفظ جي معنيٰ ٿيندي: ننڍڙو يا مختصر ڪتاب " (ڏسو، سرهندي وارث : علمي اردو لغت - جامع، علمي ڪتاب خانہ لاهور، ١٩٨٧، ص ٨١٠)

برصغير هندوپاڪ ۾، قديم زماني ۾ اهو رواج هو تہ انهيءَ ننڍڙي تحرير، جنهن کي ڪتابي صورت ڏني ويندي هئي، تنهن کي "رسالو چوندا هئا. رسالي جي ٻي معنيٰ اها بہ آهي، تہ ڪو وڏو ضخيم ڪتاب، جهڙوڪ: شاهہ جو رسالو، سچل سرمست جو رسالو وغيرہ. يا ٻين اردو خواہ فارسي زبانن جي ڪن وڏن ڪتابن کي بہ "رسالو" سڏيو ويو آهي. راقم، مذڪور قلمي رسالي ۾ آيل مواد جي مناسبت سان ان جو نالو "جنگ نامہ منظوم فارسي" رکڻ تجويز ڪيو هو.

"سنڌي لوڪ ادب" جي سلسلي ۾، سنڌ جي مايہ ناز اديب ۽ محقق، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي زبان جا "جنگناما" مرتب ڪيو آهي. انهيءَ ڪتاب جي مقدمي ۾، ڊاڪٽر بلوچ صاحب، جنگنامي جي وضاحت ڪندي لکي ٿو:

> "هن ڪتاب جو موضوع 'جنگناما' آهي - يعني جنگين، معرڪن ۽ مقابلن جا اهڙا بيان، جن ۾ ڳاهون، بيت، نظم ۽ شعر هجن. ڪنهن جنگ جو خالي احوال 'جنگنامو' ناهي: پر جي اهو احوال سڄو منظوم آهي، يا ان ۾ بيان جي سهڻائيءَ لاءِ ڪي ٿورا گهڻا شعر آهن تہ اهو هن ڪتاب جي موضوع مطابق 'جنگنامو' آهي. ٻيو تہ 'جنگنامي' جي اصطلاح ۾ معنيٰ فقط حاڪمن ۽ حڪمرانن واري، 'جنگ' ناهي، پر ان جو مفهوم وڌيڪ وسيع آهي، يعني ڪن بہ ٻن ڌرين، قبيلن، راڄن، راڄدارن، سردارن، حاڪمن ۽ حڪمرانن جي وچ ۾ جيڪي مرڻ مارڻ وارا جهيڙا جهڳڙا، معرڪا مقابلا، حملا ۽ لڙايون ٿيون، سي سڀ عام اصطلاح ۾ 'جنگيون' آهن .... 'جنگنامو' معنيٰ جنگ جو سڄو منظوم بيان، يا اهڙو بيان جنهن ۾ ڪي ڳاهون، بيت ۽ شعر هجن." (ڏسو، بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، "جنگناما"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٨٤ع، ص ١١)

انهيءَ مٿئين بيان ڪيل مفهوم کي سامهون رکي، اسان ان مذڪور رسالي جو نالو 'جنگ نامہ فارسي منظوم" قائم ڪيو هو، تہ جيئن نالي پڙهڻ سان ئي پڙهندڙ خواه تواريخ جي محقق جو هڪدم ان طرف ڌيان ڇڪجي وڃي، تہ ان ۾ ضرور ڪو جنگي احوال بيان ٿيل هوندو! دراصل، ميان عبدالرئوف پنهنجي هن رسالي ۾، هڪ وڏي جنگي معرڪي جو مختصر فارسي نظم ۾ نهايت سهڻائيءَ ۽ گهرائيءَ سان ذڪر ڪيو آهي. جيتوڻيڪ بقول سيد خضر نو شاهيءَ جي تہ ميان عبدالرئوف جو ڪلام فني لحاظ کان پوئتي آهي، اهو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ الڳ علمي ۽ ادبي بحث آهي، جنهن کي هتي ڇيڙڻ جي ضرورت نہ آهي. راقم، انهن سمورين علمي ۽ ادبي تقاضائن کي آڏو رکي، اهو مذڪور عنوان قائم ڪيو هو، جو موضوع جي لحاظ کان بقول خود مانواري نقاد جي تہ، "اهو نالو مناسب لڳي ٿو."

آءٌ اوهان صاحبن جو نهايت ٿورائتو آهيان، جو اوهان منهنجي مقالي جي اشاعت کان پوءِ، ان تي آيل اعتراضن کي بہ شايع ڪيو، آءٌ خالص علمي ۽ ادبي دائري ۾ رهندي، هيءُ خط اوهان کي موڪلي رهيو آهيان . اميد تہ "مهراڻ" جي ورندڙ شاعت ۾، ان کي مناسب جاءِ تي ڇاپيندا.

اوهان جو مخلص،

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي



فخر زمان
سنڌيڪار: زاهد علي مگسي

# موت ۽ مرڻ بابت نظريا

## (ماڻهو سڀ مئا وڃن، تون نہ مئين سُورَ- شاهہ)

موت سچ آهي، برحق آهي. موت زندگي وانگر حقيقت آهي. سچ جي روشني وانگر چٽو آهي. چنڊ وانگر ڪڏهن اُبري ٿورو، ڪڏهن اُبري ڳچ. ڪڏهن صاف نظر ايندو آهي تہ ڪڏهن ڌنڌلو. پر موت آهي حقيقت. موت ڪان ڪا ميار، ڪو شرم نہ آهي. موت ڇا آهي؟ زندگي جي برعڪس ڪيفيت جو نالو موت آهي. انسان کي مرندو ڏسي موت تي اڃان بہ وڌيڪ يقين ٿي ويندو آهي. ڇا اها ڳالهہ دلچسپي ڪان خالي نہ آهي تہ زندگي ئي موت کي دلڪش بنائيندي آهي.

زندگي ۽ موت هڪ سڪي جا بہ پاسا آهن. موت بابت سچ اهو آهي تہ هر زنده ساه واري کي موت جو ذائقو تہ اوس چکڻو آهي. هر شئي فاني آهي. ڪيترن لاءِ فوتي هڪ "ختم ٿيل" حقيقت آهي ۽ نتيجي ۾ هن جي پوئتيرن لاءِ ڏک ۽ پريشاني جو سبب. هنن لاءِ موت هڪ منجهائيندڙ ۽ پريشان ڪندڙ خيال بنجي ويندو آهي. هتان ڪان ئي قدرت طرفان، فوتي لاءِ سزا ۽ جزا جو سلسلو شروع ٿي ويندوآهي. فوتي جي پوئتيرن کي يقين هوندو آهي تہ زندگي ۾ سٺن عملن جي نتيجي ۾ هن سان اُتي (قبر ۾) سٺو سلوڪ ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن هن غلط عمل ڪيا هونداً تہ ڪيس سزا ڏني ويندي.

اسلام منهنجو (ذاتي) دين آهيءَ اهو يهودي ۽ عيسائي پيغمبرن کي تسليم ڪري ٿو. اسلام مطابق آدم ڪان وٺي رسول اسلام تائين هر نبي نجات جو پيغام ڏنو آهي. اسلام ۽ ان ڪان اڳ وارن پيغمبرن جي پيغام ۾ فرق اهو آهي تہ حضرت محمد صلعم جي آخري رسول هجڻ ڪري ڪائن پوءِ ڏينهن قيامت تائين ڪوبہ پيونبي ۽ رسول اچڻو نہ آهي.

موت جي باري ۾ اسلامي نظريي بيان ڪرڻ ڪان پهريان ان جو تاريخي پس منظر پيش ڪندس.

دنيا جي هر تهذيب ۾ موت هڪ ازلي ۽ اڻ ٽر حقيقت تسليم ٿيل آهي. موت انسان جي ذهن ۽ سوچ تي سدائين حاوي رهيو آهي. دنيا ۾ اعليٰ انسانن جو موت، هنن جي مڃيندڙن ۽ پوئلڳن لاءِ سندس خيالن وڌائڻ لاءِ تقويت جو باعث رهيو آهي. اسان کي خبر آهي تہ دنيا جي ڪيترن اعليٰ انسانن (مردن ۽ عورتن) جي وفات، زنده انسانن لاءِ عقيدت ۽ محبت جو باعث رهي آهي.

اسلام ۽ عيسائيت لاءِ اها ڳالهہ ايمان جو حصو آهي تہ موت ڪان پوءِ واري حياتي (يعني دائمي زندگي، جيڪا وقت جي قيد ڪان آزاد آهي ۽ جيڪا هن دنياوي حياتي ڪان وڌيڪ بهتر هوندي)، دنياوي زندگي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهم آهي. اها سوچ ۽ روايت انسان ۾ انسانيت جي جذبي وڌائڻ جو سبب رهندي آئي آهي. اسلام، عيسائيت ۽ يهوديت جي اها روايت، انهن روايتن جي برعڪس آهي جيڪي (هاڻي ۽ هتي) يعني فقط دنيا واري زندگي ۾ يقين رکن ٿا.

انساني زندگي جو اهو نظريو (هاڻي ۽ هتي) وارو خيال هڪ (ڪافرانه) ۽ (ملحدانه) تصور آهي ۽ دنيا جا ڪيترائي وڏا مذهب، مثال: ' هندومت' ۽ ' ٻڌمت، ان خيال کان ' ڪافرانه' ۽ ' ملحدانه' مذهب آهن. ظاهر آهي ته جيڪي مذهب ' ايندڙ حياتي' ۾ يقين رکن ٿا ۽ جيڪي نٿا رکن، سي لازمي طرح هڪ ٻئي جي مخالف سمت ۾ سوچين ٿا ۽ پنهنجي مجيندڙن تي پڻ اهڙا اثر رکن ٿا. ڪجهه تهذيبون اهڙيون آهن جن جي خيال ۾ هن دنياوي خاتمي بعد فوتي هڪ نئون ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪري ٿو ۽ نتيجي ۾ هن لاءِ ' جزا ۽ سزا' جو مرحلو شروع ٿي وڃي ٿو. فوتي لاءِ زندگي، موت سان گڏ ختم نٿي ٿئي. پر اسلام ۾ ته ايندڙ حياتي ' دائمي' حياتي وارو خيال اهم حيثيت رکي ٿو. بهرحال موت هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن جي تشريح ڪرڻ ضروري آهي.

عام عقيدي ۽ وان بيرين (Van Barren) مطابق ته دنيا جون تقريباً سڀ تهذيبون ساڳي انداز ۾ سوچين ٿيون ته موت، زندگي جي عام وهنوار ۾ رڪاوٽ آهي ۽ اصولً پڻ ائين سوچيو وڃي ٿو. 'آتوري ڪوسٽ' جي هڪ ڏند ڪٿا (Myth) ۾ ان دور جو ذڪر اچي ٿو جڏهن ماڻهن ۾ موت بابت شعور نه هو. ان ڏند ڪٿا موجب ته جڏهن موت جو وقت ويجهو ايندو آهي ته هرشخص ڀڄي وڃي جهنگ ۾ لڪندو هو، سواءِ وڏي ڄمار وارن جي. اهو ڪراڙو شخص، ڪنهن نوجوان کي چوندو هو ته هو ڪيس تڏو وڇائي ڏئي ته جيئن هو ليٽي پوي ۽ آرام ڪري. ساڳي حالت ٻارن سان هوندي هئي. ائين ڪو ڪراڙو شخص ۽ ٻار تڏي تي ليٽي ليٽي پاڻ کي مالڪ جي حوالي ڪندا هئا.

'وان بيرين' مطابق ته اهو اينڊريو لانگ (Andrew long) هيو جنهن پهريون دفعو موت بابت ڏند ڪٿائن کي گڏ ڪري انهن جي درجه بندي ڪئي. ١٩١٧ ۾ فرنز بائوس (Franz Boas) اُتر آمريڪا جي انڊين ۾ موجود موت بابت ڏند ڪٿائن تي هڪ مضمون لکيو. ١٩٣٦ ۾ سڀ کان اول هرمن (Hermenn)، موت بابت ڏند ڪٿا جي درجه بندي ڪئي هئي ۽ ١٩٥١ ۾ آفريڪا ۾ موت بابت ڏند ڪٿا جي درجه بندي ابرا هام سنس (Abrahamsns) ڪئي. هن موت بابت ڏند ڪٿائون، نقشن سميت ڏنيون هيون ته موت جي ڪارڻ بابت ڪٿي ڪٿي ڇا ٿو سوچيو وڃي.

مٿي ذڪر ڪيل درجه بندي موجب موت جا هيٺيان سبب ٿي سگهن ٿا:-

(١) موت انسان جي آخري منزل آهي. اهو ديوتائن جي اولين خواهش سمجهيو ويندو آهي پوءِ چاهي اسان کي اها ڳالهه پسند هجي يا ضرورت طور ان کي قبول ڪيون، موت، قدرت جي نظام جو اڻمٽ حصو آهي. اسان کي فقط قبول ڪرڻو آهي ۽ بس.

(٢) ڪنهن ديوتا جي مرڻ، انسان جي فاني هجڻ واري نظريي کي جنم ڏنو آهي. ٻي صورت ۾ اهو انسان جي ڪنهن طرز عمل جو حصو نه آهي.

(٣) انسان جو موت، ديوتائن جو پاڻ ۾ اختلاف ۽ ٽڪراءُ جو نتيجو آهي.

(٤) موت، ديوتا يا ڪنهن ڏند ڪٿائي شخصيت جو انسان سان ٺڳي جو نتيجو آهي يا ان جي لاپرواهي، يا بيوقوفي جو نتيجو آهي.

(٥) موت، انسان جي پنهنجي ڪنهن ڪوتاهي جو نتيجو پڻ ٿي سگهي ٿو، اهو يقين سان چئي نٿو سگهجي ته اهو تاثر ڪنهن طرح به قابل قبول ٿي سگهي ٿو يا اهو اسان جي ڪمزور سمجهه، عقل يا فهم جو نتيجو آهي، جيڪو اسان ان تهذيب جي باري ۾ رکون ٿا.

(٦) موت انسان جي غلط فيصلي يا چونڊ جو نتيجو به ٿي سگهي ٿو.

(٧) موت، انسان جي ڪنهن گناه جي نتيجي ۾ ٿيندڙ پڇتاءَ جو نتيجو ٿي سگهي ٿو. پر پڇتاءُ جو فيصلو

ڪرڻ نهايت مشڪل آهي. ڪن مثالن ۾ ويسر يا غفلت جي نتيجي ۾ ٿيندڙ گناهه به ٿي سگهي ٿو ۽ اهو انسان جي ڪنهن ڪمزوري جو نتيجو به ٿي سگهي ٿو خاص طرح ضمير جو بوجهه يا وزن پڻ. شوق يا نافرماني پڻ موت جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو. شوق بذات خود نهايت غير اهم نقص هوندو آهي. خاص طرح جڏهن اهو اڪيلو سبب هجي ٿو، پر جيڪڏهن اهو نافرماني آهي ته اهو انتهائي اهميت اختيار ڪري ٿو وجي ۽ ڪيترين ڏند ڪٿائن موجب نافرماني ئي دراصل اهڙو گناهه آهي جنهن جي سزا فقط موت آهي.

(٨) موت جو سبب، انسان جي پنهنجي خواهش به ٿي سگهي ٿي.

(٩) موت اُن وقت اچي ٿو جڏهن زندگي بچائيندڙ ۽ زندگي گهٽائيندڙ قوتن وچ ۾ توازن ٽٽي پوندو آهي. ان توازن ٽٽڻ جي نتيجي ۾ ئي موت واقع ٿئي ٿو، پوءِ اها بيماري به ٿي سگهي ٿي. ڪجهه بيماريون مثلاً سرطان (Cancer) يا ايڊز (Aids) اهڙيون ته تڪليف ڏيندڙ آهن جو اهو بحث شروع ٿي ويو آهي ته مريض کي تڪليف مان نجات ڏيارڻ لاءِ رحم طور ماريو وڃي يا نه.......... پين لفظن ۾ تڪليف مان نجات لاءِ موت جي ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي

(١٠) رحم طور مرڻ / مارڻ، موت آڻڻ لاءِ هڪ نئين نظريي طور ابريو آهي، جنهن جي ٿوري جهلڪ مٿين درجه بندي ۾ ڏيکاري وئي آهي.

**اسلامي نظريو**

اسلام جو بنيادي نظريو يا فلسفو توحيد (خدا جي وحدانيت) آهي ۽ جنهن جي نتيجي ۾ اسلام يا مسلمانن جي مختلف مڪتبه فڪر، موت طرف توجهه ڏني آهي. خاص طرح متزله طرفان سيني مڪتبه فڪر پنهنجي تشبيه جو رخ ڏند ڪٿائن طرف رکيو. متزله مڪتبه فڪر موجب يوم حساب ضرور اچڻو آهي ۽ ان ڏينهن ئي ڪنهن شخص جي عمالن جو جائزو وٺڻ بعد ئي هن جي جزا ۽ سزا جو فيصلو ڪيو ويندو ۽ اها جزا يا سزا ضرور ملندي. 'علامه ڪندي' (Kindi) حيات بعد از موت جي فلسفي ۾ يقين رکي ٿو. ' علامه فرابي' (Farabi) اسلامي ۽ يوناني نظرين کي ملائڻ لاءِ ڪم ڪيو. اسباب جي هن دنيا جي پنجن اسبابن مان خدا تعاليٰ روح ۽ مادو به اسباب يا درجه ناهيا. هو حيات بعد از ممات ۾ يقين نه رکندو هو، ابن سينا (Avi cenna) پڻ ڪائنات جي اهڙي تخليق ۾ يقين رکندو هو جيڪا انسان کي ڪائنات، کان جدا ڪري بيهاري، هو ذهن (روح) ۽ مادي ۾ فرق ڪندو هو. ابن سينا اوگون (Transmigration) (يعني وري وري حياتي جو روپ ڌارڻ) ۾ يقين رکندو هو، علامه غزالي جو خيال هو ته موت هن بي ثبات يا عارضي دنيا ۽ دائمي حياتي جي وچ ۾ هڪ ڏاڪو، هڪ وقتي مرحلو آهي. قيامت جي ڏينهن انسان پنهنجي اصلي جسماني حالت ۾ وري زنده ڪيو ويندو .

هاڻي اسان اسلام جي صوفي تحريڪ تي اچون ٿا ۽ ان ۾ پاڪستاني صوفي شاعري جي روايت تي نظر وجهنداسين ۽ خاص طرح پنجابي ۽ سنڌي صوفي شاعري. پنجابي توڙي سنڌي صوفي شاعري ۾ هن عارضي دنيا لاءِ ڪا خاص همدردي نه آهي ڇاڪاڻ ته هن دنيا ۾ هڪ نه ختم ٿيندڙ فساد ۽ پريشاني موجود رهي ٿي ۽ نتيجي ۾ اها ڪا مستقل طور رهائش جي قابل نه آهي. اهڙن خيالن جي اظهار ڪندڙ شاعرن کي عام طرح 'صوفي شاعر' سڏيو ويندو هو، صوفي جي لفظي معنيٰ آهي 'پاڪ' 'صاف' يا 'اُن اوڙيندڙ' اهو ان لاءِ جو 'اُن' جو لباس انهن بزرگن جو پسنديده لباس هو. درويش يا صوفي ان شخص کي چيو ويندو هو جيڪو پنهنجي اندر (ظاهر کان علاوه) يعني روح جي طهارت ڏي توجهه ڏيندو هو.

پنهنجي منزل تي پهچڻ جو جيڪو رستو هنن بزرگن اختيار ڪيو هو، ان کي 'طريقت' (روحاني رستو) چيو

ويندو هو ۽ جيڪو لازمي طرح شهريت (موافقت جو رستو) جي برعڪس هوندو هو. ان راه تي هلندي هو افلاطون (Pleto) ۽ پلوٽينس (Plotinus) (نوٽ: اهي ٻئي قديم يوناني فلسفي هئا) جي تعليم جي روشني ۾ اسلام جي تشريح ڪندا نظر اچن ٿا. ياد رهي ته اهي ٻئي يوناني فلسفي روح جي پاڪيزگي (Purity of Soul) تي وڏيڪ زور ڏيندا هئا. انهن بزرگن مان ڪيترا ته دنيا کان ئي لاتعلق ٿي ويا ۽ نتيجي ۾ صوفي سڏجڻ ۾ آيا. ذات جو انڪار ۽ دنيا کان دوري هنن جي حياتي جا ٻه سڀ کان اهم ڀاڱا هئا.

پنجاب ۾ صوفي مت جي تحريڪ سترهين صدي جي آخر تائين گهڻو بدلجي وئي هئي. ان ۾ ڪيترين ئي تبديليون اچي ويون هيون. ارڙهين صدي واري گڏيل هندستان ۾ افراتفري، لاقانونيت، بدنظمي ۽ طوائف الملوڪي وارين حالتن هنن بزرگن کي ترڪ دنيا ۽ ترڪ ذات تي مجبور ڪيو. پنجابي صوفي شاعري جو اهم نقطو خدا ۽ خدا سان انسان جو ميلاپ هو ته جيئن هو اُتي پهچي خدا جي ذات جو حصو ٿي وڃن. خدا ۾ هي سمائجي وڃن ۽ خدا هنن ۾ سمائجي وڃي.

خدا سان اهڙو ميلاپ فقط موت بعد ئي ممڪن ٿي سگهيو پئي پر شايد زنده رهندي به ان جو امڪان موجود هو. دنيا جي ٻين صوفين وانگر پنجابي صوفي الله تعاليٰ کي پنهنجو محبوب ڪوني ٿو.

پنجابي شاعري ۾ الله تعاليٰ معشوق آهي ۽ انسان يعني صوفي پنهنجي روح ۾ عاشق، صوفي پنهنجي روح، اندر ۾ دانهون ٿو ڪري، روني ٿو ۽ پاڪاري ٿو ته شال هن جو، پنهنجي معشوق (الله تعاليٰ)سان ميلاپ ٿئي. هير رانجهو، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، عشق جا اهڙا داستان آهن، جن جو انجام ڏک آهي ۽ اهي داستان پنجابين ۾ انتهائي مقبول آهن. آخري ٻه يعني سسئي پنهون ۽ سهڻي ميهار ته سنڌ ۾ به مشهور ۽ مقبول آهن. سنڌ جي صوفي بزرگ ۽ شاعر حضرت شاه عبداللطيف پنهنجي ڪلام / شاعري ۾ سسئي پنهون ۽ سهڻي ميهار کي ڳايو آهي ۽ خوب ڳايو آهي.

انهن عشقيه قصن ۾ هير، سسئي ۽ سهڻي، انهن ۾ مکيه ڪردار ادا ڪندڙ عورتن، پنهنجي زندگي ڏک ۽ پريشانين ۾ گذاري ۽ سندن تمنا هئي ته ڪين پنهنجي معشوق سان ميلاپ نصيب ٿئي پوءِ چاهي اهو مرڻ کان پوءِ ڇو نه هجي. صوفين وٽ اهي عورتون روح ۽ انهن جا معشوق الله تعاليٰ (جنهن سان ميلاپ جي آرزو هجي) سان همڪنار ٿيڻ جي خواهش هوندي آهي. جڏهن هير (عاشق) پنهنجي معشوق (رانجهي) سان ميلاپ ڪري ٿي ته هاڻي هير نه پر پاڻ رانجهو ٿي پئي ٿي.

صوفي شاعري ۾ بيت، گيت ۽ ڀڄن وغيره شامل آهن. انهن ۾ معشوق جي تعريف کان علاوه، ان جي جدائي جي نتيجي ۾ ڏک، تڪليف، سڪ ۽ اُڪير ٻڌايل هوندي آهي. اهڙي قسم جي شاعري ۾ روحاني سڪون، امن ۽ خوشيءَ جو اظهار به ملي ٿو جيڪو عاشق کي معشوق جي ميلاپ مان حاصل ٿئي ٿو. صوفي شاعر امام بخش جي هڪ شعر جو مطلب ڪجهه هن ريت ٿيندو:

'عشق جي معاملي ۾ ڪنهن ذات، قبيلي يا لياقتن جي گهرج نه هوندي آهي ۽ نه ئي عاشقن لاءِ مذهب، يقين يا بادشاه راڻي هئڻ ضروري آهي. عشق کي ننڍي وڏي ذات جو نه فڪر ۽ نه وري پرواه هوندي آهي. عشق جا اسرار ئي عجيب آهن. عشق ذاتي صفاتي، خراب سني، اعليٰ ادنيٰ کان پري ۽ ڪفر اسلام کان دور هوندو آهي. "او امام بخش عشق وارن کي حياتي يا موت جو ڪو خوف سامهون نه ايندو آهي."

بابا فريد (متوفي ١٠٦٥) پاڪستان جو نهايت بلند مرتبه صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. بابا فريد اسان جي ملڪ جو پهريون شاعر آهي، جنهن موت کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي. انسان ذات هن دنيا ۾ مهمان وانگر

آهي. هي اها جاءِ نہ آهي جتي انسان دائمي طور رهي پوي، موت کان پوءِ بہ هڪ دنيا اچڻي آهي، جيڪا دائمي هوندي ۽ اتي فقط اهي ماڻهو سکي رهندا جن هن فاني دنيا ۾ نيڪي ۽ سچائي واري حياتي گذاري هوندي ۽ اهي ئي هوندا جن کي ان ايندڙ دنيا ۾ انعامن سان نوازيو ويندو.

شاهہ حسين، جيڪو پڻ هڪ صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي، تنهن بہ ان روايت جي پوئواري ڪندي هن فاني دنيا کان دامن بچائڻ جي تاڪيد ڪئي آهي ۽ موت يا آئنده دائمي حياتي کي ساراهيو آهي . سندس شعرن جو مطلب ڪجهہ هن طرح بيهندو:

مان جدائي (حق کان ) جو درد ڪنهن سان اوريان،
ان جدائي مون کي پريشان ڪيو آهي
مان ميهار جي فراق ۾ جهر جهنگ
ڦرندي ٿي رهان، شال ميهار اچي،
او لال حسين دونهي کي ڪوٽيندين
تہ فقط ڪارا انگر ئي ملندئي

پنجاب جو هڪ ٻيو شاعر ۽ صوفي بزرگ ' بلي شاهہ' موت جي ساراہ ڪندي چوي ٿو تہ:

' او مسافر، آسمان تان تارا ٿري رهيا آهن، اُٿ،
سڀ مسافر جاڳي ويا آهن ۽ تون اجان ننڊ ۾ آهين،
تنهنجا هم - سفر، وڃڻ لاءِ تيار آهن،
ڇا هنن جو گوڙ نٿو ٻڌين، ٻوڙو آهين ؟
اُٿ، هاڻي رستي جو سونهو بہ اچي پهتو آهي،
اُٿ، اُٿ ۽ وڏيڪ بي خبري کان پاسو ڪر،
وري تون هن منزل جي طرف نہ ايندين،
سڀ مسافر (وڃڻ لاءِ) تيار آهن. او نادان،
اُٿ، سونهو اچي پهتو آهي.

بُلاشاهہ، عاشق ۽ معشوق جي هڪ ٿي وڃڻ ۽ ٻنهي جي ميلاپ ۾ يقيں رکي ٿو. ڏسون تہ ڇا ٿو چوي:

' رانجها رانجها ڪردي
مين آپي رانجها هوئي.
(مون رانجهو رانجهو پئي پڪاريو، مان هاڻ هير نہ پاڻ ئي رانجهو آهيان.)

بُلا شاهہ مطابق تہ هي دنيا هڪ اهڙو هنڌ آهي جتي ماڻهو ٻئي دنيا (آئينده واري دنيا) ۾ وڃڻ جون تياريون ڪري ٿوجيڪا دنيا هن فاني دنيا کان وڏيڪ اهم آهي. دنيا ۾ تياري کي ڪتڻ واري چرخي سان تشبيه ڏني اٿس. بُلا شاهہ چوي ٿو:

هاڻي ڪتڻ بند ڪر، اي ڇوڪري
ڪپڙا ڪنا ڪر ۽ هتان هلي وڃ
تنهنجي وهاڻ ۾ ڪجهہ ڏهاڙا باقي آهن.
تون وڃ، ڳائي وڃائي خوشيون ڪر

اي نادان، دنيا ۾ تون آزمائڻ واري آهين،
ها، هاڻي ختم ڪر اهو ڪتڻ،
تو ڪي بنا ڏاج جي وڃڻو آهي،
تنهنجو ساٿي تہ پريشان هوندو،
ها، اهو سک، جنهن ڪي خبر هجئي،
هاڻي ڪتڻ بس ڪر، اي نينگري.

هڪ ٻئي بيت ۾ ڏسو تہ ڪيئن نہ موت جي آجيان ٿو ڪري:

' اڙي گهڙيال هاڻي ٽڪ ٽڪ بند ڪر
منهنجو معشوق مون سان ملڻ آيو آهي
اي بلبلا، حياتي ڇا آهي،
جيستائين اُن ڪي عشق جي مروڙ نٿي اچي،
ها هو وڏين ڪوشش ڪان پوءِ تہ آيو آهي،
ڏس ڪا قسمت جي خرابي ٿي پوي،
منهنجو معشوق مون سان ملڻ آيو آهي، ڏس تہ سهي.

هڪ ٻئي بيت ۾ ' بلا شاهہ ' ڪجهہ هن طرح چيوآهي:

' اي دوستو، منهنجي ويجهو اچو،
هتي هڪ ساعت مون سان گڏ رهو،
مان ان گهر وجي رهيو آهيان،
جتي توهان بہ جلد مون سان اچي ملندا.

پاڪستان جي هڪ ٻئي عظيم شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف (١٧٥٢-١٦٨٩) پنهنجي مجموعي ڪلام ' شاهہ جو رسالو' ۾ عورت ۾ پنهنجي محبوب (معشوق) مرد سان ملڻ جي روايت نهايت خوبصورت انداز ۾ بيان ڪئي آهي، شاهہ صاحب جي شاعري ۾ عورتن نهايت جاندار ڪردار ادا ڪيو آهي. سسئي، سهڻي، مارئي، نوري، ليليٰ ۽ مرمل اهڙا ڪردار آهن جن ۾ قرباني، وفاداري، حب الوطني جا جذبہ نهايت عمده انداز ۾ پيش ڪيا ويا آهن. انهن سڀني ڪردارن لاءِ ' موت' هڪ وڏي خوش نصيبي آهي تہ هو ان بهاني پنهنجي محبوب سان ملاقاتي ٿينديون ۽ موت جي صورت ۾ پنهنجي حقيقي، ابدي ۽ دائمي مقام تي پهچي وينديون، جنهن سان ملڻ جي هنن پوري حياتي آس پئي ڪئي هئي.

انهن عورت ڪردارن ڪي شاهہ صاحب پنهنجي شعر معرفت گاهي بہ گاهي ياد ڏياريندو ٿو رهي تہ جيڪڏهن هو محبوب سان ملڻ چاهين ٿيون تہ ڪين پنهنجي نندي بلڪہ غير حقيقي ' وجود' کي ' فنا' جي ' ڪاهي' ۾ ڦٽو ڪرڻو پوندو. ان باري ۾ شاهہ صاحب جو هڪ بيت آهي جنهنجو مطلب ڪجهہ هن طرح نڪري ٿو:

اول مري ڏس تہ پوءِ جي سگهنديں،
ان بعد ني محبوب جو ميلاپ ماڻي سگهنديں،
جيڪڏهن تو هي صلاح قبول ڪئي تہ،
پوءِ پنهنجي جانب جو جمال ماڻي سگهنديں.

(شاهہ عبداللطيف جي شاعري - از ڊاڪٽر در شهوار سيد ۱۹۳-P)

## سماجي تبديلي

تاريخ ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي شخصيتون ٿي گذريون آهن، جن، آزادي ۽ انقلاب جا خواب ڏٺا، هي اُهي عظيم انسان هئا جن آزادي جي راهہ ۾ وڙهندي پنهنجي جان ' موت' جي حوالي ان ڪري ڪئي تہ جيئن سندن هر وطن جو موجود ۽ آئينده نسل آزادي ، عزت ۽ وقار واري حياتي گذاري سگهي. انهن عظيم انسانن گهر ويهي موت جو انتظار نہ ڪيو بلڪ پاڻ موت وٽ هلي ويا.

تاريخ ۾ ڪيترن ئي مرد توڙي عورتن پنهنجي وطن جي آزادي لاءِ جان ڏني، پاڻ کي ۽ پنهنجي وطن کي امر ڪري ڇڏيو آهي، صوفي بزرگن هن خرافات واري حياتي کان بچڻ لاءِ ' موت' جي تمنا ڪئي هئي. اسان ڪيترن ئي شاعرن، اديبن ۽ سائنسدانن کان واقف آهيون جن پنهنجي هر وطنن جي خوشي ۽ وطن جي اعليٰ قدرن لاءِ موت کي پنهنجو ڪيو. هنن انسانن پنهنجي لازوال قرباني سان، اهو ڪجهہ حاصل ڪيو جو عام انسانن کي اڄرچ ونيو وڃي. هنن عظيم انسانن موت جي پرواهہ نہ ڪئي ۽ پنهنجي علمي ۽ ذهني ڪوشش سان اهي ڪارنامہ سرانجام ڏنا جيڪي هميشه لاءِ يادگار رهندا، تاريخ هنن جي ڪارنامن تي سدائين فخر ڪندي.

ان سلسلي ۾ اسان جي سامهون اهڙن عظيم انسانن جي هڪ ڊگهي ڪهڪشان بيني آهي، مان ان سلسلي ۾ انهن اديبن کي ياد ڪيان ٿو جن انقلاب فرانس دوران پنهنجون جانيون قربان ڪيون ۽ انهن شهيدن جي ياد تازي ڪيان ٿو جن ۱۸۵۷ واري هندوستان جي پهرين جنگ آزادي ۾ پاڻ کي وطن تي قربان ڪيو. ۱۹۳۰ع واري ڏهاڪي دوران اسپين ۾ جنرل فرانڪو جي ڊڪٽيٽرشپ خلاف وڙهندڙ انٽرنيشنل برگيڊ جا جانباز منهنجي نظرن اڳيان اڄ بہ ڦري رهيا آهن، هن ننڍي ڪنڊ جي انهن اديبن کي ياد ڪرڻ ۽ سلام پيش ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان جن ۱۹۳۰ع ۽ ۱۹۴۰ع وارن ڏهاڪن دوران دنيا اندر' ترقي پسند تحريڪ' ۾ پوري جوش سان حصو ورتو ۽ انسانيت جي اعليٰ قدرن ۾ اضافو ڪيو ۽ انهن جي آبياري ڪئي. ننڍي ڪنڊ کان ٻاهر لوريڪا، ناظم حڪمت ، پتافي (Petafi) نرودا ۽ اندري ماليرس جي سندن اعليٰ خيالن، فنڪارانہ صلاحيتن ۽ انساني آزادي لاءِ ورتل ڪوشش کي ڪير ڀلائي سگهندو. ؟

هاڻي پاڪستان هڪ آزاد رياست طور دنياجي نقشي تي اڀري ٿو اچي ۾ جلد پوءِ احساس ٿيوتہ اها آزادي آزادي تہ نہ هئي، اهو تہ آزادي جو مدهم خيال يا ڏند ڪٿا هئي. ان سلسلي ۾ مان پنهنجي عظيم اڳواڻ ۽ ملڪ جي پهرين چونڊيل وزير اعظم ، ذوالفقار علي ڀٽي کي ضرور ياد ڪندس جنهن اصولن تي سودي بازي نہ ڪئي ۽ ان جي قيمت ڪيس جان ڏني ادا ڪرڻي پئي، ڀٽي صاحب کي ۴ اپريل ۱۹۷۹ تي عدالتي قتل وسيلي ختم ڪيو ويو. آخر ڀٽي صاحب جو ڏوهہ ڇا هو؟ اهو تہ هن اصولن کي نہ ڇڏيو ، فوجي آمر ۽ غاصب جي اڳيان نہ جهڪيو اهو تہ پاڪستان بابت پنهنجي خوابن کي نہ ڇڏيو.

' موت' جو تصور ۽ خيال، جنهن جي اسان ٿوري گهڻي تشريح صوفي بزرگن جي مثالن وسيلي ڪري آيا آهيون، ان ۾ هاڻي جي جديد دور ۾ بنيادي تبديلي اچي چڪي آهي. سامراجي دور ۾ اسان جي قدرتي وسيلن کي اسان کان ڪسڻ جو دور هو، ان دور ۾ اسان جو ننڍو کنڊ (هندوستان ۽ پاڪستان) غريب ترين علائقو ٿي ويو ۽ ان تي سماجي ۽ اقتصادي ماهرن گهڻو ڪجهہ لکيو آهي. سامراجين پوري ڪوشش ڪئي تہ جيترو بہ گهڻو نقصان هو

اسان کي پهچائي سگهن ٿا پهچائين.

۱۸۵۷ع اهو سال آهي جنهن دوران اسان پنهنجي آزدي لاءِ پهرين جنگ وڙهي ۽ محسوس ڪيو ته اسان جي سامهون نئين صورتحال هئي، هڪ نئين دنيا اسان جي اڳيان هئي . ان نئين صورتحال جو قومي ترانو اهو هو ته اسان کي پنهنجي وطن لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪرڻيون پونديون. موت جو نظريو هڪ صورت وٺي سامهون آيو. صوفي بزرگن لاءِ ' موت' دنيا جي فضوليات، پريشانين وغيره کان فرار جو وسيلو هو. پر وطن دوست شاعرن، اديبن، آزادي لاءِ وڙهندڙن لاءِ آزادي، سواءِ قرباني جي ممڪن نه هئي ۽ ظالم خلاف اها جدوجهد سڄاڳ ذهن پوري هوش حواس سان ڪئي ٿي ته جيئن آزادي کي يقيني بنائي سگهجي، ٻئي صورت ۾ آزادي هڪ پريشان خواب هئي.

اسان جي قومي شاعر علامه اقبال (۱۹۳۸-۱۸۷۷) پنهنجي شاعري ۾ شهيد جي زندگي اختيار ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ماڻهن کي زندگي براءِ زندگي واري غلط انداز کان پري رهڻ جي تلقين ڪئي آهي. حياتي الله تعاليٰ طرفان اسان لاءِ تحفو آهي. منزل تائين پهچڻ لاءِ ۽ انسانن وچ ۾ ڀائيچارو پيدا ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجي ' نفس' کي سنوارڻو، سڌارڻو ۽ ان کي نيڪي ۽ آزادي جي راه تي هلائڻو پوندو. ' نفس' جي صحيح تربيت ڪرڻي پوندي . اقبال جدوجهد جو رستو پسند ڪيو هو ۽ جن ' ترڪ دنيا' ۽ ' ترڪ نفس' جو سهارو ورتو هو، انهن کي پنهنجي تنقيد جو نشانو بنايو هو. ڪيترن بزرگن اقبال جي مخالفت ڪئي پر هن پنهنجي فلسفي ' خودي' کي نه ڇڏيو ۽ زور ڏنو ته جيڪڏهن اسان کي قوم مان ڪاهلي ۽ انحطاط جهڙين بيمارين مان ڪڍڻو آهي ته ' خودي' جي فلسفي کي پنهنجو ڪرڻو پوندو.

اهڙي طرح پاڪستان جي هن فلسفي شاعر قوم ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو ۽ زندگي کي هڪ نئين معنيٰ بخشي ، زندگي، ترقي ۽ مقصد جهڙن اعليٰ قدرن جي هم معنيٰ ٿي پئي ۽ انسان جي مجموعي ترقي ۽ فطرت سان هن جي هم آهنگي ممڪن ٿي سگهي. اهو هڪ انقلابي فلسفو هو. هاڻي موت جي تمنا نٿي ڪئي وڃي پر اها سوچ وڌي رهي هئي ته زندگي کي ڪهڙي طرح بامقصد ڪيو وڃي، ان کي ڀرپور ڪهڙي ريت گذاريو وڃي.

اسان جي هن ننڍي کنڊ ۾ ۱۹۳۰ع واري ڏهاڪي دوران ادب ۾ هڪ نئين پر جاندار تحريڪ جنم ورتو ۽ جنهن اسان کي گهڻو اتساهه ڏنو هو، اها هئي ' ترقي پسند تحريڪ' ان تحريڪ اسان جي ڪيترن ئي شاعرن، اديبن، مصورن وغيره کي ان تحريڪ ۾ حصو وٺڻ تي آماده ڪيو جو هي تحريڪ سامراج جي خلاف هئي ۽ اهو ته (دولت جي) پيداوار مدي خارج ۽ سماجي نانصافي، نابرابري ۽ ظالم ورڇ تي ٻڌل ۽ ان جو نتيجو هئي. ان نظام کي بدلائڻ هنن پنهنجو فرض ٿي سمجهيو.

۱۴ اگست ۱۹۴۷ع تي پاڪستان دنيا جي نقشي تي هڪ آزاد مملڪت طور اڀري آيو. هي واقعو ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي ڪوشش جو ثمر هو، جنهن مطابق هنن ملڪ جي انهن علائقن ۾ آزاد وطن قائم ڪرڻ جي تمنا ڪئي هئي، جتي مسلمان اڪثريت ۾ هئا. پاڪستان جو عوام هڪ طرف جمهوريت پسند هو ته ٻئي طرف اقتصادي اصلاحات ۾ يقين رکندڙ هئو. پر ۲۵ سالن جي هڪ ڊگهي عرصي تائين ملڪ جي عوام کي جمهوري حقن کان محروم رکيو ويو. اقتصادي اصلاحات فقط هنن جي خواب ۾ هئا. پاڪستان هڪ اهڙو ملڪ هو جنهن ۾ سياستدان جمهوريت سان ' اک ٻوٽ" راند کندا ٿي رهيا ۽ آخر ۱۹۵۸ ۾ ملڪ تي مارشل لا جو عذاب نازل ڪيو ويو. ان مارشل لا اهڙين حالتن کي جنم ڏنو جو ان جي نتيجي ۾ ملڪ ٽٽي پيو. پاڪستان ٻه اڌ ٿي ويو. ذوالفقار علي ڀٽو' نئين پاڪستان' جو ليڊر ٿي اڀريو . ذوالفقار علي ڀٽو عوام جي اميد هو. هنن جي جذبن جو

اظهار هو. سندن اميدن جو آسرو هو. ذوالفقار علي ڀٽي پاڪستاني قوم کي شڪست جي شرمندگي مان ٻاهر آڻڻ تي چاهيو. هن پاڪستان جي دشمنن کي وائکو ڪرڻ تي گهريو ۽ ان ۾ شايد ڪا تعجب جي ڳالهہ نہ هجي تہ انهن خفيہ طاقتن هن کي پاڪستان جي سياسي پردي تان هٽائي ڇڏيو. اسان ان کي عدالتي قتل بہ چئي سگهون ٿا ۽ شايد اهو واقعو پهريون ۽ آخري واقعو هجي. ذوالفقار علي ڀٽي وچين دور جي صوفين وارو موت نہ ٿي چاهيو ۽ نہ وري قبول ڪيو. هن چاٽي واٽي اهو عدالتي موت قبول ڪيو بہ جيئن سندس هم وطن هن جي شهادت مان زندگي حاصل ڪن. هر اهو رهنما جيڪو خوشي سان شهادت طرف وڃي ٿو ۽ موت قبول ڪري ٿو. سو ئي عوام جي دلين ۽ روحن ۾ دائمي جاءِ والاري ٿو. اهوئي سبب آهي جو ذوالفقار علي ڀٽو اڄ بہ هڪ شهيد طور ياد ڪيو وڃي ٿو. هي شخص پنهنجي پوئلڳن لاءِ مشعل راه آهي جيڪي هن جي مقصد ۽ مشن کي وڌائڻ لاءِ ڏينهن رات مشغول آهن. هن جي پاريل اها شمع سندس لائق صاحبزادي ملڪ جي موجوده وزير اعظم محترمہ بينظير ڀٽو جي مضبوط هٿن ۾ آهي.

مان حيران ۽ پريشان آهيان تہ آخر مان ڪهڙي ريت صوفين جي 'موت' بابت نظريي ۽ انسان ذات جي عظيم انسانن مثلاً قُرت العين طاهره، لوريڪا، ناظم حڪمت وغيره جي 'موت' بابت نظريي جي ڀيٽ ڪريان ۽ ڇا ان جي ضرورت بہ آهي.

انهن بزرگن کان علاوه ٻين بہ شهيدن جا مثال آهن. مثلاً ذوالفقار علي ڀٽو، الاندي (Allenda) جيڪي اسان جو ڌيان چاهين ٿا. مون کي صوفي جي ترقي واري نظريي ۽ جديد ترقي واري نظريي ۾ ڪو خاص فرق نظر نٿو اچي. فرق فقط اهو آهي تہ اهي ٻئي نظريا تاريخ جي جدا جدا دورن جي نمائندگي ڪن ٿا. اهي ٻئي نظريا هڪ ٻئي جي برعڪس نہ پر هڪ ٻئي جا مدد گار آهن.

ڇا اها ڳالهہ دلچسپ نہ آهي تہ 'مرٽينگ' (Dying) بابت اهي نظريہ ناقبل قبول آهن. اسان کي خبر آهي تہ 'موت' تہ هڪ حقيقت آهي ۽ جڏهن تہ 'مرٽينگ' هڪ مريض جي اها ڪيفيت آهي جنهن سان اسان جا طبي ماهر جنگ ۾ مصروف آهن. اهي ماهر اهڙا علاج ڳولڻ ۾ مصروف آهن جيڪي بيمارن ۽ 'مرٽينگ' کي بچائين ۽ 'بيمارين جو علاج' ڪن ۽ انهن جو مقابلو ڪن.

اها تہ هڪ يقيني ڳالهہ آهي تہ اسان پنهنجي زنده رهڻ واري خواهش/ جبلت تي روڪ ڪري نٿا سگهون. 'موت' پنهنجي مختلف معنيٰ ۾، هڪ اهڙو 'امر' آهي، جنهن جي مناسب معنيٰ لاءِ انسان کي ڳولا جاري رکڻ گهرجي ها ان جي معنيٰ ۽ مفهوم هڪ کان ٻئي شخص ۽ هڪ گروه کان ٻئي گروه، هڪ علائقي کان ٻئي علائقي ۾ جدا جدا هوندو آهي.



سيد علي انور شاهہ
سنڌيڪار: نصير مرزا

# ٿرپارڪر جون ساروڻيون

قدرت جي خوبصورتي، ماڻهن ۽ سندن طور طريقن، سندن مذهب، ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ سان هڪ عجيب لڳاءُ، هونئن تہ منهنجي زندگيءَ جو هڪ حصو رهيو آهي، پر اهو لڳاءُ ان وقت تهائين گهڻو وڌيو، جڏهن مان ثقافت ۽ تاريخ سان ٽمٽار هن عظيم الشان خطي ۾ پهتس.

هن خطي سان منسلڪ منهنجي ڪهاڻي ۱۹۸۴ع جي سيپٽمبر جي هڪ صاف ۽ روشن ڏينهن کان شروع ٿئي ٿي جڏهن مان ميرپورخاص جو اسسٽنٽ ڪمشنر اپوائنٽ ڪيو ويو هئس، جيتوڻيڪ منهنجي اپوائنٽمينٽ ويهن ڏينهن تائين روڪي وئي هئي، پر مان ان ڪري بہ خوش هئس جو مون کي ٿري ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ اتان جي من موهيندڙ منظرن کي ويجهو کان ڏسڻ ۽ پرکڻ جو هڪ بهترين موقعو مليو. چارج وٺڻ کان پوءِ مون کي ڀرپور نموني سان ڪم ڪرڻ ۾ ڏکيائي درپيش آئي، ڇاڪاڻ جو مون وٽ رهڻ لاءِ ڪا جاءِ نہ هئي پر خوش قسمتيءَ سان ان ڏکيائيءَ مون کي ٿرين جي مهمان نوازيءَ سان روشناس ڪرايو. ڊسمبر جي پهرين هفتي ۾ مون کي گهر مليو. ٿورو سڪون محسوس ڪري مون سوچيو تہ هاڻي مان بهترين طريقي سان پنهنجو ڪم سر انجام ڏيئي سگهان ٿو، پر قسمت کي ٿر ۾ گهلندڙ هوائن وانگر اجا ڪا ٻي ڪهاڻي بڌائڻي هئي ۽ ان ساڳي ئي ڊسمبر ۾ مون کي نارا ويلي عمر ڪوٽ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. ان تقرر ۾ پڻ ڪجهہ ڏکيائيون پيش آيون جو ملڪ ۾ رفرينڊم جي ڪري مون کي پندرهين جنوري تائين رليو نہ ڪيو ويو. اها هڪ انتهائي ڊرامائي تبديلي هئي جنهن مون ۾ ٿرين جي رهڻي ڪهڻي، سندن تهوارن ۽ سندن پنهنجي ملڪ لاءِ اڪير بابت جيڪا سالن جي سوڪهڙي جي باوجود بہ ڪڏهن سندن من مان نہ لهندي آهي، هڪ نهايت امنگ ڀريو احساس اڀاريو. مان ٿر جي مشهور لوڪ - ڪٿا جي نائڪا ماروءَ جي پنهنجي ملڪ لاءِ سڪ کي هن ڌرتيءَ جي هر ڌيءَ جي لڄ - ڀريل پر بلند چهرن مان محسوس ڪري سگهان پيو.

ٿرين جي لوڪ ورثي، بهترين ڀرت، ٿانون جي چٽسالي، ڪپڙا رنگڻ ۽ ٻين هينڊيڪرافٽس جي خوبصورتيءَ جو مون تي ايترو تہ گهرو اثر پيو جو يڪدم مون کي انهن جي نمائش لڳائڻ جو خيال آيو. نمائش جو مقصد ٻاهرين دنيا جي شوق ۽ ٿرين جي مالي توڙي اخلاقي مدد جي خيال کان هو. ڪجهہ ڪرڻ جو اهو احساس مون کي ان ڪري بہ شدت سان محسوس ٿي رهيو هو ڇاڪاڻ جو مان "Thatta through centuries seminar" ڪرائڻ ۾ ڪن اڻ - ٽر سببن جي ڪري ناڪام رهيو هئس. تڏهن مان ٺٽي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هئس ۽ ان سيمينار ڪرائڻ لاءِ مون کي تڏهن جي تعليم کاتي جي وزير چيلينج پڻ ڏنو هو.

جيئن هر رات کان پوءِ صبح ٿيندو آهي، تيئن ئي هن دفعي مان وڌيڪ پُر عزم هئس، ۽ پرعزم هجڻ سان گڏوگڏ مان سمجهان ٿو تہ ڪجهہ خوش قسمتيءَ بہ ساٿ ڏنو جو مان ٿر ميلو ڪرائڻ ۾ ڪامياب رهيس. ۱۹۸۵ جي ڊسمبر جي آخر ۾ هڪ ئي وقت ٿر ميلو عمر ڪوٽ، ميرپور خاص ۽ مٺيءَ ۾ ٿيو، جنهن جي افتتاحي تقريب ميرپور خاص ۾ ٿي، جنهن ۾ سنڌ جو گورنر جنرل جهانداد خان مکيہ مهمان هو، جڏهن تہ ٻي افتتاحي تقريب عمر ڪوٽ جي تاريخي قلعي ۾ ٿي جنهن ۾ سيد غوث علي شاهہ شرڪت ڪئي.

هن ميلي جي ڪاميابي منهنجي خيال ۾ ڪنهن کان بہ ڳجهي نہ هوندي، ڇو تہ ميڊيا جي سهڻي ذريعن ان کي وسيع پروجيڪشن ڏني هئي. ان جو هڪ روشن پهلو اهو بہ هو تہ پرائيم منسٽر اسلامڪ ريپبلڪ آف پاڪستان محمد خان جوڻيجي، ٻاهرين ملڪن جي ڊيليگيشنس ۽ سفارتڪارن جي ڪري ان ميلي جو وقت وڌايو هو. ۽ انهن بہ اسان جي اميدن مطابق ٿرين جي لوڪ ورثي کي تمام گهڻو ساراهيو ۽ ائين ٿر ميلو معاشري جي هر طبقي ۾ پسند ڪيو ويو. ٿر ميلي جي مقبوليت لاءِ مان مرحوم عبدالڪريم پلي، ڊاڪٽر هرچند راءِ، علي مردان شاھ، معمور يوسفاڻي ۽ نيڪ محمد نوهڙي جو بي حد ٿورائتو آهيان، جن جي اڻ ٿڪ محنت ۽ مدد هن ميلي جي شهرت جو ڪارڻ بڻي.

ٿر متعلق پنهنجون يادون محفوظ ڪندي، مون کي هڪ نهايت دلچسپ واقعو ياد پيو اچي، جنهن کي ٿر جي سحر انگيز لوڪ ادب ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. مون کي ياد پيو اچي تہ، اها هڪ خوبصورت شام هئي، جنهن مهل مون کي سنڌ زڪوات ڪائونسل طرفان ڳوٺ "جيسي جي پڙ" لاءِ انڪوائري ليٽر مليو. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير جنهن مهل مان جيسي جي پڙ وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهيو هئس تہ مون کي ڊرائيور ٻڌايو تہ سائين ٻاهر هڪ ٿريو اسان کي جيسي جي پڙ وٺي وڃڻ لاءِ انتظار پيو ڪري. مون کي ڏاڍي حيرت ٿي ۽ بي خودي ۾ مون پنهنجي پاڻ سان ڳالهايو: يار ڪنهن کي ڪيئن ٿي خبر پئجي سگهي تہ مان ڪيڏانهن وڃي رهيو آهيان. بحرحال ٿورو شڪي، مان ان ٿريئي کي اتي ڇڏي پنهنجي ڊرائيور سان گڏ روانو ٿي ويس پر ان مهل منهنجي حيرت جي انتها نہ رهي، جڏهن مان ڳوٺ ۾ داخل ٿيس تہ اتان جا ماڻهو منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا ۽ مون کي ڏسڻ لاءِ آتا هئا. منهنجي ويهڻ ۽ منجهند جي ماني لاءِ اڳ ۾ ئي انتظام ڪيو ويو هو. ڳوٺ ۾ ڪنهن عام موڪل جهڙو ماحول هو. مون کي ائين لڳو ڇڻ اها سنڌ زڪوات ڪائونسل نہ پر ان ڳوٺ جا ماڻهو هئا جن مون کي اچڻ جو سڏ ڏنو هو. مون کي جيسي جي پڙ جي هڪ تمام پراڻي نهيل مدرسي جو منظر بہ چڱي طرح ياد آهي، جنهن ۾ ننڍڙيون ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا زور زور سان پڙهي رهيا هئا. ان منظر جا سنا ۽ خراب ٻئي پهلو هئا. سنو پهلو اهو هو تہ اتان جا ماڻهو پنهنجي ٻارن کي پڙهائڻ چاهين پيا ۽ خراب پهلو اهو هو تہ، اتي ڪوبہ گورنمينٽ اسڪول ڪونہ هو ۽ ٻيو تہ ماڻهن وٽ ايترا وسيلا ڪونہ هئا، جو اهي پنهنجي ٻارن کي ڪٿي ٻئي هنڌ پڙهائي سگهن. اهو مسئلو صرف جيسي جي پڙ لاءِ نہ پر ٿر جي ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن سان هو. هن ڳالھ ڪرڻ جو منهنجو مقصد اهو آهي تہ ٿر ۾ تعليم کي عام ڪيو وڃي ۽ انهن کي زندگيءَ جون ٻيون سهولتون بہ مهيا ڪيون وڃن.

ٿر ۾ گهڻو وقت رهڻ جو هڪ سنو اثر اهو بہ هو تہ هندو ديومالا ۾ منهنجي شوق هڪ نئين امنگ ورتي. مان اڪثر مندرن، شولنگهم ۽ سماڌين ڏانهن ويندو هئس. اتي پهچڻ سان مون کي هڪ عجيب اڻ ڇاتل ڇڪ محسوس ٿيندي هئي. ٿر لاءِ منهنجي سڪ ۽ پيار منهنجي ٻارن ۾ بہ ساڳيا ئي احساس اپاريا ۽ اڪثر جڏهن هو ٿر متعلق ڳالهائيندا هئا تہ مون کي لڳندو هو تہ هُو مون سانُ منهنجا ئي احساس ونڊي رهيا آهن. ان متعلق مون کي هميشه هڪ ڳالھ ياد ايندي آهي. اها سيپٽمبر ١٩٩٢ع جي ڳالھ آهي، جڏهن اسان نگرپارڪر گهمڻ ويا هئاسين. هڪ ڏينهن صبح جو سوير اسان انچليشور پهتاسين. اٿانگي ۽ چڙهائي واري رستي اسان کي گهڻو ٿڪائي ڇڏيو هو، پر جنهن مهل اسان اُتي پڳاسين تہ اتان جي هير – گهلنڊڙ هوائن ۽ دلفريب منظرن اسان جا سڀ ٿڪ لاهي ڇڏيا هئا، هر ڪو پنهنجي منهن گم ٿي ويو. ڪجھ وقت گذرڻ کان پوءِ جڏهن اسان واپس وڃڻ لڳاسين تہ، مون ڏٺو تہ منهنجو پٽ اجا بہ اتي وينو هو ۽ هر هر هڪ هڪ شيءِ کي ڏسي رهيو هو اوچتو هن چيو "ابو! مون کي هتي ڇڏي وڃو"، هن جي آواز خاموشيءَ ۾ هڪ عجيب پڙلاءُ ڪيو. مان هن جي ان احساس کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهيس پئي. خوش قسمتيءَ سان اسان هن کي هن جي خوابناڪ حالت مان ڪيئي ورتو، ڇو تہ اسان وٽ واپس وڃڻ کان سواءِ ٻي ڪابہ

وات ڪانہ هئي، ۽ اسان هن کي ائين ئي وڃائڻ بہ نہ پئي چاهيو. اها نهايت ڏک جي ڳالهہ آهي تہ گهڻا ماڻهو اڃا تائين ٿر متعلق اڻ ڄاڻ آهن ۽ ان کي سواءِ بيابان جي ڪجهہ نہ ٿا سمجهن. افسوس تہ هو ان بيابان جي سحر ۾ مينهن کان پوءِ جهومندڙ ساوڪ کان بي خبر آهن. مينهن هن بيابان کي هڪ پرڪشش جڳهہ ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي. ماڻهن جي خوشي بس ان مهل پنهنجي انتها تي هوندي آهي، ۽ هو نچندي ۽ ڪلندي مينهن جي هڪ هڪ ڦڙي کي ملهائيندا آهن. مينهن نہ صرف ٿر جي جاگرافي ۾ ماڻهن جي پڙپانگ ڇهرن جي بہ جاگرافي مٽائي ڇڏيندو آهي. دنيا جي هر شيءِ کان قيمتي، مينهن جو منظر هتان جي ماڻهن لاءِ ڄڻ عيد جي ڏينهن وانگر هوندو آهي. پر اِها سندن بدقسمتي آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن سندن بار پنجن کان ڏهن سالن جا ٿي ويندا آهن پر مينهن جي ملهار کان بادلن جي رُسي وڃڻ سبب بي خبر هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن هو صرف آسمان ۾ وڪريل بادل ڏسندا آهن، جن وٽ هنن لاءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي، سواءِ نظر اچڻ جي. تہ هو يا تہ وسي چڪا هوندا آهن يا ڪٿي ٻئي هنڌ وڃي وسندا.

جيئن تہ اهو هڪ قدرت جو قانون آهي تہ ڪير ڪنهن جي قسمت نہ ٿو مٽائي سگهي، تيئن ئي اسان سڀ ان متعلق بي وس آهيون. ڪئنال سسٽم گهٽي حد تائين سندن زندگيون خوشحال ڪري سگهي ٿو، پر اهو اڃا تائين تہ هڪ انتهائي ڏکيو ڪم سمجهيو وڃي ٿو. پر انهن سڀني ڏکيائين جي باوجود بہ، مون ڏٺو تہ نگرپارڪر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪاسبي جا ماڻهو ان ڳالهہ ۾ پاڻ ڀرا هئا. هو هر قسم جون ڀاڄيون ۽ اناج کوهن ۾ نار هڻي اپائيندا آهن. انهن نارن جا رسا اڪثر ڏاند ڇڪيندا آهن. ان طريقي هو نہ صرف پاڻ خوشحال ۽ پاڻ ڀرا آهن. پر ساڳئي ئي وقت هو اهي ڀاڄيون نگرپارڪر ۽ ٻين ڳوٺن ڏانهن بہ موڪليندا آهن. پر پارڪر علائقي کان سواءِ اهو سڀ ڪجهہ ٿر ۾ نہ ٿو ٿي سگهي. ڇاڪاڻ تہ اتان جي کوهن ۾ پاڻيءَ جي ليول تمام گهٽ آهي. ۽ اهو پاڻي بہ نهايت مشڪل سان صرف پيئڻ لاءِ ئي استعمال ٿيندو آهي.

ٿر جي مسلسل تباهہ ٿيندڙ تاريخي جڳهن، کي ڏسي انتهائي ڏک ٿيندو آهي. هوندئن تہ اسان اتان جي مندرن ۽ قلعن جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ ڳالهائيندا آهيون، پر بدقسمتيءَ سان جيئن ڏٺو ويو آهي تہ اسان انهن کي اُنهن جي تباهيءَ جي ڪناري تائين چپ چاپ ڏسندا رهندا آهيون. ڪيتري نہ ڏک جي ڳالهہ آهي تہ اسان جي نئين ٿهيءَ اهي سڀ تاريخي جڳهون، جيڪي ماضيءَ جي انيڪ يادن سان ٽمٽار آهن، ڪونہ ڏسي سگهنديون. اڄ بہ گهڻن مندرن ۾ اسان کي اهڙا بت نظر ايندا، جن جا ڌڙ سرن کان ڪٽيل آهن. اهو تڏهن ٿيو هو، جڏهن هڪ "سرڪائي مايا لاپي" واري عجيب روايت هلي هئي. جنهن ۾ بُتن جا سر سندن ڌڙن کان ڌار ڪيا ويا هئا. ان آسري تہ ڪا تمام گهٽي مايا ليندي. افسوس جو جيستائين اسان جي نئين ٿهي ايندي، تيستائين تہ اهي ڌڙ بہ نہ هوندا ۽ سڀ ڪجهہ مڪمل طور تباهہ ٿي ويندو. هنن ڳالهين ڪرڻ جو منهنجو مقصد ڪنهن تي تنقيد ڪرڻ نہ پر هڪ نماڻي صلاح ڏيڻ آهي تہ هتان جي تاريخي جڳهن کي محفوظ ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ منهنجي خيال ۾ تاريخ ۽ ان جا آثار ئي سڀ کان وڏيڪ اهم آهن، جيڪي هڪ قوم پنهنجي پوئيرن کي ڏئي سگهندي آهي ۽ منهنجي لاءِ اها هڪ نهايت عجيب ڳالهہ آهي تہ، ڪنهن تاريخ کان سواءِ ڪنهن قوم جي باري ۾ سوچي بہ سگهجي ٿو!

ٿر متعلق پنهنجون يادون قلمبند ڪندي مان پنهنجي نهايت مهربان دوستن سرڳواسي ڊاڪٽر شوا رام ۽ مرحوم عبدالڪريم پليءَ جو نهايت شڪرگذار آهيان. سندن صحبت ۾ مون گهڻو ڪجهہ پرايو. سندن سڪ ۽ پيار مون کي نہ صرف انهن جي گهڻو ويجهو وٺي وئي پر هتان جي ماڻهن جي قرب ۽ مهمان نوازيءَ کان بہ روشناس ڪرايو. شال خدا تعاليٰ سندن مغفرت ڪري.

خاموش صحرا ۾ اٺ جي گهنڊن جي پياري ڌن وانگر يا اونهاري جي پهرين مينهن جي مرڪ پري ملهار وانگر سندن ساروڻيون هميشہ مون کي پنهنجي سونهري ڏينهن جي ياد ڏياريندڙيون رهنديون.

## عبدالجبار جوڻيجو

# موتيءَ داڻو

"تنوير هيئن ٿو چوي" هُن چيو- " ايئن و ري ڪيئن هوندو؟" هُن جو مطلب هو ته دنيا ۾ هيترا خراب ۽ ظالم ماڻهو موجود رهيا آهن ۽ آهن، اُهي سڀ موتيءَ داڻا ته نه آهن. مون ڪيس ٻڌايو ته شاعر جي رويي کي ڏس، شاعر جي دل ڏس، شاعر ڇا گهري ٿو اُها تمنا ڏس!

اِها ڳالهه اُن سال جي آهي، جنهن سال تنوير عباسيءَ جو هي موتيءَ داڻي جهڙو گيت سرجيو هو. هي منهنجو دوست ڪنهن جو ستايل هو، اُن ڪري ايئن سوچيو هئائين. اڄ اسر ويل اِها ياد دل تي تري آئي ۽ وري دل تي تري آئي اُها ١٩٥٦ع جي شام ۽ بسنت هال حيدرآباد جو ننڍڙو باغيچو جنهن ۾ تنوير عباسي هڪ دوست سان سنڌي ادبي سنگت جي ڪچهريءَ جي قائم ٿيڻ جي انتظار ۾ ويٺو هو. آءٌ سٽي ڪاليج ۾ فرسٽ ييئر ۾ داخلا وٺي ادبي محفلن جا پنڌ پڇائيندو اُتي پهتو هوس. پنهنجي ٻه ڪا هڪ اڌ تخليق شايع ٿي هئم. سڄاڻپ ڪرايم: عبدالجبار شام' - تنوير جواب ۾ پنهنجو نالو ٻڌايو ۽ ساٿيءَ جي سڃاڻپ ڪرائي- 'ممتاز مرزا:- ٿوري دير ۾ مقبول پٺي، مقبول صديقي، شمشير الحيدري، مراد علي مرزا، غلام محمد گرامي ۽ ڪي ٻيا دوست پهچي ويا ۽ شعر توڙي افسانا پڙهيا ويا. رايا ڏنا ويا. پوءِ اِهو سلسلو هلندو رهيو.

١٧ فيبروري ١٩٩٥ تي خيرپور کان موٽندي دوستن چيو تنوير کان موڪلائيندا هلون. ڊاڪٽر نواز علي شوق، نياز همايوني ۽ آءٌ ساڻ ۾ هئاسون، شوق صاحب چيو: "بس ڏهه منٽ" اسان ٻنهي ڪنڌ لوڏيندي چيو: "ها بس ڏهه منٽ" - آءٌ پهرين هِن بلند مقام جي بظاهر هيناهيءَ تي بيٺل ايوان ۾ ڏاڪا لٿس. (تنوير جو گهر سندس فرزند سرمد جي نالي سان نشانبر آهي ۽ روڊ جي سطح کان هيٺ تي آهي).

گهنٽي وڄايم ته ڪافي دير کو جواب ئي نه مليو. نيٺ ڪيسي مان ملاقات جو ڪارڊ ڪڍي نشانيءَ طور در ۾ چڏڻ جو ارادو ڪيم. شوق صاحب ۽ نياز صاحب به چيو ته ٺيڪ آهي. اچان پٺ ورائي وڃڻ وارا ٿياسين ته آواز آيو: "ادا! مٿان ويا آهيو." هيءَ پاپي قمر هئي ۽ اندريون در کولي ۽ ٻاهريون گرل وارو لوهي در کولي، اسان کي مسڪرائيندي ڪيڪارياين ۽ في الحال ڪلينڪ ۾ وهاري تنوير کي سڏڻ هلي وئي. ٿوري دير ۾ هُو به سگريٽ مان دونهان ڪڍندو ۽ اُن جو نتيجو پوڳنيدو (کنگهندو) آيو، پاڻهوءَ سان مليو. ڪلهه سچل ڪانفرنس ۾ ته گڏ هئاسين ۽ ڪنهن چيو: بس ڏهه منٽ! رڳو موڪلائڻ خاطر آياسين' - تنوير مشڪندي چيو بس ڏه منٽ! چانهه ته پيو. اسان کي تنوير جي جواب مان لڳو ته شايد ٻيا به 'ڏه منٽ' لڳي وڃن. ڏه ٿيا هئا. اندر ڊرائنگ روم ۾ وڃي ويناسين. ڏه منٽ شروع ٿي ويا. چانهه آئي بسڪوٽ آيا. گهڙيال هلندو رهيو ۽ ڏهن مان ويهه منٽ ٿيا. ڳالهيون الائي ماضيءَ ۾ ڪٿان شروع ٿيون. تنوير چيو ته هڪ پيري نياز کي حيدرآباد کان ڪار ۾ ڪنيم، ڪيس اُتي ئي لهڻو هو پر حيدرآباد کان ٻاهر نڪري آيس. گهڻو چيائين گهر ڪونه ٻڌايو اٿم، جڏهن هالا پهتاسين ته مس ليلائڻ بند ڪيائين ۽ محسوس ڪيائين ته هاڻ جند ڇٽڻ محال آهي. سڌو خيرپور اچي نڪتاسين- نياز پوءِ گهٽا ڏينهن هُئين هتي.؟

نياز اچان جواب ڏي تنهن کان اڳ ڄاتوسين ته اسان جي ڏهن منٽن جو ته خير نه آهي، پر ڪلاڪ جو خير هجي. ماضيءَ جا دفتر کلي پيا. تنويرِ سامهون پٽ تي ٽنگيل هڪ فوٽوگراف ڏي ڌيان ڇڪايو، جنهن ۾ پاڻ سندس جيون ساٿي ۽ ٽي ٻار نظر اچي رهيا هئا. فوٽو ۾ جيڪو فن جي لحاظ کان توازن هو سو ته ان جي خوبصورتيءَ لاءِ

ڪافي هو، پر چو جو ٻار هن وقت ماءُ - پيءُ کان پري هئا، اُن جو احساس به نظر اچي رهيو هو. سرمد لاءِ چيائين: "سرمد منهنجا اصل ٽڪ لاهي ڇڏيا آهن." هُن جي قابليت تي تنوير کي فخر هو. اُن جو اظهار تنوير جي ڳالهين مان ٿيو پي. نياڻي پارس پنهنجي گھرتڻ واري ٿي چڪي هئي. هوءَ اسلام آباد ۾ هئي ۽ ٻي نياڻي مارئيءَ به پنهنجو نئون گھر ڄام شوري ۾ وسايو هو. ان ڏينهن ٽنهي ٻارن جو وجود گھر تي ڇانيل نظر آيو پي. نه رڳو نياڻيون گھرن ٽڙن واريون ٿي ماءُ پيءُ کان دور هيون، پر ولي عهد سرمد نيو جرسي (آمريڪا) ۾ ڪمپيوٽر سائنس ۾ ايم. فل کان پوءِ پي ايڇ ڊي ڪري رهيو هو. اُن کي موجود چاڻڻ لاءِ اُن جون ڳالهيون، اُن جو ڪتابن جو ذوق تنوير جي زبان تي هو. ائين پارس ۽ مارئيءَ جون ڳالهيون ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان محفل ۾ هيون. تنوير رڳو محبت جو شاعر نه آهي، پر مجسم محبت آهي. ٻارن لاءِ محبت مان اها ڳالهه پروڙي سگھجي ٿي. پارس جو ڪتاب 'ريشمي آواز' هڪ پيرو وري به ڏنائين. مونکي ياد پيو. اڳ به ڪاپي ڏني هئائين. مون رايو به لکي ڪيس ڏنو هو. جيڪو ڪيس ياد پيو ته پاڻ پارس ڏي موڪلي چڪو هو. تنوير جڏهن ايل ايم سيءَ ۾ شاگرد هو، نوجوان هو، تڏهن به مون هُن کي ڏٺو ۽ اڄ هو سٺ سالن جي حد پار ڪري چڪو آهي، ته به سندس ڳالهائڻ جو انداز ۽ رويو مونکي اُهو ئي لڳندو آهي.. سندس موتي داڻي وارو جذبو اُهوئي آهي. نه هو پوڙهو آهي نه بيزار پوڙهي وانگر آهي. تنوير جي شاعري جيڪي چوي ٿي، هو اُهو ئي آهي. تحقيق جي ڪم کي لڳو ته اُهو به نهايت معياري سطح تي ڪيائين.

اُن ڏينهن جي ڳالهين ۾ نياز جا لطيفا ۽ ٽوٽڪا ايترا وٺندڙ هئا جو وقت جو به احساس نه رهيو. سندس به ٽڙي خشڪ ٿي ويئي. پاڻيءَ جو جڳ کپائي ڇڏيائين. شوق صاحب اٿارٽيءَ جي پروگرامن تي ڳالهائي رهيو هو. تنوير جي ادبي ڳالهين جو ته ڪو سنڌو سڙهو نه هو. سندس ڳالهين ۾ جي ماضيءَ جو معاملو آيو ٿي ته اُهو به ڇڻ ماضيءَ جي خوبصورتيءَ کي ظاهر ڪري رهيو هو. اڄوڪي ڪچهريءَ ۾ پنهنجن ٻارن جو ذڪر ڪندي هُن اطمينان جو اظهار ڪيو ٿي. جنهن ۾ هنن جي جدائيءَ جواحساس وڌيڪ نمايان هو. اُن احساس کي لڪائيندي به لڪائي نٿي سگھيو. پاپي قمر جو به اهو حال هو/ هوندو. موڪلائڻ وقت پاپي اندران آئي. جيڪي به چند اکر بظاهر ٻيا چيائين اُنهن ۾ به اُهو ٻارن جي جدائيءَ جو احساس نمايان هو. تصور ڪجي ته جڏهن ماءُ پيءُ وٽ ايندا هوندا ته گھر ڪيئن خوشيءَ ۾ ٻهڪڻ لڳندو هوندو. سرمد جي اُمريڪا ۾ تعليمي ڪاميابين تي تنوير ڪيترو نازان هو ۽ اُن جو ڪيئن ذڪر ڪري رهيو هو. "بس ڳري ۽ ڳالهيون ڪري" وارو معاملو هو. نياڻين جي دوريءَ جو ذڪر ڪرڻ ماءُ پيءُ جي وس ۾ نه هوندو آهي ته اُنهن کي بهانن، اٽڪلن، حوالن ۽ استعارن سان بيان ڪندا آهن. هتي به اُهو حال هو. پارس پنهنجن مائٽن جي دوستن جو ڪيترو خيال رکي ٿي. ڪو ڪوڙو چاچو ئي آڏي مانجهي وجي نڪري ته اُن جي خاطرداريءَ ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏي ٿي. چيس ۽ چانور گھري ته حاضر ۽ بوڙ مانيون به هردم حاضر! مارئي به ائين مهمان نوازيءَ ۾ به قدم اڳتي. ماءُ وانگر مهمان نواز، پيءُ مثل موتيءَ داڻو. تنوير جي قرب داريءَ واري ونڊ ۾ ٻار به شامل، اهو قدرت جو رنگ آهي جو مائٽن جون خوبيون ٻارن ۾ رهن ٿيون، ها ڪي ٻار انهيءَ جي اُبتڙ به هوندا آهن. تنوير جي شاعري پارس جي ريشمي آواز ۾ بولي رهي آهي. اڄان شروعات آهي.

اڄوڪي ملاقات ۾ ماضيءَ جا قصا بيان ٿيا. گذري ويلن جا تذڪرا ٿيا. سيني اُنهن ۾ حصو ورتو. نياز خاص طور ميدان ماري ويو. وري پاڻي پيئائين ۽ تجويز اِها ٿي ته ڪو ٿرماس پري ڏجيس ته ايندڙ سفر ۾ ساڻ هجيس. پر هُن اِها تجويز رد ڪئي ۽ اتي ئي پاڻي پيئندو رهيو.

مون کي ياد آهي تنوير سان اُنهن پراڻين ملاقاتن کان پوءِ خيرپور ۾ سچل ڪانفرنس ۾ ملاقاتون هر سال ٿين ٿيون. ١٩٨٢ وارو سچل قومي سيمينار جنهن اعليٰ سطح تي ڪيائين اُن جو مثال ناهي. سکر ۾ امتحان وٺڻ لاءِ

جڏهن به ويو هوندس ته ڪن موقعن تي فتاح ملڪ جي اوطاق/ آفيس ۾ تنوير سان ملڻ ٿيو يا حيدرآباد ۽ جامشوري آيو ته هر وقت ۽ هر دم هُن مان مونکي محبت ۽ پنهنجائپ جي خوشبوءِ آئي. ڪڏهن به بيگاني، منافقت ۽ ڏاريائپ جو احساس نه ٿيو. ايئن سمجهندو رهيو آهيان ته هو موتيءَ داڻو آهي. هر ڪنهن کي موتيءَ جو داڻو ۽ هيرن جي ڪاڻ جاتي ٿو ۽ پيار جو اجهاڳ سمنڊ سندس من ۾ ٺي ڇوليون هڻي پيو. پيار ئي شاعر جي شعر مان روپي مان ۽ گفتگو مان بکندو رهندو آهي.

مون کي ياد آهي ١٩٨٨ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس ٿي هئي. اُن جي هڪ اجلاس ۾ تنوير صدارتي تقرير ۾ هندوستان سنڌي اديبن کي نه موڪلڻ ۽ هُتان اچڻ جي اجازت نه ڏيڻ جي حوالي سان چيو هو ته: "اديب ملڪ نه ٽوڙيندا آهن سياستدان ملڪ ٽوڙيندا آهن. اسين ته دليون جوڙيندا آهيون." هُن جو ايترو چوڻ سان پنڊال تاڙين سان گونجڻ لڳو.

سچ آهي محبت ئي دلين کي روشن ڪري ٿي. اها روشني ئي ڪائنات ۾ حسن، پيار، رواداري ۽ پنهنجائپ پيدا ڪري ٿي. محبت جو مجسمو هڪڙو تنوير نه آهي. ٻيا به آهن، پر تنوير به هڪ خوبصورت مجسمو آهي ۽ نمايان آهي. نفرت جي پتلن لاءِ ڇا چئجي! اُهي اڪيون پوري ٿا ڇڏين، پنهنجي مفاد خاطر اکيون پوري ڊوڙ ۾ ٽپي هڻن ٿا. دنيا ۾ اونده نفرت جي پتلن‌جي پيدا ڪيل آهي. پيار ۽ محبت‌جا مجسما اونده جي ٿهن‌کي روشنيءَ جي ترورن‌سان دور ڪن ٿا.

تنوير جي شاعريءَ تي تبصرو هتي ڪونه ٿو ڪريان، سندس ڪلام جي اڳوڻن مجموعن ۽ ڪليات "تنوير چئي" جو ذڪر ڪونه ٿو ڪريان. سندس ڪتاب "شاه لطيف جي شاعري" جي چنڊ چاڻ نه پيو ڪريان ۽ نکو ڪيس خوش خير محمد ۽ نانڪ يوسف جي رسالن تي تحقيق ۽ محنت جو داد پيو ڏيان. سندس قابليت جو داد مون ڪيس پنهنجي تاليف: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۾ ڏنو آهي ۽ پوءِ به اُهو داد ڏنو اٿم. ذڪر ڪيل بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ پيش ڪيل مقالو شاه جي رسالي ۾ رنگن جو اڀياس سچ پچ ته بين الاقوامي معيار جو آهي. اڄ جو آءٌ چند لفظ تنوير لاءِ چوان پيو، اُهي اُن جذبي لاءِ آهن جنهن لاءِ "محبت فاتح عالم" چيو ويو آهي. مون تنوير جي شخصيت ۾ جيڪو حاوي جذبو ڏٺو آهي سو محبت آهي. هن جي محبت پنهنجن شاعرن شاه، سچل، نانڪ يوسف ۽ خوش خير محمد توڙي ٻين سان آهي. اُها تمام نمايان آهي. هن جي ڪم مان ظاهر آهي. ڳالهين سان ڳوڻ ڪونه ٻڌيا آهن. محبت ڪيي. محبت جي هن مجسمي، محبت جي روشن مينار کي اکين وارا ڏسن پيا. جن جون اکيون پوريل آهن اُنهن تي ميار ڪونهي.

اُن ڏينهن ڪچهريءَ مان اسين به ٿي پيرا موڪلائڻ لاءِ اُٿياسين پر اُٿڻ نه ڏنائين. نيٺ وري وري واچون ڏسڻ شروع ڪيون سين. اُن مان به ڪجهه هڙ حاصل نه ٿيو. تنوير ڪا ڳالهه ڪري يا نياز پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڪو نقل نظير ٻڌائي ته وچ ۾ ڳالهه ڪٽڻ سنو ڪونه پيو لڳي. شوق صاحب کي وارو مليو ويو. چيائين: "ڪوٽڙي ڪبير ۾ پير غوث محمد کي هڪ جو ٽائيم چيو اٿئون. رمضان به آهي، هڪ پير صاحب وٽ ٿئي ته سنو." اِتي تنوير مانيءَ جي صلاح ڪئي. پر معذرت ڪئي سون. نيٺ ساڍين ٻارهين ڌاري اُٿڻ ۽ موڪلائڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين. ٻئي جيون ساٿي موڪلائي واپس سرمد جي گهر اندر هليا ويا. اسين ڏهه منٽ اوائي ڪلاڪن ۾ مڪمل ڪري ڪوٽڙي ڪبير ڏي راهي ٿياسين ته آءٌ سوچڻ لڳس ته تنوير پٽ جو نالو سرمد رکيو، هو خود به ته سرمد وانگر آهي. پنهنجي سوچ ۾ ۽ عمل ۾ هُن جي زندگي هن صديءَ جي هڪ تمام اهم شخص جي زندگي آهي. هُن سنڌي ادب کي تمام گهڻو ڏنو آهي. هو سچ ته موتيءَ داڻو آهي- هُن جي دل هيرن جي ڪاڻ آهي. پيار جو اجهاڳ سمنڊ جهاڳڻ ۾ قدرت ځن کي همسفر به بيمثال ڏنو آهي.

•

"آزاد" انور ڪانڌڙو

# م.ن. "محزون"



سنڌي ٻوليءَ جو مشهور اديب، دانشور، مصور، مترجم، ڪهاڻيڪار، محقق ۽ تعليمي ماهر سائين م.ن. "محزون" (محمد نواز "محزون" پٽي) ٨- نومبر ١٩٩٥ع بمطابق ١٣ جمادي الثاني ١٤١٦ هه اربع ڏينهن خميس رات سَوا ڏهين وڳي گذاري ويو.

محزون صاحب ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ هو. عالم بہ هو تہ دانشور بہ، شاعر بہ هو تہ ڪهاڻيڪار بہ، مترجم بہ هو تہ محقق بہ، مصور بہ هو تہ مفڪر بہ، تعليمي ماهر بہ هو تہ شاهہ جو شارح بہ، سچل جي ڪلام جو پارکو بہ هو تہ اسلامي تصوف جو ڄاڻو بہ، مغربي ۽ مشرقي فڪر ۽ فلسفي جو اپياس ڪندڙ بہ هو تہ قديم علمن ۽ فنن سان لڳاءُ رکندڙ بہ، جديد رجحانن سان ميل جول رکندڙ بہ هو تہ نون لاڙن ۽ قدرن جو کليءَ دل سان آڌرڀاءُ ڪندڙ بہ. هن وٽ کُليل دل هئي، سک، ساڄاهہ ،ويچار هو ۽ مختلف مڪتبهٔ فڪر جي عالمن ۽ اديبن جي لکڻين کي کليءَ دل سان پڙهندو ۽ پرکيندو هو. اهو ئي سبب آهي جو هن مان سنڌ سڳوريءَ جي مٽيءَ جي خوشبوءِ ايندي هئي، جيڪا صدين کان سک ۽ ساڃاهہ جي سڳنڌ ڏيندي رهي آهي.

محزون صاحب نثر ۾ ڪيترن ئي موضوعن تي لکيو آهي، سندس لکڻيون سمجهہ ۽ ساڃاهہ جو آئينو آهن، هن ادب ۽ نجي ڪارج، اُدبي قدرن ۽ رجحانن، قديم ۽ جديد فڪر ۽ فلسفي، زندگيءَ جي مقصد، اسلامي تهذيب ۽ تمدن، مغربي ثقافت جي خوبين ۽ خامين تي لکيو. ان سان گڏ هن ادب، زندگي، ثقافت جي جديد تقاضائن ۽ انسانذات جي فلاح ۽ بهبود کي نظر ۾ رکي بحث پڻ ڪيو. سندس لکڻيون هڪ انسان دوست ۽ حساس انسان جي درد دل جي ترجماني ڪندڙ بہ آهن.

محزون صاحب جا وڏا اصل شجاع آباد جا هئا. سندس ڏاڏو درياءُ خان پنهنجي ڀيءُ محمد خان ۽ پياءُ شجاع احمد سان گڏ ميرن جي لشڪر ۾ سپاهي هو. ميرن جي شڪست کانپوءِ محزون صاحب جي پڙ ڏاڏي محمد خان اڇي "جوهيءَ" ۾ سڪونت اختيار ڪئي. محمد خان جي وفات کانپوءِ محزون صاحب جي ڏاڏي درياءُ خان ميهڙ جي پرسان "درياهي جا پاڻ" نالي ڳوٺ ٻڌو ۽ بعد ۾ سندن خاندان ميهڙ لڏي آيو.

محزون صاحب جو جنم ١٠-جولاءِ ١٩٣٣ع تي ميهڙ ۾ رئيس شفيع محمد پٽيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندس اصل نالو محمد نواز هو. پاڻ سنڌي چار درجا ميهڙ جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهيو ۽ پوءِ ڇهين اسٽينڊرڊ تائين ميهڙ جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو. پاڪستان نهڻ کان اڳ سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ پڙهڻ ويو. بي- اي سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين ۽ ايم، اي- بي، ٽي- ايل، ايل، بي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين بعد ۾ هوميوپيٿڪ آڪسفورڊ ميڊيڪل ڪاليج لاهور مان پاس ڪيائين.

سرڪاري نوڪريءَ جي شروعات آرميءَ ۾ سيڪنڊ ليفٽيننٽ جي عهدي سان ڪيائين پر ٽريننگ دوران پير مُڙي پوڻ ڪري، ان فٽ قرار ڏنو ويو. ان کان پوءِ ڪسٽم ۾ پروينٽو آفيسر بڻيو، جتان پاڻ استعيفا ڏنائين ۽ ڪجهه وقت بين سرڪاري کاتن ۾ نوڪري ڪيائين. ١٩٥٨ع ۾ هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ سينئر ٽيچر ٿيو. جڏهن ته خيرپور ناٿن شاهه هاءِ اسڪول ۾ پڻ سينئر ٽيچر رهيو. اهڙي طرح خانپور، نصير آباد، راڌڻ ۽ ٻين هاءِ اسڪولن ۾ هيڊ ماستر ٿي رهيو. ١٩٨٦ع کان ١٩٨٨ع تائين تعليم کاتي ميهڙ ۾ ايس. ڊي. اي. او. جي عهدي تي ۽ ٨-جولاءِ ١٩٩٣ع تي بحيثيت هيڊ ماستر جي، هاءِ اسڪول سنڌي ٻنڌڙا مان رٽائر ڪيائين. رٽائرمينٽ جي ڪجهه عرصي کان پوءِ ڪيس پنائي هاءِ اسڪول خيرپور ناٿن شاهه (پرائيويٽ) ۾ بحيثيت هيڊ ماستر جي ذميواريون سونپيون ويون. پاڻ آخر تائين ان اسڪول جو هيڊ ماستر رهيو. محزون صاحب کي پنهنجي والد پاران فوجي اسپرٽ ۽ والده پاران ادبي روح ورثي ۾ مليو. محزون صاحب جي والده سنڌ جي مشهور عالم، سياستدان، شاعر شمس الدين "بلبل" جي پٽ، وقت جي مشهور شاعر عبدالفتاح "بلبل" جي نياڻي آهي. محزون صاحب جي شادي ١٩٦٤ع ۾ سعودي عرب ۾ مقيم سندس والد جي ماروٽ جي ڌيءُ سان ٿي، ڪيس چار پٽ ۽ ٽي نياڻيون آهن.

محزون صاحب کي لکڻ جو شوق ننڍي هوندي کان هو. هن لکڻ جي شروعات مشترڪ دوران "نورجهان" عنوان سان هڪ انگريزي نظم کي سنڌي ويس ڍڪائڻ سان ڪئي. پاڻ ورهاڱي کان اڳ واري دور ۾ پهريون درجو انگريزي پڙهڻ وقت ميهڙ جي هڪ سنڌي سِک ڊيلاسنگ جي لئبرري جو هڪ رپيو ڏئي ميمبر ٿيوءِ هر روز هڪ جاسوسي ناول پڙهي ٻئي ڏينهن ٻيو ڪتاب ڪڻندو هو. جڏهن منشي عبدالشڪور حيدرآباد مان هلال پاڪستان اخبار ڪڍي ته نون ليکڪن جي همت افزائي خاطر ڪنهن به ليکڪ جي ڪهاڻيءَ کي پهريون نمبر ملڻ تي ٻن مهينن تائين اخبار مفت ۾ موڪلڻ جو اعلان ڪيائين. اتفاق سان جنهن ڪهاڻي کي پهريون نمبر مليو، اها محزون صاحب جي ڪهاڻي "پنگ" هئي. اهڙي طرح هن وري ٻيهر ادبي دنيا ۾ پير پاتو. ڪيس اخبار ڪجهه وقت ته ملندي رهي پر پوءِ بند ٿي وئي. پر اهڙي همت افزائيءَ سندس ادب جي اجهاٽل جوت کي جرڪايو. ان کان پوءِ هو لڳاتار لکندو رهيو.

محزون صاحب پنهنجي لکڻين جي حوالي سان هڪ انسان دوست اديب هو. اها انسان دوستي ئي هئي جنهن محزون صاحب کي عام ماڻهن جي مسئلن ڏانهن متوجه ڪيو. هن سنڌي ادب ۾ پرائي پيڙهيءَ هوندي به ترقي پسند نظرين ۽ خيالن کي اپنايو. سندس لکڻين مختلف دورن ۾ ٻيڻل پاڻيءَ ۾ پٿر اڇلي تحرڪ پيدا ڪيو.

ڪيس سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌ جي ثقافت، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌجي مٽيءَ سان عشق هو. سنڌ جي مسئلي تي هن ڪڏهن به ڪمپرومائيز نه ڪئي. پاڻ سڄي عمر ادب جي آڙ ۾ ڪنهن به فائدي وٺڻ جي ڪوشش نه ڪيائين...

محزون صاحب هڪ سٺو ڪهاڻيڪار بہ هو. سندس ٦٠ کان مٿي ڪهاڻيون ڇپيل اهن، سندس ڪهاڻين جي هڪ وڏي خوبي دلڪش ٻولي آهي. انهن ڪهاڻين ۾ هن جا ڪردار نہ فقط پنهنجي جذبن ۽ حالتن پٽاندڙ ڳالهائين ٿا، پر سندس بيانيہ انداز بہ خوبصورت آهي. سندس ڪهاڻين جا موضوع، ڪردار ۽ ٻولي نج سنڌي آهي.پنهنجين ڪهاڻين ۾ هو معاشري کي نوان رخ ڏيڻ ۽ اصلاح ڪرڻ جو بہ ڏس ڏيندي نظر اچي ٿو.

هڪ مترجم جي حيثيت ۾ محزون صاحب سنڌ ۾ پهريون شخص هو، جنهن خليل جبران کي سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرايو. هن ڏيهي ۽ پرڏيهي ادب ۽ اديبن جا مختلف موضوعن تي ڪتاب، ناول، ڪهاڻيون، مضمون ترجمو ڪري سنڌي ادب ۾ واڌارو ڪيو. سندس ترجمو ڪيل تحريرن جو اهو وڏو ڪمال آهي، جو پڙهڻ وقت محسوس ٿيندو تہ پڙهندڙ ليکڪ جي اصل تحرير پڙهي رهيو آهي.

مصور هڻڻ جي ناتي سندس مشاهدو عام ماڻهوءَ کان وڌيڪ وسيع ۽ وڌيڪ گهرو هو. ١٩٦٥ع ۾ جڏهن آمريڪن سينٽر لئبرري , حيدرآباد ۾ پينٽننگس جي جيڪا نمائش ٿي هئي، تنهن ۾ سائين ظفر ڪاظميءَ، محزون صاحب کي حصي وٺڻ لاءِ زور ڀريو، سندس ٽي تصويرون نمائش ۾ رکيون ويون، سندس ٺاهيل تصويرن کي تمام گهڻو ساراهيو ويو. اهڙيءَ ريت مختلف رسالن، رهبر ڊائجسٽ، ملير ڊائجسٽ‌ءِ مختلف اديبن جي ڪتابن جا ٺاهيل ٽائيٽل سندس بهترين مصور هڻڻ جا شاهد آهن.

هڪ محقق جي حيثيت ۾ سندس مرتبو نهايت بلند هو. هو نہ صرف اسلامي دور جي تاريخ جو ڄاڻو هو، بلڪ سنڌ جي تاريخ جي پڻ وڏي ڄاڻ رکندڙ هو. هو آخري وقت ۾ سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪري رهيو هو. سندس تحقيقي، تاريخي ۽ ادبي مقالن، تصنيفن کي سنڌي ادب ۾ اهم مقام حاصل آهي. اهي مقالا مضمون اڪثر سيرت رسول صہ، سنڌ جي تاريخ، ثقافت، مشاهيرن، عالمن، شاعرن ۽ صوفي بزرگن جي حالات زندگي ۽ تذڪرن سان تعلق رکن ٿا. پاڻ هڪ بهترين مقرر پڻ هو. سندس مختلف موقعن تي ڪيل تقريرون اهڙن موقعن تي موجود سامعين کي هميشه ياد رهنديون.

تعليمي ماهر ۽ تعليم ڪاتي سان زندگيءَ جو وڏو عرصو لاڳاپيل هئڻ ڪري محزون صاحب کي تعليم ۽ ان جي معيار وڌائڻ جو سدائين اونو رهيو.

هن هميشه امن سان پيار ۽ جنگ کان نفرت جو اظهار ڪيو. پاڻ مذهبي خيالن جو بزرگ هو ۽ جنهن مردانگي ۽ مجاهديءَ سان مدني مرسل جي هن سچي عاشق ۽ دين اسلام جي زبردست مبلغ مذهب جي مورچي تي مثبت رهي، رجعت پسندن، مذهب جي آڙ ۾ استحصال ڪندڙن، فرسوده ۽ مدي خارج نظريا رکندڙن، مذهب جي آڙ ۾ سياسي ۽ معاشي مفاد حاصل ڪندڙن دقيانوسي ماڻهن ۽ ٽڳن سان منهن ڏنو، تنهن جو مثال گرامي صاحب کان پوءِ، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ملڻ محال آهي، مٿس مختلف الزام هنيا ويا. پر هي حق پرست عالم، محقق، دانشور سچي مسلمان جيان پنهنجي ارادي ۾ اٽل رهيو ۽ ڪاب پرواھ نہ ڪيائين. سندس فڪر ۽ عمل نهايت وسيع هو، هو دينيات، مذهب ۽ فلسفي تي رجعت پرستن جي اندازِ فڪر جي خلاف هو. هن پنهنجي تحرير، تقريرءِگفتار ۾ انهيءَ ادب کي پلٽيو جنهن ۾ تدبر موجود هجي ضمير جي تازگي هجي. هن هميشه اها ڪوشش ڪئي تہ سنڌي ادب ۾ اهو مواد پيش ڪيو وڃي جنهن ۾ همت ۽ حوصلي جي روشني هجي، حسن جو جوهر هجي، تعمير جو روح هجي، جيڪو انسان جي صلاحيتن ۾ تحرڪ پيدا ڪري سگهي، سنتل سوچ کي بيدار ڪري، ان جو جمود ٽوڙي سگهي. هيٺن، مظلومن ۽

مجبور انسانن جي دکن جو دارون بڻجي سگهي.

محزون صاحب ذاتي زندگيءَ ۾ پڻ قربدار، خوش اخلاق، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو . شخص هو، سندس شخصيت ۾ عجيب ڇڪ هئي، جنهن به ماڻهوءَ سان ملندو هو، تنهن کي اهو احساس ٿيندو هو ته محزون صاحب دوست ئي سندس آهي.

چڱا ڪن چڱايون، مندايون مٺن،
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

هو قلندرانه نموني زندگي گذارڻ ۾ ئي پنهنجو شان سمجهندو هو.

جتي به نا انصافي، حق تلفي ۽ زيادتي ٿيندي ڏسندو هو اتي حق جي ڳالهه ضرور ڪندو هو. پاڻ جڏهن ١٩٨٨ع ۾ ميهڙ جي تعليم کاتي ۾ ايس. ڊي. اي. او هو ته ان وقت جي ايم. پي. اي پاران منع جي باوجود چوڪيدارن ۽ پٽيوالن جي نوڪرين جون خالي پيل پندرنهن جڳهون پنهنجي مرضيءَ سان غريب ۽ مسڪين ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيو هيائين ۽ نتيجي ۾ ان عهدي تان هٽايو ويو هو.

جينوٽيڪ شاعري سندس سبجيڪٽ نه هئي، پر هن شاعري پڻ ڪئي، ۽ سندس شاعري مختلف رسالن ۾ شايع ٿي.

موت جي فڪر کان بي فڪر رهه
رزق جي غم کان بي غم رهه
وقت مقرر تي رهن پئي
جي دم دنيا ۾ آهين خوش رهه.

* * *

نه دانهن جو ڪو درمان نه آهن جو ڪو اثر
زندگي زردار تنهنجي باعث سراسر زهر
ساقيا ستمگر کي هاڻ هوشيار ڪر
وقت اچي ويو آ، اسان سان حساب ڪر.

محزون صاحب جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن جن ۾ (١) ڪنوار جي سيج (جبران - ترجمو) (٢) پڳل ڪنيزائون (جبران - ترجمو) (٣) مجنون (جبران - ترجمو) (٤) پيغامبر (جبران - ترجمو) (٥) پيغامبر جو باغ (جبران - ترجمو) (٦) مرشد جو نينهن ۽ نياپو (جبران - ترجمو) (٧) انسان ۽ شيطان (جبران - ترجمو) (٨) لڙڪ ۽ مرڪ (جبران - ترجمو) (٩) خالد بن وليد (ريسرچ ورڪ تاريخ) (١٠) سلطان صلاح الدين ايوبي (ريسرچ ورڪ تاريخ) (١١) درس محبت (ابوالڪلام آزاد، (ترجمو) (١٢) هڪ ڏڄ جو ماتم (اليگذنبر سولزي نتسن (ترجمو ۽ تلخيص) (١٣) پرنس (ميڪاولي - ترجمو) (١٤) بائيبل قرآن ۽ سائنس (١٥) سائنيءَ جو سوڳند، ساجن سپنا سهڻو (سررائيڊ هنگرڊ جي ڪتاب "ماريا" جو ترجمو) (١٦) هڪ مجرم جو اعتراف (ڪرنل ميڊوز شيلر - ترجمو) ۽ بيا شامل آهن.

جڏهن ته سندس اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ خليل جبران جا ترجمو ڪيل ڪتاب (١) سمنڊ ۽ جهڳ (٢) محبوبا ڏانهن خط (٣) ديوتا (٤) خدا ۽ ناخدا (٥) آسماني آواز (٦) (عصمت چغتائيءَ جا ڪتاب) (٧) (امرتا پريتم جا

ڪتاب هڪ هٿي سارا ۽ رسيدي ٽڪيٽ) (٨) سيرت النبي صہ (ريسرچ ورڪ تاريخ) (٩) سيرت سيد المرسلين صہ (ريسرچ ورڪ) (١٠) الله ۽ الله جي رسول فرمايو (ريسرچ ورڪ) (١١) سيرت النبي صہ (ترجمو) (١٢) دهشتگرد (ايچ. ٽي. سورلي) (١٣) ڏوهيءَ قبوليو ڏوهہ (ناول - ترجمو) ( ١٤) ماءُ جو انتقام (ترجمو) (١٥) چي گويرا جي بولوين ڊائري (١٦) سنڌ جي تاريخ (ريسرچ ورڪ) (١٧) مٽيءَ جا خواب (فلسطيني ناول - ترجمو) ۽ ٻيا شامل آهن. جڏهن تہ سندس ڪيترائي ڪتاب مختلف پبلشرن ڪي ڏنل هئا. ان کان سواءِ سندس ڪيترائي اصلوڪا توڙي ترجمو ڪيل مضمون، ڪهاڻيون ۽ ٻيون لکڻيون ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهن .

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهہ گذارشون

(١) پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن ڪي خيال ۾ رکڻ ڪيپي ۽ اهو جاڻائڻ لازمي آهي تہ اهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ لاءِ ڪنهن اخبار يا رسالي ڪي نہ موڪليل آهن.

(٢) ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، ان اصل جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح ضروري حوالا پڻ ڇتائيءَ سان جاڻائڻ لازم آهن، جي آخر ۾ آڻجن.

(٣) مواد ۾ پيش ڪيل راين، تجويزن، نتيجن ۽ علمي ۽ فڪري زاوين جي سموري ذميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين ڪي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نہ سمجهڻ ڪيپي.

(٤) اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب جاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر ٻڌل نہ رهندو.

(٥) ايڊيٽر کي مواد ۾ درستين ۽ ڦيرڦار ڪرڻ جو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.

(٦) فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ مواد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي.

(٧) مواد، صاف سُٺي اکرن ۾، مس سان، فل اسڪيپ ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس جاڻائڻ نہ وسارجي، فون نمبر هجي تہ اهو بہ لکجي.

(٨) پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ ڪيپي. ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ ٻڌل نہ رهندو.

(٩) ٽڙ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف درستين لاءِ ڪافي وقت ڏيڻو پوي ٿو. جيترو قدر ٿي سگهي، اطمينان ڪجي تہ مواد آخري طرح صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي. -- **ادارو**

تاريخي طور تي ان حقيقت کان ڪوبہ انڪار ڪري نٿو سگهجي تہ فرينچ انقلاب، روسو ۽ والٽيئر جي باطل شڪن تحريرن پيدا ڪيو. زارشاهيءَ جو خاتمو لينن هٿان ٿيو، جو ڪارل مارڪس جي فڪر و نظر مان پيدا ٿيو. اگر ٽئگور جو 'گيتانجلي' وجود ۾ نہ اچي ها تہ پوءِ گانڌي ۽ نهرو جهڙا انسان بہ پيدا ٿي نہ سگهن ها. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ سڪندر، ارسطوءَ جي پيداوار آهي ۽ اڪبر مُلا فيضيءَ ۽ ابوالفضل جي پيداوار آهي. اها بہ حقيقت آهي تہ گوئٽي جي تحريرن مان نيپولين بوناپارٽ جي جرئتمندانہ شخصيت جي تشڪيل ٿي. بهرحال، ايترن مثالن مان معلوم ٿيو تہ دانشور جو فڪر ۽ فن ئي تاريخ ساز رهندو آيو آهي. اهوئي نين تبديلين، نون قدرن، نون معيارن ۽ زندگيءَ جي نون ميدانن ۽ محاذن کي پيدا ڪري ٿو. دانشور جو فن ئي رجعت پرستانہ دوَر ۽ ان ۾ پيدا ٿيل سيني بي روح ۽ بي مقصد قدرن کي مٽائي ناس ڪري ٿو. ان لاءِ تاريخ شاهد آهي. لهاذا، اهڙين تاريخ ساز ۽ عظيم شخصيتن جو قول ۽ ڪردار قومن جي تاريخ ۾ اڄ تائين نقش ٿيل آهي. قومون انهن جي عظيم ۽ تاريخ ساز فن ۽ تخليق جي اڳيان سِرجهُڪائي ڇڪيون آهن.

-مولانا غلام محمد گرامي





حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ٢٥٢-هين سالانہ عرس جي تقريبن جو افتتاح صدر مملڪت جناب فاروق احمد خان لغاري ڪيو
ان موقعي تي معزز مهمانن کي حيدرآباد جو ڪمشنر ۽ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽيءَ جو چيئرمن جناب نثار احمد صديقي
ڀٽ شاهہ ترقياتي رٿائن بابت ڄاڻ ڏيئي رهيو آهي. تصوير ۾ گورنر سنڌ جناب ڪمال الدين اظفر، صدر مملڪت ۽ صوبائي وزير
ثقافت ۽ سياحت مير غالب حسين خان ڏومبڪي نمايان نظر اچي رهيا آهن.